# تجهيز ۽ تڪفين
# جو طريقو



پيشڪش:
مجلسِ المَدينةُ العلمية
(سنڌي ترجمو: مجلس تراجم)

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# تجهيزءِ تكفين جو طريقو

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي پيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
**فون نمبر**: 021-34921389-90-91
*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ٻه اکر

موت هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن جو انڪار نٿو ڪري سگهجي ڪو ڪيتري ئي زندگي ماڻي پر آخر ڪار مرڻو ئي پوندو، خوش نصيب آهن اُهي جيڪي مرڻ ڪان پهريان ئي پنهنجي موت ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مشغول رهن ٿا ۽ رب ڪريم جي بارگاهه ۾ سُرِخروئي (عزت ۽ ڪاميابي) حاصل ڪن ٿا. الله تعالي! اسان کي به موت ۽ آخرت جي فڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي .آمين

جڏهن مرڻ وارو هن فانيءَ دنيا مان رخصت ٿي وڃي ٿو ته هاڻي عزيزن ۽ رشتي دارن تي ان جي تجهيز ۽ تڪفين يعني غسل ۽ ڪفن، دفن جي ذميواري اچي ويندي آهي پر ڏنو اهو ويو آهي ته تجهيز ۽ تڪفين جي شرعي احڪامن ۽ صحيح طريقي ڪار کان اڻ واقف هئڻ سبب ماڻهو پريشان ٿي ويندا آهن جنهن سبب ڪجهه ته هن ريت ڪندا آهن جو پنهنجي برادري ۽ خانداني رسم ۽ رواج جي مطابق پنهنجي طور انتظام ڪري وٺندا آهن، ۽ ڪجهه ڪنهن پيشي واري غسّال(وهنجارڻ واري) کي اجرت ڏئي تجهيز ۽ تڪفين جي خدمت وٺندا آهن ۽ ڪجهه اهڙا به هوندا آهن جن کي اهڙي موقعي تي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي ناهي ايندي هڪٻئي کي ميت کي وهنجارڻ جو چئي رهيا هوندا آهن چوته نه انهن ڪڏهن ڪنهن مڙدي کي غسل ڏنو هوندو آهي ۽ نه وري انهن کي ڪفن دفن جو طريقو ايندو آهي بلڪ انهن ۾ اهڙا به هوندا آهن جن کي ميت وهنجارڻ ته پري جي ڳالهه پر ميت جي نزديڪ ويندي به خوف محسوس ٿيندو آهي. اهڙي تمام صورتحال ۾ نتيجو اهو نڪرندو آهي ته ويچاري مڙدي کي وڏي بي درديءَ سان جيئن تيئن ڪري غسل ڏئي جان ڇڏائي ويندي آهي.

منا منا اسلامي ڀائرو! ايئن ڪرڻ ۾ ميت جي سخت حق تلفي ۽ ڪيس ايذاءُ رسائڻ آهي ياد رکو جن شين سان زنده کي تڪليف ٿيندي آهي انهن سان ئي مڙدي کي به تڪليف ٿيندي آهي

شيخ طريقت اميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي مڙدي جي بي وسي ۾ شرح الصّدور جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان مروي آهي ته مرڻ وارو هر شي کي ڄاڻيندو آهي ايستائين جو غسل ڏيندڙ کي چوندو آهي توکي اللّٰه عزّوجل جو قسم آهي تون غسل ۾ مون سان نرمي ڪر.

(شرح الصدور، باب معرفة الميت....الخ، ص95)

لهٰذا پنهنجن مائٽن ۽ ٻين مسلمانن سان خير خواهي ڪيو ۽ انهن جي سنّت مطابق تجهيز ۽ تڪفين ڪيو. ۽ ان جي لاءِ بهترين طريقو هي آهي ته اوهان تجهيز ۽ تڪفين ۽ ان جي متعلّق مسئلا سکي وٺو اهڙي طرح توهان ڪنهن به عزيز وغيره جي انتقال ٿي وڃڻ تي پاڻ اڳتي وڌي ڪري ان جي تجهيز ۽ تڪفين جا معاملا سُنّت مطابق ڪري سگهندؤ.

جيڪڏهن توهان تجهيز ۽ تڪفين سکڻ چاهيو ٿا بلڪ جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته مرڻ کان پوءِ توهان جي تجهيز ۽ تڪفين جا معاملات سُنّت مطابق ٿين ته پوءِ اچو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو اميرِاهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عطا ڪيل مدني انعامات کي اپنائي وٺو ۽ مدني قافلي ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي وٺو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪ ماڻهن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جو معمول بڻجندو ۽ مرڻ کان پوءِ انهن ئي عاشقانِ رسول جي هٿان سنّت مطابق تجهيز ۽ تڪفين جي سعادت به حاصل ٿيندي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!          صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي سنّتن پرِي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪيءَ جي دعوت ۽ امت جي خيرخواهي جي مقدس جذبي جي تحت (2018 تائين) 104 کان وڌيڪ مجلسون ۽ شعبا قائم ڪيا آهن انهن مان ئي هڪ مجلس تجهيز ۽ تڪفين بہ آهي جيڪا نہ صرف عاشقانِ رسول جي سُنّت مطابق تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهي بلڪل تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ جي لاءِ بہ مصروف عمل آهي ۽ ان جي لاءِ (ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾) باقاعده ”تجهيز ۽ تڪفين ڪورس“ جي ترڪيب آهي، هن ڪورس ۾ نزع(سڪرات) کان وٺي ڪري دفنائڻ تائين جا مرحلا ۽ ان سان تعلق رکندڙ جيڪي ضروري مسئلا آهن اُهي سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي مثال طور ❖ جڏهن نزع (سڪرات) جو عالم طاري ٿئي تہ ڇا ڪيو وڃي ❖ تلقين ڪيئن ڪئي وڃي ❖ روح نڪرڻ کان پوءِ ڪهڙا ڪم سر انجام ڏنا وڃن ❖ غسلِ ميت جو طريقو، ان جون فضيلتون ۽ مسئلا ❖ ڪفن جون قسمون ❖ مرد ۽ عورت ۽ ٻار جي ڪفن جو تفصيل ❖ جنازي جي نماز ۽ جنازي جون دعائون ❖ قبر جون قسمون ❖ قبر ۽ دفن جو بيان ❖ نوحہ جو بيان پڻ ❖ عيادت ❖ تَعْزِيَت ❖ ايصالِ ثواب ❖ فاتحہ جو طريقو وغيره .اهڙيءَ طرح اسلامي ڀينرن جي مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي تحت اسلامي ڀينرن ۾ بہ تجهيز ۽ تڪفين ڪورس جي ترڪيب آهي.

زير نظر ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جوطريقو“ انهيءَ ڪورس جو نصاب آهي جنهن کي شروع ۾ مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي تحت مرتب ڪيو ويو هو پوءِ مجلس جي ذميدار ۽ مبلغ دعوتِ اسلامي ۽ رڪنِ شوريٰ حاجي ابو زياد محمد عماد عطاري مَدَني ان کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي لاءِ **المدينة العلمية** کي پيش ڪيو لٰهذا هاڻي ترميم

۽ اضافي ۽ تخريج سان گڏ هيءُ نصاب ڪتاب جي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي، هن جو توجہ سان مطالعو ڪيو اميد آهي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ۾ تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺڻ ۽ ”تجهيز ۽ تڪفين ڪورس“ ڪرڻ ڪرائڻ جو جذبو پيدا ٿيندو ۽ جيڪي هن ۾ حصو وٺي رهيا آهن تن جي جذبي کي وڌيڪ تقويت ملندي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ !مجلس ”**المدينة العلمية**“ هي ڪتاب هيٺ ڏنل خاصيتن سان سينگاري پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي:

❖ ”المدينة العلمية “ جي انداز جي مطابق هن ڪتاب کي بہ تخريج جي زيور سان سينگاريندي حديثن ۽ فقهي مسئلن وغيره جي وس آهر تخريج جو اهتمام ڪيو ويو آهي.

❖ جن ڪتابن مان تخريج ڪئي وئي آهي آخر ۾ انهن جي فهرست ”مآخذ ۽ مراجع“ جي نالي سان ڏني وئي آهي ۽ ان فهرست ۾ مصنفن ۽ مؤلفن جا نالا وفات جي تاريخ، مڪتبو ۽ ڇپجڻ جو سن بہ ذڪر ڪيو ويو آهي

❖ اڪثر جاين تي مشڪل لفظن تي اعراب بہ لڳايا ويا آهن

❖ آيتن ۾ قرآني رسم الخط (خط عثماني) برقرار رکڻ جي لاءِ تمام آيتون هڪ مخصوص قرآني سافٽ ويئر ڪان (coreldraw) جي ذريعي پيسٽ ڪيون ويون آهن

❖ قرآني آيتن جو ترجمو ڪنز الايمان مان پيش ڪيو ويو آهي .

❖ آيتن ۽ ترجمن جو تقابل ”ڪنزالايمان“ (مطبوعہ مڪتبة المدينہ ) سان بہ پيرا ڪيو ويو آهي.

❖ علاماتِ ترقيم (punctuation marks) يعني ڪاما، ڦل اسٽاپ، ڪالن،

انورٽڊ ڪاماز (inverted commas) وغيره جو ضرورت موجب اهتمام ڪيو ويو آهي.

❖ ڪتاب کي خوبصورت بڻائڻ جي لاءِ هيڊنگز (headnings)، قرآني آيتن ۽ ڪجهه عبارتن، نمبرنگ ۽ باررڊر وغيره جي ترڪيب ڊيزائنگ سافٽ ويئر corel draw جي ذريعي ڪئي وئي آهي.

❖ ٻه ڀيرا پوري ڪتاب جو پروف ريڊنگ ڪيو ويو آهي.

❖ هن ڪتاب ۾ جيڪي توهان کي خوبيون نظر اچن يقيناً اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عنايت سان آهن علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی بالخصوص اميرِ اهلِ سُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي فيضان جو صدقو آهن ۽ احتياط جي باوجود جيڪي خاميون رهجي ويون انهن کي اسان جي طرف کان نادانسته ڪوتاهي تي محمول ڪيو وڃي. قارئين خصوصاً علماءِ ڪرام دَامَتْ فُيُوْضُهُمْ سان گذارش آهي ته جيڪڏهن ڪا خامي اوهان محسوس فرمايو يا پنهنجا قيمتي مشورا ڏيڻ چاهيو ته اسان کي لکت جي صورت ۾ مطلع فرمايو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي رضا جي خاطر ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ دعوتِ اسلامي جي مجلس ”**المدينة العلمية**“ ۽ ٻين مجلسن کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مجلس المدينة العلمية**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## درود شريف جي فضيلت

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بيانات عطاريہ (حصو پهريون) صفحي نمبر 62 تي دُرودِ پاڪ جي فضيلت بيان ڪندي ”القول البديع“ جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا:

## نوراني چهري تي خوشيءَ جا آثار

حضرتِ سيّدنا سَهل بن سَعد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر تشريف وٺي آيا، ان موقعي تي حضرتِ سيّدنا طلحه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اڳتي وڌي عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين اڄ مبارڪ چهري تي خوشيءَ جا آثار محسوس ٿي رهيا آهن“ مديني جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ هاڻي هاڻي جبرئيل امين (عَلَيْهِ السَّلَام) مون وٽ آيا هئا ۽ انهن چيو: ”اي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي عمل نامي ۾ ڏهه نيڪيون لکندو ۽ ڏهه گناهه متائيندو ۽ ڏهه درجا وڌائيندو.“ (القول البديع 107)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سڀ کان پهريون قاتل ۽ مقتول

عجائب القرآن ۾ حضرتِ علّامہ عَبدُ المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تحرير فرمائن ٿا: سڄي زمين تي سڀ کان پهريون قاتل قابيل ۽

سڀ کان پهريون مقتول هابيل آهي، اهي ٻئي حضرت آدم عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا پٽ آهن. انهن ٻنهي جو واقعو هن طرح آهي ته حضرت حوا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جي هر حمل ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪِري پيدا ٿيندا هئا ۽ هڪ حمل جي ڇوڪري جو ٻي حمل جي ڇوڪريءَ سان نڪاح ڪرايو ويندو هو. انهيءَ دستور جي مطابق حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جن قابيل جو نڪاح ”لِيُوذا“ سان ڪرڻ چاهيو جيڪا هابيل سان گڏ پيدا ٿي هئي. پر قابيل ان تي راضي نه ٿيو چاڪاڻ ته اِقليما وڌيڪ خوبصورت هئي ان ڪري اُن اِقليما سان شادي ڪرڻ چاهي.

حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جن ان کي سمجهايو ته اِقليما توسان گڏ پيدا ٿي آهي ان ڪري هُوءَ تنهنجي ڀيڻ آهي اُن سان تنهنجو نڪاح نٿو ٿي سگهي پر قابيل پنهنجي ضد تي قائم رهيو. نيٺ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جن اهو حڪم ڏنو ته توهان ٻئي پنهنجون پنهنجون قربانيون ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ پيش ڪريو، جنهن جي قرباني مقبول ٿيندي اهو ئي اِقليما جو حقدار ٿيندو. ان زماني ۾ قرباني جي مقبوليت جي اِها نشاني هئي جو آسمان تان هڪ باهه لهي ڪري ان کي کائي ويندي هئي. اهڙي طرح قابيل ڪڻڪ جا ڪجهه سنگ ۽ هابيل هڪ ٻڪري قرباني جي لاءِ پيش ڪئي. آسماني باهه هابيل جي قرباني کي کائي ورتو ۽ قابيل جي ڪڻڪ کي ڇڏي ڏنو. انهيءَ ڪري قابيل جي دل ۾ بُغض ۽ حسد پيدا ٿيو ۽ اُن هابيل کي قتل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ هابيل کي چئي ڇڏيائين ته مان توکي قتل ڪندس. هابيل چيو ته قرباني قبول ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪم آهي ۽ اُهو متقي ٻانهن جي ئي قرباني قبول ڪندو آهي، جيڪڏهن تون متقي هُجين ها ته ضرور تنهنجي قرباني قبول ٿئي ها. آخرڪار قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو.

## سڀ کان پهرين تدفين حضرت هابيل جي ٿي

جڏهن قابيل هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو، جيئن ته ان کان پهريان ڪو ماڻهو مئو ئي ڪونه هو ان ڪري قابيل حيران هو ته ڀاءُ جي لاش جو ڇا ڪريان. اهڙي طرح ڪيترن ئي ڏينهن تائين هو لاش کي پنهنجي پُٺي تي کڻي ڦِرندو رهيو. پوءِ اُن ڏٺو ته ٻه ڪانوَ پاڻ ۾ وڙهيا ۽ هڪڙي ٻئي کي ماري وڌو. پوءِ زنده ڪانوَ پنهنجي چُهنب ۽ چَنبي سان زمين کوٽي هڪ کڏو کوٽيو ۽ اُن ۾ مري ويل ڪانوَ کي وجهي ڪري مٽي سان پوري ڇڏيو. اهو منظر ڏسي قابيل کي معلوم ٿيو ته مُڙدي جي لاش کي زمين ۾ دفن ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح ان قبر کوٽي ڪري اُن ۾ ڀاءُ جي لاش کي دفن ڪري ڇڏيو.

(مدارڪ التنزيل،ص 486 پ 6 المائدة 31)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪنهن جو انتقال ٿي وڃي ته شرعي حڪم اهوئي آهي ته ان کي دفن ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن مڙدو مسلمان آهي ته دفن ڪرڻ کان پهريان شريعت جي ٻڌايل طريقيڪار جي مطابق مڙدي جي ڪفن دفن جو اهتمام ڪيو وڃي.

## تجهيز ۽ تڪفين مان ڇا مراد آهي

تجهيز جي لغوي معنيٰ آهي: ضرورت جو سامان مهيا ڪرڻ، آراسته ڪرڻ ۽ تڪفين جي معنيٰ آهي: ڪفن ڏيڻ. مرڻ کان پوءِ انسان کي جيڪو لباس پارايو ويندو آهي ان کي ڪفن چوندا آهن ۽ تجهيز ۽ تڪفين مان مراد آهي موت کان وٺي ڪري دفنائڻ تائين ميت جي لاءِ جن مُعاملن جي حاجت پوندي آهي اهي تمام ڪم ادا ڪرڻ، ان ۾ ميت جو غسل، ڪفن، نمازِجنازه، قبر جي کوٽائي سڀ شامل آهن.

## شرعي حڪم

مسلمان جي تجهيز ۽ تڪفين فرضِ ڪفايہ آهي

## فرض ڪِفايہ

فرض ڪِفايہ اهو آهي جنهن جو ڪرڻ هرهڪ تي ضروري ناهي بلڪ جنهن جنهن کي خبر پئي انهن مان ڪجهہ ماڻهن ڪري ورتو تہ سيني جي طرف کان ادا ٿي ويو ۽ جيڪڏهن انهن مان جن کي اطلاع ملي ڪنهن هڪ بہ نہ ڪيو تہ سيئي گنهگار ٿيندا.
(وقارالفتاويٰ، ڪتاب الصلوٰة، 57/2ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تجهيز ۽ تڪفين ۾ شرڪت سعادت ۽ اجر ۽ ثواب جو ذريعو آهي، حديث مبارڪ ۾ ان جي زبردست فضيلت آئي آهي. جيئن تہ

## تجهيز ۽ تڪفين جي زبردست فضيلت

اميرالمومنين حضرت مولاءِ ڪائنات سَيِّدنا علي المرتضي شير خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن ميّت کي وهنجاري، ڪفن پارائي، خوشبو لڳائي، جنازو کڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا عيبدار ڳالهہ نظر اچي ان کي لڪائي تہ اهو گناهن کان ائين ئي پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن پيدائش جي ڏينهن هو. (سنن ابن ماجہ ڪتاب الجنائز، باب ما جاء في غسل الميت ج 2 ص 201 حديث 1462)

سُبْحٰنَ اللّٰـہ عَزَّوَجَلَّ! ڪهڙي نہ پياري فضيلت آهي. تجهيز ۽ تڪفين ڪرڻ وارن جا تہ جڻ ڀاڳ ئي کلي ويندا آهن لهٰذا جڏهن ڪنهن

مسلمان جي مرڻ جي خبر ملي ۽ ممڪن هجي تہ سنيون سنيون نيتون ڪري ان جي تجهيز ۽ تڪفين ۾ شامل ضرور ٿيو.

## اميرِ اهلِسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو شوق ۽ ترغيب

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سُنّت باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علاّمہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو سالن کان اهو معمول رهيو آهي تہ سندن عاشقان رسول جي تجهيز ۽ تڪفين ۾ شوق ۽ دلچسپيءَ سان حصو وٺندا ۽ غسلِ ميت کان وٺي دفنائڻ، فاتحہ خواني ۽ دعا وغيره تمام معاملن ۾ پنهنجي مخصوص پياري انداز سان اڳيان اڳيان رهندا، ميت جي اهل خانہ سان تعزيت ۽ غمخواري فرمائيندا انهن کي صبر ۽ همت جي تلقين ڪندا، انهن کي پنهنجي عزيز جي ايصالِ ثواب جي لاءِ نيڪين جي رغبت ڏياريندا. غم جي انهن گهڙين ۾ اميراهلسنت جي شرڪت ۽ پياري انداز ۾ انفرادي ڪوشش جي برڪت سان ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن جي زندگين ۾ مدني انقلاب اچي ويو توبہ جي توفيق نصيب ٿي ۽ اهي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري سنتن جي خدمت ۽ نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائڻ لڳا. اميرِاهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ هي چاهن ٿا تہ سڀ دعوتِ اسلامي وارا ۽ دعوت اسلامي واريون تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺن، همدردي ڪن ۽ مدني مقصد مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي جي تحت خوب انفرادي ڪوشش ڪري نَوَن نَوَن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مدني ماحول سان وابستہ ڪن. اميرِاهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ موقعي مناسبت سان پنهنجن مدني گلن ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي اهميت ۽ ان ۾ حصو وٺڻ جي ترغيب بہ

ڏياريندا آهن جيئن ته هڪ ٻيري مدني مذاڪري ۾ ارشاد فرمايائون: ”پلي توهان سڃاڻيندا به نه هجو تڏهن به شرڪت ڪريو، جڏهن مسجد ۾ اعلان ٿئي ته ٻيهي رهو، جنازي جي نماز پڙهو پوءِ تلاش ڪريو ته ان جو مائٽ ڪير آهي ان سان تعزيت ڪريو“..... هي به ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن اسان تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺنداسين ته انهن ڏکايلن رشتي دارن جي دلين ۾ ٿوري خوشي داخل ٿيندي، انهن کي آٿت ملندي، تسلي ملندي، غم سهڻ آسان ٿيندو ۽ جيڪڏهن انهن کان ڪير به نه پڇي تجهيز ۽ تڪفين ۾ ڪير حصو ئي نه وٺي ته ڪيترو صدمو رسندو“..... پوءِ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي باري ۾ ترغيب طور هي به ارشاد فرمايو ته مونکي جڏهن خبر پوندي هئي ته فلاڻي جو والد فوت ٿي ويو آهي ته مان پاڻ ئي هليو ويندو هيس ان وقت لاش پيو هوندو هو ۽ ماڻهو ڪنفيوز (پريشان، گهٻرايل) هوندا هئا اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو انهن تي تسلي جو هٿ رکي ته ان جو اثر دير تائين رهندو آهي ۽ غم دور ٿي ويندا آهن، ترڪيب مدينه مدينه ٿي ويندي آهي. پوءِ اميراهلسنت اسلامي ڀائرن جي ترغيب ۽ شوق جي لاءِ هڪ مدني بهار بيان فرمايائون:

## جڏهن عاشقان رسول تجهيز ۽ تڪفين ۾ شرڪت ڪئي

هڪڙي اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهه هن طرح سان آهي ته مان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون برڪتون حاصل ڪرڻ کان پهريان فيشن پرست ۽ مادرن ڪلچر جو شوق رکندڙ هئس، مدني ماحول سان منهنجي وابستگي ۽ توبهه جو سبب ڪجهه هن طرح ٿيو جو منهنجي والد صاحب جي انتقال تي ڪجهه عاشقانِ رسول همدردي ۽ غم خواري جو جذبو کڻي اسان جي گهر تشريف وٺي آيا، پنهنجائپ

جو اظهار ڪندي مونکي همّت ڏياريائون ۽ صبر جي تلقين ڪيائون. جڏهن والد صاحب کي غسل ڏيڻ جو وارو آيو تہ اسلامي ڀائرن پاڻ اڳڀرو ٿي وڌي ڪري پنهنجن هٿن سان سنت مطابق غسل ڏنو، ڪفن پارايائون وقت تي تمام معاملات ڪيائون جڏهن جنازي جي نماز ٿي تہ ان ۾ شرڪت ڪيائون، قبرستان بہ آيا ۽ تدفين ۾ بہ حصو ورتائون. والد صاحب کي مٽيءَ حوالي ڪرڻ بعد دوست احباب، عزيز، رشتي دار سڀئي واپسي ٿيا پر اهي عاشقان رسول اسلامي ڀائر جيڪي اسان جا رشتي دار بہ نہ هئا، والد صاحب جي قبر وٽ ويهي رهيا ۽ نعت شريف پڙهڻ لڳا. خير خواهي ۽ غم خواري جي جذبي سان سرشار انهن عاشقانِ رسول جو اهو انداز ڏسي ڪري مان تمام گهڻو متاثر ٿيس ۽ اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي محبت منهنجي دل ۾ گهر ڪري وئي. مان عاشقانِ رسول جو شڪريو ادا ڪيو، انهن منهنجي قبر ۽ آخرت جي بهتري ۽ مدني مقصد ”مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي تحت مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي علائقي جي قريبي مسجد ۾ مدرسة المدينہ براءِ بالغان ۾ پڙهڻ جو ذهن ڏنو. مان پنهنجي غم خوار اسلامي ڀائرن جي دعوت رد نہ ڪري سگهيس ۽ هٿوهٿ شرڪت جي نيت ڪري ورتي، مدرسة المدينہ ۾ مونکي مخارج سان گڏ قرآن پاڪ پڙهڻ جي سعادت ملڻ لڳي، اسلامي ڀائر وڏي محبت سان پڙهائيندا ۽ فڪرِ آخرت ڏياريندا ۽ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياريندا هئا جنهن جي برڪت سان مونکي بہ هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي، اهڙي طرح مان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي قريب ٿيڻ لڳس، مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بيان ڏيندي وقت پاڪستان سطح تي مجلس خدّام المساجد جي

نگران جي حيثيّت سان مسجدن جي خدمت جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

ترا شکر مولا دیا مدنی ماحول　　نہ چھوٹے کبھی بھی خدا مدنی ماحول
سلامت رہے یا خدا مدنی ماحول　　بچے بد نظر سے سدا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غم خواري جي برڪت

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ملاحظ فرمايو ته ڪجهه اسلامي ڀائرن جي غمخواري ۽ تجهيز ۽ تڪفين ۾ شرڪت هڪ ماڊرن ۽ فيشن پرست نوجوان جي زندگيءَ ۾ مدني انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو ۽ اهو مدني ڪمن ۾ ترقي ڪندي ڪندي دعوتِ اسلامي جي مجلس خدام المساجد جو نگران بڻجي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ لڳو توهان به دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو، سنتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت ڪريو، پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪريو، خوب انفرادي ڪوشش ڪريو، غم خواري به ڪيو ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪيو، اچو ڏکايلن مسلمانن جي همدردي ڪرڻ ۽ ڪنهن مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي فضيلت به ملاحظ ڪيون.جيئن ته

## غم خواري جي فضيلت

حضرتِ سيّدنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته نبين جي سردار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ڪنهن ڏکايل

شخص کان تعزيت (همدردي) ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو.

(معجم اوسط للطبراني، 429/6، حديث 9292)

## مومن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي فضيلت

نبي رحمت، شفيع امّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص ڪنهن مومن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان خوشيءَ مان هڪ فرشتو پيدا فرمائيندو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ ذڪر ۾ مصروف رهندو آهي. جڏهن اهو ٻانهو پنهنجي قبر ۾ هليو ويندو آهي تہ اهو فرشتو ان وٽ اچي ڪري پڇندو آهي: ڇا تون مونکي نٿو سڃاڻين؟ اهو چوندو آهي: تون ڪير آهين؟ تہ اهو فرشتو جواب ڏيندو آهي: مان اُها خوشي آهيان جيڪا تو فلاڻي جي دل ۾ داخل ڪئي هئي، اڄ مان تنهنجي گهٻراهٽ ۾ توکي سڪون پهچائيندس ۽ سوالن جي جواب ۾ ثابت قدم رکندس ۽ توکي قيامت جي ڏينهن جا منظر ڏيکاريندس ۽ تنهنجي لاءِ تنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سفارش ڪندس ۽ توکي جنّت ۾ تنهنجي جاءِ ڏيکاريندس.

(الترغيب والترهيب، ڪتاب البر والصلة،باب الترغيب في قضاءِ حوائج المسلمين، 299/3، حديث 23)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تجهيز ۽ تڪفين ۽ دعوت اسلامي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!خود غرضي ۽ نفسا نفسي جي هن ويل دور ۾ عاشقانِ رسول جي سنتن ڀري مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل امت جي اصلاح ۽ سنتن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي تائين (محرم الحرام 1440هـ) دعوت اسلامي جو پيغام دنيا جي تقريبًا سيني ملڪن ۾

پهچي چڪو آهي ۽ هي سفر جاري آهي. مدني ڪمن ۾ ترقيءَ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي (2018 /2019 تائين) 104 کان وڌيڪ شعبا ۽ مجلسون ٺهي چڪيون آهن جيڪي مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق ڀرپور انداز ۾ نيڪي جي دعوت ۽ احياءِ سُنّت ۾ مصروفِ عمل آهن. انهن مان ئي هڪ مجلس تجهيز ۽ تڪفين بہ آهي جيڪا عاشقانِ رسول جي تجهيز ۽ تڪفين جا مرحلا سنّت ۽ شريعت جي مطابق سرانجام ڏيڻ ۽ انهن ۾ خلافِ شرع ۽ برين رسمن کي دور ڪرڻ جي خواهشمند آهي ۽ بنيادي طور تي هن ٻن ڪمن جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي:

(1) عاشقانِ رسول کي تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ ۽

(2) عاشقانِ رسول جي تجهيز ۽ تڪفين ڪرڻ

عاشقانِ رسول کي تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ جي لاءِ مجلس جي طرف کان هن وقت تائين ڪيترا ئي تربيتي اجتماع ۽ مدني چينل تي مختلف سِلسلا پيش ڪيا ويا آهن جن ۾ نہ صرف زباني بلڪ عملي طريقو پڻ سيڪاريو ويو آهي. اهڙيءَ طرح مدني مذاڪرن، دارالافتاء اهلِ سنّت جي سِلسلن، مجلس جي طرف کان تجهيز ۽ تڪفين جي تفصيل ۽ مسئلن تي مشتمل ويڊيو، عالمي مدني مرڪز ۾ ٿيڻ واري فرض علوم ڪورس جي وڊيو ۽ ميموري ڪارڊ بنام "فيضانِ فرض علوم ڪورس" جي ذريعي بہ تربيت جو سلسلو آهي. وڌيڪ هڪ زبردست ۽ تعريف جي لائق ڪارنامو هي آهي تہ مجلس جي طرف کان هڪ موبائيل ايپليڪيشن ناهي وئي آهي جنهن جو نالو آهي: muslim funeral (kafan dafan) app. جنهن ۾ ٻين تفصيلن سان گڏوگڏ غسلِ ميت ۽ ڪفن پارائڻ جو Animated عملي

طريقو ڏيڪاريو ويو آهي. ۽ وري مجلس جي طرفان هڪ ويب سائيٽ (tajheezotakfeen.dawateislami.net) بہ ٺاهي وئي آهي جتان هن شعبي جي متعلق معلومات ۽ متعلقن ۽ ذميدارن جا رابطا نمبر حاصل ڪري سگهجن ٿا. اُن کان علاوه مجلس جي طرفان هڪ ٻيو قابلِ تعريف ڪم ڪيو ويو آهي ۽ اهو آهي ”تجهيز ۽ تڪفين ڪارڊ“ جنهن کي ڪيسي ۾ بہ رکي سگهجي ٿو، جنهن ۾ خاص طور تي ميت کي غسل ڏيڻ وارن ۽ وارين جي لاءِ تجهيز ۽ تڪفين جي مختلف مرحلن کي مختصر طور بيان ڪيو ويو آهي. هر متعلقہ اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي گهرجي تہ هي ڪارڊ پاڻ وٽ رکن ۽ موقعي مناسبت سان تقسيم بہ ڪن.

سکڻ ۽ سيکارڻ جي هن عمل کي عام ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ اسلامي ڀائرن کي مستفيد ڪرڻ (يعني فائدو پهچائڻ) جي غرض سان دعوتِ اسلامي جي ٻين شعبن مثال طور جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ، تربيتي ڪورس، 12 مدني ڪم ڪورس، نماز ڪورس جي اسلامي ڀائرن ۽ دعوتِ اسلامي جي امام صاحبان، مبلغن ۽ غسال (غسل ڏيندڙن) ۽ گورڪنن (قبر کوٽيندڙن) ۾ بہ تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت جو سلسلو جاري آهي ۽ هن وقت تائين انهن جي هڪ وڏي تعداد تربيت حاصل ڪري چڪي آهي ۽ هي سلسلو جاري آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تربيت حاصل ڪرڻ وارن ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن پنهنجي تاثرات جو بہ اظهار ڪيو آهي. جيئن تہ هڪ غسال (يعني ميت کي غسل ڏيندڙ) جو بيان آهي تہ ”دعوت اسلامي جي تربيتي اجتماع جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جي ڪافي اصلاح ٿي آهي.“ اهڙيءَ طرح هڪ اسلامي ڀاءُ تي رقت طاري ٿي وئي ۽ انهن روئيندي چيو تہ ”ڪاش مونکي اها تربيت ٿهريان ملي وڃي ها“

اسلامي ڀائرن جيان اسلامي ڀينرن ۾ بہ تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت جو سلسلو آهي جن ۾ دعوتِ اسلامي جون مبلغات ۽ ذميدار اسلامي ڀينرون تربيت فرمائينديون آهن، سڄي ملڪ ۾ مدرسة المدينہ للبنات ۽ جامعة المدينہ للبنات سميت انهن جا بہ ڪيئي اجتماع ٿي چڪا آهن ۽ تربيت حاصل ڪري اسلامي ڀينرون تجهيز ۽ تڪفين ۾ مصروفِ عمل آهن ۽ هي سلسلو بہ جاري آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مجلس جي طرفان تربيت حاصل ڪندڙ اسلامي ڀائرن جي امتحان (Test) جو سلسلو بہ ٿيندو آهي جنهن ۾ تجهيز ۽ تڪفين ۽ تدفين جو طريقيڪار، جنازي نماز جي امامت ۽ فاتحہ جو طريقو شامل آهن. (اهڙي طرح اسلامي ڀينرن ۾ بہ امتحان جي ترڪيب آهي ۽ هن وقت تائين ٽي سو کان وڌيڪ اسلامي ڀينرون امتحان ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪري چڪيون آهن).

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڪستان کان ٻاهر ٻين ملڪن ۾ بہ تجهيز ۽ تڪفين ۽ ان جي تربيت جو سلسلو آهي بلڪ ڪجهہ ملڪن ۾ تہ باقاعده مجلسون بہ قائم آهن. مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي هدفن ۾ آهي تہ سڄي دنيا ۾ هن شعبي سان تعلق رکندڙ ذميدار مقرر ڪيا وڃن، صرف پاڪستان ۾ 15000 ذميدارن جي تقرر جو هدف آهي جنهن جي حصول جي لاءِ مجلس ڪوشش ڪري رهي آهي. جن جڳهين تي تربيت ۽ ٽيسٽ کان بعد اسلامي ڀائرن جو تقرر ٿي چڪو آهي اتي مجلس جي طرف کان ظاهر جاين تي بينر لڳائڻ جو بہ سلسلو آهي تہ جيئن تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ اسلامي ڀائر آسانيءَ سان رابطو ڪري سگهن انهن بينرن تي ذميدارن جا رابطا نمبر بہ موجود هوندا آهن. (اهڙي طرح اسلامي ڀينرن کان رابطي جي لاءِ انهن جي هفتي وار اجتماع ۾ ”غسلِ ميت جي ذميداره“ ۽ ان جي رابطي نمبر جي اعلان جي ترڪيب پڻ

ٿيندي آهي ۽ انهن جي محرمن جا رابطا نمبر مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي ويب سائٽ مان حاصل ڪري سگهجن ٿا).

وڌيڪ تفصيل جي لاءِ هيءَ ويب سائٽ (tajheezotakfeen.dawateislami.net) وزٽ ڪيو ۽ جن جڳهين تي ذميدارن جو تقرر ٿي چڪو آهي انهن جو تفصيل ۽ رابطو نمبر به حاصل ڪيو. ان کان علاوه اوهان هن ويب سائٽ تي اچي ڪري ڪهڙي ڪهڙي معلومات وٺي سگهو ٿا. اچو ان حوالي سان ڪجھ تفصيل ملاحظ فرمايو:

## مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي ويب سائٽ

ويب سائٽ ڪلندي ئي توهان جي اڳيان هوم پيج (Home page) هوندو جنهن تي درميان ۾ ڪجھ آئيڪونز (icone) نظر ايندا ۽ انهن تي الڳ الڳ هي عنوان هوندا:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | موت اچڻ جو بيان | (2) | تجهيز ۽ تڪفين |
| (3) | غسل ميت جو طريقو | (4) | ڪفن جو بيان |
| (5) | جنازي نماز جو طريقو | (6) | قبر ۽ دفن جو بيان |
| (7) | فاتحه جو طريقو | | |

اوهان جنهن عنوان تحت معلومات حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ان تي ڪلڪ ڪيو ته هڪ پيج کلندو جنهن تي ٽيڪسٽ فارم يعني تحرير جي صورت ۾ ان عنوان جي تحت تفصيلون موجود هونديون، اهڙيءَ طرح ٻيا عنوان به اوهان ملاحظ فرمائي سگهو ٿا.

هوم پيج تي ساڄي پاسي هڪ آئيڪون تي ”تجهيز ۽ تڪفين ڪورس“ تحرير آهي جنهن جي هيٺان اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ لکيل آهي، هتي توهان پنهنجي مطلوبه آئيڪون تي ڪلڪ ڪري

Mp3 يا Mp4 ۾ ڊائون لوڊ ڪري ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سهولت حاصل ڪري سگهو ٿا.

اهڙيءَ طرح هوم پيج تي ئي شروع ۾ مينيو بار (Menubar) آهي جنهن ۾ هوم، ميڊيا بڪس، گيلري، ذميدار، ڪانٽيڪٽ اَس (Contact us)، ڊپارٽمنٽس وغيره مختلف آپشنز (Options) موجود آهن انهن جي ذريعي توهان اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ۽ نگران شوريٰ مدّ ظله العالي جا بيان، مدني گلدستہ، مدني مذاڪره، فرض علوم ڪورس، پرسوز ڪلام، نعت ۽ مناجات، نيتون، دعائون، وال پيپرز، مڪتبة المدينہ جا رسائل، مختلف مدني گل، پاڪستان سطح تي مختلف شهرن ۽ سڄي دنيا جي ملڪن ۾ مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي ذمي دارن جا نالا ۽ نمبر، ڪارڪردگي ۽ ٻيا فارم ۽ بينر وغيره ملاحظ فرمائي سگهو ٿا ۽ ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهو ٿا. اهڙيءَ طرح هوم پيج تي هيٺ جي طرف ايندؤ تہ توهان هي لکيل ڏسندؤ: امتِ مصطفيٰ جي خير خواهي جي جذبي جي تحت دعوتِ اسلامي جي مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ جي لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو. ڪلڪ ڪرڻ تي هڪ فارم اوپن ٿيندو، ان کي توجهه سان پري آخر ۾ سَبِمِٽ (Submit) تي ڪلڪ ڪرڻ سان متعلّق ذميدار تائين اها تفصيل اچي ويندي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان بہ امّت جي خير خواهي جي جذبي جي تحت تجهيز ۽ تڪفين سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ رابطو ڪيو، زنده مسلمانن جي طرح فوت ٿي ويل مسلمانن سان بہ خير خواهي ڪندي انهن جي تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺو، انهن جي گهر وارن سان تعزيت غم خواري ڪريو. انهن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪريو،

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بيشمار ثواب هٿ ايندو ۽ بيشمار برڪتون حاصل ٿينديون. اڃو هن ضمن ۾ فيضانِ سنّت جي، جلد 2 جي باب نيڪي جي دعوت مان هڪ روايت ملاحظ فرمايو.

## قبر جي روشني جو سامان

الله تبارڪ و تعاليٰ حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: ڀلائيءَ جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، مان ڀلائي سِکڻ واري ۽ سِکارڻ واري جي قبرن کي روشن فرمائيندس ته جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي گهبراهٽ نه ٿئي. (حِليةُ الاولياء ج 6 ص 5 رقم 7622)

هي روايت نقل ڪرڻ کان بعد اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا:

## مبلغن جون قبرون اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روشن ٿينديون

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان نيڪي جي ڳالهه سکڻ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو، سنتن ڀريا بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا ته ڀاڳ ئي کلي ويندا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندران روشن هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نه ٿيندو، انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن، سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ۽ فڪر مدينه ڪري مدني انعامات جو رسالو روزانو ڀرڻ جي ترغيب ڏيڻ وارن ۽ سنتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ۽ مبلغن جي نيڪي جي دعوت ٻڌڻ وارن جون قبرون به اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضور مُفِيضُ النّور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي سڀ کان بهتر هونديون.

قبر میں لہرائیں گے تا حَشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طَلعَت رسولُ اللہ کی

(حدائقِ بخشِش شريف)

## سنيون سنيون نيتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تجهيز ۽ تڪفين سکڻ سيکارڻ ۽ ڪنهن مسلمان جي تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺڻ جي متعلّق سنيون سنيون نيتون ڪري وٺنداسين ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي ويندو ڇو جو هڪ ته بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو ٻيو جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ هونديون اوترو ئي ثواب به وڌيڪ ملندو. نيت دل جي پڪي ارادي کي چوندا آهن چاهي اها ڪنهن به شي جي هجي ۽ شريعت ۾ نيت عبادت جي ارادي کي چوندا آهن. (نزهة القاري.169/1) ڪيئي مباح ڪم يعني اهڙا ڪم جن جي ڪرڻ سان نه ثواب ملي نه گناهه (مثال طور کائڻ، پيئڻ، سمهڻ وغيره) جيڪڏهن انهن تي ثواب جي نيت ڪئي وڃي ته اهي عبادت ٿي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن بري نيت سان ڪيا وڃن ته برا ٿي ويندا آهن ۽ ڪجهه به نيت نه ڪئي وڃي ته مباح رهندا آهن. نيت جو اهو به فائدو آهي ته نيت ڪرڻ کان بعد جيڪڏهن اهو ڪم نه ڪري سگهيو تڏهن به نيت جو ثواب ملي ويندو. (فيضانِ سنت،جلد دوم،باب نيڪي جي دعوت،ص109تان111ماخوذاً)

وڌيڪ هي جو ٻين جي موجودگيءَ ۾نيت جو اظهار ڪندي احتياط فرمايو. دل ۾ نيت نه هجڻ جي باوجود ڄاڻي واڻي ان ڪري هٿ ڪڻڻ ته ٻين تي اثر قائم ٿئي ته هي نيت ڪري رهيو آهي، هي ڪوڙ ۽ ڏوڪو آهي.

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! جيڪو بہ ڪم ڪرڻو هجي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪريو ۽ ان ۾ رياڪاري ۽ ڏيکاءُ کي نہ اچڻ ڏيو! رياڪاريءَ مان مراد: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان عبادت ڪرڻ“ مثال طور تجهيز ۽ تڪفين ۾ هن ارادي سان حصو وٺڻ تہ ماڻهو تعريف ڪندا تہ هن کي مسلمانن جي خير خواهي جو وڏو جذبو آهي. وڌيڪ معلومات جي لاءِ فيضانِ سنت جلد ٻيو جي باب ”نيڪي جي دعوت“ جي شروعاتي صفحن جو مطالعو فرمايو، جنهن ۾ اميرِاهلِسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه رياڪاريءَ جا نقصان ۽ ان جون 80 مثالون بيان فرمايون آهن، هتي انهن مان بہ مثالون پيش ڪيون وڃن ٿيون: ”موت ميت جي موقعي تي پَچ ڊِڪ ڪرڻ ۽ جنازي جي جلوس ۽ دفنائڻ وغيره ۾ اڳيان اڳيان رهڻ تہ جيئن ماڻهن ۾ ظاهر ٿئي، ميت جا وارث متاثر ٿين، انهن جي نظر ۾ سنو انسان بڻجي.“

ڪنهن جي مصيبت جو ٻڌي ان ڪري مايوس ٿيڻ يا همدرديءَ وارا جملا چوڻ تہ جيئن ماڻهو مونکي رحم دل چون. (البتہ ڏکايل مسلمان جي دل جوئي جي نيت سان ان جي اڳيان ائين ڪرڻ عبادت ۽ آخرت جي ثواب جو باعث آهي)

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو وجودِ مسعود بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي اسان جي لاءِ هڪ تمام وڏي نعمت آهي، هي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اخلاص سان ڀريل ڪوشش جو نتيجو آهي جو اڄ اسان کي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو سُنّتن ڀريو پيارو پيارو مدني ماحول ميسر آهي جنهن جي بدولت بغير ڪنهن مبالغي جي لکين مسلمانن جي اصلاح ٿي ۽ اهي تائب ٿي ڪري صلوٰة ۽ سنّت جي راهہ تي

هلڻ لڳا بلڪ هزارين غير مسلمن کي جيڪي ڪفر ۽ شرڪ جي اونداهہ وادين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ۽ دعوتِ اسلامي جي برڪت سان ايمان جي لازوال دولت نصيب ٿي ۽ انهن جي دلين ۾ بہ عشقِ رسول جو سمنڊ موجون هڻڻ لڳو ۽ اهي عاشقان رسول چورائڻ لڳا ۽ انهن بہ هن مدني مقصد کي اپنائي ورتو تہ مونکي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ئي بارگاهہ مان اسان کي فڪرِ مدينہ، مدني قافلن ۾ سفر، نيڪي جي دعوت، انفرادي ڪوشش ۽ ٻين مدني ڪمن سان گڏو گڏ هر ڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪرڻ جو ذهن مليو. مديني جي تاجدار، نبين جي سالار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مومن جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (معجم ڪبير 185/6حديث 5942)

نيت جي اهميت ۽ فائدي جي پيشِ نظر اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجن بيانن ۽ مدني مذاڪرن، ڪتابن ۽ رسالن ۽ ٻين تحريرن ۾ نيتون ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن بلڪ سٺيون سٺيون نيتون بہ ٻڌائيندا آهن تہ جيئن نيتون ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ۽ ثواب ۾ اضافو ٿئي.

هن سلسلي ۾ نيتن جي متعلق امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جن جو آڊيو بيان ”نيت کا پھل“ ۽ رسالو ”ثواب وذائڻ جا نسخا“ مڪتبة المدينہ تان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿي. اسان کي بہ گهرجي تہ هرڪم کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺندا ڪريون. نيت

جي اهميت متعلق هڪ حديث شريف ۾ آهي: سچي نيت سڀ ڪان افضل عمل آهي. (جامع صغير،ص81 حديث 1284)

سچي نيتن جو جذبو حاصل ڪرڻ، ثواب وڏائڻ جي لاءِ سنيون سنيون نيتون سکڻ ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ مدني انعامات جي مطابق زندگي گذاريو، توهان جي ترغيب ۽ شوق جي لاءِ مدني بهار پيش ڪئي ٿي وڃي. جيئن ته

## سچي نيت جي برڪت

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن باب المدينہ (ڪراچي) ۾ ٽيڻ واري، عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري سنتن ڀري اجتماع جون تياريون پنهنجي عروج تي هيون، مختلف شهرن مان مدني قافله سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ ڌوم ڌام سان تيارين ۾ مشغول هئا، ڪيئي شهرن کان باب المدينہ ڪراچي جي لاءِ خصوصي ٽرينن جو سلسلو هو انهن ئي ڏينهن ۾ اسان جو هڪ رشتي دار وفات ڪري ويو. ان جي وفات جي ڪجهه ڏينهن کان بعد گهر جي ڪنهن فرد مرحوم کي خواب ۾ ڏسي ڪري جڏهن حال پڇيو ته ڪجهه هيئن چوڻ لڳا: مان ڪراچيءَ ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلاميءَ جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي نيت سان خصوصي ٽرين ۾ سيٽ بڪ ڪرائي هئي پر مان اجتماع ۾ شرڪت نہ ڪري سگهيس هاٿي مرڻ کان پوءِ خبر پئي ته الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ سچي نيت جي سبب منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي آهي.

## رحمتِ حق ”بها“ نه مي جويد          رحمت حق بهانه مي جويد

(الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت بها يعني قيمت ناهي گهرندي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ته بهانو ڳوليندي آهي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ سٺي نيت جو ڪيترو قدر بلند رتبو آهي جو عمل ڪرڻ جو موقعو نه ملڻ جي باوجود اجتماع ۾ شرڪت جي نيت ڪرڻ واري خوش نصيب جي مغفرت ڪئي وئي. حضرتِ سيّدنا حَسَن بَصَري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا انسان کي ڪجھ ڏينهن جي عمل سان نه بلڪ سٺي نيت سان جنّت ملندي.

(ڪيمياءِ سعادت، 861/2، دعوتِ اسلامي جون مدني بهارون، ص208)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! تجهيز ۽ تڪفين بابت ڪجھ نيتون ڪري وٺون.

## تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ جون نيتون

❖ رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول کي تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو سيکاريندس. ❖ علمِ دين جي تعظيم جي خاطر صاف سٿرا ڪپڙا پائيندس. ❖ خوشبو لڳائيندس. ❖ مقرر ڪيل وقت جي پابندي ڪندس. ❖ شروع ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ، بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ، پڙهي ڪري حمد، درود ۽ سلام، تعوّذ ۽ تسميه سان آغاز ڪندس. ❖ موقع جي مناسبت سان عَزَّوَجَلَّ، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڙهندس. ❖ ديني ڪتابن جو ادب ڪندس. ❖ آسان انداز ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس. ❖ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي ته بار بار سمجهائڻ ۾ سستي نه ڪندس. ❖ تمام سکڻ وارن تي هڪ جهڙي توجه ڏيندس. ❖ موقعي مناسبت سان

سکڻ وارن جي حوصلا افزائي ڪندس. ❖ موت ۽ ان کان بعد جي مرحلن کان گذرڻ کي ياد ڪري پاڻ کي ۽ ٻين کي آخرت جي فڪر ڏياريندس.

## تجهيزءِ تڪفين سکڻ جون نيتون

❖ رضاءِ الهي حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي لاءِ تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو سکندس. ❖ علمِ دين جي تعظيم جي خاطر صاف سٿرا ڪپڙا پائيندس. ❖ خوشبو لڳائيندس. ❖ مقرر ڪيل وقت جي پابندي ڪندس. ❖ بلا وجهه ڪپڙن، جسم، مٽي يا ڏاڙهي جي وارن سان کيڏڻ کان بچندس. ❖ فراسي جا ڌاڳا اکيڙڻ، آڱرين سان فرش تي کيڏڻ، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ، ڳالهيون ڪرڻ ۽ ٽيڪ لڳائڻ کان بچندس. ❖ پردي ۾ پردو نه هئڻ جي صورت ۾ گوڏا مٿي ڪري ٻين جي لاءِ بد نگاهيءَ جو باعث بڻجڻ کان بچندس. ❖ گوڏن تي مٿو رکڻ، ٻين کي اشارو ڪرڻ، اٿي هليو وڃڻ، وغيره کان بچندس. ❖ علمِ دين جي تعظيم جي خاطر جيتري تائين تي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي علم دين سمجهڻ جي لاءِ نگاهون جهڪائي ڪري خوب توجه سان ٻڌندس. ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس. ❖ موبائل فون بند رکندس. ❖ هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان بچندس. ❖ ٻين جي دل آزاري ڪرڻ کان بچندس. ❖ مزاج جي خلاف معاملي تي صبر ڪري اجر جو حقدار بڻجندس. ❖ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته ادب سان ٻيهر سمجهائڻ جي درخواست ڪندس. ❖ ديني ڪتابن ۽ استادن جو ادب ڪندس. ❖ جيڪو ڪجهه سکندس اهو ٻين کي سيکارڻ ۾ ڪنجوسي نه ڪندس. ❖ عاشقانِ رسول جي تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ پنهنجي مصروفيات مان وقت مخصوص

ڪري (مثلاً ٻہ يا ٽي ڪلاڪ) پنهنجو پاڻ کي مجلس جي خدمت ۾ پيش ڪندس.

## تجهيزءِ تڪفين ۾ حصووٺڻ جون نيتون

❖ رضاءِ الهي حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي تجهيز ۽ تڪفين ۾ حصو وٺندس. ❖ فرض ڪفايہ ادا ڪندس. ❖ مسلمانن جي حق جي ادائيگي ڪندس. ❖ تمام معاملن ۾ سنتن ۽ شرعي احڪام کي پيش نظر رکندس. ❖ مرحوم جي گھروارن سان همدردي ۽ انهن جي غم خواري ڪندس. ❖ وس آهر باوضو رهندس. ❖ موقعو مليو تہ مرحوم جي گھروارن ۽ بين رشتي دارن تي انفرادي ڪوشش ڪندس. ❖ پنهنجي لاءِ مرحوم ۽ ان جي گھر وارن ۽ امت مسلمہ جي لاءِ دعاءِ خير ڪندس. ❖ خلافِ شرع ڪم ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجي طاقت مطابق روڪڻ جي ڪوشش ڪندس. ❖ مرحوم جي لاءِ ايصال ثواب ڪندس ۽ انهن جي گھر وارن کي ايصالِ ثواب جي لاءِ مدني رسالن کي تقسيم ڪرڻ ۽ مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياريندس.اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

## اي انسان! هڪ ڏينهن مرڻو آ! آخر موت آ!“ جي چويهه حرفن جي نسبت سان مجلس تجهيز ۽ تڪفين جا 26 مدني گل

(1) فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(معجم ڪبير للطبراني،185/6،حديث:5942)

ان ڪري مجلس تجهيز ۽ تڪفين جو هر ذميدار اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي عطا ڪيل ”72 مدني انعامات“ مان ”مدني انعام نمبر 1“ تي عمل ڪندي هي نيت ڪندو رهي ته ”مان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي شعبي ”مجلس تجهيز ۽ تڪفين“ جو مدني ڪم مدني مرڪز جي طريقي ڪار جي مطابق ڪندس. اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ

(2) مجلس تجهيز ۽ تڪفين جو ڪم شريعت ۽ مدني مرڪز جي ڏنل طريقي ڪار (جيڪو شريعت جي مخالف نه هجي) جي مطابق مسلمان ميتن جي ڪفن، دفن ۽ رشتيدارن جي غمخواريءَ جا تمام معاملات سر انجام ڏئي ڪري ثواب ڪمائڻ آهي.

(3) مجلس تجهيز ۽ تڪفين جا تمام اسلامي ڀائر ڪفن، دفن ۽ تعزيت ۽ جنازي نماز وغيره جا مسائل سکن، ان جي لاءِ مڪتبة المدينه جو ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ جو مطالعو لازمي آهي جنهن ۾ ❖ مدني وصيّت نامو ❖ جنازي جي نماز جو طريقو ❖ شيطان جا

ڪجهه هٽيار ❖ فاتحه جو طريقو ❖ قبر وارن جون 25 حڪايتون ❖ بهارِ شريعت حصّو 4 جلد اوّل مان ڪتاب الجنائز صفحو نمبر 799 کان 857 (مطبوعه مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي) ۽ فتاويٰ رضويه جلد 9 مان فائدو ورتو ويو آهي وڌيڪ هي ته "دارالافتاء اهل سُنّت" کان ضرورتًا شرعي رهنمائي به وٺندا رهو. هن شعبي سان متعلّق ذميدارن کي گهرجي ته اهي تجهيز ۽ تڪفين جي حوالي سان مڪمل تربيت حاصل ڪن، مڪتبة المدينه تان جاري ٿيڻ واري ڊي وي ڊي بنام "تجهيز ۽ تڪفين ويڊيو اجتماع" حاصل ڪريو پڻ هن شعبي جي ويب سائٽ "tajheezotakfeen.dawateislami.net" تان هن ويڊيو اجتماع کي ڏسي ۽ ٻڌي سگهجي ٿو. ڊويزن کان ملڪ سطح هر ذميدار جي جدول ۾ گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ DVD اجتماع (تجهيز ۽ تڪفين ڪرڻ جو هدف شامل آهي. ❖ مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي هر سطح جي ذميدار کي تاڪيد آهي ته هر سال محرم الحرام مهيني ۾ ڪتاب "تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو" جو مطالعو ڪري ۽ ان جو ويڊيو به ڏسي، صفر المظفر جي مهيني ۾ ٿيڻ واري هر سطح جي مدني مشوري ۾ هر سطح جي ذميدار کان ان جي ڪارڪردگي ورتي ويندي.

(4) نگرانِ مجلس (ملڪ سطح) وقت به وقت مختلف جڳهين تي سنتن ڀري اجتماعن جو انعقاد ڪن ۽ هر علائقي ۽ شهر ۾ هن ڪم جو تجربو رکندڙ اسلامي ڀائرن کي ذهن ڏئي ڪري هن ڪم جي لاءِ تيار ڪن، انهن جا نالا، موبائل نمبر وٺي ڇڏيو ته جيئن ضرورتًا رابطو ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. جيڪڏهن ممڪن هجي ته سُنّتن ڀري اجتماع ۾ گورکن (قبرون کوٽيندڙ) اسلامي ڀائرن کي ضرور شرڪت ڪرايو ته جيئن شريعت جي مطابق انهن جي به تربيت ٿئي.

(5) هفته وار اجتماع ٿيڻ وارين مسجدن ۾ شرعي رهنمائي سان بينر لڳايو وڃي جنهن جو عنوان اهو هجي: ”اسلامي ڀائرن جي غسلِ ميت جي لاءِ هن نمبر تي رابطو ڪريو (مجلس تجهيز ۽ تڪفين، دعوتِ اسلامي)

اهڙيءَ طرح اسلامي ڀينرن جي اجتماعن جي مقامن تي،”اسلامي ڀينرن جي غسلِ ميت جي لاءِ هن نمبر تي رابطو ڪريو. (مجلس تجهيز ۽ تڪفين، دعوتِ اسلامي)“[1]

علائقي جي مسجدن ۾ به ذميدار جو رابطو نمبر ۽ رابطي جي لاءِ مخصوص جملا مسجد جي بورڊ وغيره تي لکي ڪري لڳائي ڇڏجن ته جيئن ضرورت پوڻ تي ماڻهو رابطو ڪري سگهن (جيڪو نمبر ڏنو وڃي مجلس جي مشاورت سان ڏنو وڃي)

(6) جتي ڪنهن سني صحيح العقيده عاشقِ رسول جي وفات ٿي وئي هجي، مجلس جا اسلامي ڀائر سنين نيتن سان شروع کان آخر (غُسلِ ميت کان تدفين) تائين شرڪت جي سعادت حاصل ڪن پڻ ايصالِ ثواب جي لاءِ اجتماعن جو به انعقاد ڪن.

(7) غسلِ ميت کان وٺي دفنائڻ تائين سڀئي معاملا ”مدني وصيّت نامو مع ڪفن ۽ دفن جا احڪام“ ۾ ڏنل طريقي ڪار جي مطابق ٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. غُسّال (ميت کي غسل ڏيڻ وارن) اسلامي ڀائرن وٽ مڪتبة المدينه جي مطبوعه ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ ۽ تجهيز ۽ تڪفين ڪارڊ هر وقت موجود هئڻ گهرجي. پڻ پنهنجي موبائل ۾ Muslim funeral app، لازمي رکو..

[1] ...بينر جو انداز آخري صفحي تي ملاحظ فرمايو.

(8) غسلِ ميت ڪانپوءِ دفنائڻ تائين ڪڏهن ڪڏهن ميت جي عزيزن ۽ رشتيدارن جي پهچڻ جو انتظار ڪيو ويندو آهي، ان وقت دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڇپيل رِسالي ”مڙدي جا صدما“ ۽ ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ مان نيڪي جي دعوت ڏيو. ان ڪان علاوه ان دوران بہ هن ڳالهہ جو ذهن ڏنو وڃي تہ هن وقت بہ قرآن خواني، درود شريف، استغفار ۽ ٻين تسبيحات جو ورد ڪندا رهو.

(9) ڪفن تيار ڪرڻ، ميت کي غسل ڏيڻ، جنازي نماز جي ادائيگي جي انتظار ۽ قبرستان ۾ دفنائڻ جي دوران انفرادي ڪوشش جا ڪيئي موقعا ملندا آهن، اهڙي موقعي تي خاص طور ميت جي عزيزن رشتيدارن تي انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي پڻ ممڪن هجڻ جي صورتً ۾ قبرستان وڃڻ دوران ”قبر وارن جون 25 حڪايتون“ ۽ هن ڪتاب”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ مان مدني گل بيان ڪيو.

(10) ڪجهہ علائقن ۾ دفنائڻ ڪان فوراً بعد قبر تي يا اڳين ڏينهن ايصالِ ثواب جي لاءِ ”قرآن خواني“ جو سلسلو هوندو آهي اهڙي موقعي تي بہ مجلس مدرسة المدينہ (للبنين) جي اجازت سان قريبي مدرسة المدينہ (للبنين) جي مدني منن جي ذريعي قرآن خواني جي ترڪيب ڪئي وڃي (مجلس مدرسة المدينہ (للبنين) جي طئي شده مدني گلن جي روشني ۾ ئي ترڪيب بڻائي وڃي)

(11) جهڙيءَ طرح هر معاملي ۾ هر علائقي جا رسم ۽ رواج (عرف) الڳ الڳ هوندا آهن، اهڙيءَ طرح ميت کي غسل، ڪفن ايتري تائين

جو دفنائڻ تائين جي ڪيئي معاملن ۾ بہ رسم ۽ رواج مختلف هوندا آهن، بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ علم دين کان دوري ۽ جهالت سبب غير شرعي معاملا بہ ٿيندا هجن .امّتِ مسلمہ جي خير خواهي جي نيت سان، جتي غير شرعي معاملا ٿيندي ڏسو ۽ ٻڌو اتي دارالافتاء اهلِ سُنّت سان هٿو هٿ رابطو ڪري مٿ مائٽن کي سنين سنين نيتن، نرمي ۽ حڪمتِ عملي سان گڏ نيڪي جي دعوت پيش ڪريو.

(12) غير شرعي معاملن (مثلاً نوحہ ڪرڻ، سينو ڪٽڻ، مٿي جا وار پٽڻ، مصيبت جي وقت ڪفريہ ڪلما ڳالهائڻ، مردن ۽ عورتن جو گڏ هئڻ وغيره) جي معلومات ملڻ وقت ان جي نشاندهي ۽ شرعي رهنمائي ٻڌائيندي وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ فتني ۽ فساد جو انديشو نہ ٿئي (جتي غالب گمان هجي تہ اهي سمجهائڻ سان مڃي ويندا تہ، اتي ئي ترڪيب ٺاهي وڃي) ۽ مڪتبة المدينہ جو مطبوعہ رِسالو ”28 ڪلماتِ ڪفر“ پيش ڪيو وڃي.

(13) هن موقعي تي عموماً دل نرم ٿي ويندو آهي، انسان نيڪي جي طرف گهڻو جلدي مائل ٿيندو آهي ان موقعي تي ميّت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مسجد، مدارس المدينہ ۽ جامعات المدينہ وغيره جي تعمير جي لاءِ بہ ذهن ڏئي سگهجي ٿو. (متعلّقہ شعبن جي ذميدارن جي باهمي مشاورت ۽ اجازت سان هجي تہ وڌيڪ بهتر آهي)

(13) ٽيجهي، چاليهي ۽ ورسي جي موقعي تي اجتماع ذڪرونعت جو اهتمام ڪريو، مبلّغ دعوتِ اسلامي جي بيان جي ترڪيب ڪئي وڃي ۽ مڪتبة المدينہ جي رسالن جي تقسيم جي ڀرپور ترڪيب ڪريو. ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ ۾ اجتماعِ ذڪر ۽ نعت براءِ ايصالِ ثواب جا بيان موجود آهن.

(15) دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي مطبوعہ رسالي ”شيطان جا ڪجهہ هٿيار“ جي صفحي نمبر 10 کان وٺي 12 جو ضرور بہ ضرورو مطالعو ڪريو.

| اجتماعِ ذڪرونعت براءِ ايصالِ ثواب جو جدول | وڌ کان وڌ 92 منٽ |
|---|---|
| تلاوت ۽ نعت شريف | 25 منٽ |
| سُنّتن ڀريو بيان | 40 منٽ |
| ذڪر الله | 5 منٽ |
| رقّت انگيز دعا | 12 منٽ |
| صلوٰة و سلام (ٽن شعرن) سان گڏ اختتامي دعا | 3 منٽ |

**مدينہ:** جيڪو وقت طئي ٿي وڃي اُن جي پابندي ڪريو، اجتماعِ ذڪر ۽ نعت ”عشاء نماز کانپوءِ ٺيڪ“ چوڻ جي بجاءِ گهڙيءَ جي وقت جي مطابق وقت طئي ڪريو، مثال طور رات 9 وڳي جو طئي ٿيو آهي تہ ماڻهن جو انتظار ڪندي بغير ٺيڪ وقت تي تلاوت سان آغاز ڪري ڇڏيو.

**مدينہ:** ڪوشش ڪري ايصالِ ثواب جي لاءِ اتان کان هٿو هٿ مدني قافلا سفر ڪرايو.

(16) تقسيمِ رسائل ۾ خاص طور موقعي جي مناسبت سان رسالن جي ترڪيب ڪئي وڃي مثلاً قبر جي پهرين رات، مڙدي جا صدما، مردي جي بي وسي، چار سنسني خيز خواب، بادشاهن جون هڏيون، فاتحہ جو طريقو، فيضانِ يٰسين شريف، فيضانِ نماز وغيره.

❖ ميت جي عزيزن رشتيدارن سان بعد ۾ به رابطو رکيو وڃي، ميّت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مسلسل گهٽ ۾ گهٽ 12 هفتيوار اجتماعن ۾ حاضري ۽ هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي ترڪيب بڻائي وڃي ته مدينه مدينه.

### (17) مدني قافلو، مدني انعامات، مختلف ڪورسن جا ماهوار هدف

مجلس جي هر سطح جا ذميدار پنهنجي نگرانِ مشاورت جي مشوري سان مدني قافلن، مدني انعامات، 12 ڏينهن جي ”اصلاح اعمال ڪورس“، 26 ڏينهن جي ”12 مَدَني ڪم ڪورس“ ماهوار طئي ڪريو ۽ ان جي لاءِ ڀرپور ڪوشش به فرمايو.

### (18) ذمي دارن کي مقرر ڪرڻ جي ترڪيب:

| # | سطح | ذمہ دار | # | سطح | ذمہ دار |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | علائقي | علائقي سطح تي 3 رڪني مجلس تجهيز و تڪفين | 4 | ڪابينات | ڪابينات ذميدار مجلس تجهيز و تڪفين |
| 2 | ڊويزن | ڊويزن سطح تي 3 رڪني مجلس تجهيز و تڪفين | 5 | صوبي | صوبائي ذميدار (رڪنِ مجلس) |
| 3 | ڪابينه | ڪابينه سطح تي 3 رڪني مجلس تجهيز و تڪفين | 6 | ملڪ | نگرانِ مجلس تجهيز و تڪفين |
| 7 | رڪن شوريٰ | مجلس تجهيز و تڪفين | | | |

❖ ڪابينه، ڊويزن ۽ علائقي سطح تي 3،3 رڪني مجلس هوندي، هن مجلس جا نگران رُڪنِ ڪابينه، رڪنِ ڊويزن مشاورت ۽ رُڪَنِ علاقائي مشاورت هوندا. ❖ صوبائي ذميدار پاڪستان سطح جي مجلس جا رڪن آهن. ❖ مختلف ملڪن ۾ ملڪي سطح تي مجلس هوندي، جيڪا رُڪنِ شوريٰ جي تحت هوندي. (بيرونِ ملڪ وارا

ذميدار، متعلق رڪنِ شوريٰ جي اجازت جي بغير ذميدار نہ بڻائن) ❖ ياد رهي! ڪنهن بہ سطح جي اراڪين ۽ نگران کي مقرر ڪرڻ جي لاءِ متعلّق سطح جي نگران جي اجازت ضروري آهي. (اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر مجلس ۾ مدني اسلامي پائرن جي هجڻ کي پسند فرمائيندا آهن)

## (19) مدني مشوري جي تاريخ ۽ مدني گل

| # | تاريخ | مدني مشورو وٺڻ وارا | سطح | شرڪاءِ | مدني گل |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 1 | نگران ڊويزن مشاورت/ ڊويزن ذميدار | ڊويزن | علائقي ڪان ڊويزن 3 رڪني مجلس | انفرادي ڪارڪردگي، پيشگي جدول ۽ جدول ڪارڪردگي، ذميدارن جو تقرر، ترقي ۽ تنزلي جو جائزو،اڳين مهيني جا هدف وغيره |
| 2 | 2 | نگرانِ ڪابينہ / ڪابينہ ذميدار | ڪابينہ | ڊويزن ڪان ڪابينہ 3 رڪني مجلس | // |
| 3 | 4 | نگرانِ ڪابينات/ ڪابينات ذميدار | ڪابينات | ڪابينہ ذميدار (بهتر هي آهي تہ هر ڪابينہ جي 3 رڪني مجلس شرڪت ڪري) | // |
| 4 | 5 | رڪنِ مجلس | صوبو | اراڪين ڪابينات | // |
| 5 | 6 | رڪنِ شوريٰ / نگرانِ مجلس | ملڪ | صوبائي ذميدار | // |

**وضاحت:** رڪنِ شوريٰ يا نگران مجلس، پاڪستان سطح جي مجلس (صوبائي ذميدار) جو هر مهيني مدني مشورو فرمايو، هڪ مهيني انٽرنيٽ جي ذريعي ۽ هڪ مهيني آمهون سامهون.

❖ معمول (Routine) کان هٽي ڪري ٿيڻ وارن شعبن جي مدني مشورن يا ذميدارن جي سُنّتن ڀري اجتماعن جي لاءِ اوّلاً ”اجازت نامو“ مڪمل ڀري طئي شده طريقي ڪار جي مطابق متعلّق ذميدار کي جمع ڪرائڻو پوندو. (وڌيڪ وضاحت جي لاءِ ”اجازت نامه براءِ مدني مشوره يا ذميدارن جو سنتن ڀريو اجتماع“ جا مدني گل غور سان مطالعو ڪري وٺو، هي اجازت نامو پاڪستان انتظامي ڪابينہ دفتر مان مِيل تي چڪو آهي، ضرورت وقت ٻيهر حاصل ڪري سگهجي ٿو)

## (20) ڪارڪردگي جمع ڪرائڻ جون تاريخون:

❖ علائقو:2 ❖ ڊويزن: 3 ❖ ڪابينہ: 4 ❖ ڪابينات: 5 ❖ صوبائي: 6 ❖ ملڪ: 7

(21) مدني مشورن جي ڪثرت کان بچڻ جي لاءِ مقرر ڪيل سطح کان علاوه ڪنهن ٻي سطح جو مدني مشورو وٺڻ جي لاءِ متعلّقہ نگران جي اجازت ضروري آهي. ❖ جڏهن وڏي سطح جا ذميدار ٻين سطح جي ذميدارن جا مدني مشورا ڪري وٺن تہ ان مهيني انهن جو ماهوار مدني مشورو نہ ٿيندو. ❖ اهڙي طرح جنهن مهيني نگرانِ ڪابينہ يا مشاورت شعبي جي ذميدارن جو مدني مشورو فرمائيندا ان مهيني بہ شعبي جي ذميدارن جو ماهوار مدني مشورو نہ ٿيندو (شعبي جي مدني ڪمن کي مضبوط ۽ منظم ڪرڻ جي لاءِ وقت بہ وقت پنهنجي نگرانِ مشاورت سان شعبي جي اسلامي ڀائرن جو مدني مشورو ڪرائڻ مفيد آهي.)

(22) پاڪستان يا بيرونِ ملڪ سطح جا ذميدار هر عيسوي مهيني جي 7 تاريخ تائين ڪارڪردگي پاڪستان انتظامي ڪابينہ يا دفتر مجلسِ بيرونِ ملڪ ۽ متعلّقہ رڪنِ شوريٰ کي ميل ڪري ڇڏيو. (ياد رکو !تہ ڪارڪردگي مدني مشوري سان مشروط ناهي، جيڪڏهن ڪنهن وجهہ سان مدني مشورو نہ ٿي سگهي تڏهن بہ مقرره تاريخ تي پنهنجي نگران کي ڪارڪردگي پيش ڪري ڇڏيو)

(23) هر ذميدار هر مهيني جو پيشگي جدول عيسوي مهيني جي 19 تاريخ تائين پنهنجي نگران (نگرانِ مشاورت يا نگرانِ مجلس ڪان منظور ڪرايو، پوءِ ان جي مطابق پيشگي اطلاع سان گڏ پنهنجي جدول تي عمل ڪري ۽ مهينو پورو ٿيڻ ڪان بعد 3 تاريخ تائين ڪارڪردگي جدول پنهنجي نگران (نگرانِ مشاورت يا نگرانِ مجلس) کي پيش ڪري.

(24) متعلقه نگران جي مشاورت سان شعبي جاذميدار اڳاري جي ڏينهن تحريري ڪم جي ترڪيب بڻائن.

(25) متعلقه نگرانِ مشاورت سان جڙيل رهن. انهن کي پنهنجي ڪارڪردگي کان آگاهه رکن ۽ انهن سان مشورو ڪندا رهن. جيڪو نگران سان جيترو گهڻو جڙيل رهندو اهو اوترو ئي مضبوط ٿيندو ويندو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

(26) ذميدار پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي بهتريءَ جي لاءِ هيٺ ڏنل ڪمن کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪن.

❖ فرض علوم سکڻ جي ڪوشش ڪندا رهو، فرض علوم سکڻ جي لاءِ اميراهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتابن، بهارِ شريعت، فتاويٰ رضويه، احياءُالعلوم وغيره جي مطالعي جي عادت بڻايو. خصوصاً صدر الافاضل مفتي سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُاللهِتَعَالٰى عَلَيْه جي اسلامي عقيدن جي متعلّق ڪتاب بنام ”ڪتاب العقائد“ (مطبوعه مڪتبة المدينه)، بهارِ شريعت جو حصو پهريون، ڪفريه ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، مسئلا سکڻ جي لاءِ بهارِ شريعت جا منتخب باب ۽ حصن سان گڏوگڏ اميرِ اهلِ سُنّت جا تمام ڪتاب ۽ رسالا سنن برن اخلاقن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ”باطني بيمارين جي معلومات“ ۽ ”نجات

ڏيارڻ وارن عملن جي معلومات“ (مطبوعہ مکتبۃ المدینہ) جو مطالعو ڪريو. مطالعو ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ وقت مثال طور (19 منٽ) خاص ڪري ڇڏيو. اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَة جي ڪتابن ۽ رسالن جي لاءِ ۽ اهڙي طرح ٻين ڪتابن جي لاءِ بہ ڪجهہ وقت مثلاً (مغرب ڪانپوءِ ۽ ماني ڪائڻ کان پهريان 19منٽ) خاص ڪريو.

❖ هفتيوار اجتماعي طور تي ڏني ويندڙ ”مدني مذاڪري“ ۾ شروع کان آخر تائين شرڪت ڪي يقيني بڻايو، ان جي برڪت سان علمِ دين جو لازوال خزانو حاصل ٿيندو پڻ مدني انعامات نمبر: 47 تي عمل ڪندي مدني چينل جا سلسلا، اصلاحي بيانن سان گڏوگڏ فيضانِ مدني مذاڪره ۽ فيضانِ فرض علوم ميموري ڪارڊ ٻڌڻ جو بہ سلسلو رکو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان سان بہ ڪيئي فرض علوم حاصل ٿيندا ❖ 63 ڏينهن جو”مدني تربيتي ڪورس“ بہ ڪجهہ فرض علم حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. عملي طور مدني ڪمن ۾ شريڪ ٿيو، روزانو گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪلاڪ مدني ڪمن ۾ صرف ڪيو مثال طور مدني قافلي ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي لاءِ ورزانو فڪرِ مدينہ جو ذهن ڏيڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن اسلامي ڀائرن تي انفرادي ڪوشش، مدني دورو، مدرسۃ المدينہ بالغان، بعد فجر مدني حلقو، صداءِ مدينہ، چوڪ درس، وقت جي پابنديءَ سان گڏ اول کان آخر هفتيوار ۽ ٻين اجتماعن ۾ شرڪت وغيره ❖ پنهنجي مقصدڪي پيش نظر رکندي روزانو فڪرِ مدينہ ڪري هر مهيني مدني انعامات جو رسالو پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرايو ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ سڄي زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ هڪ1 مهينو (30 ڏينهن) ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ تي ڏينهن جدول جي مطابق مدني قافلي ۾

سفر جي ترڪيب ڪندا رهو. ❖ روزانو فڪرِ مدينہ جي ترڪيب ڪندي عطّار جو پيارو، دوست، منظور نَظر ۽ محبوبِ عطار بڻجڻ جي ڪوشش جاري رکو، استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو پڻ ضروري گفتگو گهٽ لفظن ۾ ڪجھ اشاري ۾ ۽ ڪجھ لکي ڪري ڳالهائڻ جي ڪوشش سان گڏو گڏ نگاهون جهڪائي ڪري رکڻ جي ترڪيب ناهيندي قفلِ مدينہ جي درجي مناسب، بهتر ۽ ممتاز جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهو. ❖ مرڪزي مجلس شوريٰ، ڪابينہ ۽ پنهنجي شعبي جي مدني مشورن ۾ ملڻ وارن مدني گلن جو پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ متعلّقہ ذميدارن تائين وقت تي پهچائڻ جي ترڪيب بڻايو. ❖ اراڪينِ مجلس، مدني انعام نمبر 47 تي عمل ڪندي روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ 12 منٽ مدني چينل ڏسڻ جي ترڪيب بڻايو پڻ هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏسڻ سان گڏوگڏ بين ريڪارڊ ٿين مدني مذاڪرن ۽ مدني چينل جي سلسلن ڪي اهتمام سان ڏسڻ جي مدني التجاء آهي ”(www.ameer-e-ahlesunnat.net ۽ www.dawateislami.net) جو بہ visit ڪرڻ جي ترغيب ڏياريو.) ❖ مدني ڪم ۽ ملاقات دوران، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطّاريہ ۾ مريد يا طالب بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهو، مريد يا طالب بڻجي وڃن تہ انهن ڪي مجلس مڪتوبات وتعويذات عطاريہ کان مڪتوب جي ترڪيب ۽ شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ حاصل ڪرڻ ۽ روزانو پڙهڻ جي ترغيب بہ ڏياريو. ❖ مدني ڪم استقامت سان ڪرڻ جي لاءِ بالخصوص مدني انعام نمبر 24 ۽ 26 جا عامل بڻجي وڃو ❖ مدني انعام نمبر 24: ڇا اڄ توهان مرڪزي مجلس شوريٰ، ڪابينات، مشاورتن، ۽ بين تمام مجلسن جن جي

اوهان ماتحت آهيو. انهن جي (شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري) اطاعت ڪئي ❖ مدني انعام نمبر 26: ڪنهن ذميدار (يا عام اسلامي ڀاءُ) ڪان برائي صادر ٿي وڃي ۽ اصلاح جي ضرورت محسوس ٿئي ته تحرير طور تي يا براهِ راست ملي ڪري (ٻنهي صورتن ۾ نرمي سان) سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي يا معاذ الله عَزَّوَجَلَّ بنا اجازتِ شرعي ڪنهن ٻئي تي اظهار ڪري غيبت جو گناهِ ڪبيره ڪري ويٺؤ؟

**مدينه:** بيرونِ ملڪ جا ذمي دار متعلّق رڪنِ شوريٰ جي مشوري ۽ اجازت سان انهن مدني گلن ۾ ترميم ۽ اضافو ڪري سگهن ٿا.

**مرڪزي مجلس شوريٰ** (دعوتِ اسلامي)

مدني مقصد: مونکي پنهنجي ۽ سجي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

**تاريخِ اجراء (اَپ ڊيٽ مدني گل):**

3ذوالقعدة الحرام 1439ھ/27جولائي 2018ء

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## اي انسان! هڪ ڏينهن مرڻو آ! آخر موت آ ! جي چويھ حرفن جي نسبت سان اسلامي ڀينرن جي مجلسِ تجهيزءِ تڪفين جا 26 مدني گل (عالمي مجلس مشاورت دعوتِ اسلامي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (معجم ڪبير للطبراني، 6/ 185 حديث: 5942)

ان ڪري مجلسِ تجهيز ۽ تڪفين جي هر سطح جي ذميدار امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل ”63 مدني انعامات“ مان ”مدني انعام نمبر 1“ تي عمل ڪندي هي نيت ڪندي رهي تہ ”مان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي شعبي ”مجلسِ تجهيز ۽ تڪفين“ جو مدني ڪم مدني مرڪز جي طريقيڪار جي مطابق ڪنديس. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

(1) مجلس تجهيز ۽ تڪفين جو ڪم شريعت ۽ مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار (جيڪو شريعت جي مخالف نہ هجي) جي مطابق مسلمان ميتن جي ڪفن، دفن ۽ عزيزن رشتيدارن جي همدرديءَ جا تمام معاملات سر انجام ڏئي ڪري ثواب ڪمائڻ ۽ تمام عاشقانِ رسول کي غسلِ ميت سيکارڻ آهي.

(2) مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي هر سطح جي اسلامي ڀيڻ، ڪفن، دفن ۽ تعزيت وغيره جا مسئلا سکي، ان جي لاءِ مدني مذاڪرو ٻڌو

وجي ان کان علاوه مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو مطالعو مفيد آهي مثال طور: ❖ تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو ❖ مدني وصيّت نامو ❖ نمازِ جنازه جو طريقو ❖ فاتحہ جو طريقو ❖ قبر وارن جون 25 حڪايتون ❖ شيطان جا ڪجهہ هٿيار ❖ بهارِ شريعت حصّو چار جلد اول مان ڪتاب الجنائز صفحو نمبر 799 کان 857 (مطبوعہ مڪتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي) تجهيز ۽ تڪفين جا شرعي مدني گل ۽ فتاويٰ رضويہ جلد 9 وڏيڪ هي تہ "دارالافتاء اهل سُنّت" کان ضرورت موجب شرعي رهنمائي وٺنديون رهو. هن شعبي سان متعلّق ذميدار اسلامي ڀينرن کي گهرجي تہ اهي تجهيز ۽ تڪفين جي حوالي سان مڪمل تربيت حاصل ڪن، مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيڻ وارو آڊيو ميموري ڪارڊ (audio memory card) بہ اُن جو هڪ ذريعو آهي. (دارالافتاء اهلِسنت جي معلومات ۽ رابطا نمبر ڪتاب "تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو" ۾ موجود آهن)

(3) هفتيوار سنتن ڀري اجتماعن جي مقامات تي تجهيز ۽ تڪفين جو بينر (panaflex..) لڳايو وڃي بينر وٽ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار (اسلامي ڀيڻ (ذيلي سطح) جو هئڻ ضروري آهي. بينر تي تجهيز ۽ تڪفين ذميدار (اسلامي ڀيڻ) (ذيلي سطح) جو نمبر ڏنو وڃي، بهتر آهي تہ بہ نمبر ڏنا وڃن جيڪي چوويهہ ڪلاڪ ڪليل رهندا هجن. (بينر جو نمونو ڪتاب تجهيز ۽ تڪفين جي طريقي جي آخر موجود آهي).

(4) جنهن جاءِ تي ڪنهن صحيح العقيده سني اسلامي ڀيڻ جي وفات ٿي وئي هجي، مجلس تجهيز ۽ تڪفين جون اسلامي ڀينرون سنين سنين نيتن سان شروع کان آخر تائين (تجهيز ۽ تڪفين ۾) شرڪت جي سعادت حاصل ڪن، (جيڪڏهن آواز جي پردي جي مضبوط ترڪيب هجي تہ) ان وقت دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي

مطبوعہ رِسالي "مڙدي جا صدما" وغيره مان نيڪي جي دعوت ڏيو. ان کان علاوه ان دوران بہ هن ڳالهہ جو ذهن ڏنو وڃي تہ هن وقت قرآن خواني، درود شريف، استغفار ۽ ٻين تسبيحات جو ورد ڪنديون رهو.

(5) ڪفن تيار ڪرڻ ۽ ميت کي غسل ڏيڻ جي دوران انفرادي ڪوشش جا ڪيئي موقعا ملندا آهن، اهڙي موقعي تي بالخصوص ميت جي رشتيدارن تي انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

(6) ڪجهہ علائقن ۾ دفنائڻ کان بعد يا اڳين ڏينهن ميت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ "قرآن خواني" جو سلسلو هوندو آهي، اهڙي موقعي تي بہ مجلس مدرسة المدينہ (للبنات) جي اجازت سان قريبي مدرسة المدينہ (للبنات) (جيڪڏهن هجي تہ) جي مدني منين جي ذريعي قرآن خواني جي ترڪيب ڪئي وڃي.

ٻي صورت ۾ پري واري مدارس المدينہ مان ايثالِ ثواب جي ترڪيب ڪئي وڃي (مدرسة المدينہ ۾ ايثالِ ثواب جا مدني گل ڪتاب تجهيز ۽ تڪفين مان مطالعو ڪريو پڻ مجلس مدرسة المدينہ (للبنات) جي طئي شده مدني گلن جي روشني ۾ ئي ترڪيب ڪئي وڃي)

(7) جهڙيءَ طرح هر معاملي ۾ هر علائقي جا رسم ۽ رواج (عرف) الڳ الڳ هوندا آهن، اهڙيءَ طرح ميت کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ جي ڪيئي معاملن ۾ بہ رسم ۽ رواج مختلف هوندا آهن، بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ علم دين کان دوري ۽ جهالت جي سبب غير شرعي معاملا بہ ٿيندا هجن. امّتِ مسلمہ جي خير خواهي جي نيت سان، جتي غير شرعي معاملا ٿيندي ڏسو يا ٻڌو اتي هٿوهٿ دارالافتاء

اهلِ سُنّت سان رابطو ڪري ميت جي رشتيدارن کي سنين سنين نيتن، نرمي ۽ حڪمتِ عملي سان نيڪي جي دعوت پيش ڪريو.

❖ **غير شرعي معاملن** (مثال طور نوحہ ڪرڻ، سينو ڪُٽڻ، مٿي جا وار پٽڻ، مصيبت جي وقت ڪفريہ ڪلمات ڳالهائڻ، مردن ۽ عورتن جو گڏ هئڻ وغيره) **جي معلومات ملڻ وقت نشاندهي ۽ شرعي رهنمائي ڪندي وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ فتني ۽ فساد جو انديشو نہ هجي** (جتي غالب گمان هجي تہ اها سمجهائڻ سان مڃي ويندي تہ، اتي ئي ترڪيب ڪئي وڃي) ۽ **مڪتبة المدينہ جو مطبوعہ رِسالو "28 ڪلمات ڪفر" پيش ڪيو وڃي.**

(8) **هن موقعي تي عموماً دل نرم ٿي ويندو آهي، انسان نيڪي جي طرف گهڻو جلدي مائل ٿيندو آهي، ان موقعي تي مجلس جي طرفان جاري اميرِ اهلِسنت جو "تعزيّتي خط" ٻڌرائي ميّت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مسجد، مدارس المدينہ ۽ جامعات المدينہ وغيره جي تعمير جي لاءِ بہ** (انفرادي طور يا بيان جي ذريعي) **ذهن ڏئي سگهجي ٿو** (متعلّقہ شعبن جي ذميدارن جي باهمي مشاورت ۽ اجازت سان هجي تہ وڌيڪ بهتر آهي)

(9) **ٽيجهي، چاليهي ۽ ورسي جي موقعي تي اجتماع ذڪر ۽ نعت جو اهتمام ڪريو ان جي لاءِ مدني گل براءِ اجتماع ذڪر ۽ نعت**(مدني گل براءِ اجتماع ذڪر ۽ نعت دعوت اسلامي جي ويب سائٽ تي موجود آهن) **جي مطابق اجتماع ذڪر ۽ نعت براءِ ايصالِ ثواب جي ترڪيب بڻائي وڃي ۽ مڪتبة المدينہ جي رسالن جي تقسيم جي ڀرپور ترڪيب ڪريو** (بهتر آهي رهائشي علائقي جي اجتماع ذڪر ۽ نعت ذميدار اسلامي ڀيڻ (علائقي سطح) جي ذريعي اجتماع ذڪر ۽ نعت جي ترڪيب ڪئي وڃي)

(10) ايصالِ ثواب اجتماعن (اجتماعِ ذڪر ۽ نعت) جو بہ انعقاد ڪيو وڃي. ان جي لاءِ مذڪور بيانن مان مدد حاصل ڪري سگھجي ٿي. (هي بيان ڪتاب تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو ۾ موجود آهن)

**(1)** ايصالِ ثواب جو برڪتون **(2)** ايمان جي حفاظت

**(3)** صحبت جو اثر **(4)** دنيا جي مذمت

ان کان علاوہ مڪتبة المدينہ جي درج ذيل ڪتابن ۽ رسالن مان بہ فائدو حاص ڪري سگھجي ٿو.

قبر جي پهرين رات، مڙدي جا صدما، فاتحہ جو طريقو، قبر وارن جو 25 حڪايتون، بادشاهن جون هڏيون، ويران محل. ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ جو لنڪ آهي: hpp://www.dawateislami.net/bookslibrary 3041

(11) تقسيمِ رسائل ۾ خاص طور موقعي جي مناسبت سان رسالن جي ترڪيب ڪئي وڃي مثال طور قبر جي پهرين رات، مردي جا صدما، مردي جي بي وسي، چار سنسني خيز خواب، بادشاهن جو هڏيون، فاتحہ جو طريقو، فيضانِ يٰسين شريف، فيضانِ نماز وغيرہ.

❖ غسالہ (ميت کي غسل ڏيڻ واري) اسلامي ڀينرن وٽ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ ۽ ”تجهيز ۽ تڪفين ڪارڊ“ هر وقت موجود هئڻ گهرجي. پڻ موبائل ايپليڪيشن Muslimfuneral(KafanDafan)app ۽ ويب ادريس tajheezotakfeen.dawatesilami.net جو بہ التزام هجي تہ هتي مختلف علائقن ۾ غسلِ ميت جي لاءِ رابطا نمبر (Contact Numbers) موجود آهن.

❖ ميت جي رشتيدار اسلامي ڀينرن سان بعد ۾ بہ رابطو رکيو وڃي، ميّت جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مسلسل گهٽ ۾ گهٽ 12 هفتيوار اجتماعن ۾ حاضري جي نيت ڪرائي وڃي.

(12) هرعيسوي مهيني جي (علاوه رمضان جي مهيني جي آخري عشري ۾) علائقي سطح تي منعقد ٿيڻ واري تجهيز ۽ تڪفين اجتماع جي ترڪيب "تجهيز ۽ تڪفين اجتماع جا مدني گل" جي مطابق ٺئي بڻائي وڃي. (تجهيز ۽ تڪفين اجتماع جا مدني گل"جدول براءِ تجهيز ۽ تڪفين اجتماع" گڏو گڏ "نزع جو بيان"، "غسلِ ميت جون نيتون." ڪفن پارائڻ جون نيتون"، "تجهيز ۽ تڪفين جي متعلّق سوال ۽ جواب"، "مطلوبہ سامان"، "ڪفن جي لاءِ 4 انمول تحفہ"، "رشتيدارن جي لاءِ مدني گل"، "عدت ۽ سوڳ جا مسائل" وغيره ڪتاب "تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو" ۾ موجود آهن.)

(13) تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرن ڪي هيٺ ڏنل مدني گل ٻڌايا وڃن.

❖ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ مغرب کان پوءِ وڃي سگهجي ٿو. ❖ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ وڃڻ وارين جي تعداد گهٽ ۾ گهٽ 2 ۽ وڌ ۾ وڌ 4 هجي ۽ انهن جا گهٽ ۾ گهٽ بہ رابطہ نمبر هجن جيڪي ڊبل ٻارنهن ڪلاڪ On رهندا هجن ❖ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ اسلامي ڀينرن جي پنهنجي علائقي ۾ ئي وڃڻ جي ترڪيب ڪئي وڃي. ❖ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ اسلامي ڀينرن ڪي وڃڻ جي اجازت ناهي.(ها جيڪڏهن محرم ساڻ وڃي وڃي تہ ان صورت ۾ ڪنهن سڃاڻڻ واري جي گهر وڃي سگهن ٿيون)

❖ ڪنهن علائقي ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ هڪ بہ اسلامي ڀيڻ موجود نہ هجي ائين نہ ٿيڻ گهرجي، ان سلسلي ۾ انفرادي ڪوشش جي ذريعي ان جي اهڙي مضبوط ترڪيب هجي جو ٻئي علائقي مان ترڪيب نہ ٻڌائڻي پوي، ان جي لاءِ هيءَ ترڪيب ڪئي وڃي تہ دعوتِ اسلامي سان وابستہ هر سطح جي اسلامي ڀيڻ کي تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت ڏني وڃي چاهي اُها تجهيز ۽ تڪفين جي شعبي سان وابستہ هجي يا نہ هجي تہ جيئن ڪنهن ٻي علائقي مان ترڪيب نہ ٻڌائڻي پوي. البت! جيڪڏهن "مجلس معاونت براءِ اسلامي ڀينرون" جي ذميداره جي طرف کان ڪنهن علائقي ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي ترڪيب ڪرڻ جو چيو وڃي تہ نوعيت جي پيشِ نظر ٻئي علائقي مان ترڪيب ڪري سگهجي ٿي. ❖ جيڪڏهن ڪا ذميدار اسلامي ڀيڻ پنهنجي طور تي مختلف ادارن مثلا ڪنهن بہ رفاهي اداري يا اسپتال وغيره ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ وڃي ۽ پردي جي پابندي سان ترڪيب ٻڌائي تہ حرج ناهي ليڪن مجلس جي طرف کان باقاعده ان جي اجازت ناهي. ❖ بزرگ اسلامي ڀينرون تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ نقاب لڳائي بغير وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ❖ تجهيز ۽ تڪفين ۾ اچڻ وڃڻ جي لاءِ بهتر آهي تہ پنهنجي ذاتي خرچي مان ترڪيب ڪري. جيڪڏهن رشتيدار خود ونڻ اچن ۽ سواري موڪلين تہ استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي.

(14) تجهيز ۽ تڪفين جي هن اهم ديني فريضي کي پوري ڪرڻ جي اجازت تربيت يافتہ کي ئي ڏني وڃي، تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرن (علائقي کان وٺي عالمي سطح) ۽ هر مهيني تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت ڪرڻ واري هر ذميدار اسلامي ڀيڻ (۽ اهي اسلامي ڀينرون جيڪي غسلِ ميت ڏيڻ جي لاءِ باقاعده وقت ڏئي سگهن ٿيون،

انهن) جي، ٽيسٽ مجلس للبنات جي ذريعي ٽيسٽ ڏيارڻ جي ترڪيب تجهيز ۽ تڪفين ذميدار (ڪابينہ يا ڪابينات سطح) جي ذريعي لازمي ٻڌائي وڃي ان جي لاءِ هنن اسڪائپ آئيڊين btmattari12@outlock.com,live:btmattari12 ۽ هن اي ميل آءِ ڊي btmattari86@gmail.com تي صبح جي وقت 9:00 کان شام 4:00 وڳي تائين روزانو (آچر کان علاوه) رابطو ڪري سگهجي ٿو. (ملڪ ۽ بيروني ملڪ وارا سڀ ئي هن تي رابطو ڪري سگهن ٿا) جيڪي اسلامي ڀينرون ٽيسٽ ۾ "ممتاز" ايندين اهي تربيت ڏيڻ جو اهل هونديون. ❖ جيڪي اسلامي ڀينرون ٽيسٽ ۾ "بهتر" ايندين اُهي "تجهيز ۽ تڪفين" جي لاءِ وڃي سگهن ٿيون. ۽ ❖ جيڪا اسلامي ڀيڻ ٽيسٽ ۾ "موقوف" ٿي اُن مان مراد ناڪام ٿيڻ آهي. ❖ جيڪي ٽيسٽ ۾ "موقوف" ٿينديون اُن جي تربيت جي ترڪيب ٽيسٽ مجلس للبنات ڪندي. (ياد رکو! ٽيسٽ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارين اسلامي ڀينرن کي ئي تجهيز ۽ تڪفين جي اجازت هوندي لهذا تجهيز ۽ تڪفين جي ذميدار( علائقي سطح) پنهنجي علاقي جي بهتر اسلامي ڀينرن جا نالا، رابطا نمبر ۽ ڪهڙي وقت ۾ اُهي وڃي سگهن ٿيون اُن جي فهرست ٻڌائي ڪري محفوظ ڪن)

❖ اهڙي ذميدار اسلامي ڀيڻ جيڪا تجهيز ۽ تڪفين جي شعبي تي مقرر ناهي پر تجهيز ۽ تڪفين جي ٽيسٽ ۾ ڪامياب ٿي وئي هجي اُها بہ تجهيز ۽ تڪفين اجتماع ڪري سگهي ٿي پر اها ڳالهہ پيشِ نظر رهي تہ ان جي پنهنجي شعبي جو جدول متاثر نہ ٿئي. ❖ اهڙن ملڪن ۾ جتي تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت (تجهيز ۽ تڪفين اجتماع) ڪرڻ واري ڪا اسلامي ڀيڻ نہ هجي تہ اُتي تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ (رڪنِ مجلس بيرون ملڪ) جيڪا ٽيسٽ ۾ "ممتاز" آئي هجي بذريعي اسڪائپ اُتي جي ذميدار اسلامي ڀينرن جي تربيت ڪري سگهي ٿي. ❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار

اسلامي ڀينرون (ملڪِ سطح) ذوالعقده الحرام جي مهيني ۾ Followup فرمائن تہ ڪهڙين ڪهڙين ڪابينات ۾ جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۾ تجهيز ۽ تڪفين تربيتي اجتماعن جي ترڪيب بڻجي چڪي آهي؟ ڪمي هجڻ يا عمل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ سٺي انداز ۾ سمجهايو وڃي.

❖ جيڪي اسلامي ڀينرون تربيت ڏيڻ جي اهليت رکن ٿيون انهن جي ذريعي هر سال ذوالقعدة الحرام ۾ جامعة المدينہ جي ناظمات، معلمات ۽ طالبات ۽ هر سال ذوالقعدة الحرام ۾ مدرسة المدينہ جي جي نئين ناظمات، معلمات ۽ مدني قاعده ڪورس ۽ مدرسہ ڪورس ڪرڻ واري ۽ هر ٽن سالن ۾ دارالمدينہ جي ناظمات ۽ ٽيچرز جي جامعة المدينہ يا مدرسة المدينہ ۾ تجهيز ۽ تڪفين تربيتي اجتماع جي ترڪيب ڪئي وڃي. (هر سال جامعة المدينہ ۾ اوليٰ جي درجن ۾ تجهيز ۽ تڪفين اجتماع ٿيندو ۽ هر سال مدرسة المدينہ ۾ مدرسہ ڪورس ۽ مدني قاعده ڪورس جي طالبات جي درميان تجهيز ۽ تڪفين اجتماع ٿيندو.)

❖ جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ ۽ دار المدينہ ۾ ٽيسٽ ۾ ڪامياب ٿيڻ وارين جا نالا نوٽس بورڊ تي لڳايا وڃن ۽ متعلقہ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار( علائقي سطح) کي اُن جي اطلاع ڏني وڃي.

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ (ڪابينہ سطح) کي گهرجي تہ خصوصي اسلامي ڀيڻ ذميدار (ڪابينہ سطح) جي ذريعي خصوصي اسلامي ڀينرن کي تجهيز ۽ تڪفين اجتماع ۾ شرڪت جي ترڪيب بڻائي. انهن کي ٿورو سائيڊ ۾ ويهاريو وڃي ۽ اُنهن جي سامهون خصوصي اسلامي ڀينرن جي مبلغہ بيان وغيره جي اشارن جي زبان ۾ ترجماني ڪري. سٺو هي آهي تہ خصوصي اسلامي ڀينرن جي مبلغہ بہ اُها ئي هجي جيڪا ٽيسٽ ۾ ممتاز آئي هجي.

(15) تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرن (ڪابينہ ۽ ڪابينات سطح) وٽ حد اندر تمام علائقن جي نالن جي لسٽ سان گڏوگڏ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرن (علائقي سطح) جا نالا ۽ رابطہ نمبر بہ موجود هئڻ گهرجن.

## (16) ذميدار (اسلامي ڀينرن) ڪي مقرر ڪرڻ جي ترڪيب

مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي مدني ڪم جي لاءِ ذميدار (اسلامي ڀينرن) ڪي مقرر ڪرڻ علائقي کان عالمي سطح تائين آهي. ❖ هر سطح جي تجهيز ۽ تڪفين ذميداراسلامي ڀيڻ بردبار، اطاعت گذار، ملنسار، وفادار، با ڪردار، با اخلاق، سلجهيل، سنجيده، تعليم يافتہ، خود اعتماد، احساسِ ذميداري رکڻ واري، شرعي پردو ڪرڻ واري، ذاتي دوستين کان بچڻ واري، مدني انعامات جي عاملہ، دعوتِ اسلامي جي مدني اصولن جي آئينہ دار، دعوت اسلامي جي اصطلاحات کان واقف، مدني مشورن ۽ تربيتي حلقن جي پابند مقصد تہ سراپا ترغيب هجي يعني عملي طور دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۾ شريڪ هجي ۽ مدني ماحول ۾ وابستگي جي مدت گهٽ ۾ گهٽ 26 مهينا هجي، بهتر آهي تہ تجهيز ۽ تڪفين جي ڪم ۾ دلچسپي رکندڙ هجي. ❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ (علائقي سطح) ڪي فون ڪرڻ ۽ نڪرڻ ۾ آساني ضرور هجي ۽ ڊبل ٻارنهن ڪلاڪ ترڪيب ٻڌائي سگهندي هجي ❖ ڪا بہ اسلامي ڀيڻ تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ ڪنهن کان بہ رابطو ڪري تہ ان کي متعلّقہ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ (علائقي سطح) سان رابطو ڪرڻ جو چيو وڃي. ❖ ڪنهن بہ سطح تي ۽ ڪنهن بہ شعبي ۾ اسلامي ڀيڻ کي مقرر ڪرڻ صرف انهيءَ بناء تي نہ ڪيو وڃي تہ ان جا محرم (اسلامي ڀاءُ) هن شعبي جا ذميدار آهن بلڪ هي ڏٺو وڃي تہ ڇا اها اسلامي ڀيڻ ان مدني ڪم جي اهل آهي؟ 11 مئي 2009 جي نگرانِ شوريٰ جي مدني مشورن ۾ هي مدني ڳالهہ بہ موجود آهي تہ " اهل ۽ هم ذهن کي مدني ڪم ڏنو وڃي".

| نمبر شمار | سطح پاڪستان | سطح بيرون ملڪ | ذميدار اسلامي ڀيڻ |
|---|---|---|---|
| 1 | علاقو | ............... | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (علاقہ سطح) |
| 2 | ڈويزن | ڈويزن | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ڈويزن سطح) |
| 3 | ڪابينہ | ڪابينہ | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ڪابينہ سطح) |
| 4 | ڪابينات | ڪابينات | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ڪابينات سطح) |
| 5 | صوبو | زون | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (صوبہ سطح) |
| 6 | ملڪ | ملڪ | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ملڪ سطح) |
| 7 | ممالڪ | ممالڪ | ممالڪ ذمہ دار |
| 8 | عالمي | عالمي | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (رڪن مجلس بيرون ملڪ) |

## (17) ماهوار هدف

هڪ اندازي جي مطابق 2015ء ۾، پاڪستان ۾ شرحِ اموات في ڏينهن 700 مرد ۽ 700 عورتون آهي يعني اوسطاً في ڪلاڪ 30 مرد ۽ 30 عورتون، ان جي مطابق هر مهيني جا هدف طئي ڪيا وڃن تہ اسان ڪيستائين پهتا آهيون. ❖ اسان جو هدف هر حضور جي ديواني کي "تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو" سيکارڻ آهي. ❖ هن شعبي جي هر سطح تي ذميدار(اسلامي ڀينرن) کي لازمي مقرر ڪرڻ ۽ ❖ هر مهيني تربيت حاصل ڪرڻ ۽ ٽيسٽ ڏيڻ وارين جي تعداد ۾ اضافو ڪرائڻ آهي.

## (18) ماهوار ڪارڪردگي فارم جمع ڪرائڻ جون تاريخون:

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميداراسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح) "ڪارڪردگي براءِ مجلس تجهيز ۽ تڪفين"(علائقي کان عالمي سطح) جي مطابق هر عيسوي مهيني جي اعتبار سان ڪارڪردگي جمع ڪرائن.

❖ تجهيزءِ تڪفين جي ذميدار اسلامي پيڻ (ڊويزن سطح) عيسوي مهيني جي 5 تاريخ.

❖ تجهيز ۽ تڪفين جي ذميدار اسلامي پيڻ (ڪابينہ سطح) عيسوي مهيني جي 7 تاريخ.

❖ تجهيز ۽ تڪفين جي ذميدار اسلامي (ڪابينات سطح) عيسوي مهيني جي 9 تاريخ.

❖ تجهيز ۽ تڪفين جي ذميدار اسلامي پيڻ(صوبي سطح) عيسوي مهيني جي11 تاريخ.

❖ تجهيز ۽ تڪفين جي ذميدار اسلامي پيڻ (ملڪ سطح) عيسوي مهيني جي13 تاريخ.

❖ ممالڪ ذميدار اسلامي ڀينرون عيسوي مهيني جي 13 تاريخ.

❖ عالمي مجلس مشاورت ذميدار اسلامي پيڻ عيسوي مهيني جي 15 تاريخ. (هي تمام پيپر ريڪارڊ فائل ۾ موجود آهن)

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (ملڪ سطح) هر عيسوي مهيني جي 3 تاريخ تائين ”تجهيز ۽ تڪفين جي ٽيسٽ جي متعلّق معلومات (ملڪ سطح)“ تي پهچائي ڪري نگرانِ مجلس معاونت براءِ اسلامي ڀينرون (رڪنِ شوريٰ) جي ذريعي هن شعبي جي متعلّقہ رڪنِ شوريٰ ۽ عالمي مجلس مشاورت ذميدار کي جمع ڪرائن.

❖ عالمي مجلس مشاورت ذميدار هر عيسوي مهيني جي 5 تاريخ تائين تجهيز ۽ تڪفين جي ٽيسٽ جي متعلق معلومات (عالمي سطح) نگرانِ مجلس معاونت براءِ اسلامي ڀينرون (رڪنِ شوريٰ)

ڪي جمع ڪرائن. ( هي ٻئي پيپر ڪتاب تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو ۾ موجود آهن.)

(19) تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي ڪان عالمي سطح تائين) متعلقہ ڪارڪردگي فارم شعبي مشاورت کي جمع ڪرائڻ سان گڏو گڏ متعلّقہ مجلس مشاورت ذميدار اسلامي ڀيڻ کي بہ جمع ڪرائن.

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي ڪان عالمي سطح تائين) علائقي ڪان عالمي ڪارڪردگي براءِ مجلس تجهيز ۽ تڪفين پنهنجي ماتحت ذميدارئن جي ڪارڪردگين کي مد نظر رکي ڪري پرين. (ياد رهي !ڪارڪردگي مدني مشوري سان مشروط ناهي جيڪڏهن ڪنهن وجہ ڪان مدني مشورو نہ ٿي سگهي تڏهن بہ متعلّقہ تاريخ تي پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ کي ڪارڪردگي پيش ڪن)

(20) تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي ڪان عالمي سطح تائين) ماهوار مدني مشورن ۾ پنهنجي ماتحت ذميدارائن جي بهتر ڪارڪردگي مثال طور سنتن ڀري اجتماعن ۽ مدني مشورن جي پابندي. تجهيز ۽ تڪفين جي ڪارڪردگي بهتر هئڻ، متعلّقہ ذميدارائن جي تعداد ۾ اضافو ٿيڻ ۽ هر مهيني ڪارڪردگي مقرره وقت تي جمع ڪرائڻ جي صورت ۾ حوصلو ڏيندي مدني تحفو (ڪتاب يا رسالا يا ميموري ڪارڊ) ڏيڻ جي ترڪيب ٺاهيو (ياد رکو! مدني عطيات مان تحفو ڏيڻ جي اجازت ناهي) ❖ جنهن ڪتاب /Memory /D.V.Ds Cardsجو تحفو ڏنو وڃي، تحفو ڏيندي وقت هي نيت ڪرائي وڃي تہ ڪيترن ڏينهن تائين پڙهي يا ٻڌي وٺنديون؟

## (21) ماهوار مَدَني مشوري جي تاريخ ۽ مدني گل!

تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان ملڪ سطح تائين) هيٺ ڏنل ترڪيب جي مطابق مدني مشوري ۽ مدني گلن جي ترڪيب ٺاهين.

| تاريخ | مدني مشورو وٺڏواري | سطح | شرڪاء | مدني گل |
|---|---|---|---|---|
| 1 | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (علاقہ سطح) | علاقہ | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ذيلي حلقہ سطح) | |
| 3 | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (ڊويزن سطح) | ڊويزن | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (علاقہ سطح) | |
| 4 | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (ڪابينہ سطح) | ڪابينہ | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ڊويزن سطح) | |
| 5 | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (ڪابينات سطح) | ڪابينات | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ڪابينہ سطح) | |
| 6 | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (صوبہ سطح) | صوبہ | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (ڪابينات سطح) | |
| 7 | تجهيز و تڪفين ذمہ دار اسلامي ڀيڻ (ملڪ سطح) | ملڪ | تجهيز و تڪفين ذمہ دار (صوبہ سطح) | |

❖ ماهوار مدني مشوري ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي ڪارڪردگي جي هر ڪالم تي هدف نہ ڏنو وڃي جنهن ملڪ يا شهر ۾ مشورو هجي اتي جي نوعيت جي مطابق صرف انهيءَ مدني ڪم جو هدف ڏنو وڃي جنهن ۾ ڪمي نہ هجي، جيڪو هدف ڏنو وڃي پوءِ ان جو Follow up بہ ضرور ڪيو وڃي.

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان ملڪ سطح) جي عملي جدول هر مهيني جي 2 تاريخ تائين پنهنجي ذميدارائن کي جمع ڪرائن. (اهي ٻئي پيپر ريڪارڊ فائل ۾ موجود آهن)

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (صوبي سطح) هر مهيني 4 ڪابينات ۾، تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون(ڪابينات سطح) هر مهيني 4 ڪابينا ۾ ۽ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون(ڪابينا سطح) هر مهيني هر ڊويزن ۾ پنهنجو جدول ٺاهن ❖ مدني مشورن جي ڪثرت کان بچڻ جي لاءِ مقرر ڪيل سطح کان علاوه ڪنهن ٻي سطح جو مدني مشورو وٺڻ جي لاءِ مجلس مشاورت ذميدار اسلامي ڀيڻ کان اجازت ضروري آهي. ❖ جڏهن وڏي سطح جي ذميدار ڀين سطح جي ذميدارائن جو مشورو ڪري وٺي ته ان مهيني انهن جو ماهوار مدني مشورو نه ٿيندو ❖ اهڙيءَ طرح جنهن مهيني متعلّقه مجلس جي ذميدار يا مشاورت شعبي جي ذميدارائن جو مدني مشورو فرمائينديون ان مهيني ۾ به شعبي جون ذميدار اسلامي ڀينرون ماهوار مدني مشورو نه ڪنديون. (شعبي جي مدني ڪم کي مضبوط ۽ منظم ڪرڻ جي لاءِ وقت به وقت پنهنجي مجلس مشاورت کان شعبي جي اسلامي ڀينرن جو مشورو ڪرائڻ مفيد آهي)

(22) تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح) پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ سان رابطي ۾ رهن. انهن کي پنهنجي ڪارڪردگيءَ کان آگاهه رکن ۽ انهن سان مشورو ڪنديون رهن. جيڪا ذميدار اسلامي ڀيڻ سان جيترو وڌيڪ رابطي ۾ رهندي اها اوتري ئي مضبوط ٿيندي ويندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

(23) جيڪڏهن ڪٿي تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح تي) مقرر ناهن يا جيڪڏهن مقرر ته آهن پر

سخت عذر سبب مدني ڪم نہ ڪري سگھنديون ھجن تہ ان جي مجلس مشاورت ذميدار اسلامي ڀيڻ جي ذريعي ڪارڪردگي تيار ڪرائي وڃي.

(24) جيڪڏھن ڪنھن ملڪ ۾ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي ڪان ملڪ سطح) مان ڪھڙي بہ سطح جي ذميدار اسلامي ڀيڻ جو تقرر ٿئي تہ تنظيمي ترڪيب جي مطابق متعلّقہ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ کي ”مدني گل براءِ تجهيز ۽ تڪفين“ چڱيءَ طرح سمجھائي ڪري ڏيڻ جي ترڪيب بڻائن.

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي ڪان عالمي سطح) مان ڪھڙي بہ سطح جي ذميدار اسلامي ڀيڻ جيڪي مدني گل پنھنجي ماتحت کي سمجھائي تہ ان ڪان اڳيان واري ھڪ سطح ڪان بہ رابطو ڪري حڪمتِ عملي سان گڏ ان کي چيڪ ڪيو وڃي تہ ان جي مطابق نفاذ ٿي ويو؟

ڪمي ھئڻ يا عمل نہ ھئڻ جي صورت ۾ سٺي نموني سمجھايو وڃي.

(25) تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي ڪان عالمي سطح) پنھنجي دنيا ۽ آخرت جي بھتري جي لاءِ ھيٺ ڏنل ڪمن کي اپنائڻ جي ڪوشش فرمائن.

❖ فرض علوم سکڻ جي ڪوشش ڪنديون رھو، فرض علوم سکڻ جي لاءِ اميراھلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ڪتابن، بھارِ شريعت، فتاويٰ رضويہ، احياءُالعلوم وغيره جي مطالعي جي عادت بڻايو. خاص ڪري صدر الافاضل مفتي سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه

جي اسلامي عقائد جي متعلّق ڪتاب بنام ”ڪتاب العقائد“ (مطبوعہ مڪتبة المدينہ) بهارِ شريعت جوحصو پهريون، ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، مسئلا سکڻ جي لاءِ بهارِ شريعت جا منتخب باب ۽ حصن سان گڏوگڏ اميرِاهلسنّت جا تمام ڪتاب ۽ رسالا سنن برن اخلاقن جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ ”باطني بيمارين جي معلومات“ ۽ ”نجات ڏيارڻ وارن عملن جي معلومات“ (مطبوعہ مڪتبة المدينہ) جو مطالعو ڪريو. مطالعو ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه وقت مثلاً (صبح 19 منٽ) اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ڪتابن ۽ رسالن جي لاءِ ۽ اهڙي طرح بين ڪتابن جي لاءِ بہ ڪجهه وقت مثلاً( مغرب ڪانپوءِ ۽ ماني کائڻ کان پهريان 19 منٽ) خاص ڪريو.

❖ شرعي پردي جي پابندي ڪريو ديده زيب(بي حيائيءَ وارو) برقعو پائڻ کان اجتناب ڪريو

❖ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪلاڪ مدني ڪمن ۾ صرف ڪيو مثلاً وقت جي پابندي سان هفتيوار اجتماعن ۽ تربيتي حلقن ۾ شرڪت وغيره ❖ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني انعامات تي عمل سان گڏوگڏ مستقل قفل مدينہ تحريڪ ۾ شموليت روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي هر مهيني مدني انعامات جو رسالو پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ کي جمع ڪرايو ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ پنهنجن محارمن کي سڄي زندگيءَ ۾ هڪڙي ڀيري 12 مهينا، هر 12 مهينن ۾ هڪ 1 مهينو (30 ڏينهن) ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن جدول جي مطابق مدني قافلي ۾ سفر جي ترڪيب بڻايو ❖ رضاءِ رب الانام جي مدني ڪمن ۾ عمل ڪندي عطّار جي اجميري، بغدادي، مڪي ۽ مدني ڌيءَ بڻجڻ جي

ڪوشش جاري رکو پڻ ضروري گفتگو گهٽ لفظن ۾، ڪجھ اشارن ۾ ۽ ڪجھ لکي ڪري ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ نگهاهون جهڪائي ڪري رکڻ جي ترڪيب بڻايو ❖ مرڪزي مجلس شوريٰ، ڪابينه ۽ پنهنجي شعبي جي مدني مشورن جي ملڻ وارن مدني گلن جو پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ متعلّقه ذميدار اسلامي ڀينرن تائين وقت تي پهچائڻ جي ترڪيب بڻايو ❖ هفتيوار براہ راست مدني مذاڪرو ڏسڻ سان گڏوگڏ ٻين ريڪارڊڊ مدني مذاڪرن ۽ مدني چينل جي سلسلن ڪي اهتمام سان ڏسڻ جي مدني التجاء آهي ”(www.ameer-e-ahlesunnat.net ۽ www.dawateislami.net) جو بہ visit ڪرڻ جي ترغيب ڏياريو) ❖ مدني ڪم ۽ ملاقات دوران، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي ذريعي سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطّاريہ ۾ مريدياڻي يا طالبہ بڻائڻ جي ڪوشش ڪنديون رهو، مريد يا طالب بڻجي وڃن تہ انهن ڪي مجلس مڪتوبات وتعويذات عطاريہ ڪان مڪتوب جي ترڪيب ۽ شجره قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ حاصل ڪرڻ ۽ روزانو پڙهڻ جي ترغيب بہ ڏياريو ❖ مدني انعام نمبر 21: ڇا توهان مرڪزي مجلس شوريٰ، ڪابينات، مشاورت، ۽ ٻيون تمام مجلسون جَن جَن جون توهان ماتحت آهيو .انهن جي (شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري) اطاعت ڪئي؟ ❖ مدني انعام نمبر 24: ڪنهن ذميداره (يا عام اسلامي ڀيڻ )ڪان برائي صادر ٿي وڃڻ جي صورت ۾ تحريري طور تي يا براہِ راست ملي ڪري (ٻنهي صورتن ۾ نرمي سان) سمجهائڻ جي ڪوشش فرمائي يا معاذ الله عزّوجلّ بنا اجازتِ شرعي ڪنهن ٻي اسلامي ڀيڻ سان ان جو اظهار ڪري غيبت جو گناہِ ڪبيره ڪري وينيون؟

## (26) پچا ڳاڇا ڪندي رهڻ

فرمانِ اميرِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پچا ڳاڇا ڪندي رهڻ مدني ڪمن جي جان آهي. (مدنی کاموں کے تقاضے ص9)

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح) ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ ۾ موجود مدني ڪم پاڻ وٽ ڊائري ۾ بطور يادگيري جي لاءِ تحرير فرمائي ونو يا هائي لائٽ ڪري ڇڏيو ته جيئن وقت تي هر مدني ڳل تي عمل ٿي سگهي. ❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح) پنهنجي ماتحت ذميدارائن سان ماهوار مدني مشوري ۾ به پچا ڳاڇا ڪن ته انهن مدني ڳلن تي ڪيستائين عمل ٿيو؟ ❖ ڪمزوري هئڻ جي صورت ۾ متعلقه ذميدارائن جي تفهيم ۽ آئنده بهتري جي لاءِ لائحه عمل تيار ڪريو. ❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح) ڪتاب ”تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو“ محفوظ فرمائن. ❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (علائقي کان عالمي سطح) پنهنجي ماتحت ذميدارائن جي عملي جدول ۽ پريل ڪارڪردگي فارم Display file ۾ ترتيب سان رکي ڪري محفوظ فرمائي ڇڏيو. ❖ جيڪڏهن ڪو مسئلو درپيش هجي يا ڪو مدني مشورو هجي ته تنظيمي طريقي ڪار جي مطابق پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ تائين پهچايو. ❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ (ڪابينه سطح) شرعي سفر ۾ هجڻ جي صورت ۾ بحالت مجبوري ٽيليفونڪ مشوري جي ذريعي به مدني ڳل سمجهائي سگهي ٿي. ❖ پنهنجي ملڪ جي حالات ۽ نوعيت جي پيش نظر پنهنجي ملڪي ڪابينه جي نگران يا مجلس معاونت براءِ اسلامي ڀينرون ذميداره

(ڪابينہ سطح) ۾ متعلق ملڪ جي ذميدار اسلامي ڀيڻ جي اجازت سان انهن مدني گلن ۾ ضرورت مطابق ترميم ڪري سگهجي ٿي.

# عيادت جو بيان

## درود شريف جي فضيلت

حضورِاڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نوراني ارشاد آهي: توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درود پاڪ پڙهي سينگاريو ڇو تہ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو. (جامع صغير للسيوطي، ص280،حديث 4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بُخار کي بُرو نہ چئو

حضرتِ سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ مديني جا تاجدار، محبوب پروردگار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدتُنا اُمّ السَّائب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا وٽ تشريف وٺي ويا. فرمايائون: توکي ڇا ٿيو آهي جو ڏکي رهي آهين؟ عرض ڪيائون: بُخار آهي، خدا هن ۾ برڪت نہ ڪري، ان تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "بُخار کي بُرو نہ چئو جو اهو انسان جي خطائن کي ايئن ختم ڪري ڇڏيندو آهي جيئن بٺي لوهہ جي مير (ڪَٽُ) کي". (مسلم،ڪتاب البر،...الخباب ثواب المومن....الخ 1392،حديث 2575)

## خوشخبري ڏيڻ وارو

حضرتِ سيدنا اُمِّ عَلاء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جيڪي حضرتِ سيّدنا حڪيم بن حزام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڦڦي ۾ مالڪِ ڪائنات صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بيعت ڪرڻ وارين عورتن مان آهن، فرمائن ٿيون تہ جڏهن آئون

بيمار ٿيس تہ اللہ تعاليٰ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي عيادت فرمائي ۽ مون کي ارشاد فرمايائون: اي امّ علاء! خوشخبري ٻڌي وٺ تہ مسلمان جي بيماري ان جي گناهن کي ايئن پري ڪري ڇڏيندي آهي جيئن باھ لوھ ۽ چانديءَ جي مير کي پري ڪري ڇڏيندي آهي."[1] (ابو داود،ڪتاب الجنائز،باب عيادة النساءِ ،3/246،حديث3092)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيماري رحمت ۽ مغفرت جو باعث آهي تنهنڪري جيڪڏهن بيمار ٿي پئو تہ غمگين نہ ٿيندا ڪريو بلڪ اللہ عَزَّوَجَلَّ جو شڪرادا ڪريو ۽ صبر ڪري وڏيڪ ثواب جا حقدار بڻجو ۽ جڏهن ڪو بيمار ٿي وڃي تہ ان جي تسلي ۽ دلجوئي جي لاءِ عيادت بہ ڪريو جو عيادت ڪرڻ اسان جي آقا ۽ مولا مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت مبارڪ آهي ۽ ان ۾ وڏو ثواب بہ آهي امير اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "نهر جون صدائون" مان عيادت جا ڪجھ مدني گل چوندي ڪري انهن کي پنهنجي دل جي گل دستي ۾ سجايو پر ان کان پهريان ڪجھ سنيو سنيون نيتون ڪري وٺو!

## عيادت جون نيّتون

❖ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي عيادت ڪندس. ❖ سنت مطابق مريض جي پيشاني تي هٿ رکي هي دعا پڙهندس: لَابَاسَ طُهُوْرٌ ان شآءالله عَزَّوَجَلَّ ❖ بيماري جا فضائل ٻڌائي ڪري ان کي تسلي ڏيندس. ❖ صبر جا فضائل ٻڌائي ڪري صبر جي تلقين ڪندس. ❖ شڪوه جي صورت ۾ ممڪن ٿيو تہ سمجهائي ڪري شڪر جي ترغيب ڏياريندس. ❖ ان کي دعا جو

[1] وڌيڪ بيماري جا فضائل، آداب ۽ علاج ڄاڻڻ جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو "بيمار عابد" جو مطالعو فرمايو.

چوندس. ❖ علاج ۽ مرض وغيره جي غير ضروري پڇاڳاڇا نہ ڪندس. ❖ حسب حال تعويذاتِ عطاريہ جي برڪتون ٻڌائي ڪري روحاني علاج جو مشورو ڏيندس.❖ تحفي طور ميون وغيره سان گڏوگڏ مڪتبة المدينہ جا رسالا پيش ڪري (ممڪن صورت ۾) انهن کي پڙهڻ ۽ عيادت ڪرڻ جي لاءِ اچڻ وارن کي پڙهائڻ جي ترغيب ڏياريندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”عيادت ڪرڻ رسولِ محترم جي مبارڪ سنت آهي“

## جي ايڪٽيهہ اکرن جي نسبت سان عيادت جا 31 مدني گل!

❖ **8 فرمانِ مصطفي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ عُوْدُوا الْمَرِيْضَ يعني مريض جي عيادت ڪريو. (الادب المفرد ص 137 حديث 518) ﴿2﴾ جيڪو شخص ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ ويندو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان شخص تي پنجهتر هزار (75،000) فرشتن جي ڇانوَ ڪندو آهي ۽ ان جي هر قدم کڻڻ تي ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو آهي ۽ هر قدم رکڻ تي ان جو هڪ گناهہ مٽائيندو آهي ۽ هڪ درجو بُلند فرمائيندو آهي ايستائين جو هو پنهنجي جڳهہ تي ويهي وڃي، جڏهن هو ويهي ويندو آهي تہ رحمت ان کي گهيري وٺندي آهي ۽ پنهنجي گهر واپس موٽڻ تائين رحمت ان کي گهيري رهندي. (مُعجم اَوسَط ج 3، ص 222، حديث 4396) ﴿3﴾ جيڪو شخص ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ ويندو آهي تہ آسمان کان هڪ مُنادي نِدا ڪندو آهي: توکي بِشارت (يعني خوشخبري) هجي تنهنجو هلڻ بهتر آهي ۽ تو جنّت جي هڪ منزل کي پنهنجو نڪاڻو ٺاهي ورتو. (ابن ماجہ ج 2، ص 192، حديث 1443) ﴿4﴾ جيڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي عيادت جي لاءِ صبح جو وڃي تہ شام تائين ان جي لاءِ

ستَّر هزار ملائڪ اِستِغفار (يعني بخشش جي دُعا) ڪندا آهن ۽ شام جو وڃي تہ صبح تائين ستَّر هزار ملائڪ اِستِغفار ڪندا رهندا آهن ۽ ان جي لاءِ جنَّت ۾ هڪ باغ هوندو. (ترمِذي ج 2، ص 290، حديث 971) ﴿5﴾ جنهن بہ سُني طريقي سان وُضُو ڪيو پوءِ ثواب جي نيّت سان پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪئي تہ ان کي جهنّم کان 70 سالن جي فاصلي تائين پري ڪيو ويندو. (ابو داؤد ج 3، ص 248، حديث 3097) ﴿6﴾ جڏهن تون مريض ڏي وڃين تہ ان کي چئو تہ تنهنجي لاءِ دعا ڪري ڇو تہ ان جي دُعا فِرشتن جي دُعا وانگر آهي. (ابن ماجہ ج 2، ص 191، حديث 1441) ﴿7﴾ مريض جيستائين تندرست نہ ٿي وڃي اُن جي ڪا بہ دُعا رد ناهي ٿيندي. (الترغيب والترهيب ج 4، ص 166، حديث 19) ﴿8﴾ جڏهن ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي عيادت جي لاءِ وڃي تہ 7 ڀيرا هي دُعا پڙهي: اَسْأَلُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ اَنْ يَّشْفِيَكَ (مان عظمت واري، عرشِ عظيم جي مالڪ الله کان تنهنجي لاءِ شفا جو سوال ڪريان ٿو) جيڪڏهن موت نہ آيو تہ هن کي شفا ملي ويندي. (ابوداؤد ج 3، ص 251، حديث 3106) ❖ بيمار جي عِيادت ڪرڻ سنّت آهي جيڪڏهن معلوم آهي تہ عِيادت ڪرڻ ان بيمار شخص کي ننڍو وڏي تہ اهڙي حالت ۾ عِيادت جي لاءِ نہ وڃي. (بهار شريعت ج 3، ص 505)

❖ جيڪڏهن مريض سان اوهان جي دل ۾ رنجش آهي يا طبعيت کي ان جي عيادت ڪرڻ ننڍو وڏي پوءِ بہ عيادت ڪيو.

❖ سنّت تي پيروي جي نيّت سان عيادت ڪيو جيڪڏهن صرف ان جي لاءِ بيمار جي عيادت ڪئي تہ جڏهن مان بيمار ٿيندس تہ اهو بہ منهنجي عيادت لاءِ اچي تہ ثواب نہ ملندو.

❖ ڪنهن جي عيادت جي لاءِ وڃو ۽ مرض جي سختي ڏسو تہ ان سان ڊيڄارڻ واريون ڳالهيون نہ ڪيو مثلاً اوهان جي حالت خراب

آهي ۽ نہ ئي اهڙي انداز تي متو لوڏيو جنهن سان حالت جو خراب هجڻ سمجهو ويندو آهي.

❖ عيادت جي موقعي تي مريض يا ڏکايل ماڻهو جي سامهون پنهنجي منهن تي رنج ۽ غم جي ڪيفيت واضح ڪيو.

❖ ڳالهہ ٻول جو انداز هر گز اهڙو نہ هجي جو مريض يا ان جي مائٽ کي وسوسو اچي تہ هي اسان جي پريشاني تي خوش ٿي رهيو آهي.

❖ مريض جي گهر وارن سان بہ همدردي جو اظهار ڪيو ۽ جيڪا خدمت يا مدد ڪري سگهندا هجو ڪيو.

❖ مريض وٽ وڃي ان جي طبعيت پڇو ۽ ان جي لاءِ صحت ۽ عافيت جي دعا ڪيو

❖ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادت ڪريما هي هئي تہ جڏهن ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا تہ هِي فرمائيندا هئا لَابَاسَ طُهُورٌ اِنْ شَآءَاللّٰه تعالٰى (ڪا نقصان جي ڳالهہ ناهي الله پاڪ چاهيو تہ هي مرض (گناهن کان) پاڪ ڪرڻ وارو آهي) (بخاري، ڪتاب المناقب، باب علامات النبوة في الاسلام، 2/505، حديث 3616)

❖ مريض کان پنهنجي لاءِ دعا ڪرايو جو مريض جي دعا ردّ ناهي ٿيندي.

❖ فرمان مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مريض جي پوري عيادت هي آهي تہ ان جي پيشاني تي هٿ رکي ڪري پڇي تہ طبيعت ڪيئن آهي؟

مفسر شهير حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني جڏهن ڪو ماڻهو

ڪنهن مريض جي عيادت ڪرڻ وڃي ته پنهنجو هٿ ان جي پيشاني تي رکي پوءِ زبان سان هي (يعني اوهان جي طبيعت ڪيئن آهي) چوي، ان سان بيمار کي تسلي ٿيندي آهي، پر گهڻي دير تائين هٿ نه رکيل رهي، اهو هٿ رکڻ اظهار محبت جي لاءِ آهي. (مراة المناجيح، ج. 6، ص. 358)

❖ مريض جي سامهون اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن جيڪي ان جي دل کي سنيون لڳن، بيماريءَ جا فضائل ۽ الله پاڪ جي رحمت جا تذڪرا ڪيو ته جيئن ان جو ذهن آخرت جي ثواب جي طرف مائل ٿئي ۽ اهو شڪوه ۽ شڪايت جا الفاظ زبان تي نه آڻي.

❖ عيادت ڪندي موقعي جي مناسبت سان مريض کي نيڪي جي دعوت به پيش ڪيو خاص طور نماز جي پابندي جو ذهن ڏيو جو بيماريءَ ۾ ڪيترائي نمازي به نمازن کان غافل ٿي ويندا آهن

❖ مريض کي مدني چينل ڏسڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ ان جي برڪتن کان آگاهه ڪيو

❖ مريض کي مدني قافلن ۾ سفر جي ۽ پاڻ سفر جي قابل نه هجي ته پنهنجي طرفان گهر جي ڪنهن فرد کي سفر ڪرائڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ مدني قافلن جون اهي مدني بهارون ٻڌايو جنهن ۾ دعائن جي برڪتن سان مريض کي شفائون مليون آهن.

❖ مريض وٽ گهڻي دير نه ويهو ۽ نه گوڙ ڪيو ها جيڪڏهن مريض پاڻ ئي دير تائين ويهاري رکڻ جو خواهشمند هجي ته ممڪن صورت ۾ اوهان ان جي جذبات جو احترام ڪيو

❖ ڪجهه ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته مريض يا ان جي ڪنهن ماڻهو سان ملندا آهن ته ڪجهه نه ڪجهه علاج ٻڌائيدا آهن ۽ ڪجهه

تہ مريض سان اصرار ڪندا آھن تہ مان علاج ٻڌايان ٿو ان تي عمل ڪيو، فلان دوا وٺو، نيڪ ٿي ويندؤ. مريض کي گھرجي تہ ھر ڪنھن جو ٻڌايل علاج نہ ڪري، جو ”نيم حڪيم خطرہ جان“ ڪنھن جو ٻڌايل علاج ڪرڻ کان پھريان پنھجي طبيب کان مشورو ڪري وٺي. خبردار! جيڪي طبيب نہ ھئڻ جي باوجود علاج ٻڌائيندا رھندا آھن اھي ان کان مڙي وڃن

❖ مريض جي عيادت جي موقعي تي تحفا ڪڻي اچڻ سنو ڪم آھي پر نہ ڪڻي اچڻ جي صورت ۾ عيادت ئي نہ ڪرڻ ۽ دل ۾ اھو خيال ڪرڻ تہ جيڪڏھن ڪجھ نہ ڪڻي ويندس تہ اھي ڇا سوچيندا تہ خالي ھٿ عيادت جي لاءِ اچي ويو، خالي ھٿ بہ عيادت ڪري ئي وٺجي نہ ڪرڻ ثواب کان محرومي جو باعث آھي

❖ اوھان عيادت جي لاءِ ويندي جيڪڏھن ميوا ۽ بسڪيٽ وغيرہ تحفا ڪڻي وڃو تہ مشورو آھي تہ مڪتبۃالمدينہ جا شايع ٿيل ڪجھ مدني رسالا ڪڻي وڃي مريض کي پيش ڪيو تہ جيئن اھي ملاقات ڪرڻ وارن کي (۽ جيڪڏھن اسپتال ۾ ھجي تہ) پاڙي وارن مريضن ۽ انھن جي عزيزن کي تحفي طور ڏئي سگھن بلڪ خوش نصيبي! مريض پاڻ بہ ڪجھ مدني رسالا پيسن تي گھرائي ڪري ان غرض سان پاڻ وٽ رکي ڪري ثواب ڪمائي.

❖ فاسق جي عيادت بہ جائز آھي ڇو تہ عيادت حقوق اسلام مان آھي ۽ فاسق بہ مسلمان آھي

❖ مرتد ۽ ڪافر حربي جي عيادت جائز ناھي (ھن وقت دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آھن)

❖ بد مذهب (غير مرتد) جي بہ عيادت ڪرڻ بہ منع ۽ شرعًا ان جي اجازت نہ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! عيادت جي آدابن ۽ فضيلتن تي مشتمل مدني گل اوهان ملاحظہ فرمايا ان ڪري گهٽي ڪان گهٽو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ جڏهن جڏهن موقعو ملي انهن مدني گلن کي ذهن ۾ رکندي مريض جي عيادت ڪيو خصوصًا صحت ۽ عافيت جي دعا وارن مدني گلن تي ضرور عمل ڪيو ڇوجو ڪهڙي خبر قبوليت جو وقت هجي، اوهان جي دعا قبول ٿي وڃي ۽ ڏکن جو ماريل مريض شفاياب ٿي وڃي. ان ضمن ۾ محبوب عطار مرحوم رکن شوري حاجي زمزم عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو واقعو پڙهو. جيئن تہ

## بغير آپريشن جي شفا ملي وئي

وڪيلن ۾ جڄن ۾ دعوت اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ناهي ويل مجلسِ وُڪَلاء، فاروق نگر (لاڙڪاڻو باب الاسلام سنڌ) جي رکن اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هيئن آهي منهنجو ڏيڍ سال جو پٽ 13 مئي 2012 گرمي جي شدت سان سخت بيمار ٿي پيو ان جي ڦڦڙن ۾ پاڻي پرجي ويو هو جنهن جي وجهہ سان اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو جتي اهو 14 ڏينهن زير علاج رهيو پر حالت اجان خراب ٿي وئي. بهرحال 27 مئي 2012 تي اسان ان کي باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ سني اسپتال ۾ وني وياسين جتي هو اجان 15 ڏينهن زيرعلاج رهيو. آخرڪار ڊاڪٽرن چيو تہ ٻار جي ڦڦڙن جو وڏو آپريشن ٿيندو اهو ٻڌي ڪري اسان ڏاڍو پريشان ٿياسين پر انهن ئي ڏينهن ۾ محبوب عطّار حاجي زمزم رضا عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه منهنجي پٽ جي

عيادت جي لاءِ اسپتال تشريف ڪٽي آيا. دعا ڪرڻ ڪان پوءِ منهنجي پٽ کي دم ڪيائين ۽ مونکي تسلي ڏيندي چيائين همٿ رکو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دوائن مان ئي فائدو ٿي ويندو. آپريشن نہ ڪرڻو پوندو، بئي ڏينهن آپريشن ڪان پهريان جيڪي ٽيسٽ ڪرايا تہ ڊاڪٽر ان جي رپوٽ ڏسي ڪري حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ هاڻي آپريشن جي ضرورت ناهي بار دوائن سان ئي ٺيڪ ٿي ويندو. ايئن اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجو پٽ دوائن ۽ حاجي زمزم عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دعائن جي برڪت سان صحت ياب ٿي ويو. (محبوبِ عطار جون 122 حڪايتون، صفحو 80)

## نزع (سڪرات) جو بيان

نزع جو لغوي معني آهي ڇڪڻ ۽ ان مان مراد روح جو جسم مان نڪرڻ آهي انهيءَ کي ساهہ نڪرڻ ۽ موت اچڻ بہ چوندا آهن. جيڪو بہ هن دنيا ۾ پيدا ٿيو ان کي هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور مرڻو پوندو اهڙي طرح اسان کي بہ مرڻو ۽ ان ڪان پوءِ جي مرحلن مان گذرڻو پوندو، ياد رکو! گذرڻ وارو هڪ هڪ لمحو اسان کي موت جي ويجهو ڪري رهيو آهي ۽ اسان پنهنجي موت کي وساري خبر ناهي ڪهڙي سياڻي جو انتظار ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ توبہ ۽ نيڪ عمل ڪنداسين. حضرت سيدنا منصور بن عمّار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغَفّار هڪ نوجوان کي نصيحت ڪندي فرمايو: اي نوجوان! توکي تنهنجي جواني ڌوکي ۾ نہ وجهي ڪيترا ئي نوجوان اهڙا هئا جن توبہ ۾ دير ڪئي ۽ وڏيون وڏيون اميدون رکي ڪري موت کي وساري ڪري ڇڏيو چوندا رهيا تہ سياڻي توبہ ڪري وٺنداسين پرهين توبہ ڪري وٺنداسين ايتري قدر جو انهيءَ غفلت جي حالت ۾ انهن کي موت اچي ويو ۽ اهي انڌيري قبر ۾ وڃي پيا.

(مڪاشفة القلوب، باب في العشق، ص34)

## موت جي ياد

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: لذتن کي مِٽائڻ واري (يعني موت) کي ڪثرت سان ياد ڪيو. (ترمذي ڪتاب الزهد، باب ماجاء في ذکر الموت، 138/4، حديث 2314)

هڪ حديث ۾ آهي: جيڪو ڏينهن رات ۾ ويهه 20 ڀيرا موت کي ياد ڪندو هجي ان کي شهيدن سان گڏ اٿاريو ويندو. (شرح الصدور، ص20 والتذڪرة للقرطبي، باب ذکر الموت و فضله، ص12)

## عقل مند مومن

حضرت سيّدنا ابن عمر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته هڪ انصاري شخصَ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان عقلمند ڪير آهي ته ارشاد فرمايائون: جيڪو موت کي گهڻو ياد ڪندو هجي ۽ ان کان پوءِ جي لاءِ سٺي تياري ڪندو هجي. (ابن ماجه، ڪتاب الزهد، باب ذکر الموت والاستعداد له، 496/4، حديث 4259 ماخوذاً)

ان ڪري اسان کي ٻه گهرجي ته موت ۽ آخرت جي تياري جو ذهن ٺاهيون، پنهنجي گناهن کان سچي پڪي توبه ڪيون ۽ اهو عزم ڪيون ته آئنده سنّتن تي عمل ڪندي زندگي گذاريندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## مومن ۽ ڪافر جي موت

حضرت زيد بن اسلم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن مومن تي اهڙا گناه رهجي ويندا آهن جنهن جي بدلي ۾ نيڪ عمل ناهن هوندا ته ان تي موت جون سختيون مسلط ڪيون وينديون آهن ته جيئن اهي سختيون انهن گناهن جو بدلو ٿي وڃن ۽ مومن جون تڪليفون جنّت ۾ ان جا درجا بلند ٿيڻ جو سبب آهن جڏهن ته ڪافر دنيا ۾ ڪو سٺو ڪم ڪري ته ان تي موت آسان ڪئي ويندي آهي ته جيئن ان کي ان جي ڪم جو بدلو دنيا ئي ۾ پورو پورو ملي وڃي پوءِ

يقينًا ان ڪي دوزخ جي طرف وجھو آهي. (شرح الصدور، ص 29 و معجم ڪبير للطبراني، 79/10، حديث 10015)

## نزع (سڪرات) جون سختيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نزع جي سختين جو ذڪر ڪندي حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه شرح الصدور ۾ فرمائن ٿا: موت دنيا ۽ آخرت جي هولناڪين ۾ سڀ کان وڌيڪ هولناڪ آهي، هي آرن سان چيرڻ، قينچين سان ڪٽڻ ۽ ديڳڙين ۾ اوٻارڻ کان بہ وڌيڪ سخت آهي. جيڪڏهن مئل زنده ٿي ڪري موت جون تڪليفون ماڻهن تي ظاهر ڪري تہ انهن جون ننڊون ڦٽي وڃن ۽ سڄو عيش ۽ آرام ختم ٿي وڃي. (شرح الصدور، ص. 33، موسوعة ابن ابي دنيا، ج. 5، ص. 446، حديث 170)

## ڪنڊن واري ٽاري

حضرت عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کي فرمايو: اسان کي موت جي شدت جي باري ۾ ٻڌايو، حضرت ڪعب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ چيو: اميرالمومنين! موت اهڙي ٽاري وانگر آهي جنهن ۾ تمام گهڻا ڪنڊا هجن ۽ اها انسان جي جسم ۾ داخل ٿي وئي هجي ۽ ان جي هڪ هڪ ڪنڊي هر رڳ ۾ جڳھ پڪڙي ورتي هجي پوءِ ان(ٽاري) کي هڪ ماڻهو وڏي زور سان ڇڪي، تہ ڪجھ ٻاهر اچي وڃن ۽ باقي اندر رهجي وڃن. (مڪاشفة القلوب، ص. 168، مصنف ابن ابي شيبه، ج. 8، ص. 312، حديث 122)

## شيطان جو حملو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نزع جو معاملو واقعي نازڪ آهي هڪ طرف موت جون سختيون تہ ٻي طرف ايمان کسڻ لاءِ شيطان جا ڀرپور حملا، ڇو تہ موت جي وقت شيطان طرح طرح جا طريقا استعمال ڪندو آهي تہ جيئن ڪنهن طريقي سان مرڻ واري جو

ايمان برباد ٿي وڃي. امام ابنُ الْحاج مڪي قُدِّسَ سِرُّہٗ ”مَدْخَل“ ۾ لکن ٿا ته نزع جي وقت ۾ شيطان انسان جي ڀرسان اچي ويندا آهن. هڪ ان جي پيءُ جي شڪل ۾ ۽ ٻيو ماءُ جي. هڪ چوندو آهي فلان شخص يهودي ٿي مئو تون به يهودي ٿي وڃ جو يهودي اتي وڏي آرام ۾ آهن. ٻيو چوندو آهي اهو شخص نصراني ٿي دنيا مان ويو تون به نصراني ٿي وڃ جو نصراني اُتي وڏي آرام سان آهن.

(المدخل لا بن الحاج، ج. 3، ص. 181)

منا منا اسلامي ڀائرو! جنهن تي الله عَزَّوَجَلَّ جو خاص ڪرم ۽ احسان هوندو انهيءَ جو ايمان سلامت رهندو اسان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ التجا ڪيون ٿا ته اسان کي پياري مصطفي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۽ طفيل نزع جي وقت اسان جو ايمان سلامت رکي، اسان جو خاتمو بالخير ڪري، نزع جي وقت شيطان اسان جي پرسان نه اچي بلڪ منا منا مصطفي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمائن ۽ سندن جلون ۾ اسان کي موت اچي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یا الٰہی بھول جاؤں نزع کی تکلیف کو　　شادیِ دیدار حسنِ مصطفٰی کا ساتھ ہو

هاڻي ڪجهه مدني گل پيش ڪيا وڃن ٿا ته جڏهن ڪنهن تي نزع جو وقت اچي ته الله پاڪ جي رضا، ثواب حاصل ڪرڻ، مسلمانن جي خدمت ۽ ٻين سٺين سٺين نيّتن سان انهن مدني گلن تي عمل ڪري قريب المرگ (ڪجهه گهڙين جي مهمان) جي خيرخواهي ڪيو.

## قريبُ المَرگ جي پرسان وارن جي لاءِ مدني گل

جڏهن موت جو وقت ويجهو اچي ۽ نشانيون ڏنيون وڃن ته سنّت هي آهي ته

❖ مرڻ واري کي ساڄي پاسي ليٽائي ڪري قبلي ڏانهن منهن ڪري ڇڏيو يا

❖ هي بہ جائز آهي تہ سڌو سمهاري ۽ قبلي جي طرف پير ڪري ڇڏيو جو ان صورت ۾ بہ قبلي ڏانهن منهن ٿي ويندو پر هن صورت ۾ مَٿي کي ٿورو مٿي ڪيو.

❖ جيڪڏهن قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ مشڪل هجي جو ان کي تڪليف ٿيندي هجي تہ جنهن حالت تي آهي ڇڏي ڏيوس.

(در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 91)

## مومن جي موت جون نشانيون

حضرت سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا مون رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: مرڻ وارن ۾ ٽي نشانيون ڏسو جيڪڏهن ان جي پيشاني تي پگهر اچي اکين ۾ ڳوڙها اچن ۽ ناسون ڦهيلجي وڃن تہ اها الله پاڪ جي رحمت آهي.

(نوادر الاصول للحكيم الترمذي، ج. 1، ص. 272)

## مرڻ واري کي ڪلمہ طيبہ جي تلقين ڪرڻ سنّت آهي

جيڪو قَرِيبُ الْمَرگ (مرڻ جي ويجهو) هجي ان کي ڪلمہ طيبہ جي تلقين ڪرڻ سنّت آهي. جيئن تہ حضرت سيّدنا ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: پنهنجي مرڻ وارن کي ڪلمہ طيبہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي تلقين ڪيو. (مسلم، ص. 821، حديث2123)

اميرالمومنين حضرت سيّدنا عمر فاروق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ارشاد فرمايو: اوهان پنهنجي قريب المرگ ماڻهن وٽ موت جي وقت موجود رهو

انهن کي ڪلمہ طيبہ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي تلقين ڪيو ۽ انهن جي سامهون ڪلمہ طيبہ جو ذڪر ڪيو ڇو تہ هي مرڻ وارا اهو ڏسي رهيا هوندا آهن جيڪو توهان ناهيو ڏسندا. (التذكرة القرطبي، ص. 35)

## تلقين جا مدني گل

❖ سڪرات جي حالت ۾ جيستائين روح نڙي ۾ نہ اچي ان کي تلقين ڪيو يعني ان جي پرسان بلند آواز سان اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ و اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پر اُن کي هن جي پڙهڻ جو حڪم نہ ڪيو. (جوهرة نيرة، ص. 130)

❖ جڏهن ان ڪلمو پڙهي ورتو تہ تلقين بند ڪري ڇڏيو، ها جيڪڏهن ڪلمي پڙهڻ کان پوءِ ان ڪا ڳالهہ ڪئي تہ وري تلقين ڪيو جو ان جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله هجي. فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي تہ جنهن جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله هجي اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو. (ابو داؤد، ج. 3، ص. 255، حديث 3116 و عالمگير، ج. 1، ص. 157)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل حديث پاڪ جي اعتبار سان جنهن جو آخري ڪلام ڪلمہ طيبہ هجي اهو جنّتي آهي ان ڪري ڪيڏا خوش نصيب ۽ قابل رشڪ آهن اهي ماڻهو جيڪي ڪلمو پاڪ پڙهندي پڙهندي هن دنيا مان فوت ٿي ويندا آهن الله پاڪ اسان کي بہ اها سعادت نصيب فرمائي جو سڪرات جي وقت اسان جي زبان تي بہ ڪلمو طيب جاري ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اچو هن تحت عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن سان مالامال هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو:

## عطار جو پيارو

دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوري جا نگران حاجي محمد مشتاق عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪجهه عرصو بيمار رهيا ۽ انهيءَ بيماري ۾ سندن انتقال ٿيو. آخري وقت ۾ جيڪي اسلامي ڀائر انهن وٽ موجود هئا انهن جو چوڻ آهي ته رات جي وقت حاجي محمد مشتاق عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طبيعت بگڙڻ ۽ حالت خراب ٿيڻ لڳي ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايو ته منهنجو رخ قبلي جي طرف ڪيوءِ سندن جي حڪم جي مطابق پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو رخ قبلي ڏانهن ڪيو ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اکيون بند ڪري درود ۽ سلام ۽ ڪلمي طيب جو ورد ڪرڻ لڳا. ڪافي دير تائين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اهڙي طرح ذڪر ۽ درود ۾ مصروف رهيا. پوءِ بلند آواز سان ڪلمو طيب لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندي پڙهندي سندس تي سڪرات جو عالم طاري ٿي ويو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ سندن روح هن فاني دنيا کان عالم بالا جي طرف پرواز ڪري وئي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.!

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(مردہ بول اٹھا، ص۔ ۱۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سڪرات جي وقت تلقين جي باري ۾ مفسر شهير حڪيم الامّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪلمو طيب سڪارڻ جو هي حڪم استحبابي آهي ۽ اهو ئي جمهور عالمن

جو مذهب آهي. خيال رهي تہ جيڪڏهن مومن موت جي وقت ڪلمو نہ پڙهي سگهي جيئن بيهوش يا شهيد وغيره تہ اهو ايمان تي ئي مئو چوتہ زندگي ۾ مومن هئو ان ڪري هاڻي بہ مومن بلڪ جيڪڏهن سڪرات جي بيهوشي ۾ ان جي منهن مان ڪفريہ ڪلمو بڌو وڃي تڏهن بہ اهو مومن ئي هوندو ان جو ڪفن دفن نماز سڀ ڪجهہ ٿيندو ڇو جو بيهوشي جي حالت جو ارتداد معتبر ناهي. (مرأة المناجيح، ج. 2، ص. 444)

❖ تلقين ڪرڻ وارو ڪو نيڪ شخص هجي، اهڙو نہ هجي جو جنهن کي ان جي مرڻ جي خوشي هجي ۽ ان جي پرسان مرڻ وقت نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن جو هجڻ تمام سٺي ڳالهہ آهي ۽ ان وقت اُتي يٰسين شريف[1] جي تلاوت ۽ خوشبو هجڻ مستحب، مثلاً لوبان يا اگربتيون ٻاريو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 157)

❖ موت جي وقت حيض ۽ نفاس واريون عورتون ان وٽ حاضر ٿي سگهن ٿيون پر جنهن جو حيض ۽ نفاس ختم ٿي ويو هجي ۽ اڃان غسل نہ ڪيو هجي، اُن کي ۽ جنبي(جنهن تي غسل فرض هجي) کي اچڻ نہ گهرجي. ۽ ڪوشش ڪري تہ گهر ۾ ڪا تصوير يا ڪتو نہ هجي، جيڪڏهن اهي شيون هجن تہ فوراً ڪڍيون وڃن جو جتي اهي هونديون آهن اتي رحمت جا ملائڪ ناهن ايندا.

❖ ان جي سڪرات جي وقت پنهنجي ۽ ان جي لاءِ دعاءِ خير ڪندا رهو، ڪوئي غلط لفظ زبان مان نہ ڪڍو جو ان وقت جيڪو ڪجهہ چيو ويندو آهي ملائڪ ان تي آمين چوندا آهن.

[1] سورة يٰسين ۽ ان جا ڪجهہ فضائل آخري صفحي تي ملاحظ فرمايو.

❖ سڪرات ۾ سختي ڏسو تہ سورة يٰسين ۽ سورة رعد پڙهو. (بهارِ شريعت، حصو 4، ج. 1، ص، 808) جو ان سان موت ۾ آساني ٿيندي آهي.

## مرشد ڪريم تلقين فرمائي

ٽنڊو آدم (باب الاسلام سنڌ) جا مبلغ دعوت اسلامي افتخار احمد عطاري مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان تمام گهٽو ماڊرن هئا، خوش نصيبيءَ سان دعوت اسلامي جو مدني ماحول ملي ويو. سنّتن جي عامل مبلغن جي صحبت ۽ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ سان نسبت جي برڪت سان نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ لڳا. مدني ماحول سان وابستگيءَ جي ٿوري ئي عرصي کان پوءِ شوال المڪرم ۾ هڪ ڏينهن نماز عشاءِ پڙهي ڪري فارغ ٿيا تہ اوچتو سيني ۾ سور محسوس ٿيس جيڪو وڌندو ئي ويو، ڊاڪٽر ڏانهن کنيو ويو، دوا مان ڪجهہ فائدو ٿيو، پر وري اوچتو بلند آواز سان ڪلمي طيب لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله جو ورد شروع ڪري ڏنو، ان جي پٽ محمد عمير عطاري هن طرح اوچتو ڪلمي طيب جو ورد شروع ڪرڻ جي وجهہ معلوم ڪئي، انهن چيو: پٽ سامهون ڏسو منهنجو پير ۽ مرشد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ ڪلمو طيب پڙهڻ جي تلقين فرمائي رهيا آهن. اهو چئي ڪري بيهر بلند آواز سان ڪلمو طيب پڙهڻ شروع ڪري ڏنو ۽ اهڙي طرح لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله جو ورد ڪندي ڪندي انهن جي روح جسم کان جدا ٿي وئي. انهن جي پٽ جو بيان آهي تہ وفات کان پهريان مغرب جي نماز کان پوءِ بابا سائين فڪر مدينہ ڪندي مدني انعامات جو ڪارڊ بہ پريو هئو.

(بے قصور کی مدد، ص۔ 19)

الله عَزَّوَجَلَّ جي ان تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بغير حساب مغفرت ٿئي! اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته خوش نصيب اسلامي ڀاءُ جي مدني بهار اوهان ملاحظ فرمائي ته انهن جي سڪرات جي وقت اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة انهن کي ڪلمي پاڪ جي تلقين ڪئي. اهي اسلامي ڀاءُ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ، مدني انعامات جي مطابق عمل ڪندي فڪر مدينه ڪرڻ ۽ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ مصروف رهڻ وارا مبلغ هئا. ان ڪري اوهان به پنهنجي دل ۾ محبت اولياء ڪرام جي روشني پيدا ڪرڻ، اولياء جو فيضان حاصل ڪرڻ ۽ دنيا ۽ آخرت بهتر بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري مدني ڪمن ۾ مشغول ٿي وڃو ۽ هن مدني مقصد مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي جي مطابق مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو. اوهان جو شوق وڌائڻ جي لاءِ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جا دعائيه ڪلما جنهن سان اميراهلسنت مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارن کي نوازيو آهي پيش ڪيا وڃن ٿا: جيئن ته امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا:

## دعاءِ عطار

الله پاڪ اوهان کي مدينه پاڪ جي سدا بهار (هميشه سرسبز) گلن وانگر ڪلندو رکي ڪڏهن به اوهان جو خوشيون ختم نه ٿين، زندگي ۽ موت، برزخ ۽ سڪرات، ۽ قيامت جي ساهه کڻندڙ گهڙين ۾ هر جڳهه تي خوشيون ۽ ڪاميابيون نصيب ٿين، الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي ۽ سڄي قبيلي جي مغفرت فرمائي، جنّت الفردوس ۾ اوهان کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ڪري.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(جنت کے طلب گاروں کے مدنی گلدستہ۔ ص۔ 33)

## روح قبض ٿيڻ کان پوءِ هنن مدني گلن تي عمل ڪيو!

❖ جڏهن روح نڪري وڃي تہ هڪ ويڪري پٽي ڄاڙي جي هيٺان کان وٺي مٿي تي ڳنڍ ٻڌي ڇڏيو جو منهن کليل نہ رهي ۽ اکيون بند ڪيون وڃن ۽ آڱريون ۽ هٿ پير سڌا ڪيا وڃن، اهي ڪم ان جي گهر وارن مان جيڪو وڌيڪ نرمي سان ڪري سگهندو هجي، پيءُ يا پٽ اهو ڪري. (جوهرة نيرة، ص. 131)

❖ اکيون بند ڪندي وقت هي دعا پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللّٰه (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)

ترجمو: الله جي نالي سان ۽ رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي دين تي.

هي دعا بہ پڙهي وڃي:

اَللّٰهُمَّ يَسِّرۡ عَلَيۡهِ اَمۡرَهٗ وَسَهِّلۡ عَلَيۡهِ مَا بَعۡدَهٗ وَاَسۡعِدۡهُ بِلِقَآئِكَ وَاجۡعَلۡ مَا خَرَجَ اِلَيۡهِ خَيۡرًا مِّمَّا خَرَجَ عَنۡهُ

(در المختار معه رد المحتار،ج. 3، ص. 97)

ترجمو: اي الله پاڪ تون ان جو معاملو ان تي آسان ڪري ڇڏ ۽ ان جي بعد واري معاملن کي بہ ان تي آسان ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي ملاقات سان تون ان کي نيڪ بخت ڪر ۽ ان جي آخرت کي ان جي دنيا کان بهتر ڪري ڇڏ.

❖ ان جي پيٽ تي لوهہ يا آلي مٽي يا ٻي ڪا وزني شيء رکي ڇڏيو جو پيٽ سُڄي نہ وڃي، پر ضرورت کان وڌيڪ وزني نہ هجي جو تڪليف جو باعث آهي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 157)

❖ ميّت جي پرسان تلاوت قرآن پاڪ جائز آهي جڏهن ته ان جو پورو جسم ڪپڙي سان ڍڪيل هجي ۽ تسبيح ۽ ٻين ذڪرن ۾ به مطلقاً ڪو حرج ناهي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 98)

**مدينه:** پاڙي وارن ۽ دوست احبابن وغيره جي اطلاع جي لاءِ ميّت جو اعلان ڪرايو (ميت جو اعلان ۽ ٻيا اعلان ڪتاب جي آخر ۾ ملاحظ فرمايو) ته جيئن نمازين جي ڪثرت ٿئي ۽ اهي ان ميّت جي لاءِ دعا ڪن ڇو جو انهن تي حق آهي ته ان جي نماز پڙهن ۽ دعا ڪن. (عالمگيري، ج. 1، ص. 157)

## غسل ميّت جو بيان

ميّت کي غسل ڏيڻ جتي فرضِ ڪفايه آهي اتي تمام گهڻين فضيلتن ۽ اجر ۽ ثواب جي حاصل ٿيڻ جو ذريعو به آهي ۽ جيڪو دل جي اخلاص سان ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ميّت کي غسل ڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت سان گناهن جي بخشش جو حقدار بڻجي ويندو آهي. جيئن ته

## ميّت کي وهنجارڻ جي فضيلت

حضرت سيّدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي ته حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪنهن ميّت کي غسل ڏنو اهو پنهنجي گناهن کان ايئن پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو جيئن ان ڏينهن هئو جنهن ڏينهن ان جي ماءُ ان کي ڄڻيو هو. (معجم اوسط للطبراني، ج. 6، ص. 429، حديث 9292)

## چاليهه وڏن گناهن جي بخشش جو نسخو

حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ڪنهن ميّت کي غسل ڏنو ۽ ان جي عيبن کي لڪايو ته الله عَزَّوَجَلَّ اهڙي شخص جا چاليهه ڪبيره گناهه بخشي ڇڏيندو آهي. (معجم ڪبير للطبراني، ج. 1، ص. 315، حديث 929)

هاڻي غسل ميت جو طريقو بيان ڪيو ويندو پر پهريان ڪجهه نيتون ڪري وٺو.

## غسل ميّت جون نيّتون

❖ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ ميّت کي غسل ڏيندس ❖ فرض ڪفايہ ادا ڪندس. ❖ جيترو ٿي سگهيو باوضو رهندس. ❖ ضرورتًا غسل کان پهريان مدد ڪندڙن کي غسل جو طريقو ۽ سنّتون ٻڌائيندس. ❖ ميّت جي اوگهڙ ڍڪڻ جو خصوصي خيال رکندس. ❖ عضوا ڌوئڻ وقت نرمي ۽ آهستہ سان حرڪت ڏيندس. ❖ پاڻي جي اسراف کان بچندس. ❖ مردي جي لاچاري ڏسي ڪري عبرت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. ❖ مسئلو پيش آيو تہ دارالافتاء اهلسنّت کان شرعي رهنمائي حاصل ڪندس. ❖ الله نہ ڪري جيڪڏهن ميت جو منهن ڪارو ٿي ويو يا ڪو ٻيو عيب نظر آيو تہ شريعت جي حڪم مطابق ان کي لڪائيندس ۽ مددگارن کي بہ لڪائڻ جي ترغيب ڏيندس. ❖ سٺي علامت ظاهر ٿي مثلاً خوشبو اچڻ، منهن تي مسڪراهٽ ظاهر ٿيڻ وغيره تہ ٻين کي بہ ٻڌائيندس.

## ميت کي غسل ڏيڻ جو طريقو

اگربتيون يا لوبان (هڪ قسم جي خوشبو) ٻاري ٿي، پنج يا ست ڀيرا غسل جي تختي کي ڌوٽي ڏيو يعني ايترا ڀيرا تختي جي چوڌاري ڦيرايو، تختي تي ميّت کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن قبر ۾ ليٽائيندا آهن، ڌُن کان وٺي گوڏن سميت ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو. (اڄڪلھ غسل جي دوران اڇو ڪپڙو وجهندا آهن ۽ ان تي پاڻي لڳڻ سان ميت جي اوگهڙ ظاهر ٿيندي آهي تنهنڪري ناسي يا گهاٽي رنگ جو ايترو ٿلهو ڪپڙو هجي جو پاڻي پوڻ سان اوگهڙ ظاهر نہ ٿئي، ڪپڙي کي ٻيڻو ڪري وجهو تہ اجا بهتر) پردي جي پوري احتياط ۽ نرميءَ سان

ميت جو لباس لاهيو. هاڻي وهنجارڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي پهريان ٻنهي طرفن کان طهارت ڪرائي (يعني پاڻي سان ڌوئي) پوءِ نماز وانگر وضو ڪرايو يعني ٽي ڀيرا منهن پوءِ ٺونٺين سميت ٻئي ٻانهون ٽي ٽي ڀيرا ڌوئاريو، پوءِ مٿي جو مسح ڪرايو، پوءِ ٽي ڀيرا ٻئي پير ڌوئاريو. ميّت جي وضو ۾ پهريان ڪرائين تائين هٿ ڌوئڻ، ڳرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ نه آهي، البت ڪپڙي يا ڪپهه کي پسائي ڪري ڏندن، ڏندن جي مهارن، چپن ۽ ناسن تي ڦيرائي ڇڏيو، پوءِ مٿي يا ڏاڙهي جا وار هجن ته ڌوئو، صابڻ يا شيمپو استعمال ڪري سگهو ٿا. هاڻي کابي پاسي ليٽائي ٻير جي پنن ۾ جوش ڏنل پاڻي (جيڪو معمولي گرم هجي) ۽ اهو نه هجي ته خالص پاڻي جيڪو ٿورو گرم هجي مٿي کان پيرن تائين وهايو جو تختي تائين پهچي وڃي، پوءِ ساڄي پاسي ليٽائي اهڙي ئي طرح پاڻي وهايو، پوءِ ٽيڪ لڳائي ويهاريو ۽ نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪجهه نڪري ته ڌوئي ڇڏيو، ٻيهر وضو ۽ غسل جي ضرورت ناهي پوءِ آخر ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهايو، پوءِ ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان آهستي آهستي جسم کي اگهو، هڪ ڀيرو سڄي جسم تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ٽي ڀيرا سنّت آهي . غسل ميّت ۾ گهڻو پاڻي نه وهايو آخرت ۾ هڪ هڪ ڦڙي جو حساب آهي، اهو ياد رکو (پاڻيءَ جي اسراف جي باري ۾ اهم معلومات جي لاءِ اميرِ اهلِسنت جو رسالو ”وضو جو طريقو“ ملاحظه فرمايو) (مدني وصيت نامه، ص۔ 12)

## اسلامي ڀيڻ جي غسلِ ميّت جو طريقو

غسل ۽ ڪفن جي لاءِ هنن شين جو انتظام ڪري ونو.

❖ غسل جو تختو. ❖ اگربتي ❖ ماچس ❖ 2 ٿلهيون چادرون (ناسي هجن تہ بهتر آهي) ❖ ڪپهہ ❖ وڏي رومال وانگر ڪپڙي جا ٻہ پيس(استنجاء وغيره جي لاءِ) ❖ ٻہ ٻالٽيون ❖ ٻہ ڪُپا ❖ صابڻ ❖ ٻير جي وڻ جا پن ❖ ٻہ ٽوال ❖ ڪفن جو اڻ سبيل ويڪرو ڪپڙو ❖ قينچي ❖ سوئي ڌاڳو ❖ ڪافور❖خوشبو

اگر بتيون يا لوبان (هڪ قسم جي خوشبو) ٻاري ٽي، پنج يا ست ڀيرا غسل جي تختي کي دونهي ڏيو يعني ايترا ڀيرا تختي جي چوڌاري ڦيرايو، تختي تي ميّت کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن قبر ۾ ليٽائيندا آهن، دُن کان وٺي گوڏن سميت ڪپڙي سان جسم کي ڍڪي ڇڏيو (اڄڪلهہ غسل جي دوران اڇو ڪپڙو وجهندا آهن پاڻي لڳڻ سان ميت جي اوگهڙ ڏيندي آهي تنهنڪري ناسي يا گهاٽي رنگ جو ايترو ٿلهو ڪپڙو هجي جو پاڻي پوڻ سان اوگهڙ ظاهر نہ ٿئي، ڪپڙي کي ٻيڻو ڪري وجهو تہ وڌيڪ بهتر آهي) پردي جي پوري احتياط ۽ نرمي سان ميّت جا ڪپڙا لاهيو، اهڙي طرح ڪُوڪو، وَالا يا ڪو ٻيو زيور ٻہ نرمي سان لاهيو، هاڻي وهنجارڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي پهريان ٻنهي طرفن کان طهارت ڪرائي (يعني پاڻي سان ڌوئي) پوءِ نماز وانگر وضو ڪرائي يعني ٽي ڀيرا منهن پوءِ نونين سميت ٻئي ٻانهون ٽي ٽي ڀيرا ڌوئاريو پوءِ مٿي جو مسح ڪرايو، پوءِ ٽي ڀيرا ٻئي پير ڌوئاريو. ميّت جي وضو ۾ پهريان ڪَرائين تائين هٿ ڌوئڻ، ڪرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ نہ آهي، البت ڪپڙي يا ڪپهہ کي پسائي ڪري ڏندن، مهارن، چپن ۽ ناسن تي ڦيرائي ڇڏيو، پوءِ مٿو ڌوئو، صابڻ يا شيمپو يا ٻئي استعمال ڪري سگهجن ٿا (پر ان جي گهٽي استعمال سان وارن ۾ موجهارو پيدا ٿي ويندو آهي تنهنڪري ٻير جي پنن جو جوش ڏنل پاڻي ڪافي آهي) هاڻي کابي پاسي ليٽائي ٻير جي پنن ۾ جوش ڏنل پاڻي (جيڪو معمولي گرم هجي) ۽ اهو نہ هجي تہ خالص پاڻي جيڪو ٿورو گرم هجي مٿي کان پيرن تائين وهايو جو تختي تائين پهچي وڃي، پوءِ ساڄي پاسي ليٽائي ڪري

اهڙي ئي طرح پاڻي وهايو، پوءِ ٽيڪ لڳائي ويهاريو ۽ نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪجهه نڪري ته ڌوئي ڇڏيو، بيهر وضو ۽ غسل جي ضرورت ناهي پوءِ آخر ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهايو، پوءِ ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان آهستي آهستي جسم اگهو، غسل ميّت ۾ گهٽو پاڻي نه وهايو آخرت ۾ هڪ هڪ ڦڙي جو حساب آهي، اهو ياد رکو. (مدنی وصیت نامہ، ص۔ 12)

## غسل ميّت جا مدني گل

❖ ميّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن ۾ جلدي ڪجي جو حديث پاڪ ۾ ان جي تمام گهڻي تاڪيد آئي آهي. (جوهرة نيرة، ص. 131) مفسر شهير حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيترو ٿي سگهي دفنائڻ ۾ جلدي ڪئي وڃي، بغير ضرورت دير ڪرڻ سخت ناجائز آهي جو ان ۾ ميّت جي ڦوڪجڻ ۽ ڦاٽڻ ۽ ان جي بي حرمتي جو انديشو آهي. (مراة المناجيح، ج. 2، ص. 447)

❖ هڪ ڀيرو سڄي جسم تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ٽي ڀيرا سنّت جتي غسل ڏيو مستحب هي آهي ته اهڙي نموني پردو ڪري ونو جو وهنجارڻ ۽ مددگارن کان علاوه ٻيو ڪو نه ڏسي، وهنجارڻ وقت پلي اهڙي طرح سمهاريو جيئن قبر ۾ رکندا آهن يا قبلي جي طرف پير ڪري يا جيئن آسان ٿئي ڪيو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 158)

## وهنجارڻ واري جي لاءِ مدني گل

❖ وهنجارڻ وارو باطهارت هجي، جيڪڏهن جُنبي شخص (جنهن تي غسل فرض ٿي چڪو هجي) غسل ڏنو ته مڪروه آهي پر غسل ٿي ويندو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 159)

❖ جيڪڏهن بي وضو شخص وهنجاريو تہ ڪو حرج ناهي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 159)

❖ بهتر هي آهي تہ وهنجارڻ وارو ميّت جو سڀ کان ويجهو رشتيدار هجي، جيڪڏهن اهو نہ هجي يا وهنجارڻ نہ ڄاڻيندو هجي تہ ڪو ٻيو شخص جيڪو امانت دار ۽ پرهيزگار هجي اهو غسل ڏي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 159)

❖ وهنجارڻ واري جي پرسان خوشبو ٻارڻ مستحب آهي جو جيڪڏهن ميّت جي جسم مان بدبُو اچي تہ ان کي خبر نہ پوي نہ تہ گهبرائيندو، پڻ ان کي گهرجي تہ ضرورت مطابق ميّت جي عضون جي طرف نظر ڪري بغير ضرورت جي ڪنهن عضو جي طرف نہ ڏسي جو ممڪن آهي ان جي جسم ۾ ڪو عيب هجي جنهن کي هُو زندگيءَ ۾ لڪائيندو هو. (جوهرة نيرة، ص. 131)

❖ مرد کي مرد وهنجاري ۽ عورت کي عورت، ميّت ننڍو ٻار آهي تہ ان کي عورت بہ وهنجاري سگهي ٿي ۽ ننڍي ڇوڪري کي مرد بہ، ننڍي مان هي مراد آهي تہ شهوت جي حد تائين نہ پهتا هجن. (عالمگيري، ج. 1، ص. 160)

❖ غسلِ ميّت کان پوءِ غسل ڏيڻ واري کي غسل ڪرڻ مستحب آهي. (دار الافتاء اهلسنت)

## مردو جيڪڏهن پاڻي ۾ ڪري پوي

❖ مردو جيڪڏهن پاڻي ۾ ڪري پيو يا ان تي مينهن وسيو ۽ سڄي جسم تي پاڻي وهي ويو تہ غسل ٿي ويو، پر جيئرن تي جيڪو غسلِ ميّت واجب آهي هي ذمو انهن تان ان وقت لهندو جڏهن اهي ميت وهنجارين، ان ڪري جيڪڏهن مردو پاڻي ۾ ملي تہ غسل جي نيّت

سان تي پيرا پاڻي ۾ حرڪت ڏيو جو جيڪو غسل سنّت آهي اهو به ادا ٿي وڃي، ۽ هڪ پيرو حرڪت ڏني ته واجب ادا ٿي ويو پر سنّت اجان باقي آهي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 109)

## جيڪڏهن ميّت جي جسم جي ڪَل لهندي هجي

❖ جيڪڏهن ميّت جي جسم جي ڪنهن حصي جي کَل پنهنجو پاڻ لهندي هجي ته ان تي پاڻي نه وڌو وڃي ۽ ان کل کي ميّت سان گڏ دفنايو وڃي. (دارالافتاء اهلسنت)

❖ ميّت جو جسم جيڪڏهن اهڙو ٿي ويو جو هٿ لڳائڻ سان کل لهي ويندي ته هٿ نه لڳايو وڃي. صرف پاڻي وهائي ڇڏيو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 158)

## ميّت جا وارَ ۽ ننهن ڪٽڻ

❖ ميّت جي ڏاڙهي يا مٿي جي وارن ۾ ڦڻي ڏيڻ يا ننهن ڪٽڻ يا ڪنهن جڳهه جا وار لاهڻ يا ڪٽڻ  يا اُکيڙڻ ناجائز ۽ مڪروهِ تحريمي آهي بلڪ حڪم هي آهي ته جنهن حالت تي آهي اُنهيءَ حالت ۾ دفن ڪري ڇڏيو، ها جيڪڏهن ننهن پڱل هجي ته ڪٽي سگهون ٿا ۽ جيڪڏهن ننهن يا وار ڪتري ورتا ته ڪفن ۾ رکي ڇڏيو. (رد المحتار، ج. 3، ص. 104)

❖ ميّت جي جسم جو جيڪو عضو بيماري وغيره جي ڪري ڪٽيو ويو هجي انهن سيني کي دفنائڻو پوندو. (دارالافتاء اهلسنّت)

## مختلف مدني گل

❖ جيڪڏهن ميّت جي جسم جي زخم تي پٽي بڌل هجي، نه لاهيو. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ ڪينولا لڳائڻ کان پوءِ جيڪا پٽي لڳائي وئي آهي هلڪي گرم پاڻي وجهڻ سان جيستائين آرام سان لهي وڃي ته لاهيو نه ته رهڻ ڏيو. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ غسلِ ميّت کان پوءِ جيستائين رت وهڻ شروع ٿي وڃي ۽ ان جي ڪري ڪفن ناپاڪ ٿي وڃي ته نه غسل ڏنو ويندو ۽ نه ڪفن تبديل ڪيو ويندو. بلڪ اهڙي طرح جو ڪو به معاملو ٿي وڃي ته غسل ۽ ڪفن مان ڪجهه به ٻيهر نه ڪيو ويندو البته بهتر آهي ته جتان رت وهي ٿي اتي گهٽي ڪپهه رکي ڇڏيو جيئن ڪفن خراب نه ٿئي. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ وهنجارڻ کان پوءِ جيستائين نڪ ڪن منهن ۽ ٻين سوراخن ۾ ڪپهه رکي ڇڏي ته حرج ناهي پر بهتر هي آهي ته نه رکو. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 104)

❖ ميّت جي استنجاء جي جاءِ کي پٿرن سان صاف ڪرڻ ۾ حرج ناهي پر بهتر آهي ته هر ان شي جي استعمال کان بچو وڃي جنهن سان ميّت کي ٿوري به تڪليف پهچڻ جو انديشو هجي. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ بغل ۽ ٻيا عضو جتي پاڻي آساني سان ناهي پهچندو اتي ڌيان سان پاڻي وهايو وڃي.

❖ غسل جي دوران پاڻي وجهڻ وقت دعائون يا ڪلمو شريف وغيره پڙهڻ ضروري ناهي پاڻي سان پاڪي حاصل ٿي ويندي. (دارالافتاء اهلسنّت)

ڪٿ تي به غسل ڏئي سگهجي ٿو پر بهتر آهي ته ان جي لاءِ ڪا ڪٿ خاص ڪئي وڃي پوءِ تمام غسل انهيءَ ڪٿ تي ڏنا وڃن پر جيستائين ڪنهن ائين نه ڪيو ۽ استعمال واري ڪٿ تي به غسل ڏنو

تہ حرج ناهي پر بعد ۾ ان کٽ کي بہ استعمال ڪيو وڃي ائين ئي ڇڏي ڏيڻ اسراف آهي. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ ڪجهہ جڳهين تي هي رواج آهي تہ عام طور تي ميّت جي غسل جي لاءِ ڪَونرا مٽ (مٽيءَ جا نوان مَٽ ۽ ڪَونرا) آڻيندا آهن انهن جي ڪا ضرورت ناهي، گهرجي استعمال ڪندڙ لوٽن ۽ ڪَونرن سان بہ غسل ڏئي سگهوٿا. ۽ ڪجهہ ماڻهو هيءَ جهالت ڪندا آهن جو غسل کان پوءِ انهن کي ڀڃي ڇڏيندا آهن، اهو ناجائز ۽ حرام آهي جو مال کي ضايع ڪرڻ آهي ۽ جيڪڏهن هي خيال آهي تہ هي نجس ٿي ويا تہ بہ فضول ڳالهہ آهي جو اولاً تہ ان تي ڇنڊا ناهن پوندا ۽ جيڪڏهن پون بہ تہ راجح هي آهي تہ ميّت جو غسل نجاستِ حڪميہ دور ڪرڻ جي لاءِ آهي ۽ مستعمل پاڻي جا ڇنڊا لڳن تہ مستعمل پاڻي نجس ناهي ٿيندو، جيئن جيئرن جي وضو ۽ غسل جو پاڻي ۽ جيڪڏهن فرض ڪيو وڃي تہ نجس پاڻي جا ڇنڊا پون تہ ڌوئي ونو، ڌوئڻ سان پاڪ ٿي ويندا ۽ گهڻين جڳهين تي اهي ڪَونرا مسجدن ۾ رکيا ويندا آهن جيڪڏهن نيّت هي آهي تہ نمازين کي آساني ٿيندي ۽ ان جو مردي کي ثواب، تہ اها سني نيّت آهي ۽ رکڻ بهتر ۽ جيڪڏهن هي خيال آهي تہ گهر ۾ رکڻ سان نحوست ايندي آهي تہ هيءَ بيوقوفي آهي ۽ ڪجهہ ماڻهو مٽڪي جو پاڻي هاري ڇڏيندا آهن اهو بہ حرام آهي. (بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 816)

❖ غسل ميّت کان پوءِ ميّت جي اکين ۾ سرمو وجهڻ سنّت جي خلاف آهي. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ ميّت جي منهن ۾ ٻنيهي (يعني ٻنيهہ ڏند) لڳل هجي ۽ جيڪڏهن آساني سان نڪري سگهي تہ اهڙي طرح ڪڍي جو مردي کي تڪليف

نہ ٿئي ۽ جيڪڏهن تڪليف جو انديشو هجي تہ نہ ڪدي وجي. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ بدمذهب جي ميّت کي ڪنهن غسل ڏيارڻ جي لاء چيو تہ نہ وڃڻ گهرجي ڇو تہ بدمذهب سان اهڙي طرح جو احسان ڪرڻ جي هرگز اجازت ناهي. (دارالافتاء اهلسنّت)

❖ عورت پنهنجي مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي. (عالمگيري، ج.1 ص. 160)

## اسلامي ڀينرن جي لاءِ مدني گل

❖ حيض يا نفاس واريءَ يا جنبيہ جي وفات ٿي تہ هڪ ئي غسل ڪافي آهي ڇوتہ غسل واجب ٿيڻ جا ڪيترا ئي سبب هجن سڀ هڪ ئي غسل سان ادا ٿي ويندا آهن. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 102)

❖ بهتر آهي تہ مرحوم جا ويجها رشتيدار مثلًا ماءُ ڏيءَ ڀيڻ نُنهَن وغيره جيڪڏهن هجن تہ انهن کي بہ غسل ۾ شامل ڪيو وڃي ڇو جو گهر وارا نرمي سان غسل ڏيندا. (عالمگيري، ج. 1، ص. 159)

❖ حامله (اميد واري) بہ غسل ڏئي سگهي ٿي.

❖ وهنجارڻ واري باطهارت هجي جيڪڏهن جُنبِيہ(جنهن تي غسل فرض هجي) غسل ڏنو تہ ڪراهت آهي پر غسل ٿي ويندو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 159)

❖ جيڪڏهن ميّت جي نُنهَن تي نيل پالش لڳل هجي ۽ ميّت کي تڪليف نہ ٿئي تہ جيستائين ممڪن ٿي سگهي لاهيو، ان جي لاءِ ريموور(Remover) استعمال ڪري سگهو ٿيون.

❖ غسل ڏيڻ وقت جيڪا چادر وغيره ميّت ڪي ويڙهي ويندي آهي جيستائين ان جي ناپاڪ هئڻ جو يقين نہ هجي ان ڪي ناپاڪ نہ چونداسين ان ڪري ان ڪي استعمال ڪري سگهجي ٿو. (دارالافتاءَ اهلِسنت)

❖ مرڻ کان پوءِ زينت ڪرڻ (ميڪ اپ ۽ مهندي لڳائڻ وغيره) ناجائز آهي. (دارالافتاءَ اهلِسنت)

❖ عوام ۾ هي مشهور آهي تہ غسلِ ميّت جي لاءِ وڃڻ واري اسلامي ڀينرن سان روحاني مسئلہ ٿي وينداآهن ان جي ڪابہ اصل ناهي اهو صرف هڪ وهم آهي اهڙي طرح هي بہ چيو ويندو آهي تہ غير شادي شده ڪي ميّت جي پرسان نہ اچڻ گهرجي ان جي بہ ڪا اصل ناهي. (دارالافتاءَ اهلِسنت)

❖ مڙس پنهنجي زال جي جنازي ڪي ڪلهو ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ بہ لاهي سگهي ٿو ۽ منهن بہ ڏسي سگهي ٿو صرف غسل ڏيڻ ۽ بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جسم ڪي هٿ لائڻ منع آهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 105)

## مفتئ دعوت اسلامي جو غسلِ ميّت

منا منا اسلامي ڀائرو! جنهن ڪي دنيا جي بيوفا هجڻ جو احساس هجي، هر وقت موت جو تصور هجي، تلاوت ۽ عبادت ان جو مشغلو هجي، ذڪر ۽ درود جو سلسلو هجي تہ پنهي جهانن ۾ ان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي. اچو اهڙي ئي صفتن واري هڪ باڪردار مبلغ دعوت اسلامي جي مدني بهار پڙهو:

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوري جي رڪن ۽ مفتيءِ دعوت اسلامي الحافظ القاري الحاج حضرت علامہ مولانا محمد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

دين اسلام جا مخلِص ۽ پرجوش مبلغ هئا. زهُد ۽ تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ سندن پنهنجي مثال پاڻ هئا روز قرآن پاڪ جي هڪ منزل جي تلاوت فرمائيندا هئا ائين 7 ڏينهن ۾ هڪ قرآن پاڪ جي ختم جي سعادت حاصل ڪندا هئا. زبان جو قفل مدينہ تمام مضبوط هئو، جڏهن سندن سان ڪو ڪلام ڪندو هو تہ گفتگو فرمائيندا هئا نہ تہ اڪثر خاموش رهندا هئا. ڪڏهن ٺهڪ ڏيندي نہ ڏٺو ويو البتہ انهن جي چپن تي مُرڪ ضرور ڏٺي ويندي هئي. خوش اخلاق، سنجيده ۽ ملنسار هئا. دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ تمام گهڻا متحرڪ هئا خاص طور تي مدني انعامات ۽ مدني قافلن جا تمام گهڻا پابند هئا. اهڙي طرح هڪ سٺا استاد ۽ مفتي بہ هئا، پنهنجي شاگردن کي تمام توجهہ سان آسان انداز ۾ پڙهائيندا ۽ سوال ڪرڻ واري کي مطمئن ڪندا هئا. دارالافتاء ۾ بہ سوال ڪرڻ واري جي ڳالهہ کي توجهہ سان ٻڌندا هئا ۽ آسان ۽ عام سمجهہ واري انداز ۾ جواب بہ ڏيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تقريبًا 4000 فتاويٰ تحرير فرمايا. تفسير جلالين جو تقريبًا 1200 صفحن جو حاشيو لکيو ۽ تفسير قرآن صِراط الجنان جي 6 سيپارن تي بہ ڪم مڪمل ڪري چڪا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ بامقصد زندگي گذاري ۽ دين اسلام جي خدمت ۾ مصروف رهندي ئي سندن وفات ٿي. 18 محرم الحرام 1427هـ بمطابق 17 فيبروري 2006ء جمعي جي ڏينهن باب المدينہ ڪراچي ۾ وصال فرمايائون. رات جو تقريباً 10:00 وڳي مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي غسل ڏنو ويو. ڪين غسل ڏيڻ وارن اسلامي ڀائرن جو بيان آهي تہ اسان ڪليل اکين سان ڏٺو تہ مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه غسل جي دوران مسڪرائي رهيا هئا ان جي گواهي اتي موجود ٻين اسلامي ڀائرن بہ ڏني آهي، جڻ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سيدنا شيخ سعدي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هن شعر جا مصداق هئا:

ياد داری کہ وقتِ زادن تو　　همہ خَنداں بدند توگِریاں
آنچناں زی کہ وقت مُردن تو　　ہَمہ گِریاں شَوند توخَنداں

يعني ياد رک! جڏهن دنيا ۾ آيو هئين تہ تون روئي رهيو هئين ۽ ماڻهو مُرڪي رهيا هئا، اهڙي طرح زندگي گزار جو تنهنجي موت جي وقت ماڻهو روئي رهيا هجن ۽ تون مرڪي رهيو هجين.

## نعت خواني جي دوران چپن جي چُرپُر

غسل ڏيارڻ ڪانپوءِ اسلامي ڀائرن مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي چوڌاري جمع ٿي نعت خواني شروع ڪئي، تَخَصُّص فِي الفِقہ (مفتي ڪورس) جي ٻئي سال جي هڪ طالب العلم جو بيان آهي تہ مون ڏٺو تہ نعت خواني جي دوران استاذِ محترم مفتيءِ دعوتِ اسلامي الحاج مولانا محمّد فاروق العطاري المدني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا چپ مبارڪ چري رهيا هئا.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي!

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ڪفن جو بيان

مرڻ ڪان پوءِ انسان کي جيڪو لباس پارايو ويندو آهي ان کي ڪفن چئبو آهي، اهو فرض ڪفايہ آهي.

## ڪفن پارائڻ جي فضيلت

منا منا اسلامي ڀائرو! ميّت کي ڪفن پارائڻ ثواب جو ڪم آهي ۽ ڪيترين ئي حديثن ۾ ڪفن پارائڻ واري جي لاءِ جنّتي جبن ۽ پاڪيزه

ريشمي لباسن جي بشارت ڏني وئي آهي. هڪ حديث مبارڪ ملاحظ فرمايو:

## جنّتي لباس

حضرت سيّدنا ابُو اُمامہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضور صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪنهن ميّت کي ڪفن پارايو تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي سُندُس جو لباس (جنّت جو پاڪيزه ريشمي لباس) پارائيندو. (معجم ڪبير للطبراني، ج. 8، ص. 281، حديث 8078)

## ڪفن جا درجا

ڪفن جا ٽي درجا آهن:

(1) ضَرورت (2) ڪِفايت (3) سنّت

## ڪفن ضرورت

ڪَفَنِ ضَرورت مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ هي آهي تہ جيڪو ميّسَر اچي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ايترو هجي جو سڄو جسم ڍڪجي وڃي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 115)

## ڪَفَنِ ڪِفايت

ڪَفَنِ ڪِفايت مرد جي لاءِ ٻہ ڪپڙا آهن:

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ ازار

ڪَفَنِ ڪِفايت عورت جي لاءِ ٽي ڪپڙا آهن:

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ ازار ﴿3﴾ پوتي يا

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ قميص ﴿3﴾ پوتي

(بهار شريعت، حصو، 4، ج. 1، ص. 817)

## كفنِ سنت

مرد جي لاءِ كفنِ سنت ٽي ڪپڙا آهن:

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ ازار ﴿3﴾ قميص

عورت جي لاءِ كفن سنت پنج ڪپڙا آهن:

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ ازار ﴿3﴾ قميص

﴿4﴾ سينو بند ﴿5﴾ پوتي

(بهارِ شريعت، حصو. 4، ج. 1، ص. 817)

❖ خنثیٰ مشڪل (يعني جنهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جون علامتون هجن ۽ هي ثابت نہ هجي تہ مرد آهي يا عورت) کي عورت وانگر 5 ڪپڙا ڏنا ويندا ڪُسُم (هڪ قسم جو گل جنهن مان ڳاڙهو رنگ ناهين ٿا) يا زعفران جو رنگيل ۽ ريشمي ڪفن ان کي ناجائز آهي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 161)

## ٻارن کي ڪهڙو ڪفن ڏنو وڃي

جيڪونابالغ شهوت جي حد کي پهچي ويو اهو بالغ جي حڪم ۾ آهي يعني بالغ کي ڪفن ۾ جيترا ڪپڙا ڏنا ويندا آهن ان کي بہ ڏنا وڃن ۽ ان کان ننڍي ڇوڪري کي هڪ ڪپڙو (اِزار) ۽ ننڍيءَ ڇوڪِريءَ کي ٻہ ڪپڙا (لفافو ۽ اِزار) ڏئي سگهو ٿا ۽ ڇوڪري کي بہ ٻہ ڪپڙا (لفافو ۽ اِزار) ڏنا وڃن تہ بهتر آهي ۽ بهتر اهو آهي تہ ٻنهي کي پورو ڪفن ڏيو ڀلي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 117)

## ڪفن جو تفصيل

﴿1﴾ **لفافو:** يعني چادر ميّت جي قد کان ايتري وڏي هجي جو ٻنهي طرفن کان ٻڌي سگهجي.

﴿2﴾ **ازار:** (يعني گوڏ) نندي متي کان پيرن تائين يعني چادر کان ايتري نندي جيڪا ٻڌڻ جي لاءِ وڏيڪ هئي.

﴿3﴾ **قميص:** (يعني ڪفني) ڪنڌ کان گوڏن جي هيٺان تائين ۽ هي اڳتي ۽ پوئتي ٻنهي پاسن کان برابر هجي ان ۾ چاڪ (چير) ۽ ٻانهون نہ هجن، مردن جي ڪفني ڪلهن تي چيريو ۽ عورت جي لاءِ سيني جي طرف کان.

﴿4﴾ **چاتي بند:** رکڻ وارو ڪپڙو چاتي کان دُن تائين ۽ بهتر هي آهي تہ ران تائين هجي.

﴿5﴾ **پوتي:** ٽي هٿ هجڻ گهرجي يعني ڏيڊ گز. (مدنی وصیت نامہ، ص۔ ۱۱ و بہار شریعت، حصہ ۴، ج۔ ۱، ص۔ ۸۱۸)

عام طور تيار ڪفن خريد ڪيو ويندو آهي ان جو ميّت جي قد جي مطابق سنّت سائيز جو هجڻ ضروري ناهي، هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ايترو وڏو هجي جو اسراف ۾ داخل ٿي وڃي، ان ڪري احتياط انهيءَ ۾ آهي تہ ٿان مان ضرورت جي مطابق ڪپڙو ڪٽيو وڃي.

## ڪفن پارائڻ جون نيتون

❖ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ ميّت کي ڪفن پارائيندس ❖ فرضِ ڪفايہ ادا ڪندس ❖ ضرورتًا ڪفن پارائڻ کان پهريان مدد ڪرائڻ وارن کي ڪفن پارائڻ جو طريقو ۽ سنّتون ٻڌائيندس ❖ غسل جي تختي کان ڪفن تي رکندي انتهائي احتياط ۽ نرمي اختيار ڪندس ۽ ان وقت اوگهڙ کي لڪائڻ جو خاص خيال رکندس ❖ ميّت جي نِرڙ تي شهادت جي آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکندس. ❖ اهڙي طرح سيني تي لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰه

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکندس ❖ عِطر يا خوشبو لڳائيندس ❖ مديني جو پاڻي ۽ زم زم جو پاڻي موجود هجڻ جي صورت ۾ ڪفن تي ڇڙڪيندس ❖ قبر ۾ قبلي جي طرف ڪڏڻو ناهي ڪري شجره شريف، عهدنامو وغيره ان ۾ رکندس.

## مرد کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفن کي هڪ يا ٽي يا پنج يا ست ڀيرا ڌوڻي ڏيو پوءِ ڪفن ائين وڇايو جو پهريان لفافو يعني وڏي چادر ان تي گوڏ ۽ ان جي مٿان ڪفن رکو، هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفن پارايو پوءِ ڏاڙهي تي (ڏاڙهي نہ هجي تہ ڪاڏي تي) ۽ سڄي جسم تي خوشبو لڳايو، اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني، هٿن، گوڏن ۽ پيرن تي ڪافور لڳايو. پوءِ گوڏ کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو، هاڻي آخر ۾ لفافو بہ اهڙي طرح پهريان کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو تہ جيئن ساڄو مٿان رهي، پوءِ مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌي ڇڏيو. (مدنی وصیت نامہ، ص ۱۳)

## عورت کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفن کي ٽي يا پنج يا ست ڀيرا ڌوڻي ڏيو. پوءِ هِن ريت وڇايو جو پهريان لفافو (يعني وڏي چادر) اُن تي گوڏ ۽ اُن جي مٿان ڪفني رکو. هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفني پارايو هاڻي ان جي وارن جا ٻہ حصا ڪري ڪفني جي مٿان ڇاتيءَ تي رکي ڇڏيو. ۽ پوتيءَ کي اڌ پٺيءَ جي هيٺان وڇائي مٿي تي آڻي منهن تي نقاب وانگر وجهي ڇڏيو جيئن ڇاتي تي رهي، ان جي ديگهہ اڌ پٺيءَ جي هيٺان تائين هجي، ۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙيءَ کان ٻي ڪن جي پاپڙي تائين هجي، ڪجهہ ماڻهو پوتي ائين ڍڪائيندا آهن جيئن عورتون زندگي

۾ مٿي تي رکنديون آهن هي سنّت جي خلاف آهي، هاڻي تمام جسم تي خوشبو مليو اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني، نڪ، هٿ ۽ گوڏن تي ڪافور لڳايو،(ستر جي مقام ڪي نه ئي ڏسي سگهون ٿا ۽ نه وري بغير رڪاوٽ هٿ لڳائي سگهون ٿا) پوءِ گوڏ کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو ۽ آخر ۾ لفافو يعني وڏي چادر پهريان کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي ويڙهيو ته جيئن ساڄو مٿان رهي، مٿي ۽ پيراندي کان ٻڌي ڇڏيو، پوءِ آخر ۾ ڇاتي بند ڪرڻ وارو ڪپڙو ڇاتيءَ جي مٿين حصي کان ران تائين ڪنهن ڏوري سان ٻڌي ڇڏيو (اڄڪلهه عورتن جي ڪفن ۾ چادر ئي آخر ۾ رکي ويندي آهي جيڪڏهن ڪفن ڪانپوءِ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو رکيو وڃي ته به ڪو حرج ناهي پر افضل هي آهي ته ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو سيني کان آخر ۾ رکيو وڃي). (مدنی وصيت نامه، ص۔ ١٣)

## ڪفن ڪهڙو هئڻ گهرجي

❖ ڪفن سنو هئڻ گهرجي يعني مرد جمعي ۽ عيدن ۾ جهڙا ڪپڙا پائيندو هئو ۽ عورت جهڙا ڪپڙا پائي مائٽن ۾ ويندي هئي ان قيمت جو هئڻ گهرجي. حديث ۾ آهي، مُردن کي سنو ڪفن ڏيو جو اهي پاڻ ۾ ملاقات ڪندا ۽ سٺي ڪفن سان فخر ڪندا يعني خوش ٿيندا آهن.

(رد المحتار، ج. 3، ص. 112)

❖ اڇو ڪفن بهتر آهي جو نبي اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجا مردا اڇن ڪپڙن ۾ ڪفنايو. (ترمذي، ج. 2، ص. 301، حديث 996)

❖ پراڻي ڪپڙي جو به ڪفن ٿي سگهي ٿو، پر پراڻو هجي ته ڌوتل هجي جو ڪفن سٺرو هجڻ پسنديده آهي. (جوهرة نيرة، ص. 135)

❖ ڪفن جيڪڏهن آبِ زم زم يا آبِ مدينہ بلڪ ٻنهي سان پِڱل هجي تہ سعادت آهي. (مدنی وصيت نامہ، ص ـ 4)

## مختلف مدني گل

❖ ميّت جا ٻئي هٿ پاسن ۾ رکو سيني تي نہ رکو جو اهو ڪافرن جو طريقو آهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 105) ڪجھ جڳهين تي دُنّ جي هيٺان ائين رکندا آهن جيئن نماز جي قيام ۾، ائين بہ نہ ڪيو. (بهار شريعت، حصو، 4، ج. 1، ص. 816)

❖ ميّت جيڪڏهن ڪجھ مال ڇڏيو هجي تہ ڪفن انهيءَ جي مال مان هئڻ گهرجي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 114)

❖ ڪنهن وصيت ڪئي تہ اُن کي ڪفن ۾ ٻہ ڪپڙا ڏنا وڃن تہ اها وصيت پوري نہ ڪئي وڃي، ٽي ڪپڙا ڏنا وڃن ۽ جيڪڏهن هيءَ وصيت ڪئي تہ 1000 روپين جو ڪفن ڏنو وڃي تہ اها بہ پوري نہ ڪئي ويندي، درمياني درجي جو ڪفن ڏنو وڃي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 112)

❖ عالمن ۽ مشائخن کي عمامي سان دفن ڪري سگهجي ٿو، عام ماڻهن جي ميّت کي عمامي سان دفنائڻ منع آهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 112)

❖ غسل ڏيارڻ کانپوءِ ڪفن ۾ چهرو لڪائڻ کان اڳ، پهريان پيشاني تي شهادت واري آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکو. (مدنی وصيت نامہ، ص ـ 4)

❖ اهڙي طرح سيني تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. (مدنی وصيت نامہ، ص ـ 5)

❖ دل واري جڳھ تي يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (مدنی وصيت نامہ، ص ـ 5)

❖ ڏُن ۽ سيني جي وچ واري ڪفن جي حصي تي يا غوث اعظم دستگير رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ يا امام ابو حنيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ يا امام احمد رضا خان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ يا شيخ ضياء الدين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ شهادت واري آڱر سان لکو. (مدنی وصيت نامہ، ص۔ 5)

پنهنجي پير صاحب جو نالو بہ لکي سگھو ٿا جيئن يا عطار.

❖ پڻ ڏُن جي مٿان ڪان وني مٿي تائين ڪفن جي سڄي حصي تي (پنيءَ ڪان علاوه) "مدينہ مدينہ" لکيو وڃي، ياد رکو! اهي سڀ مس سان نہ فقط شهادت واري آڱر سان لکڻو آهي ۽ ڪو سيّد سڳورو يا عالم دين لکي تہ سعادت آهي .

❖ بنهي اکين تي مديني شريف جي ڪتل جون ڪڪڙيون رکيون وڃن. (مدنی وصيت نامہ، ص۔ 5)

❖ جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جا مخصوص ڏينهن هجن يا حاملہ هجي تہ اها ميّت کي ڏسي سگهي ٿي ان ۾ ڪو حرج ناهي. (دارالافتا اهلِسنت)

❖ ڪفن جي ڪپڙي کي سلائي مشين يا هٿ سان سبي سگھو ٿا. (دارالافتا اهلِسنت)

## ڪفن جي لاءِ چار انمول تحفا

❖ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 70 ڀيرا لکي ڪري ميّت جي ڪفن ۾ رکي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ منڪر نڪير جو معاملو آسان ٿي ويندو. (شمس العارف مترجم، ص. 74)

❖ امير المؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو هر نماز (يعني فرض سنّتون وغيره پڙهڻ) کان پوءِ عهدنامو پڙهي، فرشتو ان کي

لکي مهر لڳائي ڪري قيامت جي لاءِ ڪٽي رکندو، جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ اُن ٻانهي کي قبر مان اٿاريندو، فرشتو اهو دستاويزکڻي ايندو ۽ ندا ڪئي ويندي: عهد وارا ڪٿي آهن؟ انهن کي عهد نامو ڏنو ويندو. امام حڪيم ترمذي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي روايت ڪرڻ کان پوءِ فرمايو: ”امام طاؤس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وصيت سان اهو عهدنامو ان جي ڪفن ۾ لکيو ويو.“ (در منثور، پ. 6، مريم، تحت الآية 87، ج. 5، ص. 542)

امام فقيه ابن عجيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ دعاءِ عهدنامي جي نسبت فرمايو: جڏهن اهو عهدنامو لکي ڪري ميّت سان گڏ قبر ۾ رکي ڇڏيو تہ الله تعالي ان کي نَڪيرَين جي سوالن ۽ قبر جي عذاب کان امان ڏي، (فتاوي رضويه، ج. 9، ص. 109) عهدنامو هي آهي:

اَللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ

الرَّحْمٰنَ الرَّحِيمَ اِنِّیٓ اَعْهَدُ اِلَيْكَ فِی هٰذِهِ الْحَيَاةِ

الدُّنْيَا بِاَنَّكَ اَنْتَ اللهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ وَحْدَكَ

لَاشَرِيْكَ لَكَ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُكَ وَرَسُوْلُكَ

فَلَا تَكِلْنِیْ اِلٰی نَفْسِیْ فَاِنَّكَ اِنْ تَكِلْنِیْ اِلٰی نَفْسِیْ

تُقَرِّبْنِیْ مِنَ الشَّرِّ وَتُبَاعِدْنِیْ مِنَ الْخَيْرِ وَاِنِّیْ لَآ اَثِقُ

اِلَّا بِرَحْمَتِكَ فَاجْعَلْ رَحْمَتَكَ لِیْ عَهْدًا عِنْدَكَ

تُؤَدِّيْهِ اِلٰی يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اِنَّكَ لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ.

(دُرِّ مَنْثُور، پ٦، مريم، تحت الآية ٨٧، ٥/٥٤٢)

❖ جيڪو هي دعا ميّت جي ڪفن تي لکي الله تعالي قيامت تائين ان کان عذاب کڻي ڇڏيندو.

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْأَلُكَ يَا عَالِمَ السِّرِّ يَا عَظِيْمَ الْخَطَرِ يَاخَالِقَ

الْبَشَرِ يَا مُوْقِعَ الظَّفَرِ يَا مَعْرُوْفَ الْاَثَرِ يَا ذَاالطَّوْلِ وَالْمَنِّ

يَا كَاشِفَ الضُرِّ وَالْمِحَنِ يَا اِلٰهَ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ فَرِّجْ

عَنِّیْ هُمُوْمِیْ وَاكْشِفْ عَنِّیْ غُمُوْمِیْ وَصَلِّ اَللّٰهُمَّ عَلٰى

سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّسَلِّمْ.

(فَتَاوٰی رَضَوِیَّه ۹/۱۰۹)

❖ جيڪو هيءَ دعا ڪنهن پرچي تي لکي ڪري ميّت جي سيني تي ڪفن جي هيٺان رکي ڇڏي ته قبر جو عذاب نه ٿئي ۽ نه مُنڪَرنَڪِير نظر اچن.

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ

لَهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِیِّ الْعَظِيْمِ.

(فَتَاوٰی رَضَوِیَّه ۹/۱۰۸)

**مدني مشورو:** دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ کان ”ڪفن جا ٿي انمول تحفا“ نامي پرچا خريد ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ مسلمانن جي فوتگيءَ جي موقعي تي پيش ڪري ثواب ڪمايو، پڻ ڪفن ڪپائڻ وارن ۽ تجهيز ۽ تڪفين ڪرڻ وارن سماجي ادارن کي بہ پيش ڪيو جو اهي هر ڪفن سان گڏ في سبيل اللّٰهِ هڪ پرچو ڏيندا ڪن.

## نماز جنازه جو بيان

جنازي جي نماز فرضِ ڪِفايہ آهي يعني ڪو هڪ بہ ادا ڪري وٺي تہ سيني جي ذمي تان لهي ويندو، نہ تہ جن جن تائين خبر پهتي ۽ اهي نہ آيا تہ اهي سڀ گنهگار ٿيندا. (فتاوي تاتارخانيه ج 2 ص 153) ان جي لاءِ جماعت شرط ناهي، هڪ شخص بہ پڙهي وٺي تہ فرض ادا ٿي ويندو. (فتاوي عالمگيري ج 1 ص 162) ان جي فَرضيت جو انڪار ڪرڻ ڪُفر آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 825 ، عالمگيري ج 1 ص 162، درمختار ج 3 ص 130)

## ميّت جي تعلق سان نمازِجنازه جون 7 شرطون

جنازي جي نماز ۾ ميّت سان تعلق رکڻ واريون هي 7 شرطون آهن:

❖ ميّت جو مسلمان هئڻ ❖ ميّت جي جسم ۽ ڪفن جو پاڪ هئڻ ❖ جنازي جو اُن جڳهہ تي موجود هئڻ، يعني پورو يا اڪثر يا اڌ، مٿي سان گڏ موجود هجي، لهٰذا غائب جي نمازِ جنازه نٿي ٿي سگهي ❖ جنازو زمين تي رکيل هجي يا هٿ تي هجي پر ويجهو هجي، جيڪڏهن جانور وغيره تي رکيل هوندو تہ نماز نہ ٿيندي ❖ جنازو نمازيءَ جي اڳيان قبلي جي طرف هجڻ، جيڪڏهن نمازيءَ جي پويان هوندو تہ نماز صحيح نہ ٿيندي ❖ ميّت جي جسم جو اهو حصو جنهن جو لڪائڻ فرض آهي، ڍڪيل هئڻ ❖ ميّت امام جي سامهون هجي يعني جيڪڏهن هڪ ميّت آهي تہ ان جي جسم جو ڪو حصو امام

جي سامهون هجي ۽ ڪجھ گھٽا هجن تہ ڪنهن هڪ جي جسم جو ڪو حصو امام جي سامهون هئڻ ڪافي آهي. (رَدُّالْمُحتَار ڪتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، مطلب: هل يسقط فرض...الخ، ۳/۱۲۱، ۱۲۳)

## انهن شرطن جي ڪجھ تفصيل

❖ ميّت مان مراد اهو آهي جيڪو زنده پيدا ٿيو پوءِ مري ويو، لِهذا جيڪڏهن ٻار مُئل پيدا ٿيو تہ ان جي نمازِجنازه نہ پڙهي وڃي. (بهارِ شرِيعت حِصّہ ٤، ۱/۸۲٦ مُلَخَّصاً)

❖ ننڍي ٻار جا پيءُ ماءُ ٻئي مسلمان هجن يا هڪ تہ هو مسلمان آهي، ان جي نماز پڙهي وڃي ۽ جيڪڏهن ٻئي ڪافر آهن تہ نہ پڙهي وڃي. (بهارِ شرِيعت حِصّہ ٤، ۱/۸۲٦)

❖ جسم پاڪ هئڻ مان هي مراد آهي تہ اُن کي غسل ڏنو ويو هجي يا غسل ناممڪن هئڻ جي صورت ۾ تيمّم ڪرايو ويو هجي ۽ ڪفن پارائڻ کان پهريان ان جي بدن مان نجاست نڪتي تہ ڌوتي وڃي ۽ بعد ۾ خارج ٿي تہ پوءِ ڌوئڻ جي حاجت ناهي ۽ ڪفن پاڪ هئڻ جو هي مطلب آهي تہ پاڪ ڪفن پارايو وڃي ۽ بعد ۾ جيڪڏهن نجاست خارج ٿي ۽ ڪفن خراب ٿيو تہ حرج ناهي. (رَدُّالْمُحتَار ڪتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، مطلب: فی صلوٰة الجنازة ۳/۱۲۲ ملتقطاً)

❖ بغير غسل ڏيارڻ جي نماز پڙهي وئي تہ نہ ٿي، ميت کي غسل ڏئي وري پڙهو ۽ جيڪڏهن ميت کي قبر ۾ رکي چڪا، پر مِٽي اجان ناهي وڌي تہ قبر مان ڪڍو ۽ غسل ڏئي ڪري نماز پڙهو ۽ مِٽي ڏئي چڪا تہ هاڻي نہ ٿا ڪڍي سگهو، ان ڪري هاڻي ان جي قبر تي نماز پڙهو جو پهرين نماز نہ ٿي، ۽ هاڻي چو تہ غسل ناممڪن آهي ان ڪري هاڻي ٿي ويندي. (رَدُّالْمُحتَارڪتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، مطلب: فی صلوٰة الجنازة ۳/۱۲۱)

❖ جيڪڏهن جنازو الٽو رکيو يعني امام جي سامهون ميّت جا پير هجن ته نماز ٿي ويندي پر ڄاڻي واڻي ائين ڪيو ته گنهگار ٿيا. (الدر المُختار معه رَدُّالْمُحتَار كتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة ۱۲٤/۳)

❖ جيڪڏهن قبلي کي سڃاڻڻ ۾ غلطي ٿي يعني ميّت کي پنهنجي خيال مطابق قبلي ڏانهن ئي رکيو هئو پر حقيقةً قبلي ڏانهن ناهي ته مَوضَعِ تحري ۾(يعني جتي تحري جو حڪم هجي) جيڪڏهن تحري[1] ڪئي ته نماز ٿي ويندي نه ته نه ٿيندي. (الدر المُختار معه رَدُّالْمُحتَار كتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، الخ ۱۲٤/۳)

## خُودڪُشي ڪرڻ واري جي نماز جو حڪم

❖ جنهن خودڪُشي ڪئي حالانڪ هي تمام وڏو گناهه آهي، پر ان جي جنازي جي نماز پڙهي ويندي پلي ڄاڻي واڻي خودڪُشي ڪئي هجي، جيڪو شخص رجم ڪيو ويو (سزا جي طور تي پٿر هڻي هڻي هلاڪ ڪيو ويو) يا قصاص (قتل جي بدلي) ماريو ويو، اُن کي غسل ڏينداسين ۽ اُن جي نماز به پڙهنداسين. (رَدُّالْمُحتَاركتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، مطلب: هل يسقط فرض...الخ ۱۲۷/۳ و عالمگيری، كتاب الصلوٰة، الباب الحادى والعشرون فى الجنائز، الفصل الخامِس فى الصلوٰة على الميت، ۱۶۳/۱)

## جنازي جون نيّتون

شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي تحرير ڪيل جنازي جي مدني گلن جي روشني ۾ ڪجهه نيّتون ڪري ونو.

❖ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي لاءِ نمازِ جنازه پڙهندس ❖ فرض ڪفايه ادا ڪندس ❖ مرحوم جي عزيزن جي

[1] (جڏهن ڪنهن موقعي تي حقيقت معلوم ڪرڻ مشڪل ٿي وڃي ته سوچي ۽ جنهن طرف غالب گمان هجي عمل ڪري اُن سوچڻ جو نالو تحري آهي. تحري تي عمل ڪرڻ اُن وقت جائز آهي جڏهن دليلن ڪان خبر نه پوي دليل هوندي تحري تي عمل ڪرڻ جي اجازت ناهي)

دلجوئي ڪندس❖ مرحوم جي لاءِ دعاءِ مغفرت ۽ ايصال ثواب ڪندس ❖ نماز کان پوءِ سنّت طريقي جي مطابق جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندس (يعني پهريان ساڄي سيراندي پوءِ ساڄي پيراندي پوءِ کابي سيراندي پوءِ کابي پيراندي) ❖ هر پيري ڏهه ڏهه ڪل چاليهه قدم هلي ڪري چاليهه ڪبيره گناهن جي مغفرت جو حقدار بڻجندس ❖ جنازي کي ڪلهو ڏيندي وقت ماڻهن کي ايذا ۽ ڌڪا ڏيڻ کان بچندس ❖ پنهنجو جنازو ڪجهڻ ۽ دفن ٿيڻ کي ياد ڪري آخرت جي فڪر ڪندس.

## نمازِ جنازه ڪير پڙهائي؟

نماز جنازه ۾ امامت جو حق بادشاهِ اِسلام کي آهي، پوءِ قاضي، پوءِ امامِ جمعه، پوءِ محلي جي امام، پوءِ ولي کي، محلي جي امام جو ولي کان وڌيڪ حقدار هئڻ مستحب طور آهي. ۽ اهو به ان وقت جڏهن امام ولي کان افضل هجي نه ته ولي بهتر آهي. (غنية المتملي فصل فى الجنائز ص ٥٨٤، و الدر المُختار معه رَدُّالْمُحتَار كتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، ١٣٩/٣، ١٤١)

## نمازِ جنازه جا رڪن ۽ سنّتون

جنازي جي نماز ۾ ٻه رڪن آهن: (1) چار ڀيرا الله اڪبر چوڻ (2) قِيام.

جنازي جي نماز ۾ ٽي سنّت مؤڪّده آهن (1) ثنا (2) درود شريف (3) مَيِّت جي لاءِ دعا (الدر المُختار معه رَدُّالْمُحتَار ، كتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، ١٢٤/٣)

## جنازي جي نماز جو طريقو[1] (حنفي)

شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه "نمازِجنازه جو طريقو" جي صفحي 8 تي نمازِجنازه جو طريقو هيئن تحرير فرمائن ٿا:

1

مقتدي هن طرح نيّت ڪري ”مان نيّت ڪريان ٿو هن جنازي جي نماز جي واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، دُعا هن ميّت جي لاءِ، پنيان هن امام جي،“ (فتاوي تاتارخانيه ج 2 ص 153) هاڻي امام ۽ مُقتَدي ٻئي ڪنن تائين هٿ کڻن ۽ ”الله اڪبر چوندي“ فوراً معمول مطابق ڌُن جي هينئان ٻڌي ڇڏين ۽ ثنا پڙهن. هن ۾ وتَعالیٰ جَدُّکَ کانپوءِ وَ جَلَّ ثَنَا ءُ کَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُکَ پڙهن پوءِ بغيرهٿ کڻڻ جي الله اڪبر چون پوءِ درود ابراهيم پڙهن پوءِ بغير هٿ کڻڻ جي ”الله اڪبر“ چئو ۽ دعا پڙهو (امام تڪبيرون بلند آواز سان چوي ۽ مقتدي آهستي باقي تمام اذڪار امام ۽ مقتدي سڀ آهستي پڙهن) دعا کانپوءِ وري ”الله اڪبر“ چئو ۽ هٿ ڇڏي ڏيو پوءِ ٻنهي پاسي سلام ڦيري ڇڏيو.

## ثناء

سُبْحٰنَکَ اَللّٰـهُمَّ وَبِحَمْدِکَ وَتَبَارَکَ
اسْمُکَ وَتَعَالٰی جَدُّکَ وَ جَلَّ ثَنَاۤ ءُکَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُکَ

يعني پاڪ آهين تون اي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ مان تنهنجي حمد ڪريان ٿو، تنهنجو نالو برڪت وارو آهي ۽ تنهنجي عظمت بلند آهي ۽ تنهنجي تعريف اعلیٰ آهي ۽ توکان سواءِ ڪو معبود ناهي .

## دُرُودِ اِبرَاهِيم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰی اِبْرٰهِيْمَ وَعَلٰی اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكْتَ عَلٰی اِبْرٰهِيْمَ وَ عَلٰی اٰلِ اِبْرٰهِيْمَ اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ط

ترجمو: اي الله (عَزَّوَجَلَّ) درود موڪل (اسان جي سردار) محمد تي ۽ سندن آل تي جهڙي طرح تو درود موڪليو(سيدنا) ابراهيم تي ۽ سندن آل تي بيشڪ تون ئي آهين سڀ خوبين وارو عزت وارو، اي ا لله (عَزَّوَجَلَّ) برڪت نازل ڪر (اسان جي سردار) محمد تي ۽ سندن آل تي جهڙي طرح تو برڪت نازل ڪئي (سيدُنا) ابراهيم ۽ سندن آل تي بيشڪ تون ئي آهين سڀ خوبين وارو عزت وارو.

## بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَ مَيِّتِنَا وَ شَاهِدِنَا وَغَائِبِنَا وَ صَغِيْرِنَا وَ كَبِيْرِنَا وَ ذَكَرِنَا وَ اُنْثٰنَا ط اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهٗ مِنَّا فَاَحْيِهٖ عَلَى الْاِسْلَامِ وَ مَنْ تَوَفَّيْتَهٗ مِنَّا فَتَوَفَّهٗ عَلَى الْاِيْمَان ط (اَلْمُسْتَدْرَك لِلْحَاكِم، كتاب الجنازة، ١/٦٨٤، حديث١٣٦٦)

ترجمو: الاهي بخش ڇڏ اسان جي هر زنده کي ۽ اسان جي هر فوت ٿيل کي ۽ اسان جي هر حاضر کي ۽ اسان جي هر غائب کي ۽ اسان جي هر ننڍي کي ۽ اسان جي هر وڏي کي ۽ اسان جي هر مرد کي ۽ اسان جي هر عورت کي. الاهي تون اسان مان جنهن کي زنده رکين ته ان کي اسلام تي زنده رک ۽ اسان مان جنهن کي موت ڏين ته ان کي ايمان تي موت ڏي.

## نابالغ ڇوڪري جي دعا

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ لَنَا فَرَطًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَا اَجْرًا وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَا شَافِعًا وَّ مُشَفَّعًا ط

(كَنْزُ الدَّقائق كتاب الصلٰوة، باب الجنائز ص٥٢)

**ترجمو:** الاهي هن (ڇوڪري) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ هن کي اسان جي لاءِ آجر جو سبب ۽ وقت تي ڪم اچڻ وارو بڻاءِ ۽ هن کي اسان جي لاءِ سفارش ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ اهو جنهن جي سفارش منظور ٿي وڃي.

## نابالغ ڇوڪريءَ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا لَنَا فَرَطًا وَّ اجْعَلْهَا لَنَآ

اَجْرًا وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهَا لَنَا شَافِعَةً وَّ مُشَفَّعَةً ط

(كَنزُ الدَّقائق كتاب الصلٰوة، باب الجنائز ص۵۲ و جوهرة نيرة، كتاب الصلٰوة، باب الجنائز، ص۱۳۸)

**ترجمو** : الاهي عَزَّوَجَلَّ هن (ڇوڪريءَ) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ هن کي اسان جي لاءِ اجر جو سبب ۽ وقت تي ڪم اچڻ واري بڻاءِ ۽ هن کي اسان جي لاءِ سفارش ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ اها جنهن جي سفارش منظور ٿي وڃي.

❖ جيڪو پيدائشي چريو هجي يا بالغ ٿيڻ کان پهريان چريو ٿي ويو ۽ انهيءَ چريائپ ۾ موت اچي وئي ته ان جي نمازِجنازه ۾ نابالغ جي دعا پڙهندا سين. (جوهرة نيرة كتاب الصلٰوة، باب الجنائز ص۱۳۸، و غُنية المتملى فصل فى الجنائز۵۸۷)

## نمازِ جنازه پڙهي ڪري دعا ڪيو

نمازِجنازه کانپوءِ صفون ٽوڙي ڪري ميّت جي لاءِ مختصر دعا ڪيو، حديث پاڪ ۾ به جنازو پڙهي ڪري دعا جي ترغيب ڏياري وئي آهي جيئن ته حضرت سيّدنا ابُوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان ميّت جي نماز پڙهي وٺو ته ان جي لاءِ دل جي خلوص سان دعا ڪيو. ( آبو داؤد كتاب الجنائز، باب الدعا للميت، ۳/۲۸۲، حديث۳۱۹۹)

مفسر شهير حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: نمازِجنازه کان پوءِ دعا سنّتِ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به آهي ۽ سنّتِ صحابي به، جيئن ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حبشه جي بادشاه نَجاشي جي نمازِجنازه پڙهي ۽ پوءِ دعا گهري. حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ جنازي

تي پهتا نماز تي چڪي هئي تہ سندن حاضرين کي فرمايو تہ نماز تہ پڙهي چڪؤ هاڻي مون سان گڏجي دعا تہ گهري وٺو. جن فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السّلام ان دعا کان منع ڪيو ان جي صورت هي آهي تہ سلام کان پوءِ اُتي ئي بيني بيني دعا گهري وڃي جنهن سان اچڻ واري کي نماز جو ڏوکو ٿئي يا تمام ڊگهيون دعائون گهريون وڃن جنهن سان بغير ڪنهن وجهہ جي دفن ڪرڻ ۾ دير ٿي وڃي. (مِراةُ المناجيح، جنازے کے ساتھ چلنے اور اُس پر نماز پڑھنے کا بیان، ۲/۴۷۹)

## جنازي جي پوري جماعت نہ ملي تہ؟

مَسبُوق يعني (جنهن جون ڪجهہ تڪبيرون رهجي وڃن اهو) پنهنجيون باقي تڪبيرون امام جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ چوي ۽ جيڪڏهن هي انديشو هجي تہ دعا وغيره پڙهندو تہ پوري ڪرڻ کان اڳ ماڻهو جنازي کي ڪلهن تائين کڻي ويندا تہ صرف تڪبيرون چئي دعا وغيره ڇڏي ڏي. (الدر المُختار معه رَدُّالْمُحتَار کتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، ۳/۱۳۶)

چوٿين تڪبير کان پوءِ جيڪو شخص آيو اهو (جيستائين امام سلام ناهي ڦيريو) شامل ٿي وڃي ۽ امام جي سلام ڪانپوءِ ٽي ڀيرا ”اللّٰه اڪبر“ چوي، (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 136) پوءِ سلام ڦيري.

## جوتن تي بيهي ڪري جنازي جي نماز پڙهڻ

جوتا پائي جيڪڏهن جنازي جي نماز پڙهو تہ جوتن ۽ زمين ٻنهي جو پاڪ هجڻ ضروري آهي جيڪڏهن جوتا لاهي ان تي بيهي پڙهو تہ جوتن جي ترن ۽ زمين ٻنهي جو پاڪ هئڻ ضروري ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام اهلسنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن اها جڳهہ پيشاب وغيره سان ناپاڪ هئي يا جنهن جي جوتن جا ترا ناپاڪ هئا ۽

ان حالت ۾ جوتا پائي نماز پڙهي ته انهن جي نماز نه ٿي، احتياط انهيءَ ۾ آهي ته جوتا لاهي انهن جي مٿان نماز پڙهي وجي ته جيئن زمين يا ترا جيڪڏهن ناپاڪ هجن ته نماز ۾ خلل نه اچي. (فتاويٰ رضويه ج 9 ص 188)

## جنازي ۾ ڪيتريون صفون هجن

بهتر هي آهي ته جنازي ۾ ٽي صفون هجن جو حديث پاڪ ۾ آهي ته" جنهن جي جنازي جي نماز ٽن صفن پڙهي ان جي بخشش ٿي ويندي (جامع ترمذي ج 1 ص 22) جيڪڏهن ڪُل ست ئي ماڻهو هجن ته هڪ امام بڻجي وڃي ھاڻي پهرين صف ۾ ٽي ڄڻا بيهن ٻي ۾ ٻه ۽ ٽين ۾ هڪ ( غنيته المستملي ص 541) جنازي ۾ پوئين صف تمام صفن کان افضل آهي. (درمختار ج 3 ص 131)

## جنازي جي تعلق سان مختلف مدني گل

❖ امام 5 تڪبيرون چيون ته پنجي تڪبير ۾ مقتدي امام جي پيروي نه ڪري بلڪ چپ بيٺو رهي جڏهن امام سلام ڦيري ته ان سان گڏ سلام ڦيري ڇڏي. ❖ جيڪو شخص جنازي سان گڏ هجي ان کي نماز پڙهڻ کان بغير واپس نه ٿيڻ گهرجي ۽ نماز کان پوءِ ميّت وارن کان اجازت گهري ڪري واپس وڃي سگهي ٿو ۽ دفن کان پوءِ اجازت جي حاجت ناهي. (عالمگيری كتاب الصلوٰة الباب الحادی و العشرون فی الجنائز، الفصل الخامِس فی الصلوٰة علی الميت، ١٦٥/١)

❖ جيڪڏهن ڪو ڪوهه ۾ ڪِري ڪَري مري ويو يا ان جي مٿان جڳهه ڪري پئي ۽ مُردي کي ٻاهر ڪڍڻ ممڪن ناهي ته انهيءَ جڳهه تي اُن جي نماز پڙهو. (رَدُّالْمُحْتَار، كتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، مطلب: فی تعظيم اولی الامر واجب، ١٤٧/٣)

❖ جنازي سان گڏ پيدل هلڻ افضل آهي ۽ سواري ته هجي ته اڳيان هلڻ مڪروه ۽ اڳيان هجي ته جنازي کان پري هجي. (عالمگيری كتاب الصلوٰة، الباب الحادی و العشرون فی ا لجنائز، الفصل الرابع فی حمل الجنازة، ١٦٢/١ و صغيری شرح منية المصلی، فصل فی

الجنائز ص ٢٩٢) ❖ جيڪڏهن ماڻهو وينا هجن ۽ نماز جي لاءِ اُتي جنازو آندو ويو ته جيستائين رکيو نه وڃي اُٿن نه. (الدر المُختار معه رَدُّالْمُحتَار كتاب الصلوٰة، باب صلوٰة الجنازة، ٣/١٦٠) ❖ جيڪڏهن ڪنهن جڳهه تي وينا هجن ۽ اُتان جنازو گذريو ته اُتي بيهڻ ضروري ناهي، ها جيڪو شخص گڏ وڃڻ چاهي ته اهو اُتي ۽ وڃي. ❖ (عالمگيرى كتاب الصلوٰة الباب الحادى و العشرون فى الجنائز، الفصل الرابِع فى حمل الجنازة، ١/١٦٢) جڏهن جنازو رکيو وڃي ته ائين نه رکو جو قبلي ڏانهن پير تين يا متو بلڪ ترڇو رکو جو ساڄو پاسو قبلي ڏانهن هجي. (عالمگيرى كتاب الصلوٰة الباب الحادى و العشرون فى الجنائز، الفصل الرابِع فى حمل الجنازة، ١/١٦٢) ❖ جنازي تي جيڪا چادر وڌي وڃي اها قرآني آيتن واري نه هجي ته بهتر آهي جو ته ڪڏهن ڪڏهن اها چادر پيرن تائين هلي ويندي آهي. ❖ جنازي جي جلوس ۾ سڀ اسلامي ڀائر ملي ڪري امامِ اهلسنّت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جو نعتيَہ قصيدو "ڪعبے ڪےبدرالدُجےٰ تم په ڪروڙوں دُرود" پڙهن (ان کان علاوه بيون نعتون وغيره به پڙهو پر فقط اڪابر علماءِ اهلسنّت[1] جو ئي ڪلام پڙهيو وڃي. مدني وصيت نامو،ص5

---

[1] اميرِ اهلِسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو ڪتاب "ڪفريه ڪلمن جي باري ۾ سوال جواب" صفحي نمبر 237 تي فرمائن ٿا : عافيت اُنهيءَ ۾ آهي ته مستند عالم سڳورن جا ڪلام پڙهيا وڃن، اردو ڪلام ٻڌڻ (پڙهڻ) جي لاءِ مشورةً "نعت رسول" جي سٽن حروفن جي نسبت سان ست نالا مبارڪ حاضر آهن: (1) امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان (حدائق بخشش) (2) استادِ زمن حضرت مولانا حسن رضا خان (ذوقِ نعت) (3) خليفهءِ اعليٰ حضرت مدّاح الحبيب حضرت مولانا جميل الرحمٰن رضوي (قبالهءِ بخشش) (4) شهزاده اعليٰ حضرت، تاجدار اهلِسنت حضور مفتي اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان ( سامانِ بخشش) (5) شهزاده اعلي حضرت، حجةالاسلام حضرتِ مولانا حامد رضا خان (بياضِ پاڪ) (6) خليفهءِ اعليٰ حضرت صدرالافاضل سيد مفتي محمد نعيم الدين مراد آبادي (رياض النعيم) (7) مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي ( ديوانِ سالڪ)" پڻ عشق ۽ محبت جي چاشني سان ڀريل اميرِ اهلسنت جو ڪلام" وسائلِ بخشش"

شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي رسالي ”مڙدي جا صدما“ ۾ جنازي جا ڪجهه مدني گل تحرير فرمايا آهن انهن کي بہ ملاحظ فرمايو:

## ”جنازو باعث عبرت آهي“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان جنازي جا 15 مدني گل

❖ 4 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) جنهن کي جنازي جي خبر ملي اهو ميّت وارن وٽ وڃي تعزيت ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هڪ قيراط اَجُر لکندو، پوءِ جيڪڏهن جنازي سان گڏ ويندو تہ اللهُ تعالٰي بہ قيراط اجر لکندو پوءِ ان جي نماز پڙهي تہ ٽي قيراط، پوءِ دفنائڻ وقت حاضر ٿئي تہ چار ۽ هر قيراط اُحُد (جبل) جي برابر آهي. (فتاوٰي رضويه مُخَرَّجه ج 9 ص 401، عمدة القاري ج 1 ص 400 تحت الحديث 47) (2) مسلمان جا مسلمان تي ڇهہ حق آهن: (انهن مان هڪ هي آهي تہ) جڏهن فوت ٿي وڃي تہ ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿئي. (مسلم حديث 5 (2162) ص 1192 ملخصًا) (3) جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي، تہ الله عَزَّوَجَلَّ حياء فرمائيندو آهي تہ انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي ان جو جنازو کڻي هليا ۽ جيڪي ان جي پٺيان هليا ۽ جن ان جي جنازي جي نماز ادا ڪئي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 282 حديث 1108) (4) مؤمن پانهي کي مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين جزا اها ڏني ويندي جو ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي. (مسند البزار ج 11 ص 86 حديث 4796)

## جنازي سان گڏ هلڻ جو ثواب

❖ حضرت سَيِّدنا داوٗد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو صرف تنهنجي رضا جي لاءِ جنازي سان گڏ هليو، ان جي جزا ڇا آهي؟ اللهُ تعالٰي فرمايو: جنهن ڏينهن هو

مرندو تہ فِرشتا ان جي جنازي سان گڏ هلندا ۽ مان ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندس. (شرح الصدور ص 97)

## جنازي کي ڏسي پڙهڻ جو ورد

❖ حضرت سَيِّدُنا مالڪ بن اَنَس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن کي ڪنهن وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پُڇيا ڪئي: مَا فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني الله عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون: هڪ ڪَلمي جي سبب بخشي ڇڏيو جيڪو حضرت سَيِّدُنا عُثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جنازي کي ڏسي پڙهندا هئا. (اهو ڪلمو هي آهي) سُبْحٰنَ الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْت (يعني اها ذات پاڪ آهي جيڪا زنده آهي ان کي ڪڏهن موت نہ ايندو) تنهنڪري مان بہ جنازو ڏسي ائين ئي پڙهندو هئس ان ڪَلمي پڙهڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو. (احياء العلوم ج 5 ص 266 ملخصًا)

❖ جنازي جي نماز ۾ رضاءِ الٰهي، فرض جي ادائگي، ميت ۽ ان جي عزيزن جي دلجوئيءَ وغيره سنين سنين نيتن سان شرڪت ڪرڻ گهرجي.

❖ جنازي سان گڏ ويندي پنهنجي انجام جي باري ۾ سوچيندا رهو تہ جيئن اڄ هن کي ڪٽي وڃن پيا، اهڙي طرح هڪ ڏينهن مون کي بہ ڪٽي ويندا، جهڙي طرح هن کي متيءَ جي مَٽن هيٺ دفن ڪيو پيو وڃي، اهڙي طرح مون کي بہ دفنايو ويندو، اهڙي طرح غور ۽ فڪر ڪرڻ عبادت ۽ ثواب جو ڪم آهي.

❖ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ ثواب جو ڪم آهي. سَيِّدُ الْمُرْسَلِين، جنابِ رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سَيِّدُنا سَعْد بن مُعاذ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو جنازو کنيو هو. (الطبقات الڪبري لابن سعد ج 3 ص 329، البنايه ج 3 ص 517 ملخصًا)

## جنازي کي ڪُلهو ڏيڻ جو ثواب

حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو جنازي کي چاليهه قدم کڻي هلي ان جا چاليهه ڪبيره گناهه مِٽايا ويندا ۽ حديث شريف ۾ آهي ته جيڪو جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي حتمي (مُستَقِل) بخشش فرمائي ڇڏيندو. (الجوهرة النيرة ص 139، بهار شريعت ج 1 ص 823، درمختار ج 3 ص 158،159)

## جنازي کي ڪلهو ڏيڻ جو طريقو

❖ سنّت هي آهي ته هڪ ٻئي پنيان چئني پاون کي ڪلهو ڏئي ۽ هر پيري ڏهه ڏهه قدم هلي. پوري سنّت هي آهي ته پهريان ساڄي پاسي جي سيراندي کي ڪلهو ڏي پوءِ ساڄِي پيراندي کي ڪلهو ڏي بعد ۾ کاٻي سيراندي کي ۽ پوءِ کاٻي پيراندي کي ۽ ڏهه ڏهه قدم هلي ته ڪل چاليهه قدم ٿيا. (بهار شريعت ج 1 ص 822، عالمگيري ج 1 ص 164) ڪجهه ماڻهو جنازي جي جلوس ۾ اعلان ڪندا رهندا آهن، ٻه ٻه قدم هلو انهن کي گهرجي ته هيئن اعلان ڪن هر هر پائي کي ڪلهو ڏيندي ڏهه ڏهه قدم هلو.

## احتياط فرمايو

❖ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ وقت ڇاتي واٽي ايذاء ڏيڻ واري انداز ۾ ماڻهن کي ڌڪا ڏيڻ جيئن ڪجهه ماڻهو ڪنهن شخصيت جي جنازي ۾ ڪندا آهن اهو ناجائز ۽ حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي.

## ٻار جو جنازو کڻڻ جو طريقو

ننڍي ٻار جي جنازي کي جيڪڏهن هڪ شخص هٿ تي کڻي هلي ته حَرج ناهي ۽ هڪ ٻئي پنيان ماڻهو هٿن ۾ وٺندا رهن. (عالمگيري ج 1 ص 164) عورتن کي (ٻار هجي يا وڏو ڪنهن جي به) جنازي سان وڃڻ ناجائز ۽ مَمنُوع آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 823،درمختار ج 3 ص 162)

## ڇا مڙس گھرواريءَ جي جنازي کي ڪلهو ڏئي سگھي ٿو؟

مڙس پنهنجي گهرواري جي جنازي کي ڪلهو ـ ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ ـ لاهي سگهي ٿو ۽ منهن ـ ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ جي جسم کي هٿ لڳائڻ جي منع آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 813، 814)

❖ جنازي سان گڏ بلند آواز سان ڪلمو شريف يا ڪلمو شهادت يا حمد ۽ نعت وغيره پڙهڻ جائز آهي. (ڏسو: فتاوٰي رضويه جلد 9 صفحي 139 کان 158)

جنازہ آگے آگے کہہ رہاہے اے جہاں والو!
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

## قبر ۽ دفن جو بيان

ميّت کي دفن ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي ۽ دفن ڪرڻ مان مراد هي آهي تہ کڏو کوٽي ڪري ميّت کي ان ۾ رکو ۽ مٿان تختہ رکي ڪري مٿي پري ڇڏيو هي جائز ناهي جو ميّت کي زمين تي رکي ڇڏيو ۽ چئني پاسن کان پٽيون ناهي ڪري بند ڪري ڇڏيو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 165، رد المحتار، ج. 3، 163)

قبر آخرت جي منزلن مان سڀ کان پهرين منزل آهي جيڪڏهن هيءَ آسان ٿي وئي تہ ان کان پوءِ جون منزلون هن کان آسان ٿينديون ۽ جيڪڏهن هتي مشڪل ٿي تہ اڳتي ان کان بہ وڌيڪ مشڪل معاملو ٿيندو ان ڪري عقلمند اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي موت ۽ قبر ۾ لهڻ کي ياد ڪري ۽ هاڻي کان ان جي لاءِ تياري ڪري.

## ان جي لاءِ تياري ڪيو

حضرت سيّدنا بَراء بن عازِب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ اسان سرڪارِ

مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبر جي ڪناري تي ويهي رهيا ۽ ايترا رُنا جو مٽي آلي ٿي وئي پوءِ فرمايائون: ”هن قبر جي لاءِ تياري ڪريو.“ (ابن ماجه ج 4 ص 466، حديث 4195)

## قبر ۾ مون سان گڏ ڪو بہ نہ هوندو

امير المؤمنين حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا غلام حضرت سيّدنا هاني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ امير المؤمنين حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جڏهن ڪنهن قبر جي پرسان بيهندا هئا تہ اِيترو روئيندا هئا جو ڳوڙن سان سندن جي ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي. (ترمذي، ج. 4، ص. 138، حديث 2315)

المواعظ العُصفُوريہ ۾ هن حڪايت ڪي ڪجهہ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ ڪجهہ هيئن بہ آهي تہ جڏهن حضرت سيّدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان قبر کي ڏسي ڪري تمام گهڻي روئڻ جو سبب پڇو ويو تہ فرمايائون: مونکي پنهنجي اڪيلائي ياد اچي ويندي آهي جو تہ قبر ۾ مون سان گڏ ماڻهن مان ڪو بہ نہ هوندو، (پوءِ نيڪي جي دعوت جا مدني گل عطا ڪندي) فرمايائين: جنهن جي لاءِ ان جي دنيا قيد خانو آهي ان جي لاءِ ان جي قبر جنّت، ۽ جنهن جي لاءِ ان جي دنيا جنّت آهي ان جي لاءِ ان جي قبر ان جي لاءِ قيدخانو آهي، جنهن جي لاءِ دنيا جي زندگي بطور قيد هئي موت ان جي رِهائي جو پيغام آهي، جنهن دنيا ۾ نفس جي خواهشن کي ڇڏيو اهو آخرت ۾ پورو پورو حصو حاصل ڪندو، بهتر شخص اهو آهي جيڪو ان کان پهريان جو دنيا هن کي ڇڏي اهو پاڻ دنيا کي ڇڏي چڪو هجي ۽ پنهنجي پروردگار سان ملڻ کان پهريان اُن کان راضي ٿي چڪو هجي. هر ماڻهو جي قبر جو معاملو ان جي دنياوي زندگي جي مطابق

آهي يعني نيڪين ۾ زندگي گذاري ته قبر ۾ راحتون ۽ جيڪڏهن برايون ڪندي مئو ته هلاڪتون ئي هلاڪتون. (مواعظه حسنه، ص. 61)

## قبر جو ميّت سان خطاب

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن ميّت کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ته قبر چوندي آهي: اي انسان! تو تي افسوس آهي توکي منهنجي باري ۾ ڪهڙي شيءِ ڌوکي ۾ وڌو هئو؟ ڇا توکي خبر نه هئي ته مان آزمائشن، اونداهين، اڪيلائين ۽ ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان، جڏهن تون مون تي اڪِتي پوئتي پير رکي گذرندو هئين ته توکي ڪهڙي شيءِ غرور تي اياريندي هئي؟ جيڪڏهن ميّت نيڪ هوندي آهي ته ان جي طرفان ڪو جواب ڏيڻ وارو قبر کي جواب ڏيندو آهي ڇا توکي خبر ناهي هي شخص نيڪين جو حڪم ڏيندو ۽ برائين کان روڪيندو هو. قبر چوندي آهي: تڏهن ته مان ان جي لاءِ ساوڪ ۾ تبديل ٿي ويندس، ان جو جسم نوراني ٿي ويندو ۽ ان جي روح الله تعالي جي رحمت جي قرب ۾ ويندي. (مڪاشفة القلوب، ص. 170، معجم ڪبير، ج. 22، ص. 377، حديث 942)

## تو عبرت ڇو نه حاصل ڪئي

حضرت محمد بن صبيح رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته جڏهن ماڻهو کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ان کي عذاب ڏنو ويندو آهي ته ان جي پرسان وارا مڙدا چوندا آهن: اي پنهنجي پائرن ۽ پاڙي وارن کان پوءِ دنيا ۾ رهڻ وارا ! ڇا تو اسان جي موت مان عبرت حاصل نه ڪئي؟ ۽ تنهنجي سامهون اسان جو مري دفن ٿيڻ ڪا قابل غور ڳالھ نه هئي؟ تو اسان جي موت سان اسان جا عمل ختم ٿيندي ڏٺا؟ پر تون زنده رهين ۽ توکي عمل ڪرڻ جي مهلت ڏني وئي، پر تو ان مهلت کي غنيمت نه ڄاتو ۽ نيڪ عمل نه ڪيا، ۽ انکي زمين جو اهو

تڪڙو چوندو آهي: اي دنيا جي ظاهر تي تڪبر ڪرڻ وارا! تو پنهنجي انهن رشتيدارن کان عبرت چو نہ حاصل ڪئي جيڪي دنياوي نعمتن تي تڪبر ڪندا هئا اهي تنهنجي سامهون منهنجي پيٽ ۾ گم ٿي وياء انهن جي موت انهن کي قبرن ۾ وڃي آئي ۽ تو انهن کي ڪلهن تي سوار هِن منزل جي طرف ايندي ڏٺو جو جنهن کان فرار ٿيڻ جي ڪا بہ واٽ نہ آهي. (مڪاشفة القلوب، ص. 170)

منا منا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها قبر جي اندروني حالات تي گهڻو غور فرمائيندا آهن ۽ افسوس! اسان ڪيئي ڀيرا قبرون ڏسندا آهيون پر عبرت ناهيون وٺنداء ڪاش! اسان بہ سنجيدگي سان غور ڪرڻ وارا ٻڻجون ۽ پنهنجو محاسبو ڪيون تہ قبر ۽ آخرت جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي ۽ جيڪا زندگي باقي آهي ان کي ڪيئن گذارڻو آهي. اچو پنهنجي باقي زندگي نيڪن ۾ گذارڻء گناهن کان تائب ٿيڻ ۽ توبہ تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ کي قبر ۽ آخرت جي هولناڪين کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهوء نيڪي جي دعوت جي مدني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺوء مدني انعامات جي مطابق پنهنجي زندگي گذاريوء سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀري سفر جي ترڪيب ڪندا رهو.

## دفنائڻ ۾ شرڪت جي فضيلت

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪو جنازي ۾ شامل هجي ۽ دفنائڻ تائين گڏ رهي تہ اهو وڏي ثواب جو حقدار ٿيندو جيئن تہ

## ٽن قيراط جو ثواب

حضرت سيّدنا جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ مديني جي سلطان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو جنازي سان گڏ هليو ۽ دفنائڻ تائين گڏ رهيو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ اهڙا ٽي قيراط ثواب لکندو جنهن مان هر قيراط اُحد جبل کان وڏو هوندو. (معجم اوسط للطبراني، ج. 6، ص. 429، حديث 9292)

## قبر جون قسمون

بناوت جي اعتبار سان قبر جون ٻہ قسمون آهن:

❖ لَحد (يعني بغلي قبر) ❖ شَق (يعني صندوق)

❖ لَحد: هن کي بغلي قبر بہ چوندا آهن هن جي تيار ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ صندوق وانگر کڏو کوٽي ڪري ان ۾ قبلي جي طرف پيٽ ۾ ايتري جڳهہ کوٽيو جو ان ۾ ميّت کي آساني سان رکي سگهجي. خيال رهي تہ لحد صرف سخت زمين ۾ ئي ٺاهي سگهجي ٿي نرم زمين ۾ نٿي ٺهي سگهي.



❖ شَق: اها صندوق (box) وانگر هوندي آهي. ان جو طريقو هي آهي تہ پهريان هڪ چورس کڏو( box-like pit) کڻي انچ کوٽيو (يعني ايترو گِهرو(deep) جو ان ۾ تختا رکي سگهجن)



پوءِ ان جي وچ ۾ ٻيو چڪور کڏو ان کان ننڍو، جيڪو ڊيگھ ۾ ميّت جي قد کان ڪجھ وڏيڪ هجي، ويڪر ۾ ميّت جي اڌ قد برابر ۽ گِهرائي ۾ ماٺهوءَ جي قد جي برابر يا سيني تائين هجي. لَحد سنّت آهي جيڪڏهن زمين ان قابل هجي ته اها ئي ڪاهيو ۽ نرم زمين هجي ته صندوق ۾ حرج ناهي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 165)

## جنّت البقيع ۾ لحد حاصل ڪرڻ وارا مبلغ دعوت اسلامي

مرڻو ته هر هڪ کي آهي يقينًا موت اچي ئي رهندي پر جنهن کي مديني ۾ موت اچي ۽ وري جنّت البقيع ۾ لحد ٻڌجي وڃي ته ان جي ڇا ڳالھ ڪجي! حديث پاڪ ۾ آهي: توهان مان جنهن کان ٿي سگهي ته اهو مديني ۾ مري ته ان کي گهرجي ته اهو مديني ۾ ئي مري ڇاڪاڻ ته جيڪو مديني ۾ مرندو مان ان جي شفاعت فرمائيندس ۽ ان جي حق ۾ گواهي ڏيندس. (شعب الايمان، ج. 3، ص. 497، حديث 1482)

موت لے کے آجاتی زندگی مدینے میں        موت سے گلے مل کر زندگی سے مل جاتا

بقيع وارن جي فضيلت جي متعلق اسان جا آقا مديني وارا مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: سڀ کان پهريان منهنجي قبر کلندي، پوءِ ابوبڪر پوءِ عمر جون قبرون ڪُلنديون پوءِ مان بقيع وارن وٽ ايندس ته اهي به پنهنجي قبرن مان نڪرندا ۽ اهي مون سان گڏ هوندا.
(مستدرڪ حاڪم، ج. 4، ص. 13، حديث 4486)

جنّت البقيع مدينہ منّوره جو اهو قديم ۽ بابرڪت قبرستان آهي جتي تقريبًا ڏهہ هزار صحابي سڳورن جون مقدّس مزارون آهن ۽ اها جنّت البقيع ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن شريفن جي سڌ ۾ آهي هتي جنهن کي دفن ٿيڻ نصيب ٿي وڃي تہ ان جي بلند تقدير جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اهڙي عظيم سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر عاشق جي دل بيقرار رهندي آهي ۽ اها ئي خواهش هوندي آهي.

ڪاش دشتِ طيبہ ميں، ميں بهٽک کے مر جاتا
پهر بقيع غرقد[1] ميں دفن کوئی کر جاتا

يقينًا رشڪ جي قابل آهن اهي ڀاڳن وارا عاشقان رسول جن کي مديني ۾ مرڻ نصيب ٿيو ۽ جنّت البقيع جن جو مدفن بڻيو، جيڪڏهن اوهان بہ عشق نبي جا جام پري پري ڪري پيئڻ، مديني جي ياد ۾تڙپڻ جو سليقو سکڻ، مديني ۾ مرڻ جي ۽ بقيع پاڪ ۾ دفن ٿيڻ جي تڙپ وڌائڻ چاهيو ٿا تہ اچو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، مدني انعامات جي مطابق عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو جو معاشري جا اهي ماڻهو جيڪي گناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل هئا دعوت اسلامي ۾ اچي ڪري گناهن کان تائب ٿي ويا، جيڪي مسجد جو رخ ڪڏهن نہ ڪندا هئا اهي مسجدون آباد ڪرڻ وارا بڻجي ويا، جيڪي ڪڏهن سنّتن پري اجتماع ۾ شريڪ نہ ٿيندا هئا اهي سنّتن جو درس ڏيڻ وارا مبلغ بڻجي ويا. اچو هڪ خوش نصيب عاشق رسول مبلغ دعوت اسلامي محمد عرفان عطاري

[1] جنت البقيع کي ”بقيعُ الغرقد“ بہ چوندا آهيون عربي ۾ بقيع وڻن واري ميدان کي چيو ويندو آهي. ”غرقد“ هڪ خاص وڻ جو نالو آهي چو تہ هن ميدان ۾ پهريان غرقد جا وڻ هئا ان ڪري هن جڳهہ جو نالو بقيع الغرقد ٿي ويو. (مرأة المناجيح، قبرن جي زيارت، ج. 2، ص. 525)

جو واقعو ٻڌو جيڪو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ته
ڇا ٿيو انهن جي تقدير ئي چمڪي اُٿي مديني ۾ مرڻ ۽ بقيع پاڪ ۾
دفن ٿيڻ جي سچي تڙپ اُن کي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾
پهچائي ڇڏيو. جيئن ته

باب المدينہ ڪراچي جي علائقي نيو آباد (لياري) جي اسلامي ڀاءُ،
مبلغ دعوت اسلامي ۽ ڊويزن قافلہ ذِميدار محمد عرفان عطاري هڪ
بااخلاق ۽ ملنسار اسلامي ڀاءُ هئا. انهن کي مدني ڪمن جو گهڻو
جذبو هئو. مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن
جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جا مصداق، پنهنجي اصلاح
جي لاءِ مدني انعامات تي پابندي سان عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن
جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ خوب مدني قافلن ۾ سفر ڪندا هئا
۽ اسلامي ڀائرن کي به سفر جي ترغيب ڏياريندا هئا. ۽ مدني دوري
جا به پابند هئا. انهن جو معمول هئو جو باجماعت نماز جي لاءِ مسجد
ويندي اسلامي ڀائرن کي نماز جي دعوت ڏيندا هئا انهن لڳاتار 12
مهينن جي مدني قافلي ۾ به سفر فرمايو ۽ خوب نيڪي جي دعوت
جون ڌومون مچايون. گهر ۾ انهن جو ڪردار پسنديده ۽ مثالي هئو
گهر جا تمام ڀاتي ان سان محبت ڪندا هئا عرفان عطاري انهن تي
انفرادي ڪوشش ڪندي انهن کي به نيڪي جي دعوت پيش ڪندا
هئا، جيئن ته انهن جي ترغيب تي انهن جي وڏي ڀاءُ 12 مهينن جي
مدني قافلي جي سعادت ماڻي. نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ
۽ سنّتون عام ڪرڻ جو جذبو ڪٽي عرفان عطاري عاشقان رسول سان
گڏ موزَمبِيق (افريقہ) جي مدني قافلي ۾ به سفر جي سعادت ماڻي ۽
ڪم و بيش 25 مهينا اُتي مقيم رهيا، ان دوران ڪيترن ئي غير
مسلمن کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي ايستائين جو

فيضان مدينہ (موزَمبِيق) جي تعميرات جي دوران بہ ڪجھ غير مسلمانن ان جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.

سنّتن جي مدني قافلن ۾ سفر ڪندي اهو ڏينهن بہ آيو جو انهن کي حقيقت ۾ سفر مدينہ جي خوشخبري ملي، غم خوار آقا جي بارگاهہ مان جڏهن سڏ آيو تہ لبيِّڪ چوندي (عمره جي سعادت ماڻڻ جي لاءِ) حرمين شريفين روانا ٿي ويا (والده ۽ زوجہ بہ گڏ هيون)، مڪہ مڪرمہ ۾ عمرو ادا ڪرڻ ۽ ڪجھ ڏينهن قيام ڪان پوءِ مديني جي لاءِ روانا ٿيا، هاڻي هي مدينہ طيبہ ۾ هئا اتان جي پُرڪيف پُرسوز خوشبودار فضائن ۾. جڏهن روضہ رسول تي حاضري جو وقت آيو تہ ڌڙڪندڙ دل سان گڏ با ادب حاضري جي سعادت ماڻي. اجان مديني ۾ ئي قيام هئو جو ان دوران بيمار ٿي پيا ۽ تيز بخار جي سبب طبيعت گهٽي ناساز ٿي وئي. ظهر جي نماز ادا ڪرڻ ڪان پوءِ رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاہ ۾ هٿ کڻي مناجات ۾ مشغول ٿي ڪري ڪجھ هن طرح عرض ڪري رهيا هئا: يا الله! مونکي هاڻي هتان واپس ناهي وڃڻو مان هتي ئي مران منهنجو مدفن جنّت البقع ٿئي. دعا ڪان پوءِ آرام ڪرڻ جي لاءِ ليٽي پيا پر انهن جي دعا الله پاڪ جي بارگاہ ۾ قبول ٿي چڪي هئي. ان تي بيهوشي طاري ٿي وئي جڏهن اسپتال کڻي وڃڻ جي لاءِ اسلامي ڀائر اٿارڻ لڳا تہ انهن بلند آواز سان يارسول الله چيو ۽ ڪلمہ طيبہ پڙهي ڪري ٻيهر بيهوش ٿي ويا پوءِ اِنهيءَ بيهوشي جي عالم ۾ سندن انتقال ٿي ويو. انهن جي نماز جنازه گنبد خضرىٰ جي سائي ۾ ادا ڪئي وئي ۽ جنّت البقيع ۾ دفنايو ويو. الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبر جي ڊيگهه ۽ ويڪر ڪيتري هجي؟

❖ قبر جي ڊيگهه ميّت جي قد کان ڪجهه وڌيڪ هجي ۽ ويڪر اڌ قد جي ۽ گِهرائي (اونهائي) گهٽ ۾ گهٽ اڌ قد جي ۽ بهتر هي آهي ته گِهرائي به قد برابر هجي[1] ۽ وچولو درجو هي آهي ته سيني تائين هجي. ان مان مراد هي آهي ته لحد يا صندوق ايتري هجي، هي مراد ناهي جو جتان کوٽڻ شروع ڪئي اُتان کان آخر تائين اها مقدار هجي.

(فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 370، و رد المحتار، ج. 3، ص. 164)

## قبر اندران ڪيئن هجي؟

❖ قبر جي اندر جون پتيون وغيره ڪچي متيءَ جون هجن، باهه جون پڪل سِرون استعمال نه ڪيون وڃن جيڪڏهن اندران پڪل سِرن جي پٽ ضروري هجي ته پوءِ اندر واري حصي کي مٽي جي گاري سان سهٽي نموني ليپيو وڃي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 167، و عالمگيري، ج. 1، ص. 166)

❖ قبر جي اندر چٽائي وغيره وڇائڻ ناجائز آهي جو بغير ڪنهن سبب جي مال ضايع ڪرڻ آهي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 164)

❖ ممڪن هجي ته اندروني تختن تي يٰسين شريف، سورة المُلڪ ۽ درود تاج پڙهي ڪري دم ڪيو وڃي. (مدني وصيت نامه، ص. 4)

---

[1] ميت جي قبر قد برابر کوٽڻ وڌيڪ بهتر آهي چوجو جيڪڏهن جسم سڙي وڃي ته اُن جي بدبو ڦيهلجڻ کان بچاءُ ٿيندو ۽ گِهرائيءَ جي وجهه سان گوشت خور جانور ڳورپٽ کان حفاظت به ٿيندي (ان کي گورکن يعني قبر کوٽيندڙ به چوندا آهن هي ڪڏهن ڪڏهن قبر کي سوراخ ڪري اندر گهڙي ويندو آهي ۽ گوشت کائي ويندو آهي). فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی گِهري قبر کوٽڻ کي پسند فرمايو ۽ ان جي ترغيب به ڏياري آهي جيئن ته علامه ابن عابدين شامي فرمائن ٿا ته: جيڪڏهن قبر کي گهٽو گِهروکوٽي ميت جي قد جي برابر ڪيو وڃي ته وڌيڪ سنو آهي اهڙي طرح گهرو ڪرڻ جو مقصد بدبو کي روڪڻ ۽ درندن سان قبر کي محفوظ ڪري بچائڻ ۾ مبالغو آهي.
(رد المحتار، ج. 3، ص. 164)

محقق علي الاطلاق شيخ عبد الحَق محدث دهلوي فرمائن ٿا: قبر گِهري ڪرڻ سنت آهي ان ڪري جو ان ۾ ميت کي گوشت خور جانور ڳورپٽ کان بچائڻ آهي. (اشعة اللمعات، ج. 1، ص. 739)

## دفنائڻ جون نيّتون

❖ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي تدفين ۾ حصو وٺندس ❖ فرض ڪفايہ ادا ڪندس ❖ مسلمان جي حق جي ادائيگي ڪندس ❖ قبرستان جي دعا پڙهندس اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَكُمۡ وَ اَنۡتُمۡ سَلَفُنَا وَ نَحۡنُ بَالۡاَثَر ❖ ممڪن ٿيو تہ ٻين کي بہ بلند آواز سان پڙهائيندس ❖ پير زخمي هئڻ يا ايذا جو خدشو نہ هوندو تہ قبرستان ۾ پيرين اگاڙي هلندس ❖ قبر تي پير رکڻ ۽ ويهڻ کان بچندس ۽ ممڪن ٿيو تہ نرمي سان سمجهائي ڪري ٻين کي بہ بچائيندس ❖ فضول گفتگو ۽ کِل ڀوڳ کان بچندس ❖ موقع جي مناسبت سان ماڻهن کي گڏ ڪري نيڪي جي دعوت پيش ڪندس ❖ موت ۽ قبر ۾ لهڻ کي ياد ڪري پاڻ کي ۽ ٻين کي عبرت ڏياريندس ❖ مرحوم ۽ تمام مومنن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندس ❖ ايصالِ ثواب بہ ڪندس

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دفنائڻ جو طريقو

جنازو قبر جي پرسان قبلي ڏانهن رکو جو مستحب آهي ۽ ميّت کي قبلي ڏانهن ئي قبر ۾ لاهيو قبر جي پيراندي (يعني پيرن جي طرف واري جڳهہ ڏانهن) رکي ڪري مٿي جي طرف کان نہ لاهيو.

(در المحتار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 166)

❖ ضرورت جي مطابق 2 يا 3 ۽ بهتر هي آهي تہ مضبوط ۽ نيڪ ماڻهو قبر ۾ لهن. عورت جي ميّت مَحارِم لاهن يعني اهي جنهن سان ان عورت جو نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هئو جيئن پياءُ، پٽ، پيءُ

وغيره، اهي نہ هجن تہ بيا رشتيدار، اهي بہ نہ هجن تہ پرهيزگارن کان لهرايو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 166)

❖ عورت جي ميّت کي لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين کنهن ڪپڙي سان ڍڪي رکو. (رد المحتار، ج. 3، ص. 168 و جوهرة نيرة، ص. 140)

❖ قبر ۾ لاهيندي وقت هيءَ دعا پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ وَبِاللّٰهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللّٰه

(تنوير الابصار، ج. 3، ص. 166)

❖ ميّت کي ساڄي پاسي هن طرح ليٽايو جو ان جو منهن ۽ سينو قبلي جي طرف ٿي وڃي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 166)

❖ ان جو آسان طريقو هي آهي تہ ميّت جي پٺيءَ جي هيٺان نرم مٽي يا ريت جو وهاڻو ناهيو وڃي ۽ هٿ کي پاسي کان جدا رکو. جتي ان ۾ مشڪل ٿئي تہ اُتي سڌو ليٽائي ڪري منهن قبلي ڏانهن ڪري ڇڏيو هاڻي اڪثر اهو ئي طريقو پيو هلي. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 371)

❖ جيڪڏهن معاذالله منهن قبلي ڏانهن نہ رهيو ۽ اهڙو سخت ٿي ويو جو ڦري نہ ٿو سگهي تہ ڇڏي ڏيو ۽ گهڻي تڪليف نہ ڏيو. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 372)

❖ ڪفن جي ڳنڍ کولي ڇڏيو جو هاڻي ضرورت ناهي ۽ نہ کولي تہ بہ حرج ناهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 167، و جوهرة نيرة، ص. 140)

❖ البت جتي ڪفن جي ڳنڍ کولڻ سان سِترَ کُلڻ ۽ عورت جي بي پردگي جو خدشو هجي تہ هرگز کولڻ جي اجازت ناهي. (دار الافتاء اهلسنت)

❖ جيڪڏهن ميّت جو منهن ڏسڻ جي لاءِ جو قبلي ڏانهن ٿيو يا نہ، عورت جو منهن کولڻ جي حاجت هجي تہ اها احتياط رهي تہ ڪنهن نامحرم جي نظر منهن تي نہ پوي. (دار الافتاء اهلسنت)

ڪفن جي ڳنڍ کولڻ وارو هيءُ دعا پڙهي: اَللّٰهُمَّ لَا تَحْرِمْنَا اَجْرَهٗ وَلَا تَفْتِنَّا بَعْدَهٗ (طحطاوي علي مراقي الفلاح، ص. 609) ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي هن جي اجر کان محروم نہ ڪر ۽ اسان کي ان کان پوءِ فتنني ۾ نہ وجهہ.

❖ قبر ڪچي سِرن سان بند ڪري ڇڏيو جيڪڏهن زمين نرم هجي تہ (ڪاٺيءَ) جا تختا لڳائڻ جائز آهي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 167)

❖ خوش نصيبي جو! ساداتِ ڪرام پنهنجي رحمت وارن هٿن سان قبر ۾ لاهي ڪري اَرحمُ الرّٰحِمِين جي حوالي ڪن.

## مٽي وجهڻ جو طريقو

❖ حاضرينِ جنازه مان هر هڪ جي لاءِ مستحب هي آهي تہ سيراندي کان ٻنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهن. پهرين ڀيري چون مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ (اسان زمين ئي مان توهان کي بڻايو) ٻئي ڀيري وَ فِيهَا نُعِيْدُ كُم (۽ انهيءَ ۾ توهان کي موٽائينداسين) ٽين ڀيري وَمِنْهَا نُخْرِجُكُم تَارَةً اُخْرىٰ (۽ انهيءَ مان توهان کي ٻيهر ڪينداسين) چون. هاڻي باقي مٽي بيلچي وغيره سان وجهي ڇڏيو. (جوهرة نيرة، ص. 141)

❖ جيتري مٽي قبر مان نڪتي آهي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروه آهي. (عالمگيري، ج. 1، ص. 166)

❖ هٿ تي جيڪا مٽي لڳي آهي ان کي ڇَنڊي ڇڏيو يا ڌوئي ڇڏيو اختيار آهي. (بهارشريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 845)

## دفنائڻ کان پوءِ قبر لھواري ٺاھيو

قبر اٺ جي ٿوھي وانگر لھواري ٺاھيو چؤڪندي (يعني چار ڪندن واري جيئن اڄڪلھ دفنائڻ کان ڪجھ ڏينھن پوءِ اڪثر سرن وغيره سان ٺاھيندا آھن) نہ ٺاھيو. (رد المحتار، ج. 3، ص. 169)

❖ قبر ھڪ گرانٺ مٿي ھجي يا ان کان معمولي وڌيڪ. (رد المحتار، ج. 3، ص. 168)

## قبر تي پاڻي ڇٽڪارڻ ڪيئن؟

❖ دفن ڪرڻ کان پوءِ پاڻي ڇٽڪارڻ سنّت آھي. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 373)

❖ ان کان علاوه بعد ۾ ٻوٽي وغيره کي پاڻي ڏيڻ خاطر پاڻي ڇٽڪاريو تہ جائز آھي. (مدني وصيت نامه، ص. 15)

❖ ڪجھ ماڻھو پنھنجي عزيزن جي قبر تي بنا سبب رسمي طور تي پاڻي ڇٽڪاريندا آھن اھو ناجائز ۽ اسراف آھي. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 373)

❖ قبر تي گل وجھڻ بھتر آھن جو جيستائين تازا رھندا تيستائين اللّٰه تعاليٰ جو ذڪر ڪندا ۽ ميّت جي دل وندرندي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 184)

## قبر ۾ تبرّڪات رکڻ برڪت جو سبب آھي

❖ شجرو يا عھد نامو قبر ۾ رکڻ جائز آھي ۽ بھتر ھي آھي تہ ميّت جي منھن جي سامھون قبلي جي طرف کان کڏڻو ناھي ڪري ان ۾ رکو بلڪ "دُرِّ مختار" ۾ ڪفن تي عھدنامو لکڻ کي جائز چيو ويو آھي ۽ فرمايائون تہ ان سان مغفرت جي اميد آھي ۽ ميّت جي سيني ۽ پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم شريف لکڻ جائز آھي. ھڪ شخص ان

جي وصيت ڪئي هئي، مرڻ کان پوءِ سيني ۽ پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰهِ شريف لکي وئي پوءِ ان کي ڪنهن خواب ۾ ڏٺو، حال پڇو، چيائين: جڏهن مان قبر ۾ رکيو ويس، عذاب جا فرشتا آيا، فرشتن جڏهن پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰهِ شريف ڏٺي چيائون: تون عذاب کان بچي وئين. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 185) ائين بہ ڪري سگهجي ٿو تہ پيشاني تي بِسۡمِ اللّٰهِ شريف لکو ۽ سيني تي ڪلمو طيّب لَآاِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(رد المحتار، ج. 3، ص. 186)

❖ جيڪڏهن گورکن (قبر کوٽڻ وارو) قبر ۾ کڏڻي جي ترڪيب نہ ٺاهي تہ اهي تبرڪات ڪفن جي مٿان رکي سگهو ٿا. (دارالافتاء اهلسنت)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان مان جنهن کان ٿي سگهي اهو ضرور قبر ۾ عهدنامو يا شجرو شريف يا ٻئي رکي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن جي برڪت سان اوهان جي عزيز جون مشڪلون آسان ٿي وينديون ۽ ان کي قبر ۾ راحتون نصيب ٿينديون. اچو اهڙي ئي هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو! جيئن تہ

## قبر ۾ راحتون نصيب ٿيون

زَم زَم نگر (حيدرآباد، باب الاسلام، سنڌ) کان موصول ٿيڻ واري خط ۾ ڪجهه هن ريت تحرير هو: آگسٽ 2004ع ۾ هڪ عطاريہ اسلامي ڀيڻ جو انتقال ٿيو. ان جي انتقال کان پوءِ انهن کي غسل ڏيڻ واري دعوت اسلامي جي مبلغہ اسلامي ڀيڻ امير اهلسنّت جو عطا ڪيل رسالو شجره قادريہ رضويہ عطاريہ انهن جي رشتيدار خاتون کي ڏيندي ان جي قبر ۾ رکڻ جو مشورو ڏنو. گهر جي مردن جي ذريعي شجره عاليہ انهن جي قبر ۾ رکرايو ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ مرحومہ پنهنجي رشتيدار اسلامي ڀيڻ کي خواب ۾ سٺي بستري تي وينل نظر آئي. اها گهڻو خوش نظر اچي رهي هئي.

مرحوم مسڪرائيندي ڪجهه هيئن چوڻ لڳي: هي شجرو شريف ونو ۽ اُن اسلامي ڀيڻ جو شڪريو ادا ڪندي واپس ڪري ڇڏيو. اها انهن جي امانت آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن شجره عطاريہ جي برڪت سان مون کي قبر ۾ ڏاڍو سڪون مليو آهي. (شجره عطاريه، ص 169)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي سڀ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جون برڪتون آهن جنهن اسان کي مسلمانن سان خيرخواهي ڪرڻ جو جذبو ڏنو اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ پنهنجي قبر ۽ آخرت کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اوهان سلسلہ قادريہ عطاريہ ۾ بيعت آيو[1] تہ شجرو بہ پنهنجي کيسي ۾ رکڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو ڪليل اکين سان ان جون برڪتون ڏسندؤ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب         صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فاتِحہ خواني ۽ ايصالِ ثواب[2]

❖ فاتح خواني (رائج سورتون ۽ آيتون تلاوت) ڪري، حضور سيّد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن وسيلي سان تمام انبيا ۽ مرسلين، ملائڪ مقربين، صحابہ ۽ صحابيات، امّهات المؤمنين، اهل بيت اطهار، شهداءِ ڪرام ۽ علماءِ دين، اولياءِ ڪرام ۽ بزرگانِ دين کي ايصالِ ثواب

[1] جيڪڏهن اجان تائين ڪنهن جامع پير صاحب کان بيعت ناهيو ٿيا تہ سلسلا عاليہ قادريہ عطاريہ ۾ مريد ٿيڻ جو طريقو صفحي نمبر 386 تي ملاحظو فرمايو.

[2] فاتحہ کان پهريان حاضرين کي متوجهہ ڪرڻ جي لاءِ تلاوت جو اعلان ڪريو، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو تحرير ڪيل هي اعلان ڪتاب جي آخر ۾ هن عنوان مان آهي. تلاوت کان پهريان هي اعلان ڪريو.

ڪيو پوءِ تمام مسلمان جنّن ۽ انسانن ۽ خصوصًا مرحوم (مرحومہ) ڪي ايصالِ ثواب ڪيو.

❖ دفن ڪان پوءِ سيراندي ڪان سورة بقره جو پهريون رڪوع الٓمّٓ ڪان مُفْلِحُوْن ۽ پيراندي ڪان آخري رڪوع اٰمَنَ الرَّسُوْل ڪان سورت جي آخر تائين پڙهڻ مُستَحب آهي.[1] (جوهرة نيرة، ص. 141)

❖ قبر جي سيراندي ڪان قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي اذان ڏيو جو ميّت جي لاءِ بيحد نفع بخش آهي. (فتاويٰ رضويه، ج. 5، ص. 370)

## دفنائڻ ڪان پوءِ تلقين جو بيان

❖ هاڻي تلقين ڪيو جو سنّت آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن توهان جو ڪو مسلمان ڀاءُ مري ۽ ان ڪي مٽي ڏئي چڪو تہ توهان مان هڪ شخص قبر جي سيرانديءَ ڪان بيهي ڪري چوي: اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا! اهو ٻڌندو ۽ جواب نہ ڏيندو. پوءِ چوي: اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا! اهو سڌو ٿي ويهي رهندو. پوءِ چوي: اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا: اهو چوندو اسان ڪي ٻڌاءِ، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي پر توهان ڪي ان جي چوڻ جي خبر ناهي پوندي، پوءِ چوي: اُذْكُرْ مَا خَرَجْتَ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا شَهَادَةَ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وَاَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا.

ترجمو: تون ان ڪي ياد ڪر، جنهن تي تون دنيا مان نڪتين يعني اها گواهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن ۽ هي جو تون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رب ۽

[1] سوره بقره جا هي ٻئي رڪوع صفحہ نمبر 361 ۽ 362 تي ملاحظ فرمايو.

اسلام جي دين ۾ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبي ۾ قرآن جي امام هئڻ تي راضي هئين) منڪر نڪير هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي چوندا هلو اسان ان وٽ ڇا ويهون جنهن کي ماڻهو ان جي حجت (دليل) سيکاري چڪا. ان تي ڪنهن سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو جيڪڏهن ان جي ماءُ جو نالو معلوم نہ هجي؟ فرمايائون تہ حوا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڏانهن نسبت ڪري. (معجم ڪبير للطبراني، ج 8 ص250 حديث 7979)

ياد رهي! فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جي بدران ميت ۾ ان جي ماءُ جو نالو وٺي، مثلاً محمد الياس بن اَمِينہ ۾(جيڪڏهن ميت اسلامي ڀيڻ جي هجي تہ مثلاً) يا فاطمہ بنت حليمہ وغيره، ۾ ”تلقين صرف عربي ۾ ڪئي وڃي“.

ڪجھ اَجلہ اَئمہ تابعين فرمائن ٿا: جڏهن مٽي قبر تي برابر ڪري وٺو ۽ ماڻهو واپس وڃن تہ مستحب سمجهو ويندو هو تہ ميّت وٽ ان جي قبر جي پرسان بيهي ڪري چيو وڃي:

يَا فُلَانُ! قُلْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (ٽي ڀيرا)

ترجمو: اي فلاڻا! تون چئو تہ الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي.

(نوٽ: هتي يا فلاڻا جي جڳھ ميّت جو نالو وٺو مثلاً يا الياس! يا فاطمہ! وغيره)

پوءِ چيو وڃي: قُلْ رَّبِّيَ اللهُ وَ دِيْنِيَ الْاِسْلَامُ وَنَبِيِّ مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(شرح الصدور، ص. 106)

ترجمو: تون چئو! منهنجو رب الله آهي ۽ منهنجو دين اسلام آهي ۽ منهنجا نبي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن.
اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان تي هي اضافو ڪيو آهي:

وَاعْلَمْ اَنَّ هٰذَيْنِ الَّذِيْنَ اَتَيَاكَ اَوْ يَأْتِيَانِكَ اِنَّمَا هُوَ عَبْدَانِ لِلّٰهِ لَا يَضُرَّانِ وَ لَا يَنْفَعَانِ اِلَّا بِاِذْنِ اللهِ فَلَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ وَاشْهَدْ اَنَّ رَبَّكَ اللهُ وَ دِيْنَكَ الْاِسْلَامُ وَ نَبِيَّكَ مُحَمَّدٌ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ثَبَّتَنَا اللهُ وَاِيَّاكَ بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِى الْاٰخِرَةِ اِنَّهُ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ.

ترجمو: ۽ ڄاڻي وٺ ته هي ٻه شخص جيڪي تو وٽ آيا يا ايندا اهي الله جا ٻانها آهن الله جي حڪم کان سواءِ نه نقصان پهچائن، نه نفعو پوءِ نه خوف ڪر ۽ نه غم ڪر ۽ تون گواهي ڏي ته تنهنجو رب الله آهي ۽ تنهنجو دين اسلام آهي ۽ تنهنجا نبي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. الله اسان کي ۽ توکي قولِ ثابت تي ثابت رکي. دنيا جي زندگي ۾ ۽ آخرت ۾ بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.[1]

(بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 851 و فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 223)

❖ دفن ڪرڻ کان پوءِ قبر تي ايتري دير ترسڻ مستحب آهي جيتري دير ۾ اُٺ ذبح ڪري ان جو گوشت تقسيم ڪيو وڃي جو انهن جي

---

[1] اسلامي ڀيڻ جي قبر تي ٻيهي ڪري هيئن تلقين ڪئي وڃي:
يَا فُلَانَةُ بِنْتَ فُلَانَةٍ! اُذْكُرِىْ مَا خَرَجْتِ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا: شَهَادَةَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وَاَنَّكِ رَضِيْتِ بِاللهِ رَبًّا وَّبِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّبِمُحَمَّدٍ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نَبِيًّا وَّبِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا.
ترجمو: تون اُن کي ياد ڪر! جنهن تي تون دنيا کان نڪتينءَ يعني هيءَ گواهي ته الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن ۽ اهو ته تون الله عَزَّوَجَلَّ جي رب ۽ اسلام جي دين ۽ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبي ۽ قرآن جي امام هئڻ تي راضي هئينءَ.

ترسڻ سان ميّت کي پهنجائپ لڳندي. ۽ نڪيرين جو جواب ڏيڻ ۾ وحشت نہ ٿيندي ۽ ايتري دير تائين تلاوتِ قرآن ۽ ميّت جي لاءِ دعا ۽ استغفار ڪن ۽ هيءَ دعا ڪن تہ نڪيرين جي سوال جي جواب ۾ ثابِت قدم رهي. (بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 846)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور تي ماڻهو تدفين کان فارغ ٿيندي ئي قبرستان مان هليا ويندا آهن ميّت کي اُنسيت(پهنجائپ) پهچائڻ ۽ عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٿوري دير بہ ويهڻ جو ذهن ناهي هوندو پر عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ ان جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۽ ڪيترائي اسلامي ڀائر اهڙا آهن جيڪي دفنائڻ کان پوءِ اُتي ويهي ڪري نعت خواني، درودخواني، تلاوت ۽ ٻين ذڪرواذڪار ۾ مشغول ٿي ڪري ميّت کي اُنسيت پهچائڻ جو سامان ڪندا آهن. ڪيترا خوش نصيب آهن اُهي اسلامي ڀائر جيڪي دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ آهن ۽ جن کي اهڙن اسلامي ڀائرن جو قرب حاصل آهي جيڪي نہ صرف زندگي ۾ بلڪ مرڻ کان پوءِ بہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي خيرخواهي جو ذهن رکندا آهن. اچو ان حوالي سان مفتي دعوت اسلامي رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي باري ۾ ٻڌو:

## مزار شريف تي 12 ڪلاڪ ذڪرواذڪار جو سلسلو

جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي تدفين ٿي چڪي تہ شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمّد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ترغيب ڏيارڻ تي تقريبًا 250 کان وڌيڪ اسلامي ڀائر تقريباً 12 ڪلاڪن تائين مفتيءِ دعوتِ اسلامي رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مزار تي ترسي ڪري نعت خواني اصلاحي بيان ۽ ذڪر ۽ درود ۾ مشغول رهيا ان دوران باجماعت نمازن جي ادائيگي

جو سلسلو رهيو، اتان ڪان هڪ مدني قافلو هتو هٿ تيار ٿيو، جيڪو صحراءِ مدينہ ۾ 7 ڏينهن ڪان پوءِ باب الاسلام سنڌ سطح تي ٿيڻ واري سنّتن ڀري اجتماع تائين اتي ترسيل رهيو. (مفتي دعوتِ اسلامي، ص. 73)

## ڪنهن جي قبر باغ ته ڪنهن جي قبر ۾ باھ

ٻاهران بظاهر هڪ جهڙيون نظر اچڻ واريون قبرون اندران هڪ جهڙيون ناهن هونديون، ڪنهن جي قبر اندران گُل ۽ گُلزار ۽ باغ هوندي آهي جڏهن تہ ڪنهن جي قبر ۾ ٻرندڙ شولا هوندا آهن ۽ اها قبر نانگ ۽ وِڇن جي غار هوندي آهي ان ڪري جيڪي ماڻهو گناهن ڀري زندگي گذاري ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول کي ناراض ڪري مرندا ۽ قبر ۾ لهندا آهن انهن جي تہ بس شامت ئي اچي ويندي آهي پر جيڪي نيڪ ٻانها ايمان سلامت ڪٺي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول جي رضا تي دنيا مان رخصت ٿيندا آهن، اهي وفات کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ پهچندا آهن ۽ انهن جا تہ بس مزا ئي مزا هوندا آهن.

اوهان بہ جيڪڏهن پنهنجي قبر گُل ۽ گُلزار بڻائڻ چاهيو ٿا تہ اچو قبر روشن ڪرڻ، گناهن جي عادت ڪيڻ، نمازن ۽ سنّتن جي عادت اپنائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابستہ ٿي وڃو، مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ مدني انعامات جي مطابق عمل ڪندي روزانو فڪر مدينہ جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ عظيم الشان مدني بهار اوهان کي ٻڌائي وڃي ٿي. جيئن تہ

# مفتي دعوتِ اسلامي جي جڏهن قبر کلي

امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فيضان سنّت جلد 2 جي باب ”غيبت جون تباه ڪاريون“ ۾ فرمائن ٿا: عاشقان رسول جي مدني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي مرڪزي مَجلسِ شُوريٰ جي رُڪن مُفتيءِ دعوت اسلامي الحاج الحافظ القاري مفتي محمّد فاروق عطاري المدني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ منهنجو حُسنِ ظَن آهي ته اهي دعوت اسلامي جا مُخْلِص مُبَلِّغ ۽ الله ڪان ڊڄڻ وارا بُزُرگ هئا جڻ ته هن حديث پاڪ جا مِصداق هئا. كُنْ فِي الدُّنيا كَأَنَّكَ غَرِيبٌ (يعني: دنيا ۾ اهڙيءَ طرح رهو جڻ ته اوهين مسافر آهيو) (صَحيح بُخاري ج4 ص 223 حديث 6416)

18 مُحرَّمُ الحَرَام 1427هـ مطابق 17-02-2006 بروز جمعه، جُمعي جي نماز ادا ڪرڻ ڪان بعد پنهنجي قِيام گاهه واقع (گلشن اقبال، باب المدينه ڪراچي) ۾ اوچتو دل جي حرڪت بند ٿيڻ ڪري تقريبًا 30 سالن جي جواني ۾ اِنتقال فرمائي ويا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي صحراءِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ دفن ڪيو ويو. وِصَال مبارڪ جي تقريبًا 3 سال 7 مهينا 10 ڏينهن ڪانپوءِ يعني 25 رَجبُ المُرَجَب 1430 هـ مطابق 18-07-2009 ڇنڇر ۽ آچر جي وچين رات باب المدينه ڪراچي ۾ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين تيز برسات ٿي، جنهن جي ڪري مُفتيءِ دعوتِ اسلامي الحَافِظ الحاج محمّد فاروق عطاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي قبر وچ مان ڪلي وئي، جيڪي اسلامي ڀائر صحراءِ مدينه ۾ حفاظتي ڪمن تي مقرر هئا، انهن صبح جي وقت ڏٺو ته قبر مان سائي رنگ جي روشني نڪري رهي هئي، عارضي طور تي قبر صحيح ڪرڻ وارن اسلامي ڀائرن جو حَلفِيه (يعني قسم کڻي) ڪجهه هن طرح بيان هو ته اسان ڏٺو ته دفن ڪرڻ جي تقريباً ساڍن ٽن سالن ڪانپوءِ به مفتيءِ دعوت اسلامي قُدِّسَ سِرُّهُ السّامي جو مبارڪ لاش ۽ ڪفن

اهڙي طرح سلامت هو جو ڄڻ تہ هاڻي هاڻي انتقال ٿيو هجي، ڪفن پارائڻ وقت رکيو ويندڙ سَبز سَبز عِمامو شريف سندن جي مٿي مبارڪ تي پنهنجا جلوا لٽائي رهيو هو. عمامي شريف جي ساڄي پاسي ڪَنَ جي ويجهو سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي وَارن جو ڪجهه حصو پنهنجون بهارون ڏيکاري رهيو هو. پيشاني نوراني هئي ۽ چهرو مبارڪ قبلي طرف هو. مفتيءِ دعوتِ اسلامي جي قبر مبارڪ مان اهڙي تہ خوشبو اچي رهي هئي جو اسان جي بدن جا سڀ عُضوا مُعَطّر ٿي ويا.

قبر ۾ بارش جو پاڻي لهي وڃڻ ڪري اهو اِمڪان هو تہ قبر وڏيڪ دٻجي نہ وڃي ۽ سِرون مرحوم جي پاڪ وجود کي صدمو نہ پهچائن، ان ڪري ان واقعي جي تقريباً ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ يعني اَربَع جي رات 6 شَعبان الْمُعَظَم 1430 ھ 28-07-2009 مفتي سڳورن ۽ عالم سڳورن جي موجودگيءَ ۾ ۽ پڻ هزارين اسلامي ڀائرن جو وڏو ميڙ جمع هئو، غلام زاده ابو اُسيد حاجي عُبيد رضا اِبنِ عَطار مدني سَلّمه الله الغني، اڳ ۾ ئي ٿيل سوراخ جي ذريعي قبر جي اندر لٽا تہ جيئن اهو اندازو لڳائي سگهن تہ جيئن جسم مبارڪ ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت آهي يا اندر ئي اندر قبر شريف جي تعمير ممڪن ٿي سگهي ٿي. انهن اندر جو جائزو ورتو ۽ اندران ئي دعوت اسلامي جي دَارُالاِفتاء اهلسنّت جي مفتي صاحب کي سڄي صورت حال بيان ڪئي، انهن بدن مبارڪ ٻاهر نہ ڪڍڻ جو حڪم فرمايو. غلام زادي حاجي عُبيد رضا کي مُووِي ڪئميرا ڏنو ويو، بهرحال پراڻي قبر جي اندروني ماحول ۾ مٽان مٽي وغيره ڪِرڻ جي باوجود اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن عمامي شريف، پيشاني مبارڪ ۽ وارن جي ڪجهه حصي جي ڪامياب مُووِي ناهي ورتي، جيڪا ڪجهه ئي ديرڪانپوءِ ”صَحراءِ مدينہ“ ۾ لڳايل

مختلف اسڪرينن تي هزارين اسلامي ڀائرن کي ڏيڪاري وئي ان وقت ماڻهن جا جذبا ڏسڻ وٽان هئا. اهو رُوح پَروَر منظر ڏسي بيشمار اسلامي ڀائر ڳوڙها ڳاڙي ويٺا. ان ڪانپوءِ اچڻ واري رات يعني اَربَع ۽ خميس جي وچين رات براهِ راست (يعني7 شَعبَان الْمُعَظَّم 1430 ھ 29-07-2009) تي دعوتِ اسلامي جي مدَني چَينل تي " خصوصي مدني مُڪالَمو" نشر ڪيو ويو، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جي لکين ناظرين کي ڪئميرا جي اندر محفوظ ٿيل قبر جو اندروني منظر ۽ مفتيءِ دعوتِ اسلامي قُدِسَ سِرُّهُ السّامي جي تقريبًا ساڍا ٽي سال پراڻي صحيح سلامت لاش مبارڪ جي عمامي شريف، پيشاني مبارڪ ۽ زلفن يعني وارن مبارڪن جي ڪجهه حصي جي زيارت ڪرائي وئي. جيئن تہ اها خبر هر طرف جهنگ جي باهہ وانگر پکڙجي چڪي هئي ان ڪري مختلف شهرن جي جدا جدا علائقن جي اسلامي ڀائرن جي بيانن جو خلاصو آهي تہ خصوصي مدني مڪالمي دوران ڪيترين ئي گهٽين ۽ بازارون اهڙي طرح سنسان ٿي ويون هيون جهڙي طرح مسلمانن جي علائقي ۾ رمضانُ المُبارڪ ۾ اِفطار جي وقت ٿيندي آهن. ۽ T.V تي گهر گهر مان خُصُوصِي مدني مُڪالمي جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو، هوٽلن ۽ حَجمَن جي دوڪانن وغيره ۾ جتي جتي T.V سيٽ موجود هئا، اتي عوام ميڙن جا ميڙ گڏ ٿي مدني چينل تي مفتيءِ دعوت اسلامي قُدِسَ سِرُّهُ السّامي جي مدني بهارن جا نظارا ڪري رهيا هئا. هڪ اِطلاع مطابق مدَني چَينل تي خُصوصِي مدني مُڪالَمو ٻڌي ۽ مفتيءِ دعوتِ اسلامي قُدِسَ سِرُّهُ السامي جي تقريبًا ساڍا ٽي سال پراڻي مبارڪ لاش جون رُوح کي سڪون ڏيندڙ جهلڪيون ڏسي هڪ غير مسلم اسلام قبول ڪري ورتو. اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ ان سلسلي ۾ شبِ براءت 1430 ھ جي مبارڪ موقعي تي هڪ تاريخي V.C.D

"مفتئ دعوت اسلامی کی جب قبر کھلی" جي نالي سان جاري ڪري
ڇڏي ۽ هن تاريخ تائين هزارين V.C.Ds وڪامجي چڪيون آهن.

جبیں میلی نہیں ہوتی دہن میلا نہیں ہوتا
غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

(فيضان سنت، باب غيبت جون تباهه ڪاريون، ج. 4، ص. 466)

الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي
اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اڇا وار قيامت ۾ نور هوندا

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڇهن وارن کي نه پٽيو ڇو جو
هي قيامت جي ڏينهن نور هوندا، جنهن جو هڪ وار اڇو هجي الله
پاڪ ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو ۽ ان جو هڪ گناهه معاف فرمائيندو
۽ ان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو. (الترغيب و الترهيب، ج. 3، ص. 86، حديث 6)

## تعزيت جو بيان

تعزيت جو لغوي معني آهي صبر ڏيارڻ، دلاسو ڏيڻ ۽ ان مان مراد
مصيبت ۾ پيل ماڻهوءَ کي صبر جي تلقين ڪرڻ آهي ۽ ميّت جي
عزيزن رشتيدارن سان اظهارِ افسوس ۽ اظهارِ همدردي ڪندي، دعا
وارا لفظ ۽ تسلي وارا جملا چوڻ کي به تعزيت چوندا آهن.
(اردو لغت، ج. 5، ص. 293)

جڏهن ڪنهن جو انتقال ٿي وڃي ته ان جي ويجهي رشتيدارن وٽ تعزيت جي لاءِ وڃڻ سنّت آهي. اهو ثواب جو ڪم آهي ۽ ان جا به فضائل آهن جيئن ته ان تحت ٻه حديث مبارڪون ملاحظ فرمايو!

## هڪ قيراط جيترو ثواب

حضرت سيّدنا ابو هريره کان روايت آهي ته رحمت عالم، نورمجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جنهن کي ڪنهن جنازي جي خبر ملي ۽ اهو اهل ميّت وارن وٽ وڃي انهن جي تعزيت ڪري الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط ثواب لکندو. (عمدة القاري، ج. 1، ص. 400، تحت الحديث 47)

## جنّت ۾ داخلا

حضرت سيّدنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هڪ ڀيري الله پاڪ جي بارگاه ۾ عرض ڪيو: ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو تنهنجي رضا جو طلبگار ٿي ڪري ڪنهن غم ۾ پيل(انسان) جي تعزيت ڪري ته تنهنجي طرفان ان جي جزا ڇا آهي؟ ارشادِ باري ٿيو! مان اُن کي تقويٰ جو لباس پارائيندس ۽ اُن کي جهنّم کان بچائي ڪري جنّت ۾ داخل فرمائيندس.

(جامع الاحاديث، حرف القاف، ج. 5، ص. 335، حديث 15187)

## تعزِيَت جون نيّتون

❖ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي تعزيت ڪندس ❖ سنّت تي عمل ڪندس ❖ مرحوم جي لاءِ دعا ڪندس ❖ صبر جا فضائل ٻڌي ڪري صبر جي تلقين ڪندس ❖ روئڻ پِٽڻ جي صورت ۾ ٿي سگهيو ته نرمي سان سمجهائي ڪري روڪڻ جي ڪوشش ڪندس ❖ مرحوم جي لاءِ

ايصالِ ثواب ڪندس ۽ انهن جي گهروارن کي ايصالِ ثواب جي لاءِ رسالا تقسيم ڪرڻ ۽ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندس. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب          صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”نيڪ بڻجڻ جو نسخو“ مان تعزيت جا مدني گل (ڪجهه ترميم سان گڏ) ملاحظ فرمايو:

## ”تعزيت سنتِ مبارڪ آهي“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان تعزيت جا 16 مدني گل

❖ 3 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جيڪو ڪنهن مصيبت واري جي تعزيت ڪندو ان جي لاءِ انهيءَ مصيبت واري جيترو ثواب آهي. (ترمذي ج 2، ص 338 حديث 1075) ﴿2﴾ جيڪو مؤمن پانهو پنهنجي ڪنهن مصيبت واري ڀاءُ جي تعزيت ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان کي ڪرامت جو جوڙو پارائيندو. (ابن ماجه ج 2، ص 268 حديث 1601) ﴿3﴾ جيڪو ڪنهن غمگين ماڻهو جي عيادت ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ کي تقوىٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ جيڪو ڪنهن مصيبت واري ماڻهو سان تعزيت ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت جي جوڙن مان ٻه اهڙا جوڙا پارائيندو جن جي قيمت (سڄي) دنيا به نٿي ٿي سگهي. (المعجم الاوسط ج 6 ص 429 حديث 9292) ❖ حضرت سيدنا موسىٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بارگاهِ ربُّ العِزت ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا رب عَزَّوَجَلَّ اهو ڪير آهي جيڪو تنهنجي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندو جنهن ڏينهن ان کان سواءِ ڪا ڇانوَ

نہ هوندي؟ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: ”اي موسىٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)! اهي ماڻهو جيڪي مريضن جي عيادت ڪندا آهن، جنازي سان گڏ ويندا آهن ۽ ڪنهن فوت ٿيل ٻار جي ماءُ سان تعزيت ڪندا آهن“ (تمهيد الفرش للسيوطي ص 62) ❖ تعزيت جي معنىٰ آهي: مصيبت واري ماڻهوءَ ڪي صبر جي تلقين ڪرڻ. ”تعزيت مَسنون (يعني سنت) آهي“. (بهار شريعت ج 1 ص 852) ❖ دفن ڪان پهريان بہ تعزيت جائز آهي، پر افضل هي آهي تہ دفن ڪان پوءِ ڪجي، هي ان وقت آهي جو اولياءِ ميت (ميت جا گهر وارا) روئڻ پٽڻ نہ ڪندا هجن، نہ تہ انهن جي تسلي جي لاءِ دفن ڪان پهريان ئي ڪري. (جوهره نيرة ڪتاب الصلاة ص 141) ❖ تعزيت جو وقت موت ڪان وٺي ٽن ڏينهن تائين آهي ان ڪان پوءِ مڪروه آهي جو اُن سان غم تازو ٿيندو پر جڏهن تعزيت ڪرڻ وارو يا جنهن جي تعزيت ڪئي وڃي اتي موجود نہ هجي يا موجود هجي پر ان ڪي خبر نہ هجي تہ بعد ۾ حرج ناهي. (جوهره نيرة ڪتاب الصلاة ص 141 و ردالمحتار ج 3 ص 177) ❖ (تعزيت ڪرڻ وارو) عاجزي ۽ انڪساري ۽ ڏک ۽ غم جو اظهار ڪري، گفتگو گهٽ ڪري ۽ مسڪرائڻ ڪان بچي جو (اهڙي موقعي تي) مسڪرائڻ (دلين ۾) بغض ۽ ڪينو پيدا ڪندو آهي. (آداب دين(مترجم) ص 35) ❖ مستحب هي آهي تہ ميّت جي سڀني عزيزن سان تعزيت ڪري، ننڍي وڏي مرد ۽ عورت سڀني سان پر عورت سان ان جا محارم ئي تعزيت ڪن. (بهارِ شريعت ج 1 ص 852) تعزيت ۾ هن طرح چوي: الله عَزَّوَجَلَّ اوهان ڪي صبرِ جميل عطا فرمائي ۽ ان مصيبت تي اجرِ عظيم عطا فرمائي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ مرحوم جي مغفرت فرمائي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنن لفظن سان تعزيت فرمائي. اِنَّ لِلّٰهِ مَا اَخَذَ، وَلَهٗ مَا اَعْطٰى، وَكُلٌّ عِنْدَهٗ بِاَجَلٍ مُسَمًّى، فَلْتَصْبِرْ وَلْتَحْتَسِبْ ترجمو: خدا جو ئي آهي جيڪو ان ورتو ۽ جيڪو ڏنو ۽ ان جي ويجهو هر شيءِ هڪ مقرره وقت تائين آهي ان ڪري صبر ڪيو ۽ ثواب جي اميد رکو. (بخاري ج 1 ص 434 حديث 1284) ❖ ميت جي عزيزن

جو گهر ۾ ويهڻ نہ ماڻهو انهن جي تعزيت لاءِ اچن ان ۾ حرج ناهي ۽ گهر جي دروازي تي يا عام رستي تي فراسي وڇائي ويهڻ سٺي ڳالهہ ناهين. (عالمگيري، ج. 1، ص. 167، و رد المحتار، ج. 3، ص. 176) ❖ قبر جي ويجهو تعزيت ڪرڻ مڪروهہ (تنزيهي) آهي. (درالمختارمع رد المختار ج 3 ص 177) ڪجهہ قومن ۾ وفات کان پوءِ ايندڙ پهرين شبِ براءت يا پهرين عيد جي موقعي تي رشتيدار ۽ پاڙيوارا ميت واري جي گهر تعزيت لاءِ گڏ ٿيندا آهن اها رسم غلط آهي. باقي جيڪو ڪنهن سبب جي ڪري تعزيت نہ ڪري سگهيو اهو عيد جي ڏينهن تعزيت ڪري تہ حرج ناهي. اهڙي طرح پهرين عيدالاضحىٰ تي جن ميت جي گهر وارن تي قرباني واجب هوندي انهن کي قرباني ڪرڻي پوندي نہ تہ گنهگار ٿيندا. هي بہ ياد رکو تہ سوڳ جا ڏينهن گذرڻ باوجود عيد اچڻ تي ميت جو سوڳ (غم) ڪرڻ يا سوڳ جي سبب سٺو لباس وغيره نہ پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. البتہ ائين ئي ڪو سٺو لباس نہ پائي تہ ڪو گناهہ ناهي ❖ جيڪو هڪ ڀيرو تعزيت ڪري آيو ان جو ٻيهر تعزيت ڪرڻ مڪروهہ آهي. (در مختار ج 3 ص 177) ❖ جيڪڏهن تعزيت جي لاءِ عورتون گڏ ٿين ۽ نوحو ڪن تہ انهن کي ڪاڏو نہ ڏنو وڃي جو گناهہ تي مدد ڪرڻ آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 853) ❖ نوحو يعني ميت جا اوصاف مبالغي سان گڏ (يعني وڏائي خوبيون) بيان ڪري آواز سان روئڻ جنهن کي "بَيَن" چوندا آهن بالاجماع حرام آهي. ائين ئي واوَيلا وَامُصيبتا (يعني هاءِ مصيبت) چئي دانهون ڪرڻ. (جوهرة نيرة، ص. 139 و بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 854) ❖ اَطِبّاء (يعني طبيب) چوندا آهن تہ (جيڪو پنهنجي عزيز جي موت تي سخت صدمي ۾ مبتلا هجي ان کي) ميت تي نہ روئڻ سان سخت بيماري ٿيندي آهي، ڳوڙهن وهڻ سان دل جي گرمي نڪري ويندي آهي، ان ڪري هن (بغير نوحہ) روئڻ کان هرگز منع نہ ڪيو وڃي. (مرأة المناجيح ج 2 ص 501) ❖ مُفَسّرِ شهير حڪيمُ الاُمَّت،

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: تعزيت جا اهڙا پيارا لفظ هئڻ گهرجن جنهن سان ان غمگين کي تسلي ٿئي. فقير جو تجربو آهي ته جيڪڏهن ان موقعي تي غمگينن کي ڪربلا جا واقعا ياد ڏياريا وڃن ته گهڻي تسلي ٿيندي آهي. تمام تعزيتون ئي بهتر آهن پر ٻار جي وفات تي (محارم جو ان جي) ماءُ کي تسلي ڏيڻ وڌو ثواب آهي. (ملخص از مراۃ المناجيح ج 2 ص 507) ❖ ميت جا پاڙي وارا يا پري جا مائٽ جيڪڏهن ميّت جي گهر وارن جي لاءِ ان ڏينهن ۽ رات جي لاءِ کاڌو کڻي اچن ته بهتر آهي ۽ انهن کي اصرار ڪري کارائن.

(رد المحتار، ج. 3، ص. 175)

منا منا اسلامي ڀائرو! سچي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو درد رکڻ واري مدني تحريڪ يعني عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀري مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ پنهنجي زندگي سنّتن جي مطابق گذارڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃو، اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل مدني انعامات کي پنهنجي زندگي جو حصو بڻايو ۽ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. اچو! تعزيت جو اندازو سکڻ جي لاءِ امّت جي خيرخواهي جي جذبي سان سرشار، ڏکايل دلين کي دلاسو ڏيڻ واري، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ مڪتوب ملاحظ فرمايو.

## مَڪتُوبِ تَعزِيَت از امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سگِ مدينه محمد الياس عطار قادري رضوي عفي عنه جي طرفان مرحوم محمد شان عطاري عليه رحمة الباري جي رشتيدارن جي خدماتِ عاليه ۾ مدني مناڻ سان ڀريل سلام،

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ عَلٰى كُلِّ حَال

معلوم ٿيو ته محمد شان عطاري حادثي ۾ وفات ڪري ويا آهن. الله عَزَّوَجَلَّ مرحوم کي پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏي، انهن جي قبر تي رحمت جا گل وَسائي، انهن جي قبر ۽ مديني جي تاجوَر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي پاڪ جي وچ ۾ جيترا به پردا آهن سيئي کڻي، مرحوم کي رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلوَن ۾ گُم ڪري. مرحوم جي مغفرت فرمائي انهن کي جنّت الفردوس ۾ مدني محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي ۽ مرحوم جي رشتيدارن کي صبرِ جميل ۽ صبرِ جميل تي اجرِ عظيم عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عجب سرا ہے یہ دنیا یہاں پہ شام وسحر کسی کا کوچ کسی کا قیام ہوتا ہے

افسوس! سگِ مدينه پنهنجو پاڻ کي نيڪين کان پري ۽ گناهن سان پريل ڏسي ٿو. ها ربّ غفور عَزَّوَجَلَّ ان ڳالهه تي قادر ضرور آهي ته گناهه ۽ قصور کي نيڪين سان بدلائي ڇڏي. ان ڪري خداءِ مجيد سان اها ئي اميد آهي ته هو مون پاپي ۽ بدڪار جي گناهن کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ضرور نيڪين سان بدلائي ڇڏيندو ۽ انهيءَ اميد تي مان پنهنجي زندگيءَ جون سيئي نيڪيون بارگاهِ مصطفوي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ نذر ڪري ”مرحوم محمد شان عطاري“ جي نذر ڪريان ٿو.

عجب فريبي دنيا آهي جو هڪ طرف ڪنهن جو جنازو ڪنيو ٿو وڃي جڏهن ته ٻئي طرف ڪنهن کي گهوٽ بڻايو ٿو وڃي. هڪ طرف

خوشيءَ جون شرنايون وڄي رهيون آهن ته ٻئي طرف ڪنهن جي ميت تي هاءِ گهوڙا جو شور آهي.

نسیم صبح گلشن میں گلوں سے کھیلتی ہوگی   کسی کی آخری ہچکی کسی کی دل لگی ہوگی

مرحوم محمد شان عطاري جي ايصالِ ثواب جي خاطر گهر جو هر مرد (جنهن جي عمر ويهه سالن کان وڌيڪ هجي) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو دعوتِ اسلامي جي ٽن ڏينهن واري مدني قافلي سان گڏ ضرور سفر اختيار ڪري. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سيني جي خدمت ۾ مدني التجا آهي.

جہاں میں ہے عبرت کے ہر سو نمونے   مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے   جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے   یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

والسلام مع الاڪرام

30 محرم الحرام 1428 ھ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب   صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(جنت جي تياري، ص 70)

## نوحي جو بيان

ميّت جا اوصاف مبالغي سان بيان ڪري آواز سان رڙيون ڪرڻ ، دانهون ڪرڻ، ڪٽڻ، واويلو ڪرڻ نوحو چورائيندو آهي . ان کي ٻَيَن به چوندا آهن . هي ڪم جاهليت جي زماني جا آهن ۽ بالاجماع حرام آهن. ائين ڪرڻ واريون عورتون ۽ مرد سخت عذاب جا حقدار آهن.

(جوهرة نيرة، ص. 139)

## نوحي جي متعلق پنج پيرا

(1) تَعْزِيَت جي لاءِ عام طور تي عورتون گڏ ٿي ڪري روئنديون پاڻ کي ڪُٽينديون ۽ نوحو ڪنديون آهن. انهن کي ائين ڪرڻ کان روڪڻ گهرجي جو حديث ۾ انهن جي لاءِ سخت وعيد آهي . جيئن ته

## جهنم وارن تي ڀَؤنڪڻ واريون

حضرت سَيِّدُنا اَبُوهُرَيْرَه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا : بيشڪ هي نوحو ڪرڻ واريون قيامت جي ڏينهن جهنم ۾ دوزخين جي ساڄي کابي پاسي ٻن صفن ۾ ڪيون وينديون ۽ دوزخين تي ائين ڀؤنڪنديون جيئن ڪتيون ڀؤنڪنديون آهن. (معجم اوسط للطبراني، ج. 4، ص. 66، حديث 5229)

(2) ڳلو ڦاڙڻ، منهن پٽڻ، وار کولڻ، مٿي تي خاڪ وجهڻ، سينو ڪُٽڻ، ران تي هٿ هڻڻ اهي سڀ جَاهِلِيَّت جا ڪم آهن ۽ حرام.
(عالمگيري، ج. 1، ص. 167)

(3) ٽن ڏينهن کان وڌيڪ سوڳ(غم) جائز ناهي ، ليڪن عورت مڙس جي مرڻ تي چار مهينا ڏهه ڏينهن سوڳ (غم) ڪري. (بخاري، ج. 1، ص. 432، حديث 1280)

(4) آواز سان روئڻ منع آهي ۽ آواز تيز نه هجي ته ان جي ممانعت ناهي، بلڪي حضور اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وفات تي ڳوڙها وهايا. (جوهرة نيرة، ص. 139)

(5) حضرت عبد الله ابن عُمَر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اک جي ڳوڙهن ۽ دل جي غم جي سبب الله تعالیٰ عذاب ناهي فرمائيندو ۽ زبان جي طرف اشارو ڪري

فرمايائون: پر هن جي ڪري عذاب يا رحم فرمائيندو آهي ۽ گهر وارن جي روئڻ جي ڪري ميّت تي عذاب ٿيندو آهي.

(بخاري، ج. 1، ص. 441، حديث 1304)

يعني جڏهن ته ان وصيت ڪئي هجي يا اتي روئڻ جو رواج هجي ۽ منع نه ڪيو هجي. واللّٰهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ يا هي مراد آهي ته انهن جي روئڻ سان ان کي تڪليف ٿيندي آهي جو ٻي حديث ۾ آيو: اي الله (عَزَّوَجَلَّ) جا ٻانهؤ! پنهنجي مُردن کي تڪليف نه ڏيو، جڏهن توهان روئڻ لڳندا آهيو ته اهو به روئندو آهي. (بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 856)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## زِيارتِ قُبُور

قبرن جي زيارت ڪرڻ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت آهي ان ڪري اسان کي ان سنت تي به عمل ڪرڻ گهرجي جو ان ۾ عبرت، موت ۽ آخرت جي ياد آهي جيئن ته:

## آخرت جي ياد

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت ڪرڻ کان منع ڪيو هو، هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪندا ڪيو جو اهي دنيا کان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجه، ج. 2، ص. 252، حديث 1571)

ان ڪري عبرت ۽ موت جي ياد جي لاءِ اسان کي وقت به وقت پنهنجي عزيزن، رشتيدارن جي قبرن جي زيارت جي لاءِ وڃڻ گهرجي ۽ والدين جي قبرن جي زيارت ڪرڻ ته معمول بڻائڻ گهرجي. اڃو

قبرن جي زيارت جي متعلق اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”قبر وارن جون 25 حڪايتون“ مان مدني گل (ڪجھ ترميم سان گڏ) ملاحظ فرمايو:

## ”قبرن جي زيارت جا 14 مدني گل

❖ مسلمانن جي قبرن جي زيارت سنت ۽ مزاراتِ اولياء ڪرام ۽ شُهَداءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام جي حاضري سعادت ئي سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب مَنۡدُوب (يعني محبوب)۽ ثواب آهي. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 532)

## قبرستان ۾ سلام ڪرڻ جو طريقو

❖ اهڙي طرح بيهو جو قبلي جي طرف پٺي ۽ قبر وارن جي چهري جي طرف منهن هجي، ان کان پوءِ ترمذي شريف ۾ بيان ڪيل هي سلام چئو:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا
وَلَكُمۡ اَنۡتُمۡ سَلَفُنَا وَنَحۡنُ بِالۡاَثَرِ

ترجمو: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله (عَزَّوَجَلَّ) توهان جي ۽ اسان جي مغفرت فرمائي توهان اسان کان پهريان اچي ويئو ۽ اسان توهان کان بعد اچڻ وارا آهيون. (ترمذي، ج. 2، ص. 329، حديث 1055)

❖ جيڪو قبرستان ۾ داخل ٿي وڃي پوءِ هي دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ الۡاَجۡسَادِ الۡبَالِيَةِ وَالۡعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِيۡ خَرَجَتۡ مِنَ الدُّنۡيَا وَهِيَ بِكَ مُؤۡمِنَةٌ اَدۡخِلۡ عَلَيۡهَا رَوۡحًا مِّنۡ عِنۡدِكَ وَسَلَامًا مِّنِّيۡ

ترجمو: اي الله! ڳري وڃڻ وارن جسمن ۽ ڳريل هڏين جا رب! جيڪي دنيا مان ايمان جي حالت ۾ ويا تون انهن تي پنهنجي رحمت فرماءِ ۽ انهن کي منهنجو سلام پهچاءِ.

تہ (حضرت سيدنا) آدم (عَلَيۡهِ السَّلَام) کان وٺي ڪري هن (دعا جي پڙهڻ) وقت تائين جيترا مومن فوت ٿيا سڀ اُن(يعني دعا پڙهڻ واري) جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندا. (شرح الصدور، ص. 226)

❖ جيڪڏهن قبر وٽ ويهڻ چاهيو تہ صاحبِ قبر جي مرتبي جو لحاظ رکي ڪري با ادب ويهي رهو. (رد المحتار، ج. 3، ص. 179)

## قبرن جي زيارت جو افضل وقت

❖ قبرن جي زيارت جي لاءِ هي چار ڏينهن افضل آهن: سومر يا خميس يا جمعو يا ڇنڇر. (عالمگيري، ج. 5، ص. 350)

❖ جمعي جي ڏينهن صبح جي نماز کان پوءِ قبرن جي زيارت افضل آهي. (فتاوىٰ رضويه، ج. 9، ص. 523)

❖ رات جو اڪيلو قبرستان نہ وڃڻ گهرجي. (فتاوىٰ رضويه، ج. 9، ص. 523)

❖ برڪت واري راتين ۾ قبرن جي زيارت افضل آهي. خاص ڪري شبِ براءت ۾. (عالمگيري، ج. 5، ص. 350)

❖ اهڙي طرح برڪت وارن ڏينهن ۾ بہ قبرن جي زيارت افضل آهي. مثلاً عِيۡدَيۡن (يعني عِيۡدُالۡفِطۡر ۽ بَقَر عيد)، 10 محرم الحرام ۽ عَشره ذِي الحِجَّ (يعني ذُوالحِجَّ جا ابتدائي 10 ڏينهن). (عالمگيري، ج. 5، ص. 350)

## قبر تي اگربتي ٻارڻ

❖ قبر جي مٿان ”اگربتي“ نہ ٻاري وڃي هن ۾ بي ادبي آهي، ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ(لڳائڻ چاهين تہ)

قبر جي پرسان خالي جڳھ هجي تہ اتي هٽو جو خوشبو پهچائڻ محبوب (يعني پسنديده) آهي. (فتاوىٰ رضويه، ج. 9، ص. 482 - 525)

## قبر تي ميڻ بتي رکڻ

❖ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو ها رات جو هلڻ وارن جي لاءِ روشني ڪرڻ مقصود هجي تہ قبر جي هڪڙي پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا.

❖ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: صحيح مسلم شريف ۾ حضرت عَمّرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، انهن وفات جي وقت پنهنجي پٽ کي فرمايو: جڏهن مان مري وڃان تہ مون سان گڏ نہ نوحو ڪرڻ وارِي هلي نہ باهہ هلي. (مسلم، ص. 75، حديث 192، و فتاوىٰ رضويه، ج. 9، ص. 482)

## جنهن قبر جي خبر نہ هجي تہ مسلمان جي آهي يا ڪافر جي

❖ جنهن قبر جو هي بہ حال معلوم نہ هجي تہ هي مسلمان جي آهي يا ڪافر جي، ان جي زيارت ڪرڻ، فاتحہ ڏيڻ هرگز جائز ناهي جو مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ سنت آهي ۽ فاتحہ مستحب ۽ ڪافر جي قبر جي زيارت حرام آهي ۽ ايصالِ ثواب جو ارادو ڪُفُر. (فتاوىٰ رضويه، ج. 9، ص. 533)

❖ پنهنجي لاءِ ڪفن تيار رکي تہ حرج ناهي ۽ قبر کوٽائي رکڻ فضول آهي، ڇا خبر ڪٿي مرندو. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 183)

ہوں بارِ گنہ سے نہ خجِل دوشِ عزیزاں
لِلّٰہ مِری نعش کرا ے جانِ چمن پھول

# متفرق مدني گل

❖ قبرستان جي حاضري جي موقعي تي هِتان هُتان جون ڳالهيون ۽ غفلت پريل خيالن جي بجائي فڪرِ مدينہ يعني پنهنجو محاسبو ڪندي پنهنجي موت کي ياد ڪندي تي سگهي تہ ڳوڙها وهايو، گناهن کي ياد ڪري پاڻ کي عذابِ قبر کان خو ڊڄاريو ۽ توبہ ڪيو ۽ هي تصور ذهن ۾ آڻيو تہ جيئن اڄ هي مُردا پنهنجي پنهنجي قبرن ۾ اڪيلا پيل آهن جلد ئي مان بہ انهيءَ طرح انڌيري قبر ۾ اڪيلو پيو هوندس ويتر حديث پاڪ جي هنن لفظن کي بہ ياد ڪيو: كَمَا تَدِيْنُ تُدَانُ يعني جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي. (جامع صغير للسيوطي، ص. 399، حديث 6411)

قبر میں میت اُترنی ہے ضرور جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

❖ شبِ براءت ۾ يا ڪنهن بہ حاضري جي موقعي تي ڪجھ ماڻهو پنهنجي عزيز جي قبر تي بغير ڪنهن صحيح مقصد جي صرف رسمي طور تي پاڻي ڇڙڪيندا آهن هي اسراف ۽ ناجائز آهي ۽ جيڪڏهن هي سمجهن ٿا تہ هن سان ميت جي قبر ۾ ٿڌاڻ ٿيندي تہ اسراف سان گڏوگڏ نِجي جهالت بہ آهي. ها ميت کي دفن ڪرڻ کان پوءِ ڇڙڪڻ ۾ حرج ناهي بلڪ بهتر آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن قبر تي ٻوٽا وغيره آهن ان جي لاءِ پاڻي وڌو تڏهن بہ حرج ناهي. جڏهن تہ هي ياد هجي! پاڻي وجهڻ جي لاءِ جيڪڏهن قبرن تي پير رکي ڪري وڃڻو پوندو هجي تہ ان جي اجازت ناهي، ويندو تہ گنهگار ٿيندو بلڪ اهڙي صورت ۾ اجرت ڏئي ڪري ڪنهن ٻي کان بہ نہ وجهرائي.

❖ قبر تي گل وجھڻ بهتر آهي جو جيسيتائين تازا هوندا تسبيح ڪندا ۽ ميّت جي دل وندرندي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 184)

❖ اهڙي طرح جنازي تي گُلن جي چادر چاڙهڻ ۾ حرج ناهي. (بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 852)

❖ قبر تان تازو گاهه پٽڻ نه گهرجي ڇوجو ان جي تسبيح سان رحمت نازل ٿيندي آهي ۽ ميت کي انسيت حاصل ٿيندي آهي ۽ پٽڻ ۾ ميت جو حق ضايع ڪرڻ آهي. (رد المحتار، ج. 3، ص. 184)

❖ قبر تي پير رکڻ يا سمهڻ سان قبر واري کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ بلا اجازت شرعي ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏيڻ حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي انڪري ڪنهن به مسلمان جي قبر تي پير نه رکي، نه ڪنهن قبر کي لتاڙي ۽ نه ڪنهن قبر تي ويهي ۽ نه ئي ٽيڪ لڳائي ڇاڪاڻ ته ان کان پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منع فرمايو آهي، جيئن ته

ٻه فرامينِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو: (1) مون کي باهه جي چڻنگ تي يا تلوار تي هلڻ يا منهنجو پير جوتي ۾ سبيو وڃڻ گهڻو پسند آهي هن کان جو مان ڪنهن مسلمان جي قبر تي هلان. (ابن ماجه، ج. 2، ص. 250)

(2) جيڪڏهن ڪو شخص ٽانڊن تي ويهي رهي جنهن سان ان جا ڪپڙا سڙي وڃن ۽ باهه ان جي کلَ تائين پهچي وڃي ته هي قبر تي ويهڻ کان بهتر آهي. (مسلم، ص. 483، حديث 1971)

❖ قبرستان ۾ عام رستي تان وڃي، جيڪو رستو نئون نهيل هجي ان تي نه هلي، رد المختار ۾ آهي (قبرستان ۾ قبرون متائي ڪري) جيڪو نئون رستو ڪڍيو ويو هجي ان تي هلڻ حرام آهي. (رد المحتار، ج. 1،

ص. 612) بلڪ نئين رستي جو صرف گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، 183)

❖ ڪيترن ئي مزاراتِ اولياء تي ڏٺو ويو آهي تہ زيارت ڪرڻ وارن جي سهولت جي خاطر مسلمانن جون قبرون ڈاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ويهڻ، ذڪر ۽ تلاوت جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحہ پڙهي وٺو.

❖ قبر تي رهڻ جو گهر ٺاهڻ، يا قبر تي ويهڻ، يا سمهڻ يا ان تي پيشاب يا پاخانو ڪرڻ هي سڀ معاملا سخت ترين مڪروه، حرام جي قريب آهن. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 436)

نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مردي کي قبر ۾ بہ ان ڳالهہ کان ايذا ٿيندو آهي جنهن سان گهر ۾ انکي اَذِيّت ٿئي ها. (فردوس بما ثور الخطاب، ج. 1، ص. 120، حديث 749)

اولياء ڪرام جي مبارڪ مزارن تي سفر ڪري وڃڻ جائز آهي. اهي پنهنجي زيارت ڪرڻ واري کي فائدو پهچائيندا آهن ۽ جيڪڏهن اتي ڪو مُنڪَرِ شرعي هجي مثلاً عورتن سان اختلاط (مرد ۽ عورتن جو گڏ هئڻ) تہ ان جي ڪري زيارت ترڪ نہ ڪئي وڃي جو اهڙين ڳالهين سان نيڪ ڪم ترڪ نہ ڪيو ويندو آهي بلڪ ان کي بُرو ڄاڻي ۽ ممڪن هجي تہ اُن بُري ڳالهہ کي ختم ڪري. (رد المحتار، ج. 3، ص. 178)

## ايصالِ ثواب جو بيان

الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي جيڪي مسلمان دنيا کان رخصت ٿي ويندا آهن انهن جي لاءِ اُن پنهنجي فضل ۽ ڪرم جا درواز ڪليل ئي رکيا آهن ۽ جيڪي انهن جي لاءِ ايصال ثواب ۽ دعا مغفرت ڪندا آهن تہ ان جي برڪت سان بہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن تي ڪرم

فرمائيندو آهي، اچو الله پاڪ جي ڪرم نوازي جي تعلق سان هڪ حديث مبارڪ ملاحظ فرمايو، جيئن ته

## دعاءِ مغفرت جي برڪت

حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي، انهن چيو ته رسول الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو آهي ته بيشڪ الله تعالي هڪ نيڪ ماڻهو جو جنّت ۾ درجو بلند فرمائيندو ته اهو چوندو ته اي منهنجا ربّ! عَزَّوَجَلَّ ڪٿان هي مرتبو مونکي مليو؟ ته الله تعالي فرمائيندو ته تنهنجي پٽ تنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا گهري آهي ان جي لاءِ توکي هي درجو مليو آهي. (مشكاة المصابيح، ج. 1، ص. 440، حديث 2345)

## حضرت محمد طوسي معلّم رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ

ابوبڪر رشيدي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا ته مان حضرت محمد طوسي معلّم رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي خواب ۾ ڏٺو ته انهن فرمايو ته ابوسعيد صفّار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي چئي ڇڏجان ته اسانجو ۽ اوهانجو معاهدو هو ته اسان هڪ ٻئي کي نه وسارينداسين پوءِ اسان ته نه بدلياسين پر اوهان بدلجي ويئو. منهنجي اک کلي وئي ۽ مان ابوسعيد صفّار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سان هن خواب جو ذڪر ڪيو ته انهن چيو ته ها ٻڌايان مان ته هر جمعي جو انهن جي قبر تي زيارت لاءِ ويندو هئس ۽ ڪجهه ايصالِ ثواب ڪندو هئس پر هن جمعي تي مان نه وڃي سگهيس انهيءَ جي انهن کي مون سان شڪايت ٿي وئي آهي. (احياء علوم الدين، ج. 5، ص. 267)

## ايصالِ ثواب

ايصالِ ثواب يعني قرآن پاڪ يا درود شريف يا ڪلمو طيّب يا ڪنهن نيڪ عمل جو ثواب ٻين کي پهچائڻ جائز آهي. مالي عبادت يا

بدني فرض ۽ نفل سيني جو ثواب بين کي پهچائي سگهجي ٿو، جِيئرن جي ايصالِ ثواب سان مئلن کي فائدو پهچندو آهي.
(بهار شريعت، حصو 16، ج. 3، ص. 642)

شيخ محيُّ الدين ابن عربي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون وٽ حديث پهتي هئي ته جيڪو ستر هزار ڀيرا ڪلمو شريف پڙهي وٺي يا پڙهي ڪري ڪنهن کي بخشي ڇڏجي ته ان جي مغفرت ٿيندي آهي مون ايترا ڪلما پڙهي ورتا هئا، هڪ ڏينهن مون وٽ دعوت ۾ صاحب ڪَشف جوان حاضر هئو اوچتو روئڻ لڳو، سبب پڇيو ته فرمايائين مان پنهنجي ماءُ کي دوزخ ۾ ڏسان ٿو، مون پنهنجي دل ۾ پڙهيل ڪلما ان جي ماءُ کي بخشي ڇڏيا ته اهو جوان اوچتو کلڻ لڳو ۽ چيائين ته هاڻي مان ان کي جنّت ۾ ڏسان ٿو، مون ان حديث جي صحت ان ولي جي ڪشف مان معلوم ڪئي ۽ ان جي ڪشف جي صحت حديث مان. (مرقاة المفاتيح، ج. 3، ص. 222، تحت حديث 1142)

ان ڪري ستر هزار ڀيرا ڪلمي طيب جو ورد ڪري پنهنجي مرحوم عزيزن کي ايصالِ ثواب ڪيو.

اچو اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي رسالي ”ايصالِ ثواب ۽ فاتحه جو طريقو“ مان ايصال ثواب جا مدني گل(ڪجهه ترميم سان گڏ) ملاحظ فرمايو:

## ”رب جي رحمت جي ڇا ڳالهه ڪجي“ جي اُٺويهن اکرن جي نسبت سان ايصال ثواب جا 19 مدني گل

﴿1﴾ ايصالِ ثواب جو لفظي معنىٰ آهي: ”ثواب پهچائڻ“ هن کي ”ثواب بخشڻ“ به چئبو آهي، پر بزرگن جي لاءِ ”ثواب بخشڻ“ چوڻ مناسب نه آهي، ”ثواب نذر ڪرڻ“ چوڻ ادب جي وڌيڪ

ويجهو آهي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يا ٻين نبين يا ولين کي ”ثواب بخشڻ“ چوڻ بي ادبي آهي جو بخشڻ وڏي جي طرفان ننڍي لاءِ هوندو آهي بلڪ نذر ڪرڻ يا هديو ڪرڻ چوي. (فتاوی رضويه ج 26 ص 609)

﴿2﴾ فرض، واجب، سنت، نفل، نماز، روزو، زڪوٰة، حج، نعت شريف، ذڪرالله، درود شريف، بيان، درس، مدني قافلن ۾ سفر، مدني انعامات، علاقائي دؤرو براءِ نيڪي جي دعوت، ديني ڪتابن جو مطالعو، مدني ڪمن جي لاءِ انفرادي ڪوشش وغيره هر نيڪ ڪم جو ايصال ثواب ڪري سگهو ٿا.

﴿3﴾ ميّت جو ٽيجهو، ڏهو، چاليهو ۽ ورسي ڪرڻ تمام سٺا ڪم آهن ڇوته اهي ايصال ثواب جا ئي ذريعا آهن شريعت ۾ ٽيجهي وغيره جي عدمِ جواز (يعني ناجائز هجڻ) جو دليل نه هجڻ خود جائز هجڻ جو دليل آهي ۽ زنده جو ميّت جي لاءِ دعا گهرڻ قرآن ڪريم مان ثابت آهي جيڪا ايصال ثواب جي اصل آهي. جيئن سيپاري 28 سورة الحشر جي آيت نمبر 10 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

وَالَّذِيۡنَ جَآءُوۡ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَا اغۡفِرۡ لَنَا وَ لِاِخۡوَانِنَا الَّذِيۡنَ سَبَقُوۡنَا بِالۡاِيۡمَانِ

ترجموڪنزالايمان: ۽ اهي جيڪي انهن کان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا، اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي جن اسان کان اڳي ايمان آندو .

﴿4﴾ ٽيجهي وغيره جي ماني صرف انهيءَ صورت ۾ ميّت جي ڇڏيل مال مان ڪري سگهو ٿا جڏهن سڀ وارث بالغ هجن ۽ سڀئي اجازت

بہ ڏين جيڪڏهن هڪ وارث بہ نابالغ آهي تہ سخت حرام آهي، ها بالغ پنهنجي حصي مان ڪري سگهي ٿو. (فتاوي خانية، ج. 4، ص. 366 ص فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 664 و بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 853)

﴿5﴾ ٽيجهي جي ماني جڏهن تہ عام طور تي دعوت جي صورت ۾ ٿيندي آهي ان ڪري اميرن لاءِ جائز نہ آهي رڳو غريب ۽ مسڪين ڪائن، ٽن ڏينهن ڪان پوءِ بہ ميّت جي ماني ڪائڻ ڪان اميرن (يعني جيڪي فقير نہ هجن انهن) کي بچڻ گهرجي. فتاويٰ رضويہ جلد 9 صفحي 667 تي ميت جي ماني جي باري ۾ هڪ مفيد سوال جواب پيشِ خدمت آهي. سوال: مقولہ طَعَامُ الْمَيِّتِ يُمِيْتُ الْقَلْب (ميّت جي ماني دل کي مرده ڪندي آهي) مُسْتَنَد قول آهي، جيڪڏهن مُسْتَنَد آهي تہ هن جي معنيٰ ڇا آهي؟

جواب: هي تجربي جي ڳالهہ آهي ۽ ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ جيڪي ميت جي ماني جي خواهش رکندا آهن، انهن جي دل مرده ٿي ويندي آهي، ذِڪر ۽ اِطاعتِ الاهي جي لاءِ حيات ۽ چستي ان ۾ نہ هوندي آهي ڇو تہ اهي پنهنجي پيٽ جي گرهہ لاءِ مسلمانن جي موت جا منتظر رهندا آهن ۽ ماني ڪائڻ وقت موت ڪان غافل ۽ ان جي مزي ۾ مشغول هوندا آهن. واللّٰه تعاليٰ اعلم. (فتاوی رضويه ج 9 ص 667)

﴿6﴾ ميت جي ٽيجهي جي ماني (مالدار نہ ڪائن) صرف فقيرن کي ڪارايو. (بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 853)

﴿7﴾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: (ڪجهہ ماڻهو) چاليهي يا ورسي يا ڇهين مهيني ۾ بغير ڪنهن ايصال ثواب جي نيت سان صرف رسمي طور تي ماني تيار ڪندا آهن ۽ ”شادين جي دعوت“ وانگر برادري ۾ ڪارائيندا آهن، اهو بہ بي اصل آهي، جنهن ڪان اِحتِراز (يعني پرهيز ڪرڻ) گهرجي. (فتاوی رضويه ج 9 ص 671) بلڪ

اها ماني ايصال ثواب ۾ بين سنين سنين نيتن سان هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪو ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪاڌي جو بندوبست نہ بہ ڪري تڏهن بہ ڪو حرج ناهي. (فاتحه جو طريقو، ص15)

﴿8﴾ هڪ ڏينهن جي ٻار ڪي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا ان جو ٽيجهو وغيره ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي ۽ جيڪي زنده آهن انهن کي بہ ايصال ثواب ڪري سگهجي ٿو.

﴿9﴾ انبياء ۽ مرسلين عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام، ملائڪن ۽ مسلمان جِنن کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو. (فاتحه جو طريقو، ص15)

﴿10﴾ يارهين شريف، رجبي شريف (يعني 15 رَجبُ المُرَجَّب جو سيّدنا امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جا ڪوندا ڪرڻ) وغيره جائز آهي. ڪوندي ۾ ئي کيرٽي ڪارائڻ ضروري ناهي ٻي ٿانو ۾ بہ ڪارائي سگهو ٿا ان کي گهر کان ٻاهر بہ کڻي وڃي سگهو ٿا، هن موقعي تي جيڪا ”ڪهاڻي“ پڙهي ويندي آهي اها بي اصل آهي. يٰسٓ شريف پڙهي ڪري 10 قرآن ڪريم ختم ڪرڻ جو ثواب ڪمايو ۽ ڪوندن سان گڏوگڏ ان جو بہ ايصال ثواب ڪيو.

﴿11﴾ داستانِ عجيب، شهزادي جو سر، ڏهن ٻيبين جي ڪهاڻي، جناب سيده جي ڪهاڻي وغيره اهي سڀ من گهڙت (پنهنجا ناهيل) قصا آهن، انهن کي هرگز نہ پڙهندا ڪريو. اهڙي طرح هڪ پمفليٽ ”وصيت نامو“ نالي سان ماڻهو ورهائيندا آهن جنهن ۾ ڪنهن ”شيخ احمد“ جو خواب لکيل هوندو آهي اهو بہ جعلي آهي ان ۾ مخصوص تعداد ۾ ورهائڻ جي فضيلت ۽ نہ ورهائڻ جا نقصان وغيره لکيل هوندا آهن انهن تي اعتبار نہ ڪريو. (فاتحه جو طريقو، ص15)

﴿12﴾ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي فاتحہ جي ڪاڌي کي تعظيماً ”نذر

۽ نياز“ چوندا آهن ۽ اهو نياز تَبَرُّڪ (يعني برڪتن وارو) آهي ان کي امير، غريب سڀئي کائي سگهن ٿا. (فاتحه جو طريقو، ص15)

﴿13﴾ ”نياز“ ۽ ”ايصالِ ثواب“ جي کاڌي تي فاتحه پڙهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي گهرائڻ يا ٻاهرين مهمان کي کارائڻ شرط ناهي، گهر ڀاتي جيڪڏهن پاڻ ئي فاتحه پڙهي، کائي ڇڏين تڏهن به ڪو حرج ناهي. (فاتحه جو طريقو، ص15)

﴿14﴾ روزانو جيترا ڀيرا حسبِ حال سنين سنين نيتن سان کاڌو کائو ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب جي نيّت ڪري ڇڏيو تہ تمام سني ڳالهہ آهي مثلاً ناشتي ۾ نيّت ڪريو هاڻي اڄ جي ناشتي جو ثواب سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جي وسيلي سان سڀني نبين عَلَيهِمُ السَّلام کي پهچي.منجهند جو اها نيّت ڪريو جيڪو کاڌو کائينداسين (يا کائي چڪا سون) ان جو ثواب سرڪار غوث اعظم ۽ تمام اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام کي پهچي، رات جو نيت ڪريو هاڻي جيڪو کائينداسين ان جو ثواب امام اهلسنت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ۽ هر مسلمان مرد ۽ عورت کي پهچي يا هر ڀيري سڀني کي ايصالِ ثواب ڪيو وڃي ۽ اهوئي اَنْسَب (يعني زياده مناسب) آهي. ياد رهي! ايصال ثواب رڳو انهيءَ صورت ۾ ئي سگهندو جڏهن اهو کاڌو ڪنهن سني نيت سان کاڌو وڃي. مثال طور عبادت تي طاقت حاصل ڪرڻ جي نيت سان کاڌائين تہ هي کائڻ ثواب جو ڪم ٿيو، ۽ ان جو ايصال ثواب ٿي سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن هڪ بہ سني نيت نہ هوندي تہ کاڌو کائڻ تہ مباح ٿيندو پر ان تي نہ ڪو ثواب آهي ۽ نہ ئي گناهہ. جڏهن ثواب ئي نہ مليو تہ ايصالِ ثواب ڇا جو! البت ٻين کي ثواب جي نيت سان کارايو هوندائين تہ انهيءَ کارائڻ جو ثواب پهچائي سگهجي ٿو. (ايضا 16)

﴿15﴾ سنين سنين نيتن سان کاڌي ويندڙ ماني کان پهريان ايصالِ

ثواب ڪريو يا ڪاڻ ڪان پوءِ، ٻئي طريقا صحيح آهن. (ايضا ص 17)

﴿16﴾ ٿي سگهي ته هر ڏينهن (نفعي تي نه بلڪ) پنهنجي وڪري (Sale) جو چوٿائي سيڪڙو (0.25يعني چار سؤ روپين تي هڪ روپيو) ۽ ملازمت ڪرڻ وارا پگهار مان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو سرڪار غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نياز جي لاءِ ڪڍندا ڪريو. انهي رقم مان ديني ڪتاب ورهايو يا ڪنهن به نيڪ ڪم ۾خرچ ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جون برڪتون پاڻ ئي ڏسندؤ. (ايضا ص17)

﴿17﴾ مسجد يا مدرسي جو ٺاهڻ، صدقہ جاريہ ۽ ايصال ثواب جو بهترين ذريعو آهي.

﴿18﴾ جيترن کي به ايصال ثواب ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ۾ اميد آهي ته سيني کي پورو ملندو، ائين ناهي ته ثواب ورهائجي حصا حصا ٿي ملندو. (رد المحتار، ج. 3، ص. 180)

ايصالِ ثواب ڪرڻ واري جي ثواب ۾ ڪا گهٽتائي نه ٿيندي بلڪ هي اميد آهي ته هن جيترن کي ايصالِ ثواب ڪيو انهن سيني جي تعداد جيترو (ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو. مثال طور ڪو نيڪ ڪم ڪيائين جنهن تي ان کي ڏهه نيڪيون مليون هاڻي هن ڏهن مُردن کي ايصالِ ثواب ڪيو ته هر هڪ کي ڏهه ڏهه نيڪيون پهچنديون، جڏهن ته ايصالِ ثواب ڪرڻ واري کي هڪ سؤ ڏهه ۽ جيڪڏهن هڪ هزار کي ايصالِ ثواب ڪيائين ته هن کي ڏهه هزار ڏهه. وَعَلٰى هٰذَا الْقِيَاس (فتاوىٰ رضويه، ج. 9، ص. 623 - 629 و بهار شريعت، حصو 4، ج. 1، ص. 850)

﴿19﴾ ايصالِ ثواب صرف مسلمان کي ڪري سگهو ٿا، ڪافر يا مُرتَد کي ايصالِ ثواب ڪرڻ يا ان کي مرحوم، جنتي، مغفور، جنت ۾ رهندڙ چوڻ ڪفر آهي. (فاتحه جو طريقو ص 18)

منا منا اسلامي ڀائرو! پنهنجي عزيزن ۽ پيارن ڪي ايصالِ ثواب ڪرڻ جي لاءِ خوب نيڪيون ڪيو، پنجن نمازن سان گڏو گڏ نوافل جي ڪثرت ۽ تلاوت قرآن پاڪ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو.

مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر ڪري نيڪيون ڪمايو ۽ پنهنجن عزيزن ڪي ايصالِ ثواب ڪيو. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار سماعت فرمايو. جيئن ته:

## اِيصالِ ثواب جي مدني بهار

قادرآباد (ضلعه منڊي بهاءُالدين، پنجاب) جا اسلامي ڀاءُ مبلغ دعوت اسلامي محمد جنيد عطاري هڪ حادثي ۾ انتقال ڪري ويا. انهن جي وڏي ڀيڻ جو بيان آهي ته پياري ڀاءُ جي انتقال کان ڪجهه عرصي بعد مون خواب ۾ ڏٺو ته مان جنيد ڀاءُ جي قبر جي پرسان بيٺي آهيان، اوچتو ان جي قبر کلي وئي، مون ڏٺو ته جنيد ڀاءُ قبر ۾ ويهي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول آهن مان انهن کي مخاطب ڪندي چيو: ادا جنيد! اسان اوهان کي تلاوت، ذڪر ۽ درود ۽ صدقي ۽ خيرات جي ذريعي ايصالِ ثواب ڪندا آهيون ڇا اوهان کي اهو ثواب پهچندو آهي؟ اهو ٻڌي ڪري جواب ڏنائين هائو. توهان جيڪو به ايصالِ ثواب ڪندا آهيو اهو مونکي ملندو آهي. (خوشبودار قبر، ص12)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اِبليس جي ڏيءُ

حضرت سيدنا علي خوّاص رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: دنيا ابليسِ لعين (يعني لعنتي شيطان جي) ڏيءُ آهي ۽ ان (يعني دنيا) سان محبت ڪرڻ وارو هر شخص ان جي ڏيءُ جو مڙس آهي. (الحديقة الندية، ج. 1، ص. 19)

# شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مدني وصيت نامو

## درود شريف جي فضيلت

حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون تي درود شريف پڙهو، الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحمت موڪليندو. (ڪامل عدي، ج. 5، ص. 505)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عليٰ اِحسانه! هن وقت فجر جي نماز کان پوءِ مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصلوة والسلام ۾ ويهي"اَربَعِين وَصَايَا مِنَ المَدِينَةِ المُنَوَّرَه" (يعني مديني منوره کان چاليهه وصيتون) لکڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. افسوس،

اڄ منهنجي مديني منوره جي حاضري جي آخري صبح آهي، سڄ محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي تي سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيڻ وارو آهي، هاءِ! اڄ رات تائين جيڪڏهن جنّت البقيع ۾ مَدفَن جي سعادت نہ ملي تہ مديني کان جدا ٿيڻو پئجي ويندو، اکيون ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن، دل بيقرار آهي هاءِ!

افسوس چند گھڑیاں طیبہ کی رہ گئی ہیں
دل میں جُدائی کا غم طوفاں مچا رہا ہے

هاءِ! دل غم ۾ ٻڏل آهي، مديني کان جدائي جي جان جلائيندڙ فڪر مون ڪي سمورو غم جي تصوير بڻائي ڇڏيو آهي، ائين تو لڳي جڻ ڪنهن چين تان مُرڪ ڪسي ورتي هجي، هاءِ! عنقريب مديني کان جدا ٿيڻو پوندو، دل ٽٽي پوندي، هاءِ! مديني کان وطن ڏانهن روانگي

جا لمحا اهڙا جان ڳاريندڙ هوندا آهن جڏهن ڪير پياڪ بارڙي ڪي سندس ماءُ جي هنج مان ڪسيو ويو هجي ۽ هو روئندو وڏي حسرت منجهان هر هر مڙي پنهنجي ماءُ ڏانهن ڏسندو هجي ته شايد امڙ هڪ پيرو بيهر ڳهرائي وٺندي...... ۽ شفقت منجهان هنج ۾ لڪائي وٺندي....... پنهنجي سيني سان لڳائي وٺندي....... ۽ مون ڪي لولي ڏئي پنهنجي شفقت ڀري هنج ۾ مٺي ننڊ سمهاري وٺندي. هاءِ!

میں شکستہ دِل لئے بوجھل قدم رکھتا ہوا
چل پڑا ہوں یا شہنشاہِ مدینہ الوَداع

هاڻي غمگين دل سان "چاليهه وصيتون" عرض ڪيان ٿو، منهنجون هي وصيتون دعوت اسلامي سان وابسته تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ڏانهن به آهن ۽ منهنجي اولاد ۽ ٻيا گهر وارا به هنن وصيتن تي ضرور ڌيان ڏين.

زهي قسمت! مون پاپي بدڪار کي مديني پُراَنوَار ۾، اهو به سبز سبز گنبذ جي مينار جي ڇانوَ ۾ اي ڪاش! شهنشاهِ اَبرار، مديني جي تاجدار، شفيع روزشمار، محبوب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلوَن ۾ شهادت نصيب ٿي وڃي ۽ جنّتُ البَقِيع ۾ ٻه گز زمين جي سعادت ملي وڃي جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ته ٻنهي جهانن جون سعادتون ئي سعادتون آهن نه ته جتي مقدر ........

﴿1﴾ جيڪڏهن سڪرات جي حالت ۾ ڏسو ته ان وقت جو هر ڪم سنّت جي مطابق ڪيو، ممڪن صورت ۾ ساڄي پاسي سمهاري ڪري چهرو قبلي ڏي ڪيو. ياسين شريف به پڙهيو ۽ ڪلمو طيب سيني تي دم اچڻ تائين مسلسل باآواز پڙهيو وڃي.

﴿2﴾ روح نڪرڻ کان پوءِ بہ هر هڪ معاملي ۾ سنّتن جو لحاظ رکو، مثلاً ڪفن دفن ۾ جلدي ڪرڻ، ۽ گهڻن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جي شوق ۾ دير ڪرڻ سنّت ناهي، بهارشريعت حصي 4 ۾ بيان ڪيل احڪامن تي عمل ڪيو وڃي . خصوصًا تاڪيد سخت تاڪيد آهي تہ هرگز نوحو نہ ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ اهو حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي.

﴿3﴾ قبر جي سائيز وغيره سنّت جي مطابق هجي ۽ لحد ناهي وڃي ڇاڪاڻ تہ لحد ناهڻ سنّت آهي.[1]

﴿4﴾ قبر جون اندروني پٽيون ڪچي مٽي جون هجن، باھ جون

پڪل سرون استعمال نہ ڪيون وڃن، جيڪڏهن اندر پڪل سرن جون پٽيون ضروري هجن تہ پوءِ اندروني حصي کي گاري سان چڱي طرح ليپو ڏنو وڃي.

﴿5﴾ ممڪن هجي تہ اندروني تختي تي ياسين شريف سورتِ مُلڪ ۽ درود تاج پڙهي دم ڪيو وڃي.

﴿6﴾ سنّت مطابق ڪفن خود سگِ مدينہ جي پيسن مان هجي، غربت واري حالت ۾ ڪنهن صحيح العقيده سني جي حلال مال مان ورتو وڃي.

---

(1) قبر جا ٻہ قسم آهن (1) صندوق (2) لحد: لحد ناهڻ جو طريقو هي آهي تہ قبر کوٽڻ کان پوءِ ميت کي رکڻ جي لاءِ قبلي واري پاسي جڳهہ کوٽي وڃي. لحد سنّت آهي جيڪڏهن زمين ان قابل هجي تہ ائين ڪيو ۽ جيڪڏهن زمين نرم هجي تہ صندوق ۾ حرج ناهي . تي سگهي ٿو تہ قبر ناهڻ وارا مشورو ڏين تہ سرون اندر واري حصي ۾ ٽيڙيون ڪري لڳايو، پر ان جي ڳالهہ نہ مڃي وڃي.

﴿7﴾ غسل ڏاڙهي وارو، عمامي وارو ۽ سنّت جو پابند اسلامي ڀاءُ سنّت جي مطابق ڏي (سيد سڳورا جيڪڏهن گندي وجود کي غسل ڏين ته سگ مدينہ ان کي پنهنجي لاءِ بي ادبي تصور ڪري ٿو)

﴿8﴾ غسل جي دوران اوگهڙ جي مڪمل حفاظت ڪئي وڃي جيڪڏهن ڌُن کان وٺي گوڏن سميت ناسي يا ڪنهن گهاٽي رنگ جون ٻہ ٿلهيون چادرون ڏڪيون وجن تہ ممڪن صورت ۾ اوگهڙ ظاهر ٿيڻ جو گمان نہ رهندو، ها پاڻي ظاهري جسم جي هر حصي تي وهائڻ لازمي آهي .

﴿9﴾ ڪفن جيڪڏهن زم زم يا مديني جي پاڻي بلڪ ٻنهي سان تر(يعني پٻگل)هجي تہ سعادت آهي ڪاش! ڪو سيد سڳورو مٿي تي سائو عمامو شريف سجائي.[1]

﴿10﴾ غسلِ ميّت کانپوءِ ڪفن ۾چهرو لڪائڻ کان اڳ، پهريان پيشاني تي شهادت واري آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکو.

﴿11﴾ اهڙي طرح سيني تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿12﴾ دل واري جاءِ تي يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿13﴾ ڌُن ۽ سيني جي وچ واري ڪفن جي حصي تي يا غوث اعظم دستگير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ يا امام ابو حنيفہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ يا امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه يا شيخ ضياء الدين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ شهادت واري آڱر سان لکو .

---

[1] صرف عالمن ۽ مشائخن کي عمامي سان دفن ڪري سگهجي ٿو، عام ماڻهن کي عمامي سان دفنائڻ منع آهي.

﴿14﴾ ۽ ڏن جي مٿان ڪان وني مٿي تائين ڪفن جي سڄي حصي تي (پنيءَ ڪان علاوه) "مدينہ مدينہ" لکيو وڃي، ياد رکو! اهي سڀ مس سان نہ فقط شهادت واري آڱر سان لکڻو آهي ۽ زهي قسمت! جو ڪو سيّد سڳورو لکي.

﴿15﴾ ٻنهي اکين تي مديني شريف جي ڪتل جون ڪڪڙيون رکيون وڃن.

﴿16﴾ جنازو کڻي هلڻ وقت بہ سيني سنّتن جو لحاظ رکيو وڃي.

﴿17﴾جنازي جي جلوس ۾ سڀ اسلامي ڀائر گڏجي امام اهلسنّت رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جو قصيدهءِ درود "ڪعبه کےبدرالدُجےٰ تم په کروڑوں دُرود" پڙهو (ان ڪان علاوه بہ نعتون وغيره پڙهو پر فقط ۽ فقط علماءِاهلسنّت جو ڪلام پڙهيو وڃي)

﴿18﴾ جنازو ڪو صيح العقيده سُنّي باعمل عالم يا ڪو سنّتن جو پابند اسلامي ڀاءُ يا اهل هجي تہ اولاد مان ڪو پڙهائي پر خواهش آهي تہ سيدن سڳورن کي فوقيت ڏني وڃي.

﴿19﴾ زهي قسمت! سيّد سڳورا پنهنجن رحمت ڀريل هٿن سان قبر ۾ لاهي ڪري اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْن جي سپرد ڪن.

﴿20﴾ چهري جي پاسي ڪان قبر جي پٽ ۾ ڪُڏڻو ناهي ان ۾ ڪنهن سنّت جي پابند اسلامي ڀاءُ جي هٿ جو لکيل عهد نامو، نعلين شريف جو نقشو، سبز گنبد جو نقشو، شجرو شريف وغيره تبرڪات رکو.

﴿21﴾ جيڪڏهن جنّتُ البَقِيع ۾ جڳهه ملي وڃي تہ زهي قسمت! نہ تہ ڪنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي قرب ۾، ۽ اهو بہ نہ ٿي سگهي تہ جتي

اسلامي ڀائر چاهن دفن ڪن پر قبضي ڪيل جاءِ تي دفن نہ ڪيو وڃي جو ان جاءِ تي دفن ڪرڻ حرام آهي.

﴿22﴾ قبر تي آذان ڏيو.

﴿23﴾ زهي قسمت! ڪو سيّد سڳورو تلقين فرمائي.[1]

﴿24﴾ ٽي سگهي تہ مون سان محبت رکڻ وارا منهنجي تدفين کان پوءِ 12 ڏينهن تائين هي نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 12 ڪلاڪ ئي سهي منهنجي قبر جي چوڌاري ويهن ۽ ذڪر و درود ۽ تلاوت و نعت سان منهنجي دل وندرائيندا رهن، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نئي جڳهہ ۾ دل لڳي ئي ويندي. هن دوران بہ هميشہ جماعت سان نماز جو اهتمام رکو.

﴿25﴾ منهنجي ذمي جيڪڏهن قرض وغيره هجي تہ منهنجي مال مان، ۽ جيڪڏهن مال نہ هجي تہ درخواست آهي تہ منهنجي اولاد جيڪڏهن

---

[1]...**تلقين جي فضيلت:** نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰه تعالىٰ عليه واٰلهٖ وسلم جو فرمان عاليشان آهي جڏهن توهان جو ڪو مسلمان ڀاءُ مري ۽ ان کي مٽي ڏئي چڪو تہ توهان مان هڪ شخص قبر جي سيراندي کان بيهي ڪري چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو ٻڌندو ۽ جواب نہ ڏيندو پوءِ چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو سڌو ٿي ويهي رهندو پوءِ چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو چوندو: ”اسان کي ٻڌاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي.“ پر توهان کي هن جي چوڻ جي خبر ناهي پوندي، پوءِ چوي أُذْكُرْ مَا خَرَجْتَ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا: شَهَادَةَ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وَ اَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا.
(ترجمو: تون ان کي ياد ڪر جنهن تي تون دنيا مان نڪتين يعني اها گواهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن ۽ اهو تہ تون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رب ۽ اسلام جي دين ۽ محمد صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبي ۽ قرآن جي امام هئڻ تي راضي هئين) منڪر نڪير هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي چوندا هلو اسان ان وٽ ڇا ويهون جنهن کي ماڻهو ان جي حجت سيکاري چڪا ان تي ڪنهن سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو جيڪڏهن ان جي ماءُ جو نالو معلوم نہ هجي؟ فرمايائون تہ حوا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڏانهن نسبت ڪري. (طبراني ڪبير ج 8 ص250 حديث 7979)
ياد رهي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جي بدران ميت ۽ ان جي ماءُ جو نالو وٺي مثلاً محمد الياس بن اَمينہ جيڪڏهن ميت جي ماءُ جو نالو معلوم نہ هجي تہ ماءُ جي نالي بدران حوا رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو نالو وٺي. تلقين صرف عربي ۾ پڙهو.

زندهہ آهي تہ اها يا ڪو ٻيو اسلامي ڀاءُ احسان ڪندي پنهنجي ڪيسي مان ادا ڪن، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اجرِ عظيم عطا فرمائيندو. (مختلف اجتماعن ۾ اعلان ڪرايو وڃي تہ جنهن جي بہ دل آزاري يا حق تلفي ٿي هجي اهو محمد الياس قادري کي معاف ڪري جيڪڏهن قرض وغيره آهي تہ فوراً وارث ڏانهن رجوع ڪيو يا معاف ڪري ڇڏيو)

﴿26﴾ مون کي ڪثرت سان ايصالِ ثواب ۽ دعاءِ مغفرت ڪندا رهندا تہ توهان جو احسان عظيم ٿيندو.

﴿27﴾ سڀ جا سڀ مَسلڪِ اعليٰ حضرت يعني اهل سنّت تي امام اهل سنّت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صحيح اسلامي تعليمات جي مطابق قائم رهو.

﴿28﴾ بدمذهبن جي صحبت کان بلڪل پري رهو جو انهن جي صحبت خير سان خاتمو ٿيڻ ۾ وڏي رڪاوٽ ۽ آخرت جي بربادي جو سبب آهي.

﴿29﴾ محبوب ڪريمصَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّم جي محبت ۽ سنّت تي مضبوطيءَ سان قائم رهو.

﴿30﴾ پنج وقت نماز، روزا، زڪوات، حج وغيره فرضن (۽ ٻين واجبن ۽ سنّتن) جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ڪيو.

﴿31﴾ وصيت ضروري وصيت: دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ سان هر دم وفادار رهو. ان جي هر رڪن ۽ پنهنجي هر نگران جي هر ان حڪم جي اطاعت ڪيو جيڪو شريعت جي مطابق هجي، شوريٰ يا دعوت اسلامي جي ڪنهن بہ ذميدار جي بنا شرعي اجازت مخالفت ڪرڻ واري سان مان بيزار آهيان. خواه اهو ڪيڏو بہ منهنجو عزيز ئي ڇو نہ هجي.

﴿32﴾ هر اسلامي ڀاءُ هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ اول کان آخر تائين شرڪت ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن، 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن، ۽ سڄي زندگي ۾ هڪڙي ڀيري گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينن لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪي يقيني بڻائي، هر اسلامي ڀاءُ ۽ هر اسلامي ڀيڻ پنهنجي ڪردار جي اصلاح تي اِستِقامت حاصل ڪرڻ لاءِ روزانو مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري ۽ هر مدني مهيني پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائي.

﴿33﴾ نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ سنّت جو پيغام دنيا ۾ عام ڪندا رهو.

﴿34﴾ بدعقيدگين ۽ بد اعمالين ۽ پڻ دنيا جي محبت، حرام مال ۽ ناجائز فيشن وغيره جي خلاف پنهنجي جدوجهد جاري رکو. سٺي اخلاق ۽ سهڻي انداز سان نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندا رهو.

﴿35﴾ ڪاوڙ ۽ چيڙاڪ طبيعت کان پري ڀڄو نه ته دين جو ڪم ڌڪيو تي ويندو.

﴿36﴾ منهنجن ڪتابن ۽ بيانن جي ڪيسٽن مان منهنجن وارثن کي دنيا جي دولت ڪمائڻ کان بچڻ جي التجا آهي.

﴿37﴾ منهنجي وِرثي (ڇڏيل ملڪيت) وغيره جي معاملي ۾ شريعت جي حڪم تي عمل ڪيو وڃي.

﴿38﴾ مون کي جيڪو گار ڏي، برو ڀلو چوي، زخمي ڪري يا ڪنهن به طرح دل آزاري جو سبب بڻجي مان ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ اڳواٽ ئي معاف ڪري ڇڏيو آهي.

﴿39﴾ مون کي ستائڻ وارن کان ڪو بدلو نہ وٺي.

﴿40﴾ بالفرض مون کي ڪو شهيد ڪري ڇڏي تہ منهنجي طرفان ان کي منهنجا حق معاف آهن، وارثن کي بہ درخواست آهي تہ پنهنجو حق معاف ڪري ڇڏين، جيڪڏهن سرڪارمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جي صدقي قيامت جي ڏينهن خاص ڪرم ٿي ويو تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي قاتل يعني مون کي شهيد ڪرڻ واري کي بہ جنّت ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندس پر شرط هيءَ آهي تہ ان جو خاتمو ايمان تي ٿيو هجي (جيڪڏهن مان شهيد ٿي وڃان تہ ان ڪري ڪنهن بہ قسم جا هنگاما ۽ هڙتالون نہ ڪيون وڃن، جيڪڏهن ”هڙتال“ ان جو نالو آهي تہ مسلمانن جو ڪاروبار زبردستي بند ڪرايو وڃي، مسلمانن جي دڪانن ۽ گاڏين تي پٿراءُ وغيره ٿئي ماڻهن جي اهڙين حق تلفين کي ڪوبہ مفتيءِ اسلام جائز نہ ٿو چئي سگهي. اهڙي طرح جي هڙتال حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.)

ڪاش! گناهن کي بخشڻ وارو خداءِ غفار عَزَّوَجَلَّ مون پاپي ۽ بدڪار کي پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي معاف فرمائي.

اي منهنجا پيارا پيارا الله عَزَّوَجَلَّ جيستائين مان زنده رهان عشق رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ گم رهان، مديني جو ذڪر ڪندو رهان، نيڪي جي دعوت جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهان، محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب ٿئي، محبوب جو جنّت الفردوس ۾ پاڙو نصيب ٿئي. هاءِ! اي ڪاش! هر وقت محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظاري ۾ گم رهان، اي الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بيشمار درود ۽ سلام موڪل، ۽ سندن جي تمام امت جي مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

يا الٰہی! جب رضاؔ خوابِ گراں سے سر اُٹھائے
دولتِ بیدار عشقِ مصطفٰے کا ساتھ ہو

”مدني وصيت نامو“ پهريون ڀيرو (محرم الحرام 1411 هه مطابق 1990 ء) مديني پاڪ ڪان جاري ڪيو هو پوءِ ڪڏهن ڪڏهن معمولي گهٽ وڌ ڪئي وئي هئي هاڻي ڪجهه نئي تبديلي سان حاضر ڪيو آهي.

10 جمادي الاولٰي1434ه مطابق 23.3.2013

# فاتحہ ۽ ايصالِ ثواب جو رائج طريقو

اڄڪلهه مسلمانن ۾ خصوصاً ڪاڏي تي جيڪو فاتحه جو طريقو رائج آهي اهو بہ تمام سٺو آهي. جن ڪاڌن جو ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي اهي سڀ يا سيني مان ٿورو ٿورو ڪاڌو ۽ پڻ هڪ گلاس ۾ پاڻي ڀري سيني ڪي سامهون رکي ڇڏيو.

هاڻي:

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

پڙهي ڪري هڪ ڀيرو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ يٰۤاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱﴾ لَاۤ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۲﴾ وَلَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ﴿۳﴾ وَلَاۤ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ﴿۴﴾ وَلَاۤ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَاۤ اَعْبُدُ ﴿۵﴾ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ﴿۶﴾

ٽي ڀيرا:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ يُوْلَدْ ۙ﴿۳﴾ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۧ﴿۴﴾

هڪ ڀيرو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ۧ﴿۵﴾

هڪ ڀيرو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ ۙ﴿۳﴾ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ۙ﴿۴﴾ الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ۧ﴿۶﴾

هڪ ڀيرو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ﴿۱﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۙ﴿۲﴾ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۙ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ

وَ اِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿٤﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿٥﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ
غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿٧﴾

هڪ ڀيرو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الٓمّٓ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ
بِالْغَيْبِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾ وَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ
اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ
وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٥﴾

پڙهڻ کان پوءِ هي پنج آيتون پڙهو:

(1) وَاِلٰـهُكُمْ اِلٰـهٌ وَّاحِدٌ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ (پ۲، البقرة: ۱٦۳)

(2) اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ (پ۸، الاعراف: ۵٦)

(3) وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٧﴾ (پ۱۷، الانبياء: ۱۰۷)

(4) مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ
النَّبِيّٖنَ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ (پ۲۲، الاحزاب: ٤۰)

(5) اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا
عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ (پ۲۲، الاحزاب: ۵٦)

هاڻي درود شريف پڙهو:

صَلَّى اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ط
صَلٰوةً وَّسَلَامًا عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللّٰه

انڪان پوءِ هي آيتون پڙهو:

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾
وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾ (پ٢٣، الصّٰفّٰت: ١٨٠ نه ١٨٢)

هاڻي هٿ کڻي فاتحه پڙهائڻ وارو بلند آواز سان ”الفاتحه“ چوي سڀ ماڻهو هوريان يعني ايتري آواز سان جو پاڻ ٻڌي سگهي سورة الفاتحه پڙهن، هاڻي فاتحه پڙهائڻ وارو هن طرح اعلان ڪري. ”منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان جيڪو ڪجهه پڙهيو آهي ان جو ثواب مون کي ڏئي ڇڏيو سيئي اسلامي ڀائر چون ته اوهان کي ڏنو. هاڻي فاتحه پڙهائڻ وارو ايصال ثواب ڪري.“

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو فاتحه جو طريقو

ايصال ثواب جا لفظ لکڻ کان پهريان امام اهل سنّت اعلي حضرت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فاتحه کان پهريان جيڪي سورتون وغيره پڙهندا هئا اهي به تحرير ڪيون وڃن ٿيون:

هڪ ڀيرو:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٢﴾ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٣﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ﴿٤﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿٥﴾ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ۬ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿٧﴾

هڪ پيرو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلۡحَىُّ الۡقَيُّوۡمُ ۚ لَا تَاۡخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوۡمٌ ؕ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ مَنۡ ذَا الَّذِىۡ يَشۡفَعُ عِنۡدَهٗۤ اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ؕ يَعۡلَمُ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡ ۚ وَلَا يُحِيۡطُوۡنَ بِشَىۡءٍ مِّنۡ عِلۡمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرۡسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ ۚ وَلَا يَـُٔوۡدُهٗ حِفۡظُهُمَا ۚ وَهُوَ الۡعَلِىُّ الۡعَظِيۡمُ ﴿۲۵۵﴾

(پ۳، البقرہ: ۲۵۵)

ٽي پيرا:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ يَلِدۡ ۙ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾

## ايصال ثواب جي لاءِ دعا جو طريقو

ياالله عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجھ پڙھيو ويو (جيڪڏھن ڪاڏو وغيره آھي تہ ھن طرح بہ چئو) ۽ جيڪو ڪجھ ڪاڏو وغيره پيش ڪيو ويو آھي ان جو ثواب اسان جي ناقص عمل جي مطابق نہ بلڪ پنھنجي ڪرم جي شايانِ شان ثواب عطا فرماءِ. ۽ ھن ڪي اسان جي طرفان پنھنجي پياري محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ نذر پھچاءِ. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان تمام انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تمام اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جن جي

بارگاهہ ۾ پهچاءِ سرڪار مدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان سيدنا آدم صَفِي الله عَلَيْهِ السَّلَام کان وٺي هاڻي تائين جيترا بہ انسان ۽ جنّ مسلمان ٿيا يا قيامت تائين ٿيندا سيني کي پهچاءِ. انهيءَ دوران بهتر هي آهي تہ جن جن بزرگن کي خاص ڪري ايصالِ ثواب ڪرڻو آهي انهن جا نالا بہ وٺندا وڃو. پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀين ڀائرن ۽ پنهنجي پير ۽ مرشد کي ايصالِ ثواب ڪريو.

(فوت ٿيلن مان جن جن جا نالا وٺندا آهيو انهن کي خوشي حاصل ٿيندي آهي جيڪڏهن ڪنهن جو بہ نالو نہ وٺو صرف ايترو ئي چئي وٺو تہ يا الله عَزَّوَجَلَّ! ان جو ثواب اڄ تائين جيڪي بہ ايمان وارا ٿيا انهن سيني کي پهچاءِ تڏهن بہ هر هڪ تائين پهچي ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ)

هاڻي معمول مطابق دعا ختم ڪري ڇڏيو. (جيڪڏهن ٿورو ٿورو کاڌو ۽ پاڻي کڻيو هو اهو ٻين کاڌن ۽ پاڻي ۾ وجهي ڇڏيو)

## مرحوم والدين سان احسان

## درود شريف جي فضيلت

اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”غفلت“ ۾ درود پاڪ جي فضيلت بيان ڪندي لکن ٿا تہ مديني جي تاجدار، نبين جي سردار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اُهو شخص هوندو، جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.“ (فردوس الاخبار ج 5 ص 375 حديث 8210)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرحوم والدين جي لاءِ دُعاءِ استغفار ڪيو

حضرت سيّدنا ابو اُسيد ساعِدي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان حضور جي خدمت ۾ حاضر هئاسين تہ بني سلمہ مان هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يارسول الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) منهنجا والدين مري چڪا آهن اجان بہ انهن سان احسان جو ڪو طريقو باقي آهي؟ فرمايائون: ها، انهن جي لاءِ دعا ۽ استغفار ڪرڻ ۽ جيڪو انهن واعدو ڪيو آهي ان کي پورو ڪرڻ ۽ جنهن رشتي واري سان انهن ئي جي ڪري سنو ورتاؤ ڪري سگهبو هجي انهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ ۽ انهن جي دوستن جي عزت ڪرڻ. (ابو داؤد، ج. 4، ص. 434، حديث 5142)

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ والدين جي وفات کان پوءِ بہ انهن جي لاءِ دعا ۽ استغفار ڪري انهن کي خوشي پهچائي سگهجي ٿي ۽ نيڪ عمل ڪري ايصال ثواب بہ ڪري سگهجي ٿو بلڪ اولاد کي گهرجي تہ نيڪ عمل ئي ڪن ڇو تہ مرڻ کان پوءِ والدين کي انهن جي اولاد جا عمل پيش ڪيا ويندا آهن ۽ اهي نيڪ عملن سان خوش ۽ بُرن سان غمگين ٿيندا آهن. جيئن تہ

## مرحوم والدين تي اولاد جا عمل پيش ٿيندا آهن

حضرت سيّدنا صدقہ بن سليمان جعفري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: منهنجي جواني جا ابتدائي ڏينهن هئا ۽ بُري عادتن ۽ دنيا جي رنگينين ۾ مصروف هئس پر جڏهن منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿيو تہ منهنجي دل تي اثر ٿيو. مان پنهنجي پوئين خطائن تي شرمنده ٿيندي بارگاهِ خداوندي ۾ توبہ ڪئي ۽ نيڪ عملن جي طرف مائل ٿي ويس. شامتِ نفس جي سبب هڪ ڏينهن ٻيهر بُرو ڪم ڪري وينس

تہ انهيءَ ڏينهن والد مرحوم خواب ۾ آيا ۽ فرمايائون: منهنجا پٽ! تنهنجا عمل منهنجي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن تہ مون ڪي تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي چاڪاڻ تہ اهي نيڪ ماڻهن جي عملن جيان هوندا آهن پر هن ڀيري جڏهن تنهنجا عمل پيش ڪيا ويا تہ مان گهڻو شرمسار ٿيس. خدارا! مون کي منهنجي فوت ٿي ويل دوستن جي سامهون رسوا نہ ڪندو ڪر. بس ان خواب کان پوءِ منهنجي زندگي ۾ انقلاب اچي ويو، مان ڏچي ويس ۽ توبہ تي استقامت اِختيار ڪري ورتي. هن حڪايت کي روايت ڪرڻ وارا چون ٿا: تهجّد جي نماز ۾ اسان حضرت سيّدنا صدقہ بن سليمان جعفري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اسان هن رِيت مناجات ڪندي ٻڌندا هئاسين: اي صالحين جي اصلاح ڪرڻ وارا! اي ڀٽڪيلن کي سڌِي واٽ هلائڻ وارا! اي گنهگارن تي رحم فرمائڻ وارا! مان توکان اهڙي توبہ جو سوال ڪيان ٿو جنهن کان پوءِ ڪڏهن بہ گناہ جي طرف نہ وڃان، ڪڏهن برائي ۽ ظلم جي طرف نظر کڻي نہ ڏسان، اي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ! مونکي سچي توبہ جي توفيق عطا فرماءِ. (عيون الحڪايت.ص 104)

ان ڪري گهرجي تہ سٺا عمل ڪري والدين کي خوشي پهچايو ۽ بُرن عملن کان بچي ڪري انهن کي غمگين ٿيڻ کان بچايو. والدين جي ايصالِ ثواب جي متعلق بہ فرامين مصطفي ملاحظ فرمايو.

## (1) والدين جي طرفان خيرات ڪريو

جڏهن توهان مان ڪو ڪجهہ نفلي خيرات ڪري تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري تہ ان جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي (يعني خيرات ڪرڻ واري جي) ثواب ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ايندي. (شعب الايمان ج 6 ص205 حديث 7911)

## ڏهن حجن جو ثواب

(2) جيڪو پنهنجي ماءُ يا پيءُ جي طرفان حج ڪري انهن جي (يعني ماءُ ۽ پيءُ جي) طرفان حج ادا ٿي وڃي، تہ ان ڪي (يعني حج ڪرڻ واري ڪي) وڌيڪ ڏهن حجن جو ثواب ملندو. (دار قطني ج 2 ص 229 حديث 2587)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! جڏهن بہ نفلي حج جي سعادت حاصل ٿئي تہ فوت ٿيل ماءُ يا پيءُ جي نيّت ڪيو تہ جيئن انهن ڪي بہ حج جو ثواب ملي. اوهان جو بہ حج ٿي وڃي بلڪ وڌيڪ ڏهن حجن جو ثواب هٿ اچي، جيڪڏهن ماءُ يا پيءُ مان ڪو هن حال ۾ فوت ٿي ويو جو انهن تي حج فرض ٿي وڃڻ جي باوجود اهي نہ ڪري سگهيا هئا تہ هاڻي اولاد ڪي حجِ بدل جو شرف حاصل ڪرڻ گهرجي. حجِّ بدل جي تفصيلي احڪامن جي لاءِ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڇپيل ڪتاب ”رفيق الحرمين“ جي صفحي نمبر 208 کان 214 جو مطالعو ڪيو

اجان وڌيڪ انهن ڪي خوش ڪرڻ ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي قبر تي حاضري بہ ڏيندا رهو. جيئن تہ

## مقبول حج جو ثواب

رسولِ اڪرم نورِمُجَسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ آهي”جيڪو بہ ثواب جي نيّت سان پنهنجي والدين ينهي يا هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، مقبول حج جي برابر ثواب ماٽيندو ۽ جيڪو ڪثرت سان انهن جي قبر جي زيارت ڪندو رهندو فرشتا ان جي قبر جي (يعني جڏهن هو فوت ٿيندو) زيارت جي لاءِ ايندا“. (نوادر الاصول للحڪيم الترمذي، ج 1، ص 73، حديث 98)

# جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

رسولِ اڪرم نورِمُجَسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ يٰسين شريف پڙهي ته بخشيو ويندو. (ابن عدي في الكامل ج 6 ص260)

تابعي بزرگ حضرت محمد بن نعمان کان روايت آهي ته نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي پيءُ ماءُ يا انهن مان هڪ جي قبر جي هر جمعي جو زيارت ڪندو رهي ته ان جي بخشش ڪئي ويندي ۽ اهو ڀلائي ڪرڻ وارن ۾ لکيو ويندو. (شعب الايمان، ج. 6، ص. 201، حديث 7901)

هن حديث جي تحت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو ته هتي جمعي مان مراد يا ته جمعي جو ڏينهن آهي يا پورو هفتو. بهتر هي آهي ته هر جمعي جي ڏينهن والدين جي قبر جي زيارت ڪندو رهي. جيڪڏهن اتي حاضري ميّسر نه هجي جيئن هي فقير هاڻي پاڪستان ۾ آهي ۽ منهنجي والدين جون قبرون هندوستان ۾ آهن، ته هر جمعي تي انهن کي ايصالِ ثواب ڪندو رهي. اهو به معلوم ٿيو ته ماءُ پيءُ جي قبرن جي زيارت ڪرڻ وارو ڄڻ هاڻي به انهن جي خدمت ڪري رهيو آهي. جيڪو ثواب انهن جي زندگي ۾ انهن جي خدمت ڪرڻ جو آهي اهو ئي ثواب انهن جي وفات کان پوءِ انهن جي قبرن جي زيارت جو آهي. علماء فرمائن ٿا ته: والدين جي وفات کان پوءِ 3 ڪم ڪيو: هڪ هي ته هر جمعي تي انهن جي قبرن جي زيارت ڪيو، انهن جي لاءِ دعاء، ختم شريف وغيره پڙهو. ٻيو هي ته انهن جا قرض ادا ڪيو، انهن جا واعدا پورا ڪيو. ٽيون هي ته والد جي

دوستَن ۽ والده جي سهيلين کي پنهنجو پيءُ ۽ ماءُ سمجهو ۽ انهن جي خدمت ڪيو. (مراۃ المناجيح، ج. 2، ص. 526)

## احتياط فرمايو

ياد رکو! جڏهن قبرن جي زيارت لاءِ وڃو تہ احتياط فرمايو تہ ڪنهن قبر تي پير نہ اچي جيڪڏهن قبرن تي پير رکڻ کان بغير ماءُ پيءُ جي قبرن تي نہ وڃي سگهندا هجو تہ ھاٽي پري ئي کان فاتحہ پڙهڻي پوندي ڇو تہ بزرگن جي مزارن يا ماءُ پيءُ جي قبرن تي وڃڻ مستحب آهي جڏهن تہ مسلمان جي قبر تي پير رکڻ ناجائز ۽ حرام ۽ مستحب ڪم جي لاءِ حرام ڪم جي شريعت ۾ اجازت ناهي. منهنجا آقا اعلي حضرت، امام اهل سنّت، مجددِ دين و ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ان جو لحاظ لازم آهي تہ جنهن قبر تي خاص طور وڃڻ چاهي ٿو، ان تائين اهڙو قديم(يعني پراڻو) رستو هجي (جيڪو قبرون مِٽائي ڪري نہ بڻايو ويو هجي) جيڪڏهن قبرن تان ٿي ڪري وڃڻو پوي تہ ان جي اجازت ناهي، رستي تي پري کان بيهي ڪري هڪ قبر ڏانهن متوجّہ ٿي ڪري ايصالِ ثواب ڪري. (فتاويٰ رضويه، ج. 9، ص. 524)

## جيڪڏهن والدين ناراضگيءَ ۾ فوت ٿيا هجن؟

جنهن جا والدين ناراضگي جي حالت ۾ فوت ٿي وڃن اهو انهن جي لاءِ بخشش جي دعا وڏيڪ ڪري، مرڻ واري جي لاءِ سڀ کان وڏو تحفو بخشش جي دعا آهي ۽ انهن جي طرفان وڌ ۾ وڌ اِيصالِ ثواب ڪري، اولاد جي طرفان مسلسل نيڪين جا تحفا ملندا تہ اميد آهي مَرحُوم والدَين راضي ٿي ويندا، دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار

شريعت“ حصي 16 صفحي 197 تي آهي، رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن جي ماءُ پيءُ بنهي يا هڪ جو انتقال تي وڃي ۽ هي انهن جي نافرماني ڪندو هو، هاڻي انهن جي لاءِ هميشه اِستِغفار ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو الله عَزَّوَجَلَّ ان کي نيڪو ڪار لکي ڇڏيندو آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 202 حديث 7902)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! خوب خوب نيڪ عمل ڪري والدين کي ايصال ثواب ڪيو ۽ انهن کي راحت پهچايو ۽ گنجائش هجي ته مدرسةالمدينه، جامعةالمدينه يا مسجد وغيره تعمير ڪرائي نه ته تعمير ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري انهن جي لاءِ ثواب جاريه ڪيو.

منا منا اسلامي ڀائرو! نيڪ اولاد صدقهءِ جاريه هوندو آهي ۽ انهن جي دعائن جي صدقي فوت تي ويل والدين جي لاءِ آسانيون ٿينديون آهن. ان ڪري نيڪ بڻجڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ مدني انعامات تي عمل ڪيو. خوب مدني قافلن ۾ سفر ڪيو ۽ والدين کي ايصالِ ثواب ڪيو. اچو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت جي هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو: جيئن ته

## والد صاحب تان عذاب هٽي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، مون عيد جي ٻئي ڏينهن عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، انهيءَ دوران مرحوم والد صاحب جن کي فوت ٿيندي ٻه سال گذري چُڪا هئا، منهنجي خواب ۾ تمام سني حالت ۾ تشريف ڪٺي آيا، مون پُڇيو ته بابا! وفات کان پوءِ ڇا ٿيو؟ چيائون ڪجهه عرصو گناهن جي

سزا ملي پر هاڻي عذاب هٽي ويو آهي، توهان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول کي بلڪل نہ ڇڏجو ڇو تہ ان جي برڪت سان ئي مون تي ڪرم ٿيو آهي. (فيضانِ سنت، ص. 357)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ہیں اسلامی بھائی سبھی بھائی بھائی ہے بے حد محبّت بھرا مَدَنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول

## نماز جي فديي جو بيان

## دُرود شريف جي فضيلت

اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة پنهنجي رسالي "غسل جو طريقو" ۾ درود پاڪ جي فضيلت بيان ڪندي لکن ٿا تہ: سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ رحمت بنياد آهي: "مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ اهو توهان جي لاءِ طَهارت آهي." (مسند ابي يعليٰ ج 5 ص 458 حديث 6383)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فديي جي تعريف

عبادت ۾ ڪوتاهي جو ڪفّارو جيڪو الله عزوجل جي رضا جي لاءِ ڏنو وڃي، اُن کي فديو چئبو آهي ۽ نماز جو فديو هي آهي تہ هر نماز جي عوض هڪ صدقۂ فطر شرعي فقير کي خيرات ڪري. نماز جي فديي جي باري ۾ تفصيل ملاحظ فرمايو:

## جن جا مائٽ فوت ٿي ويا هجن اهي هي مضمون ضرور مطالعو ڪن

مَيِّت جي عمر معلوم ڪري ان مان نو سال عورت لاءِ ۽ ٻارهن سال مرد جي لاءِ نابالغيءَ جا ڪڍي ڇڏيو، باقي جيترا سال بچيا انهن جو حساب لڳايو ته ڪيتري عرصي تائين اهو (يعني مرحوم) بي نمازي يا بي روزائتو رهيو يا ڪيتريون نمازون يا روزا ان جي ذمي تي قضا باقي آهن، وڌ ۾ وڌ اندازو لڳايو، بلڪ چاهيو ته نابالغي جي عمر ڪان پوءِ باقي تمام عمر جو حساب لڳايو. هاڻي في نماز هڪ هڪ صدقي جو فِطرو خيرات ڪري ڇڏيو، هڪ فطري جي مقدار تقريباً ٻه ڪلو ڪان اسي گرام گهٽ (1920گرام) ڪڻڪ يا ان جو اٽو يا ان جيتري رقم آهي ۽ هڪ ڏينهن جون ڇهه نمازون آهن، پنج فرض ۽ هڪ وتر واجب، مثلاً ٻه ڪلو ڪان اسي گرام گهٽ ڪڻڪ جي رقم 12 رپيا هجي ته هڪ ڏينهن جي نمازن جا 72 رپيا ٿيا ۽ 30 ڏينهن جا 2160 روپيا ۽ ٻارهن مهينن جا تقريباً 25920 روپيا ٿيا، هاڻي ڪنهن ميت تي 50 سالن جون نمازون باقي آهن ته فديو ادا ڪرڻ جي لاءِ 1296000 روپيا خيرات ڪرڻا پوندا، ظاهر آهي ته هر ماڻهو ايترا پيسا خيرات ڪرڻ جي طاقت نه ٿو رکي، ان ڪري علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تعالٰي شرعِي حِيلو ارشاد فرمايو آهي مثلاً هو 30 ڏينهن جي تمام نمازن جي فديي جي نيت سان 2160 روپيا ڪنهن فقير (فقير ۽ مسڪين جي تعريف ص204، تي ملاحظ فرمايو) کي ڏئي ڇڏي (يعني فقيرکي مالڪ ڪري ڇڏي) هي 30 ڏينهن جي نمازن جو فديو ادا ٿي ويو، هاڻي اهو فقير اهي پيسا ڏيندڙ کي ئي هِبَه ڪري ڇڏي (يعني تحفي ۾ ڏئي ڇڏي) هي قبضو ڪرڻ بعد وري فقير کي 30 ڏينهن جي نمازن جي فديي جي نيت سان قبضي ۾ ڏئي ڪري ان کي مالڪ بڻائي، اهڙي طرح ڏي وٺ ڪندا رهن ۽ ائين سمورين نمازن جو فديو ادا ٿي

ويندو. 30 ڏينهن جي پيسن جي ذريعي ئي حِيلو ڪرڻ شرط ناهي اهو تہ سمجهائڻ لاءِ مثال ڏنو آهي، جيڪڏهن بالفرض 50 سالن جي فديي جي رقم موجود هجي تہ هڪ پيري ئي ڏي وٺ ڪرڻ سان ڪم ٿي ويندو. ۽ فِطري جي رقم جو حساب ڪٽڪ جي موجوده اگهہ مان لڳائڻو پوندو. (نماز جا احڪام، ص. 345)

## روزن جو فديو

اهڙي طرح في روزو بہ هڪ فِطرو آهي. (درمختار معه ردالمحتار ج 2 ص 644) نمازن جو فديو ادا ڪرڻ ڪانپوءِ روزن جو بہ انهيءَ طريقي سان فديو ادا ڪري سگهو ٿا، غريب ۽ امير سڀئي فديي جو حيلو ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن وارث پنهنجي مرحومن جي لاءِ اهو عمل ڪن تہ هي ميت جي زبردست امداد ٿيندي، اهڙي طرح مرڻ وارو بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرض جي بار کان آجو ٿيندو ۽ وارث بہ اجر ۽ ثواب جا حقدار ٿيندا، ڪجھ ماڻهو مسجد وغيره ۾ هڪ قرآن پاڪ جو نسخو ڏئي ڪري پنهنجي دل کي مڃائيندا آهن تہ اسان مرحوم جي تمام نمازن جو فديو ادا ڪري ڇڏيو هي سندن غلط فهمي آهي. (تفصيل جي لاءِ فتاويٰ رضويه، ج. 8، ص. 167) ياد رکو! مرحوم جي نمازن جو فديو اولاد ۽ ٻين وارثن وانگر ڪو عام مسلمان بہ ڏئي سگهي ٿو. (نماز جا احڪام، ج. 2، ص. 160)

## مرحوم جي فديي جو هڪ مسئلو

جيڪڏهن عورت جي حيض (ماهواري) جي عادت معلوم هجي تہ اوترا ڏينهن ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ هر مهيني مان ٽي ڏينهن، نون سالن جي عمر کان الڳ ڪريو، پر جيترا ڀيرا حمل رهيو هجي، حمل جي مدت جي مهينن مان حيض جي ڏينهن کي الڳ نہ ڪيو، جيڪڏهن عورت جي نفاس جي عادت معلوم هجي تہ هر حمل کان

پوءِ اوترا ڏينهن الڳ ڪري ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ ڪجھ ناهي ڇو تہ نِفاس جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ (مُدَت) شرعي طور تي ڪا بہ مقرر ناهي ممڪن آهي تہ هڪ ئي منٽ اچي ڪري فوراً پاڪ ٿي وڃي. (ماخوذ از فتاوي رضويه ج 8 ص 154)

## ساداتِ ڪرام کي نماز جو فديو نٿو ڏئي سگهجي

منهنجي آقا اعلي حضرت، امام اهل سنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان سيدن ۽ غير مسلمن کي نماز جي فديي ڏيڻ جي متعلق پڇيو ويو تہ فرمايائون: هيءُ صدقو (يعني نماز جو فديو)سيد سڳورن جي لائق نہ آهي ۽ ڪافرِ هن صدقي جا لائق نہ آهن. انهن ٻنهي کي ڏيڻ جي بالڪل اجازت ناهي ۽ نہ انهن کي ڏيڻ سان فديو ادا ٿيندو. مسلمان مسڪينن ذوي القربيٰ غير هاشمين (يعني پنهنجن مسڪين مسلمان رشتي دارن کي جيڪي هاشمي نہ هجن ) ڏيڻ ٻيڻو اجر آهي. (فتاويٰ رضويه،166/8)

## 100 ڪُوڙَن جو حِيلو

شَرعِي حِيلي جو جواز قرآن ۽ حديث ۽ فِقهِ حنفي جي مُعتَبر ڪتابن ۾ موجود آهي جيئن تہ حضرت سيّدنا ايوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بيماري جي زماني ۾ سندن عَلَيۡهِ السَّلَام جي گهرواري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا هڪ ڀيري خدمتِ ۾ دير سان حاضر ٿي تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام قسم کنيو تہ مان تندرست ٿي ڪري سؤ ڪُوڙا هڻندس، تندرست ٿيڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ کين سؤ تيلا ٻهاري جا هڻڻ جو حڪم فرمايو، (نورالعرفانص728 ملخصاً)

الله تبارڪ و تعالي سيپاري 23 سورة ص جي آيت نمبر 44 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ (پاره ٢٣،ع ١٣)

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻوهارو ڪٽي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ.

”فتاويٰ عالمگيري“ ۾ حِيلن جو هڪ مُستَقل باب آهي، جنهن جو نالو ”ڪتاب الحِيَل“ آهي جيئن تہ عالمگيري ڪتابُ الحِيَل ۾ آهي ”جيڪو حِيلو ڪنهن جو حق ڦبائڻ يا ان ۾ شڪ پيدا ڪرڻ يا باطل طريقي سان فريب ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو مڪروه آهي ۽ جيڪو حيلو ان لاءِ ڪيو وڃي جيئن ماڻهو حرام کان بچي وڃي يا حلال کي حاصل ڪري وٺي اهو صحيح آهي، ان قسم جي حيلن جي جائز هجڻ جو دليل الله عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان آهي:

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ؕ (پاره ٢٣،ع١٣)

**ترجموڪنزالايمان** ۽ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻوهارو ڪٽي ان سان مار ڏيئي ڇڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ.

(عالمگيري ، ڪتاب الحيل ،الفصل الاول في بيان جواز الحيل .......ج 6 ص 390)

## ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟

حيلي جي جائز هجڻ تي هڪ ٻيو دليل ملاحظ فرمايو جيئن تہ حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت سيدتنا ساره ۽ حضرت سيدتنا هاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا ۾ ڪا اٽبٽ تي وئي، حضرت سيدتنا ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا قسم ڪنيو تہ جيڪڏهن مون کي موقعو مليو تہ مان حاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو ڪو عُضوو ڪٽيندِيس، الله تَعَالٰي حضرت سيدنا جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي

حضرت سيّدنا ابراهيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت اَقدَس ۾ موڪليو تہ انھن جي وچ ۾ ناھ ڪرائي ڇڏي، حضرت سيدتنا ساره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھَا عرض ڪيوتہ ”مَاحِيلةُ يَمِينِي“ يعني منھنجي قسم جو ڇا حيلو ٿيندو؟ حضرت سيدنا ابراھيم خليل الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانھن وحي نازل ٿي تہ (حضرت) ساره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھَا کي حڪم ڏي تہ ھوءَ (حضرت) ھاجره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھَا جا ڪن ٽوپي. ان وقت کان عورتن جي ڪن ٽوپڻ جو رواج پيو. (شرح الاشباه والنظائر للحموي الفن الخامس ، 3 ص 295)

## ڳئون جي گوشت جو تحفو

اُمُّ المؤمِنِين حضرت سيّدَتُنا عائِشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھَا کان روايت آھي تہ ٻنھي جھانن جي سلطان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڳئون جو گوشت حاضر ڪيو ويو، ڪنھن عرض ڪيو: ھي گوشت حضرت سيدتنا بريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھَا تي صدقو ٿيو ھو، فرمايائون: هُوَ لَهَا صَدقَة وَلَنَا هَدِيَة يعني ھي بريره جي لاءِ صدقو ھو. اسان جي لاءِ تحفو آھي. (مسلم،كتاب الزكاة،باب اباحة الهدية للنبي ولبني هاشم وبني مطلب وان كان.....الخ، ص 541 حديث 1075)

## زَڪوٰت جو شَرعِي حِيلو

ھن حديث پاڪ مان صاف ظاھر آھي تہ حضرت سيّدتنا بريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھَا جيڪي صدقي جون حقدار ھيون انھن کي صدقي جي طور تي مليل ڳئون جو گوشت جيتوڻيڪ سندن جي حق ۾ صدقو ٿي ھو پر قبضي ڪرڻ کان پوءِ جڏھن بارگاھِ رِسالت ۾ پيش ڪيو ويو تہ ان جو حڪم بدلجي ويو ۽ پوءِ اھو صدقو نہ رھيو ائين ئي ڪو حقدار شخص زڪوٰت پنھنجي قبضي ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنھن بہ ماڻھو کي تحفي ۾ ڏئي سگھي ٿو يا مسجد وغيره جي لاءِ پيش ڪري سگھي ٿو، ذڪر ڪيل حقدار شخص جو پيش ڪرڻ ھاڻي زڪوٰت نہ رھيو،

هديو يا عطيو ٿي ويو. فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی زڪوٰت جي شرعي حيلي ڪرڻ جو طريقو هيئن ارشاد فرمائن ٿا: ”زڪوٰت جا پيسا مڙدي جي ڪَفن دَفن يا مسجد جي تَعمِير ۾ نه ٿا لڳائي سگهجن ڇوته تَمليڪِ فقير (يعني فقير کي مالڪ ڪرڻ) موجود ناهي، جيڪڏهن هنن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ چاهيو ته ان جو طريقو هي آهي ته فقير کي (زڪوٰت جي پيسن جو) مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ اهو (مسجد جي تعمير وغيره ۾) لڳائي اهڙي طرح ٻنهي کي ثواب ملندو.“ (بهارشريعت، حصو5 ، 1 ص 890)

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! ڪفن دفن بلڪ مسجد جي تعمير ۾ به شَرعِي حيلي جي ذريعي زڪوٰت استعمال ڪري سگهجي ٿي، ڇوته زڪوٰت ته فقير جي حق ۾ هئي جڏهن فقير قبضو ڪري ورتو ته هاڻي هو مالڪ ٿي چڪو، هاڻي جيڪو چاهي ڪري. شرعي حيلي جي برڪت سان ڏيڻ واري جي زڪوٰت به ادا ٿي وئي ۽ فقير به مسجد ۾ ڏئي ڪري ثواب جو حقدار ٿي ويو، شرعي فقير کي حيلي جو مسئلو بيشڪ سمجهايو وڃي.

## فقير جي تعريف

فقير اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه نه ڪجهه هجي پر ايترو نه هجي جو نصاب تائين پهچي وڃي يا نصاب جيترو ته هجي پر ان جي حَاجت اَصليه (يعني ضرورياتِ زندگي) ۾ گهيريل هجي مثلاً رهائش واري جڳهه، گهريلو سامان، سواري جا جانور (يا اسڪوٽر يا ڪار) ڪاريگرن جا اوزار، پائڻ جا ڪپڙا، خدمت لاءِ ٻانهي ۽ غلام، علمي شغل رکڻ واري لاءِ اسلامي ڪتاب جيڪي ان جي ضرورت کان وڌيڪ نه هجن اهڙي طرح جيڪڏهن قرضِي آهي ۽ قرض ڏيڻ کان بعد نصاب باقي نه بچي ته اُهو فقير آهي توڙي جو ان وٽ هڪ ته ڇا ڪيترائي نصاب هجن. (بهارشريعت، حصو5 ، 1 ص 924وردالمحتار ڪتاب الزکاة،الباب السابع في المصارف،ج 3 ص 333)

# مسڪين جي تعريف

مسڪين اهو آهي جنهن وٽ ڪجهه نہ هجي ايتري تائين جو کائڻ ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ان جو محتاج آهي تہ ماڻهن کان سوال ڪري ۽ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي، فقير کي (يعني جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جي کائڻ جي لاءِ ۽ پائڻ جي لاءِ موجود آهي ان)کي بنا ضرورت ۽ مجبوري جي سوال ڪرڻ حرام آهي. (عالمگيري،ڪتاب الزڪاة ،الباب السابع في المصارف،187/1 ، بهارشريعت، حصو5 ، 1 ص 924)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! معلوم ٿيو تہ جيڪي پينو فقير ڪمائڻ جي طاقت رکڻ باوجود بغير ضرورت ۽ مجبوري جي ڏنڌي جي طور تي پنندا آهن اهي گنهگار آهن ۽ اهڙن جي حال کان باخبر هجڻ جي باوجود انهن کي ڏيڻ جائز ناهي.

الله تعالٰي کان دعا آهي تہ اسان کي مرحومن سان خير خواهي ڪندي انهن جي نمازن ۽ روزن جو فديو ادا ڪرڻ ۽ شريعت جي احڪام تي پابندي سان عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# عدت ۽ سوڳ جو بيان

## درود شريف جي فضيلت

اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه رسالي ”سيّدي قطبِ مدينہ“ ۾ درود پاڪ جي فضيلت بيان ڪندي لکن ٿا:

## 100 حاجتون پوري ٿينديون

حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن ۽ رات 100 ڀيرا درود شريف پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو مقرر فرمائي ڇڏيندو جيڪو ان درودِ پاڪ کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو. جيئن توهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وصال کان پوءِ ائين هوندو جيئن منهنجي حيات ۾ آهي. (جمع الجوامع، 199/7،حديث22355)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عدت جي تعريف

لغت ۾ عدت شمار ڪرڻ ۽ ڳڻپ ڪرڻ جي معني ۾ آهي، جڏهن تہ شريعت ۾ ان انتظار کي عدت چئبو آهي جيڪو (طلاق يا مڙس جي وفات جي سبب) نڪاح يا شبہ نڪاح جي زائل ٿيڻ جي بعد ڪيو وڃي. ان دوران ۾ ٻيو نڪاح ڪرڻ ممنوع هوندو آهي.

(مراة المناجيح، عدت ڪا بيان،146/5)

## وفات جي عدت

وفات جي عدت چار مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن آهي. (جوهرة نيرة، كتاب العدة،الجزءُ الثاني، ص97 وغيرها وبهارِ شريعت حصو8، 237/6) ۽ جڏهن عورت اميد (پيٽ) سان هجي تہ عدت جي مدت ٻار جي ڄمڻ تائين آهي جيتوڻيڪ مڙس جي وفات کان فورا بعد ٻار جي ولادت ٿي وڃي. جيڪڏهن ہہ يا ٽي ٻار هڪ حمل سان پيدا ٿيا تہ پهرين جي ولادت ٿيڻ سان عدت مڪمل ٿيندي.
(جوهيرة نيرة، ص. 96 و بهار شريعت، حصو 8، ج. 2، ص. 238)

## عدت ڪٿي گذارڻي هوندي آهي

عدت مڙس جي ئي گهر ۾ گذارڻي هوندي آهي. جيڪڏهن گهر ڪِري رهيو هجي يا ڪِرڻ جوخوف هجي يا چورن يا مال تلف ٿيڻ جو خوف هجي تہ انهن صورتن ۾ گهر تبديل ڪري سگهي ٿي.
(عالمگيري، كتاب الطلاق،الباب الرابع عشر في الحداد،535/1 وبهارِ شريعت حصو645/8)

## عدت دوران گهر کان نڪرڻ ڪيئن؟

عدت دوران گهر کان ٻاهر نہ ٿي وڃي سگهي البت ضرورتاً گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت آهي ليڪن ڏينهن جو وڃي ۽ سج لٿي کان پهريان واپس اچي وڃي. (مثال طور بيمار ٿي پئي ۽ ڊاڪٽرياڻي گهر ۾ نہ ٿي اچي سگهي تہ وڃي سگهي ٿي پر جڏهن ہ ڪنهن ضرورت سبب نڪرڻو پوي تہ، محرم ذريعي دارالافتاء اهل سنت کان شرعي رهنمائي وٺي پوءِ نڪري).

## عدت جي دوران نڪاح ڪرڻ ڪيئن؟

عدت دوران نہ نڪاح ڪري سگهي ٿي ۽ نہ ئي ان کي نڪاح جو پيغام ڏئي سگهجي ٿو، امام اهلسنت اعليٰ حضرت، شاه امام احمد رضا خان لکن ٿا: جيستائين عدت نہ گذري نڪاح تہ نڪاح، پر نڪاح

جو پيغام ڏيڻ بہ قطعي حرام آهي. ”هڪ ٻئي مقام تي لڪن تا تہ ”عدت اندر (پڙهايو ويل) نڪاح باطل ۽ حرام آهي.“ (فتاويٰ رضويه، 266/11)

## عدت ۾ نڪاح جي پيغام ڏيڻ جو حڪم

جيڪا عورت عدت ۾ هجي ان ڏانهن صراحتاً (واضح لفظن ۾) نڪاح جو پيغام موڪلڻ حرام آهي ۽ موت جي عدت هجي تہ اشارةً چئي سگهجي ٿو ۽ رجعي طلاق يا بائن يا فسخ جي عدت ۾ اشارةً بہ نٿو چئي سگهجي. اشارةً چوڻ جي صورت هيءَ آهي تہ چوي مان نڪاح ڪرڻ چاهيان ٿو پر هن طرح نہ چوي تہ توسان (نڪاح ڪرڻ چاهيان ٿو) نہ تہ صراحت ٿي ويندي يا چوي مان اهڙي عورت سان نڪاح ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن ۾ هِي هِي وصف هجن ۽ اهي وصف بيان ڪري جيڪي ان عورت ۾ آهن يا چوي مونکي تو جهڙي ڪٿي ملندي، (عالمگيري،ڪتاب الطلاق،الباب الرابع عشر في الحداد،534/1 وبهارِ شريعت حصو6،245/8) پر پردي ۽ ٻين لوازمات جي پابندي ضروري آهي.

## عدت دوران پردي جو حڪم

عدت کان پهريان جن جن سان پردو ڪرڻ شرعًا فرض هو تہ عدت دوران بہ انهن ئي سان پردو ڪرڻ فرض آهي جڏهن تہ طلاقِ مغلظ، طلاقِ بائنہ ۽ خلع واري عدت دوران مڙس کان بہ پردو ڪندين.

## سوڳ جو بيان

حضرتِ سيّدنا اُمِ عطيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کان مروي آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪا عورت ڪنهن ميت تي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ سوڳ نہ ڪري، پر مڙس تي چار مهينا ڏهہ ڏينهن سوڳ ڪري (مسلم، ڪتاب الطلاق، باب وجوب الاحداد في عدة الوفاة....الخ، ص 799، حديث 1491)

۽ ام المومنين حضرتِ سيدتنا اُم سلمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا کان روايت آهي تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن عورت جو مڙس مري ويو آهي، اها نہ ڪُسُم (هڪ قسم جو گل جنهن مان ڳاڙهو رنگ ناهين ٿا). جو رڱيل ڪپڙو پائي ۽ نہ گيڙو(هڪ قسم جي ڳاڙهي مٽي جنهن سان جوڳي ڪپڙا رڱيندا آهن) جو رڱيل ۽ نہ زيور پائي ۽ نہ مهندي لڳائي ۽ نہ سرمو پائي. (ابو داود، ڪتاب الطلاق،فصل في الحداد،325/5، حديث2304 وبهارِ شريعت، حصو2،241/8)

## سوڳ جي تعريف

سوڳ جي معنيٰ هي آهي تہ زينت (سينگار) کي ترڪ ڪري. (در المختار معه رد المختار، ڪتاب الطلاق، فصل في الحداد، 221/5 ۽ بهارِ شريعت، حصو 8، 242/2)

## سوڳ جي متعلق ضروري احڪام

سوڳ ان تي آهي جيڪا عاقلہ، بالغہ مسلمان هجي ۽ موت يا طلاقِ بائن جي عدت هجي. (در المختار معه رد المختار ،ڪتاب الطلاق، فصل في الحداد، 220/5 ۽ بهارِ شريعت، حصو 8، 243/2)

اهڙي اسلامي ڀيڻ کي پنهنجي عدت پوري ٿيڻ تائين سوڳ ملهائڻ شرعاً واجب ۽ ان جو ڇڏڻ حرام آهي. ايتري تائين جو طلاق ڏيڻ وارو سوڳ کان منع ڪري ٿو يا مڙس مرڻ کان پهريان چئي ڇڏيو هو تہ سوڳ نہ ڪجان تڏهن بہ سوڳ واجب آهي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 5، ص. 221)

## سوڳ ۾ ڪهڙا ڪم منع آهن

- هر قسم جو زيور ايتري تائين جو مُنڊي، چلو ۽ شيشي جون چوڙيون نہ پائي.
- ڪنهن بہ رنگ جو ريشمي ڪپڙو نہ پائي.

❖ سرمو نہ پائي

❖ ڦڻي نہ ڏي .(مجبوري هجي تہ ٿلهن ڏندن واري طرف کان ڦڻي ڪري)

❖ هر طرح جو هارسينگار، گل، منهدي، خوشبوءِ وغيره جو استعمال ترڪ ڪري.

❖ ضروري ناهي تہ حالتِ سوڳ اچي رنگ جو ڪپڙو ئي پائي بلڪ سادو ۽ ممڪن هجي تہ پراڻو لباس اپنائي ان ڪي استعمال ۾ آڻي

❖ سخت مجبوريءَ کان سواءِ گهر کان ٻاهر نہ نڪري ايتري تائين جو اجتماع، ذڪر ۽ ميلاد جي محفل ۽ قرآن خواني وغيره ۾ نہ ٿي وڃي سگهي.

❖ ڪنهن عزيز جو انتقال ٿي وڃي تہ عدت دوران ان جي گهر بہ نہ ٿي وڃي سگهي.

❖ مقصد تہ هر قسم جو سينگار عدت ختم ٿيڻ تائين منع آهي. (فتاوي رضويه، 331/13 ملخصاً)

❖ عدت دوران جشن ولادت جي موقع تي دلي طور خوش ٿيڻ ۾ حرج ناهي. البت ان خوشيءَ جي موقع تي بہ عمده لباس ۽ زيورات وغيره نہ ٿي پائي سگهي ها گهر ۾ جهنڊا ۽ بلب وغيره لڳائڻ ۽ نياز ڪرڻ ۾ ممانعت ناهي.

## سوڳ ۾ هنن ڪمن جي اجازت آهي

❖ کٽ تي سمهڻ، بسترو وڇائڻ، سمهڻ جي لاءِ هجي يا ويهڻ جي لاءِ منع ناهي. (فتاوي رضويه، 331/13 ملخصاً)

❖ وهنجڻ، صاف سٿرو ۽ سادو لباس پائڻ.

❖ مٽي جي سور سبب مٽي ۾ تيل لڳائڻ. تيل جو استعمال ڪوشش ڪري رات ۾ ڪري ۽ هي زينت (سينگار) جي نيت سان نہ ڪري.

❖ اکين ۾ سور جي سبب سرمو پائي سگهي ٿي ممڪن هجي تہ اڇو سرمو پائي. (هي بہ رات ۾ لڳائي ۽ سينگار جي نيت سان نہ لڳائي.

❖ وار وچڙي وڃڻ يا مٿي جي سور سبب ڦڻي ڪري سگهي ٿي پر ڦڻي جي ٿلهن ڏندن واري طرف کان ڦڻي ڪري جنهن سان فقط وار ڇڏائي سگهي زينت ڪرڻ جي نيت نہ هجي. (فتاوي رضويه، 331/13 ملخصاً)

❖ جنهن مرض جو علاج گهر ۾ نٿو ٿي سگهي ان لاءِ ٻاهر وڃي سگهي ٿي پر رات جو اڪثر حصو مڙس جي گهر ئي ۾ گذاري ۽ جيڪڏهن انهيءَ گهر ۾ علاج ممڪن هجي تہ ٻاهر نڪرڻ حرام آهي

❖ ضرورتًا فون تي ڳالهائي سگهي ٿي.

❖ عدت جا ڏينهن ختم ٿيڻ تي عورت کي مسجد ۾ وڃڻ يا مسجد کي ڏسڻ، ڪنهن رشتي دار وغيره جي سڏ تي نڪرڻ، نفل ادا ڪرڻ، صبح يا شام ڪنهن مخصوص وقت ۾ عدت ختم ڪرڻ يا ان ڏينهن گهر کان ضرور نڪرڻ انهن تمام ڳالهين جي شرعًا ڪا اصل ناهي. ها عدت ختم ٿيڻ تي انهيءَ ڏينهن گهر کان رشتي دار وغيره جي گهر وڃڻ جي لاءِ نڪرڻ ۾ ڪو حرج بہ ناهي ۽ نہ ئي شڪراني جا نفل پڙهڻ ۾ ڪو حرج آهي. البت عدت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ هي سڀ ڪم ڪرڻ ضروري نہ آهن. (دار الافتاء اهل سنت)

❖ مڙس جي قبر تي نہ وڃي بلڪ گهر کان ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري.

# متفرق

# بيان

## بيان نمبر: 1

# غسلِ ميت کان پهرين جو بيان

## درود شريف جي فضيلت

سرڪارِ نامدار حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز کان پوءِ حمد ۽ ثنا ۽ درود شريف پڙهڻ واري کي فرمايو: دعا گهر قبول ڪئي ويندي سوال ڪر ڏنو ويندو. (نسائي،ڪتاب السهو،باب التمجيد والصلوٰة علي النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ في الصلوٰة، 22، حديث 1281)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## انمول هيرا

شيخ طريقت اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ رسالي ”انمول هيرا“ ۾ تمثيل(مثال ڏيندي) بيان فرمائن ٿا: جيئن ته چون ٿا، هڪ بادشاهه پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪنهن باغ کان گذري رهيو هو ته ان ڏٺو، باغ ۾ ڪو شخص سنگريزا (يعني ننڍيون ننڍيون پٿريون) اڇلائي رهيو هو، هڪ پٿري ان کي به اچي لڳي، ان نوڪرن کي موڪليو ته وڃي پٿريون اڇلائڻ واري کي پڪڙي مون وٽ حاضر ڪيو، نوڪرن هڪ جاهل شخص کي حاضر ڪيو، بادشاهه چيو: اهي پٿريون تو ڪٿان حاصل ڪيون؟ ان ڊڄندي ڊڄندي ورندي ڏني: مان ويراني ۾ گهمي رهيو هئس ته منهنجي نظر ان خوبصورت پٿرين تي پئي، مون اهي جهولي ۾ وڌيون، ان کان پوءِ گهمندي گهمندي هن باغ ۾ اچي پهتس ۽ ميوا توڙڻ جي لاءِ اهي پٿريون استعمال ڪيون، بادشاهه چيو: تون هنن پٿرين جي قيمت ڄاڻين ٿو؟ ان عرض ڪيو: نه، بادشاهه چيو: اهي پٿريون دراصل انمول هيرا هئا جنهن کي تون ناداني سبب ضايع

ڪري چڪو آهين، ان تي اهو شخص افسوس ڪرڻ لڳو، پر هاڻي ان جو افسوس ڪرڻ بيڪار هو جو اهي انمول هيرا ان جي هٿ مان نڪري چڪا هئا.

منا منا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح اسان جي زندگيءَ جون گهڙيون ٻه انمول هيرا آهن جيڪڏهن انهن کي اسان بيڪار ضايع ڪيو ته حسرت ۽ ندامت کانسواءِ ڪجهه هٿ نه ايندو .

## "ڏينهن" جو اعلان

حضرت سيدنا امام بَيهَقِي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیہ "شعب الايمان" ۾ نقل ڪن ٿا ته تاجدار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: روزانو صبح جڏهن سج ايرندو آهي ته ان وقت "ڏينهن" هي اعلان ڪندو آهي: جيڪڏهن اڄ ڪو سٺو ڪم ڪرڻو آهي ته ڪري وٺو جو اڄ کان پوءِ مان ڪڏهن به موٽي نه ايندس. (شعب الايمان للبيهقي الباب الثالث والعشرون في الصيام، 386/3، حديث 3840)

منا منا اسلامي ڀائرو! زندگي جو جيڪو ڏينهن نصيب ٿي ويو، ان کي غنيمت سمجهي جيترو ٿي سگهي، ان ۾ سٺا ڪم ڪيا وڃن ته بهتر آهي جو مرڻ کانپوءِ ڪو عمل نه ٿي سگهندو، هيءَ دنيا دار العمل ۽ آخرت دار الجزاء آهي جيڪو هتي جهڙو ڪندو آخرت ۾ اهو اهڙو ئي بدلو ماڻيندو، خوش نصيب آهن اهي جيڪي پنهنجي زندگي ۾ قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مشغول رهندا آهن الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به موت ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو ته موت ڪانپوءِ آخرت جي سڀ کان پهرين منزل قبر آهي، حشر ۾ اٿڻ تائين انهيءَ ۾ هزارين سال رهڻو پوندو هيءَ ڪنهن جي لاءِ گل ۽ گلزار ته وري ڪنهن جي لاءِ عذاب ۽ باهه جو کڏو هوندي، معلوم ناهي اسان جو ڇا ٿيندو الله عزّوجلّ اسان جي حالِ زار تي رحم فرمائي ۽ قبر محبوب جي جلون سان روشن فرمائي. اچو قبر جي متعلق ڪجهه روايتون ملاحظ فرمايو. جيئن ته

## قبر تي حاضر ٿيڻ وقت روئڻ

اميرالمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جڏهن ڪنهن جي قَبُر وٽ تشريف کڻي ويندا هئا ته ايترو روئندا هئا جو سندن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي، عرض ڪيو ويو: جنّت ۽ دوزخ جو ذِڪر ڪرڻ وقت اوهان ناهيو روئندا پر قبر تي گهڻو روئندا آهيو، ان جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائين: مون نبي اڪرم، نور مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي: "آخرت جي سڀ کان پهرين منزل قبر آهي، جيڪڏهن قبر واري ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ورتو ته بعد وارو معاملو ان کان آسان آهي ۽ جيڪڏهن ان کان ڇوٽڪارو حاصل نه ڪيائين ته بعد وارو معاملو گهڻو سخت آهي." (ابن ماجه،ڪتاب الزهد،باب ذڪر القبر والبلي،4/500 حديث 4267)

## خوفِ عثماني

الله! الله! جامعُ القرآن، حضرت سَيِّدُنا عثمان ابنِ عفان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو خوفِ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ! سندن جو ذُوالنُّورين لقب ان ڪري هو جو سندن نڪاح ۾ رحمتِ ڪونين، صاحبِ قاب قوسين، ناناءِ حَسنَين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون هڪ ٻئي پٺيان ٻه شهزاديون هيون، ڪين دنيا ئي

۾ قَطعي جنّتي هئڻ جي بشارت ملي چڪي هئي ۽ حضرت سَيِّدُنا عثمان ابنِ عفان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان معصوم فِرشتا حيا ڪندا هئا. ان جي باوجود قبر جي هولناڪين ۽ اونداهين جي باري ۾ بي انتها خوفزده رهندا هئا، خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي غَلَبي جي ڪيفيت دوران هڪ ڀيري ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن مون کي جنّت ۽ جهنّم جي وچ ۾ آندو وڃي ۽ هي معلوم نہ هجي تہ انهن ٻنهي مان ڪنهن ۾ ويندس تہ مان اتي ئي خاڪ تي وڃڻ پسند ڪندس.“ (حلية الاولياء ج 1 ص 99 حديث 183 ملخصًا)

## سپ کان ڀريان قبر ۾ اچڻ وارو

حضرت سيّدنا عَطاء بن يَسار رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه کان روايت آهي تہ جڏهن مڙدي کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ سپ کان ڀريان ان جو عمل اچي ان جي کاٻي ران کي لوڏي چوندو آهي تہ مان تنهنجو عمل آهيان، مڙدو پڇندو آهي: منهنجا ٻار ٻچا ڪٿي آهن؟ منهنجون نعمتون، منهنجون دولتون ڪٿي آهن؟ تہ عمل چوندو آهي: اُهي سپ تنهنجي پٺيان رهجي ويون ۽ مون کان سواءِ تنهنجي قبر ۾ ڪو بہ نہ آيو. (شرح الصدور،باب ضمة القبر لكل احد،ص111)

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اسان جي دلين تي گناهن جا تهہ ڄمي ويا آهن، حالانڪ يقيني طور تي معلوم آهي تہ موت ضرور ايندو، عين ممڪن آهي اڄ ئي اچي وڃي ۽ اسان کي قبر ۾ لاٿو وڃي، اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ رات جو ٻجلي هلي وڃي تہ دل گهٻرائيندي آهي ۽ اونداهي کان ڊپ ٿيندو آهي ان جي باوجود قبر جي خوفناڪ انڌيري جو ڪو احساس ناهي، افسوس! اسان صدمن سان ڀرپور موت جي تياري کان بلڪل غافل آهيون

ياد رهي! دنيا جي هر اها شيءِ جنهن سان زندگيءَ ۾ انسان کي رڳو دنياوي محبّت هوندي آهي مرڻ کان پوءِ ان جي ياد تڙپائيندي آهي ۽ اهو صدمو مڙدي جي لاءِ ناقابل برداشت هوندو آهي. ان ڳالهه کي هيئن سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته جڏهن ڪنهن جو گُلن جهڙو اڪيلو پٽ گم ٿي وڃي ته اهو ڪيترو پريشان ٿيندو آهي، جيڪڏهن ان سان گڏ سندس ڪاروبار وغيره به تباهه ٿي وڃي ته ان جي صدمي جو ڇا عالم هوندو؟ ۽ پڻ جيڪڏهن هو آفيسر به هجي ۽ وڏي مصيبت اها اچي جو ان جو اهو عهدو به ختم ٿي وڃي ته ان تي جيڪي صدمن جا پهاڙ ڪرندا ان کي اهوئي سمجهندو، تنهنڪري ان کي والدين، گهرواري، ٻارن ٻچن، ڀائرن ڀينرن ۽ دوستن جي وڇوڙي، گڏوگڏ گاڏي، لباس، گهر، دڪان، فيڪٽري، عمدا پلنگ، فرنيچر، راند روند جا سامان، کاڌي پيتي جي شين جي ذخيري، محنت سان ڪمايل دولت، عهدو وغيره هر هر اها شيءِ جنهن سان ان کي صرف دنيا جي لاءِ محبّت هئي ان جي جدائي جو صدمو ٿيندو آهي ۽ جيڪو جيترو گهڻو نفس جي لذّت جي لاءِ راحتن ۾ زندگي گذاريندو آهي، مرڻ کان پوءِ انهن آسائشن جو ڪيس صدمو به اوترو ئي گهڻو ٿيندو، جنهن وٽ مال ۽ دولت گهٽ هوندي ان کي ان جي ڇڏڻ جو غم به ٿورو ٿيندو ۽ جنهن وٽ گهڻي هوندي ته ان کي ڇڏڻ جو غم به گهڻو. ياد رهي! اهو گهٽ يا وڌيڪ غم انهيءَ صورت ۾ ٿيندو جڏهن ته ان هن مال ۽ دولت سان دنياوي محبت ڪئي هوندي، حُجَّة الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هي انڪشاف ساهه نڪرندي ئي دفنائڻ کان پهريان ٿي ويندو آهي ۽ اهو فاني دنيا جي جن جن نعمتن تي مطمئن هو انهن جي جدائي جي باهه ان جي اندر ۾ ڀڙڪندي آهي.

(احياءُ العلومڪتاب ذکر الموت وما بعده،الباب السابع في حقيقة الموت..الخ ج 5 ص 248)

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها هوندا آهن جن دنيا جي مال و اسباب سان دل نہ لڳائي هوندي انهن کي مال ڇڏڻ جو صدمو بہ نہ ٿيندو ۽ قبر ۾ انهن لاءِ خوب مزا هوندا آهن. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي:

## مُؤمن جي قَبر 70 هٿ ڪشادي ڪئي ويندي آهي

سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان نور بار آهي: ”مؤمن پنهنجي قبر ۾ هڪ سرسبز باغ ۾ هوندو آهي ۽ ان جي قبر ستر هٿ ڪشادي ڪئي ويندي آهي ۽ ان جي قبر چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر روشن ڪئي ويندي آهي.

(ابي يعلي، مسند ابي هريرة،ما اسنده شهر بن حوشب عن ابي هريرة ج 5 ص 508 حديث 6613)

منا منا اسلامي ڀائرو! هر هڪ هيءُ چاهي ٿو تہ ان جي قبر روشن ۽ جنّت جو باغ ٿئي. اچو قبر روشن ڪرڻ، آخرت سنوارڻ ،نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪريو ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ جي لاءِ مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي رسالو ڀريو ۽ هر عيسوي مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو .اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش خدمت آهي.

## دل جو سور ختم ٿي ويو

پڪو قلعو (زم زم نگر حيدر آباد، باب الاسلام ،سنڌھ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي: اوچتو منهنجي دل ۾ سور پيو. جڏهن دوائن کان فائدو نہ ٿيو تہ باب المدينہ (ڪراچي) اچي ڪري هڪ

اسپتال ۾ دل جو آپريشن ڪرايو. پر تڪليف ختم ٿيڻ بجائي ويتر وڌي وئي، سور جون بيشمار دوائون استعمال ڪيون، پر فائدو نہ ٿيو. آخر ڪار هڪ اسلامي ڀاءُ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان الله تعاليٰ منهنجو هي مرض ختم فرمائي ڇڏيو.

دل میں گر درد ہو یا کہ سر درد ہو پاؤ گے صحتیں قافلے میں چلو
آپریشن ٹلیں اور شفائیں ملیں کر کے ہمت چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**بيان نمبر:2**

# جنازي جي گاڏيءَ ۾ بيان

## درود شريف جي فضيلت

رسولِ اڪرم شاهه بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو : بيشڪ توهان جا نالا سجاڻپ سميت مون تي پيش ڪيا ويندا آهن لهٰذا مون تي اَحسن(يعني خوبصورت الفاظ ۾) دُرُود پاڪ پڙهو.

(مصنف عبد الرزاق، ڪتاب الصلوٰة، باب الصلوٰة علي النبي ، 2/140، حديث 1571)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبرستان جي حاضري

حضرتِ سيّدُنا امام سُفْيان بِن عُيَيْنه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بيان آهي: جڏهن منهنجي والد صاحب جو انتقال ٿي ويو تہ مون تمام گهڻي آهہ و

زاري ڪئي (يعني تمام گهڻو رُنس) ۽ اُن جي قبر تي روزانو حاضري ڏيڻ لڳس پوءِ آهستي آهستي ڪجهه ڪمي اچي وئي. هڪ ڏينهن مرحوم والد خواب ۾ اچي فرمايو: اي پُٽ! تو چو دير ڪئي؟ مون پُڇيا ڪئي: ڇا اوهان کي منهنجي اچڻ جو علم ٿي ويندو آهي؟ فرمايائون: ڇو نه، مونکي تنهنجي هر حاضري جي خبر پئجي ويندي هئي ۽ مان توکي ڏسي خوش ٿيندو هئس، ۽ منهنجا پاڙيسري مُڙدا به تنهنجي دُعا سان راضي ٿيندا هئا. اهڙي طرح ان خواب کان پوءِ مون پابندي سان والد صاحب جي قبر تي وڃڻ شروع ڪري ڏنو.
(شرح الصدور، باب زيارة القبور وعلم الموتيٰ ..الخ،ص227)

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته قبر وارا اچ وڃ رکڻ وارن رشتيدارن، عزيزن ۽ دوستن جي اچڻ ۽ اُنهن جي دُعا ۽ ايصال ثواب تي خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪو رشتيدار نٿو وڃي انهيءَ جي انتظار ۾ رهندا آهن، تنهنڪري اسان کي قبرستان وڃي مسلمانن جي قبرن جي زيارت ڪرڻ گهرجي جو هيءُ سنت ۽ آخرت جي ياد جو ڪارڻ ۽ مغفرت ۽ قبر وارن لاءِ فائدي جو سبب آهي .ان سلسلي ۾ ٽي فرامين مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو:

## ٽي فرامين مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو

﴿1﴾ مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇو ته هي دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجه ،كتاب الجنائز،باب ماجاءَ في زيارة القبور ،ج 2 ص 252 حديث 1571)

﴿2﴾ جڏهن ڪو شخص اِهڙي قبر تان گذري جنهن کي دنيا ۾ سڃاڻيندو هو ۽ اُن تي سلام ڪري ته هو مڙدو هن کي سڃاڻي وٺندو

آهي ۽ ان جي سلام جو جواب ڏيندو آهي. (تاريخ بغداد حرف العين من آباءِ الابراهيمين ،ج 6 ص 135 حديث 3175)

﴿3﴾ جيڪو پنهنجي والدين ۾ـهي يا هڪ جي قبر جي هر جمعي جي ڏينهن زيارت ڪندو، ان جي مغفرت ٿي ويندي ۽ نيڪوڪار لکيو ويندو. (شعب الايمان، باب في بر الوالدين ،فصل في حفظ حق الوالدين بعد موتهما ، ج 6 ص 201 حديث 7901)

## قبرستان جا مُڙدا خواب ۾ اچي پهتا!

هڪ شخص جو معمول هو ته هُو قبرستان ۾ اچي ويهي رهندو هو ۽ جڏهن به ڪو جنازو ايندو هو اُن جي نماز پڙهندو ۽ شام جي ٽائيم قبرستان جي دروازي تي بيهي ڪري هِن طرح دعائون ڏيندو هو: (اي قبر وارؤ) خدا توهان کي اُنس عطا ڪري توهان جي غربت تي رحم ڪري. توهان جا گناهه معاف فرمائي ۽ نيڪيون قبول ڪري. اُهي ئي شخص فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن شام جو (وڃڻ وقت) آئون پنهنجو قبرستان وارو معمول پورو نه ڪري سگهيس، يعني اُنهن کي دعائون ڏيڻ جي بغير ئي گهر اچي ويس. منهنجي خواب ۾ وڏي تعداد ۾ هڪ مخلوق اچي پهتي! مون اُنهن کان پڇيو: اوهان ڪير آهيو ۽ ڇو آيا آهيو؟ چيائون: اسان قبرستان وارا آهيون. اوهان عادت ٻڌائي ڇڏي هئي ته گهر اچڻ وقت اسان کي هديو (يعني تحفو) ڏيندا هُئا ۽ اڄ توهان نه ڏنو. مون چيو: اُهو هديو ڇا هو؟ ته اُنهن چيو: اُهو هديو دعائن جو هو. مون چيو: نيڪ آهي هاڻي اهو هديو مان توهان کي ٻيهر ڏيندس. ان کان پوءِ مون پنهنجي ان معمول کي ڪڏهن به ترڪ نه ڪيو. (شرحُ الصُّدور، باب زيارة القبور وعلم الموتيٰ..الخ، ص 226)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو مرڻ وارا پنهنجي قبرن تي اچڻ وڃڻ وارن کي سڃاڻيندا آهن ۽ اُنهن کي زنده جي دعائن سان فائدو پهچندو آهي، جڏهن زنده ماڻهن جي طرفان ايصال ثواب جا تحفا

اچڻ بند ٿيندا آهن تہ اُنهن کي خبر پئجي ويندي آهي ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ اُنهن کي اجازت ڏيندو آهي پوءِ اُهي گھرن ڏانهن وڃي ڪري ايصال ثواب جو مطالبو بہ ڪندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِ دين ملّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد 9 صفحي 650 تي نقل ڪن ٿا تہ: مؤمِنن جا رُوحَ هر جمعي جي رات (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) عيد جي ڏينهن، عاشوري جي ڏينهن ۽ شبِ برات تي پنهنجي گھر جي ٻاهر اچي بيهي رهندا آهن ۽ هر رُوح ڏکايل وڏي آواز سان نِدا ڪندي (يعني سڏ ڪري چوندو) آهي تہ اي منهنجا گھر وارؤ! اي منهنجي اولاد! اي منهنجا رشتيدارو! اسان جي ايصال ثواب جي نيّت سان صدقو (خيرات) ڪري اسان تي مهرباني ڪريو.

ہے کون کہ گریہ کرے یا فاتحہ کو آئے
بے کس کے اٹھائے تری رحمت کے بھرن پھول

سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي:مُڙدي جو حال قبر ۾ ٻڏندڙ انسان جيان آهي جو هو شّدت سان انتظار ڪندو آهي تہ پيءُ، ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دُعا هن کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا پهچندي آهي تہ ان جي ويجهو اُها دُنيا ومَافِيهَا (يعني دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي) کان بهتر هوندي آهي. اللہ عَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي انهن جي زنده متعلقين جي طرفان هديو ڪيل ثواب جبلن جيان عطا فرمائيندو آهي. زنده (ماڻهن) جو هديو (يعني تحفو) مڙدن لاءِ "مغفرت جي دُعا ڪرڻ آهي". (شُعَب الاِيمَان، ، باب في بر الوالدين ،فصل في حفظ حق الوالدين بعد موتهما ج 6، ص 203، حديث 7905)

## نوراني لباس

هڪ بُزرگ پنهنجي مرحوم ڀاءُ کي خواب ۾ ڏسي ڪري پُڇيا ڪئي: ڇا زنده ماڻهن جي دعا توهان ماڻهن تائين پهچندي آهي؟ ته انهن جواب ڏنو: ها اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! اُها نوراني لباس جي صورت ۾ اچي ٿي ان کي اسين پائي ونندا آهيون. (شَرحُ الصُّدُور،باب ما ينفع الميت في قبره ص 305)

جلوهٔ یار سے ہو قبر آباد  وَحشتِ قبر سے بچا یا رب!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خبر پئي ته فوت شده مسلمانن کي جيئرن جي دعائن جو بيحد فائدو پهچندو آهي، جيئن ته دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينه جي ڇپيل 419 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”مدني پنج سوره“ صفحو 397 تي آهي: مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان مغفرت نشان آهي: منهنجي امّت گناهه سميت قبر ۾ داخل ٿيندي ۽ جڏهن نڪرندي ته بي گناهه هوندي ڇوته اها مومنن جي دعائن سان بخشي ويندي آهي. (معجم اوسط، ج. 1، ص. 509، حديث 1879)

مجھ کو ثواب بھیجو دعائیں ہزار دو  گو قبر میں اُتارا نہ دل سے اُتار دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب  صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قبرستان جا مدني گل

﴿1﴾ قبرستان ۾ اهڙي طرح بيهو جو قبلي جي طرف پُٺ ۽ قبروارن جي چهرن جي طرف منهن هجي ان کان پوءِ ترمذي شريف ۾ بيان ڪيل هي سلام چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ سَلَفُنَاوَ نَحْنُ بِالْاَثَر. ترجمو اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي، اللّٰه

عَزَّوَجَلَّ توهان جي ۽ اسان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون. (ترمذي،كتاب الجنائز،باب ما يقول الرجل اذا دخل المقابر،329/2،حديث1055)

﴿2﴾ قبرِستان جي حاضري جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۽ غفلت ڀريل خيالن جي بدران فکرِ مدينه يعني پنهنجو مُحاسبو ڪندي حديث پاڪ جي هنن لفظن کي ياد ڪريو: كَمَا تَدِينُ تُدَانُ يعني جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي. (اَلجامِعُ الصَّغِير للسُّيُوطي، حرف الكاف، ص 399 حديث 6411)

قبر میں میت اترنی ہے ضرور　　　جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

﴿3﴾ قبر تي گل وجهڻ بهتر آهي جو جيستائين تازا رهندا تسبيح ڪندا ۽ ميت جو دل پيو وندرندو.(رد المختار،كتاب الصلوٰة ،باب صلوٰة الجنائز ،مطلب في وضع الجيد...الخ،184/3)

﴿4﴾ ائين ئي جنازي تي گلن جي چادر وجهڻ ۾ حرج ناهي. (بهارِ شريعت،حصه 1،852/4)

﴿5﴾ قبر مٿان سائو گاهه نه پٽڻ گهرجي ڇوته ان جي تسبيح سان رحمت نازل ٿيندي آهي ۽ ميت کي اُنس حاصل ٿيندو آهي ۽ پٽڻ ۾ ميت جو حق ضايع ٿيندوآهي. (رد المختار،كتاب الصلوٰة ،باب صلوٰة الجنائز ،مطلب في وضع الجيد...الخ،183/3)

﴿6﴾ قبر جي مٿان ”اگر بتي“ نه ٻاري وڃي، هن ۾ سُوءِ ادب (يعني بي ادبي) ۽ بد فالي آهي. (فتاوٰى رضويه، ج. 9، ص. 482- 525)

﴿7﴾ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نه رکو، ها رات جي اونداهيءَ ۾ رستي تي هلڻ يا ڏسي ڪري تلاوت ڪرڻ جي لاءِ روشني خاطر ضرورت هجي ته قبر جي هڪڙي پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا.

﴿8﴾ قبر تي پير رکڻ يا سمهڻ سان قبر واري کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ بِلا اجازت شَرعي ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏيڻ حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. تنهنڪري ڪنهن مسلمان جِي قبر تي پير نہ رکي، نہ ڪنهن قبر کي لتاڙي ۽ نہ ڪنهن قبر تي ويهي ۽ نہ ئي ٽيڪ لڳائي ڇوتہ ان سان نبي ڪريم، روءُف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منع فرمايو آهي: ہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو.

(1) مون کي باهہ جي چڻنگ تي، يا تلوار تي هلڻ يا منهنجو پير جوتي ۾ سبيو وڃڻ وڌيڪ پسند آهي هن کان جو مان ڪنهن مسلمان جي قبر تي هلان. (سُنَنِ اِبن ماجه، ڪتاب الجنائز باب ماجاءَ في النهي عن المشي علي القبور والجلوس عليها، ج 2، ص250، حديث 1568)

(2) جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٽانڊن تي ويهي رهي جنهن سان ان جا ڪپڙا سڙي وڃن ۽ باهہ ان جي کل تائين پهچي وڃي، تہ اهو قبر تي ويهڻ کان بهتر آهي. (صحيح مُسلم، ڪتاب الجنائز باب في النهي عن الجلوس علي القبر والصلوٰة عليه ، ص 483 حديث 971)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# اجتماع ذڪرونعت براءِ ايصال ثواب جا بيان

## بيان نمبر:1 ايمان جي حفاظت

### درود شريف جي فضيلت

امام الصّابرين، سيّد الشّاڪرين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: جبرائيل (عَلَيْهِ السَّلَام) مونکي عرض ڪيو تہ رب تعاليٰ فرمائي ٿو: اي محمد(عليه الصلوة والسّلام) ڇا اوهان ان ڳالهہ تي راضي نہ آهيو تہ توهان

جو ڪو امّتي اوهان تي هڪ ڀيرو درود شريف موڪلي، مان ان تي ڏهه رحمتون نازل ڪيان ۽ اوهان جي امّت مان جيڪو هڪ سلام موڪلي تہ مان ان تي ڏهه سلام موڪليان. (باب مشكاة المصابيح ،كتاب الصلوٰة ،باب الصلوٰة علي النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وفضلها،الفصل الثاني ،189/1،حديث 928)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بلعم بن باعوراء جو انجام

حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بلعم بن باعوراء جي ”جبارين“ نالي قوم سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ شام جي سرزمين تي آيا تہ بلعم بن باعوراء جي قوم بلعم وٽ آئي ۽ هن کي چوڻ لڳي تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ سان گڏ تمام وڏو ۽ نهايت طاقتور لشڪر وٺي آيا آهن تہ جيئن اسان سان جنگ ڪن ۽ اسان کي اسان جي شهرن مان ڪڍي ڪري اسان جي جاءِ تي بني اسرائيل کي هن سرزمين ۾ آباد ڪن. تو وٽ اسم اعظم آهي ۽ تنهنجي هر دعا قبول ٿيندي آهي تون ٻاهر نڪر ۽ الله تعاليٰ کان دعا گهر تہ هو انهن کي هتان کان ڀڄائي ڇڏي. قوم جي ڳالهہ ٻڌي بَلْعَم چيو، تہ توهان تي افسوس آهي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام الله جا نبي آهن ۽ انهن سان گڏ ملائڪ ۽ ايماندار ماڻهو آهن ان ڪري مان انهن جي خلاف ڪيئن بد دعا ڪري سگهان ٿو؟ مونکي الله تعالي جي طرف کان جيڪو علم مليو آهي ان جو تقاضو هي آهي تہ جيڪڏهن مون حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي خلاف ائين ڪيو تہ منهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ٿي ويندي. پر ان جي قوم جڏهن روئي ٻاڏائي ڪري مسلسل اصرار ڪيو بَلْعَم چيو: چڱو پلا مان پهرين پنهنجي ربّ جي مرضي معلوم ڪري وٺان، بلعم جو اهو

طريقيڪار هو جو جڏهن بہ ڪا دعا ڪندو هو تہ پهريان الله عَزَّوَجَلَّ جي مرضي معلوم ڪري وٺندو هو ۽ خواب ۾ ان جو جواب ملي ويندو هو، جيئن تہ هن ڀيري ان کي هي جواب مليو تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ انهن جي ساٿين جي خلاف دعا نہ ڪجان! پوءِ هن قوم کي چئي ڇڏيو تہ مون ربّ جي مرضي معلوم ڪئي هئي پر منهنجي ربّ ان جي خلاف بد دعا ڪرڻ جي ممانعت ڪري ڇڏي.

پوءِ ان جي قوم هن کي تحفا ۽ نذرانا ڏنا، جيڪي هن قبول ڪري ورتا. ان کان پوءِ قوم ٻيهر ان کي بد دعا ڪرڻ جي درخواست ڪئي، تہ ٻئي ڀيري بلعم الله تبارڪ وتعاليٰ سان اجازت گهري. هن ڀيري ان جو ڪوبہ جواب نہ مليو، هن قوم کي چئي ڇڏيو تہ هن ڀيري مونکي ڪو جواب ئي نہ مليو، اهي ماڻهو چوڻ لڳا جيڪڏهن الله تعالي کي منظور نہ هجي ها تہ هو پهريان وانگر ٻيهر بہ صاف منع فرمائي ڇڏي ها، پوءِ قوم اچا بہ وڌيڪ اصرار ڪيو ايستائين جو هي انهن جي ڳالهين ۾ اچي ويو. ۽ بلعم بن باعورا پنهنجي گڏهہ تي سوار ٿي هڪ جبل جي طرف روانو ٿيو، گڏهہ هن کي ڪيئي ڀيرا ڪيرايو پر اهو ان تي وري چڙهي پوندو هئو، ايستائين جو گڏهہ الله تعاليٰ جي حڪم سان ان سان ڳالهايو ۽ چيو تہ افسوس! اي بلعم تون ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين؟ ڇا تون ڏسين نہ ٿو تہ ملائڪ مونکي هلڻ کان روڪي رهيا آهن. اي بلعم بن باعوراء! شرم ڪر، ڇا تون الله جي نبي ۽ فرشتن جي خلاف بد دعا ڪرڻ وڃي ٿو؟ بلعم پوءِ بہ نہ مڙيو، ايستائين جو اهو بد دعا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي قوم سان گڏ جبل تي چڙهي ويو. هاڻي بلعم جيڪا بددعا ڪندو هو الله تعاليٰ ان جي زبان کي ان جي قوم جي طرف ڦيري ڇڏيندو هو ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ جيڪا دعاءِ خير ڪندو هو تہ بجاءِ ان جي قوم

جي بني اسرائيل جو نالو ان جي زبان تي اچي ويندو هو، اهو ڏسي ان جي قوم هن کي چيو تہ اي بلعم! تون هي ڇا ٿو ڪرين؟ بني اسرائيل جي لاءِ دعا ۽ اسان جي بد دعا ڇو ٿو ڪرين؟. بلعم چيو: هي منهنجي اختيار جي ڳالهہ ناهي! مان ڇا ڪيان منهنجي زبان منهنجي قبضي ۾ نہ آهي، الله تعالي جي قدرت مون تي غالب اچي وئي آهي. ايترو چوڻ بعد يڪدم ان جي زبان نڪري ان جي سيني تي لٽڪي وئي. ان پنهنجي قوم کي چيو منهنجي دنيا ۽ آخرت ٻئي برباد ٿي ويا، پر مان توهان کي انهن جي خلاف هڪ چال ٻڌايان ٿو، توهان حسين و جميل ڇوڪرين کي هار سينگار ڪري انهن جي لشڪر ۾ موڪلي ڇڏيو، جيڪڏهن هنن مان هڪ ماڻهوءَ بہ بدڪاري ڪئي تہ توهان جو ڪم ٿي ويندو، ڇوتہ جيڪا قوم زنا ڪري الله تعالي ان تي سخت ناراض ٿيندو آهي ۽ ان کي ڪامياب ناهي ٿيڻ ڏيندو، پوءِ بلعم جي قوم ائين ئي ڪيو، جڏهن عورتون هار سينگار ڪري لشڪر ۾ پهتيون تہ هڪ ڪنعاني عورت بني اسرائيل جي هڪ سردار وٽان گذري، تہ اها پنهنجي حسن ۽ جمال جي ڪري ان کي پسند اچي وئي، حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي منع ڪرڻ باوجود، ان سردار ان عورت سان بدڪاري ڪئي، ان جي سزا ۾ بني اسرائيل جي لشڪر تي طاعون(هڪ قسم جي وچڙ ۽ ماريندڙ بيماري) مسلّط ڪيو ويو. حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جو مُشير ان وقت اتي موجود نہ هئو جڏهن اهو آيو تہ بد ڪاري جو قصو ٻڌڻ بعد مرد ۽ عورت ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيو. تڏهن طاعون جو عذاب انهن مٿان ڪنيو ويو، پر ان دوران ستر هزار بني اسرائيل طاعون ۾ هلاڪ ٿي چڪا هئا. (صراط الجنان ،پ9،الاعراف،تحت الآية :3،175 /472وتفسير بغوي،الاعراف ،تحت الآية:2،175/179)

روايت آهي تہ ڪجهہ نبين سڳورن خدا تعاليٰ جي بارگاهہ مان معلوم ڪيو تہ تو بلعم بن باعوراء کي ايترين نعمتون عطا ڪري

پوءِ هن کي ڇو ذلت جي کڏ ۾ ڪرايو؟ تہ اللہ تعاليٰ فرمايو: هن منهنجي نعمتن جو ڪڏهن بہ شڪر ادا نہ ڪيو، جيڪڏهن اهو شڪر گذار هجي ها تہ مان هن جون ڪرامتون ڪسي هن کي ٻنهي جهان ۾ ائين ذليل وخوار ۽ نقصان ڪٽندڙ نہ ڪريان ها. (تفسير روح البيان ج 3 ص 139، پ 8 الاعراف: 10)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ملاحظہ فرمايو تہ قوم جبّارين جو هڪ اهڙو شخص جيڪو انهن ۾ نهايت ئي معزّز هو، جنهن کي اللہ تعاليٰ اسمِ اعظم جو علم پڻ ڏنو هو، ۽ هو اهڙو مستجاب الدعوات هئو جو جيڪا دعا گهرندو هو قبول ٿيندي هئي. پر ان جو انجام ڪيتري قدر عبرتناڪ ٿيو جو ان جو ايمان ئي سلامت نہ رهيو ۽ ڪافر ٿي مئو. بارگاهِ الٰهي مان اهڙو مردود ۽ برباد ٿي ويو جو سڄي عمر ڪتي جيان لٽڪيل زبان ڪڍي هليو ۽ آخرت ۾ جهنّم جي ڀڙڪندڙ باهہ جو حقدار ٿيو. (اَلْعِيَاذُبِاللہِ عَزَّوَجَلَّ)

هن واقعي مان سبق حاصل ڪندي اسان کي اللہ عزّوجلّ جي بي نيازي ۽ اُن جي خفيہ تدبير کان ڊڄندو رهڻ گهرجي جو ڪٿي گناهن جي نحوست ايمان جي بربادي جو نہ سبب بڻجي وڃي ڇوتہ ان ڳالهہ ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ اسان مسلمان آهيون پر اسان مان ڪنهن وٽ بہ ان ڳالهہ جي ڪا ضمانت ناهي تہ هو مرندي دم تائين مسلمان ئي رهندو. جهڙي طرح بيشمار ڪافر خوش قسمتيءَ سان مسلمان ٿي ويندا آهن اهڙيءَ طرح ڪيئي بد نصيب مسلمانن جو معاذ اللہ ايمان کان منحرف (يعني ڦري وڃڻ)بہ ثابت آهي ۽ جيڪو ايمان کان ڦري ڪري مرتد ٿي مرندو اهو هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزخ ۾ رهندو. جيئن تہ سيپاري 2 سورة البقره آيت نمبر 217 ۾ فرمان باري تعالي آهي:

وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓىِٕكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۱۷﴾

ترجموڪنزاالايمان: ۽ اوهان مان جيڪو پنهنجي دين کان ڦرندو پوءِ ڪافر ٿي مرندو تہ انهن ماڻهن جي ڪمائي دنيا ۽ آخرت ۾ چٽ ٿي وئي ۽ اهي دوزخي آهن ڪين انهيءَ ۾ هميشہ رهڻوآهي.

## معلوم ناهي اسان جو خاتمو ڪهڙو ٿيندو

هڪ ڊگهي حديثِ پاڪ ۾ نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي بہ ارشاد فرمايو: آدم جي اولاد مختلف طبقن ۾ پيدا ڪئي وئي انهن ۾ ڪجھ مومن پيدا ٿيا، ايمان جي حالت ۾ زندھ رهيا ۽ مومن ئي مرندا، ڪجھ ڪافِر پيدا ٿيا حالتِ ڪفر ۾ ئي زندھ رهيا ۽ ڪافِر ئي مرندا جڏهن تہ ڪجھ مومن پيدا ٿيا ايمان واري زندگي گذاريائون ۽ حالت ڪفر ۾ مئا ڪجھ ڪافِر پيدا ٿيا ڪفر واري زندگي گذاريائون ۽ مومن ٿي مرندا. (ترمذي،ڪتاب الفتن،باب ما اخبر النبي اصحابه بما هو ڪائن الٰي يوم القيامة، 4/81،حديث2198 )

## شيطان رشتي دارن جي روپ ۾

منا منا اسلامي ڀائرو! دنيا ۾ اچڻ لاءِ تہ اسان اچي ويا سون البت هاڻي ايمان کي سلامت کڻي وڃڻ جي لاءِ سخت دشواريءَ کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ پوءِ بہ ڪجھ معلوم ناهي تہ خاتمو ڪهڙو ٿيندو هاءِ! هاءِ! موت جي وقت ايمان کسڻ جي لاءِ شيطان طرح طرح جا هٿيار استعمال ڪندو ايتري تائين جو پيءُ ماءُ جو روپ اختيار ڪري بہ ايمان تي ڌاڙو هڻندو ۽ يهودين ۽ نصرانين کي درست ثابت ڪرڻ جي بري ڪوشش ڪندو. يقيناً اهو اهڙو خاص موقعو هوندو جو

جنهن تي الله رحمٰن عزّوجلّ جو خاص ڪرم ۽ احسان ٿيندو اهوئي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو ۽ انهيءَ جو ايمان سلامت رهندو. امام اهل سنّت سيّدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عليہ رحمة الرّحمٰن فتاويٰ رضويّہ شريف جلد 9 صفحو 83 تي فرمائن ٿا تہ امام اِبن الحاجّ مڪي رحمۃ اللہ تعالٰی علیہ "مَدْخل" ۾ فرمائن ٿا تہ

سڪرات جي وقت بہ شيطان، انسان جي ڀنهي پاسن تي اچي ويهي رهندا آهن. هڪ ان جي پيءُ جي صورت ۾ ۽ ٻيو ماءُ جي. هڪ چوندو آهي: هو شخص يهودي ٿي مئو، تون (بہ) يهودي ٿي وڃ جو يهودي اتي وڏي سڪون سان آهن. ٻيو چوندو آهي: هو شخص نصراني ٿي ويو تون (بہ) نصراني ٿي وڃ جو نصاريٰ اتي وڏي آرام سان آهن. (المدخل لابن الحاج،3/181)

## پيدا نہ ٿيڻ وارو قابلِ رشڪ آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! واقعي معاملو انتهائي سخت آهي، ايمان جي برباديءَ جي خوف سان خائفين جا دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا آهن. دنيا ۾ جيئري مومن هجڻ يقيناً باعث سعادت آهي مگر هي سعادت حقيقت ۾ انهيءَ صورت ۾ سعادت آهي تہ دنيا مان رخصت ٿيندي وقت ايمان سلامت رهي. خدا جو قسم! قابلِ رشڪ اهوئي آهي جيڪو قبر جي اندر بہ مومن آهي، جي ها جيڪو دنيا مان ايمان سلامت کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو اهوئي حقيقي معنيٰ ۾ ڪامياب آهي ۽ جيڪو جنّت ماڻي وڃي اهوئي بامراد آهي.

جيئن تہ سيپارو 4 سوره اٰل عمران آيت نمبر 185۾ ارشاد ٿئي ٿو

فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ
وَ مَا الْحَیٰوةُ الدُّنْیَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿۱۸۵﴾

ترجمو ڪنزالايمان: جيڪو باهه کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مراد کي پهتو ۽ دنيا جي زندگي ته نڳيءَ جو سامان آهي

## بري صحبت ايمان جي لاءِ خطرناڪ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خاتمو برو ٿيڻ يا ايمان تي خاتمو نه ٿيڻ جا ڪجهه سبب آهن جن مان هڪ تمام وڏو سبب بري صحبت آهي. ياد رکو ته بري صحبت ايمان جي لاءِ تمام خطرناڪ آهي. افسوس !صد ڪروڙ افسوس! ان جي باوجود اسان برين صحبتن کان نٽا مڙون، ڪچهرين جي بيٺڪن کان پاڻ کي نٽا بچايون، مذاق مسخرين ۽ غير سنجيده حرڪتن جي عادتن کان جان نٽا ڇڏايون.افسوس! بري صحبت جي نحوست اهڙي ڇانئجي وئي آهي جو گهڙي پر به اڪيلائپ ۾ ياد الٰهي ڪرڻ جو دل نٿو ڪري. زبان جي حفاظت نه ڪرڻ جو دور هلندو نظر اچي پيو، اسان جي اڪثريّت جو اهو حال ٿي ويو آهي جو جيڪو وات ۾ آيو چئي ڇڏيو. افسوس الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشي ۽ ناخوشيءَ جو احساس گهٽجي ويو. زبان مان نڪتل لفظن جي اهميّت جي تعلّق سان هڪ عبرت انگيز حديثِ پاڪ ملاحظو فرمايو. سرڪارِ مدينه راحتِ قلب وسينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد عبرت بنياد آهي: ٻانهو ڪڏهن الله تعاليٰ جي خوشنوديءَ جي ڳالهه ڪندو آهي ۽ ان طرف توجهه به ناهي ڪندو (يعني ڪجهه ڳالهيون انسان جي نزديڪ معمولي هونديون آهن) جنهن سبب الله تعاليٰ ان جا درجا بلند ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ته الله تعاليٰ جي ناراضگيءَ جي

ڳالهه ڪندو آهي ۽ ان جو خيال بہ ناهي ڪندو، ان (ڳالهه) جي سبب جهنّم ۾ وڃي ڪرندو آهي. (بُخاري ڪتاب الرقاق ،حفظ اللسان ، ج4 ص 241 حديث 6478)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماحول بري ڪان برو ٿيندو پيو وڃي. زبانن جون لغامون اڪثر ڪري ڍريون ٿي چڪيون آهن، سنّي عالِم سڳورن جي صحبتن ڪان محروم، مدني ماحول ڪان دور، غير سنجيده نوجوانن بلڪ اهڙي طرح جي بَڪ بَڪ ڪرڻ وارن ٻڙ ٻڙ ڪندڙ پوڙهن جي ٻيٺڪن ڪان حسّاس شخص تمام گهڻو گهٻرائيندو آهي، ڇو جو اهڙين جڳهين تي زبانون ڦينچين وانگر هلي رهيون هونديون آهن، مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ڪڏهن ڪفريہ ڪلمات بہ ٻَڪيا ويندا آهن. اهڙين محفلين ۾ ايمان جي بربادي جو سخت خطرو هوندو آهي. نيڪي جي دعوت ڏيڻ يا ڪنهن سخت حاجت پوڻ ۽ شرعي اجازت ملڻ تي ضرورت مطابق شرڪت ڪرڻ ڪان علاوه اهڙين محفلن ڪان پاسي تي رهڻ تمام ضروري آهي.

ڳڻتيءَ سخت ڳڻتيءَ جي ڳالهه هي آهي جو ضرورياتِ دين مان ڪنهن ضرورتِ ديني جو انڪار، اهڙيءَ طرح جيڪو فعل ايمان جي منافي(يعني ايمان جي ضد) آهي مثلاً بت يا سج چنڊ مان ڪنهن کي سجدو ڪرڻ اهڙو قطعي ڪفر آهي جو ان ۾ جهالت بہ عذر ناهي يعني ان جو ڪفر هجڻ معلوم هجي يا نہ هجي ٻنهي صورتن ۾ ڪفر آهي. جيئن تہ علاّمہ بدر الدّين عيني حنفي عُمدة القاري ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ”هر ان انسان جي تڪفير ڪئي ويندي (يعني ان کي ڪافِر قرار ڏنو ويندو) جيڪو صريح ڪلمو ڪفر وات مان ڪڍي يا وري اهڙو فعل (ڪم) ڪري جيڪو ڪفر جو باعث هجي جيتوڻيڪ هي نہ ڄاڻندو هجي تہ هيءُ ڪلمو يا فعل ڪفر آهي.“ (عمدة القاري،ڪتاب الايمان،باب خوف المومن من ان يحبط عمله وهو لا يشعر،403/1 )

## افسوس ڪفريہ جملن جي معلومات ڪونهي

افسوس! اسان جي وڏي اڪثريت کي ڪفريہ جملن جي حقيقي طور معلومات بہ ناهي. هر هڪ کي پنهنجي باري ۾ هي خوف رکڻ گهرجي تہ ڪٿي ايئن نہ ٿي جو مون کان کو اهڙو قول يا فعل صادر ٿي وڃي جنهن سبب معاذالله عَزَّوَجَلَّ ايمان برباد ٿي وڃي سڄي محنت برباد ٿي وڃي ۽ معاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪفر ئي تي دنيا کان سفر ٿي وڃي ۽ پوءِ هميشہ هميشہ جهنّم مقدر ٿي وڃي .

## ڪفريّہ ڪلمات جي عام ٿيڻ جا ڪجهہ سبب

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄ ڪالهہ فلمن ڊرامن، فلمي گانن، اخباري مضمونن، جنسي ۽ روماني ناولن، عشقيہ ۽ فسقيہ افسانن، ٻارن جي بيهوده ڪهاڻين "طرح طرح جي ست ڏينهن (ميگزينن)، بي حيائيءَ وارن ماهہ نامن ۽ برا اخلاق ڪندڙ ڊائجسٽن ۽ مزاحيہ چٽڪلن جي ڪيسٽن وغيره جي ذريعي ڪفريّہ ڪلمات عام ٿي رهيا آهن.

## ڪفريّہ ڪلمات جي متعلق علم سکڻ فرض آهي

ياد رکو !ڪفريّہ ڪلمات جي متعلق علم سکڻ فرض آهي ،جيئن تہ

امام اهلسنّت اعليٰ حضرت ،مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه فتاويٰ رضويّہ جلد 23 صفحي نمبر 624 تي فتاويٰ شامي جي حوالي سان فرمائن ٿا :مُحَرَّماتِ باطِنيّہ (يعني باطني ممنوعات مثلاً) تڪبر، رياڪاري ۽ عجب (يعني خود پسندي) ۽ حسد وغيره ۽ ان جا علاج وغيره جو علم بہ هر مسلمان تي اهم فرضن مان آهي. وڌيڪ صفحي نمبر 626 تي فتاويٰ شامي جي حوالي سان فرمائن ٿا: حرام

لفظن ۽ ڪفريہ ڪلمن جي متعلق علم سکڻ فرض آهي، هن زماني ۾ هي سڀ کان ضروري ڪم آهن. (رد المختار،مطلب :في فرض الكفاية وفرض العين،107/1)

پر افسوس !اڄ مسلمان علم دين کان دور ھليو ويو آھي ۽ شايد اھو ئي سبب آھي جو ھي ھدايت جي واٽ کان ڀٽڪي، نہ صرف گناھن جي دلدل ۾ ڦاسي چڪو آھي بلڪ ڪِلَ ڀوڳ ۽ غمي، خوشي جي موقعن تي وڏي بيباڪيءَ سان ڪفريہ ڪلمات بکي ڇڏيندو آھي. ياد رکو! جھڙيءَ طرح انڌيري ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ چراغ جي روشني ضروري آھي اھڙِيءَ طرح  ايمان جي حفاظت ۽ زندگيءَ جي سفر ۾ ڪاميابي جي لاءِ عقل کي علم دين جي چراغ جي ضرورت پوندي آھي. جيڪڏھن علم دين جي روشني نہ ھوندي تہ عقل جو بي لغام گھوڙو ڏِڪا کائي ڪري ڪفر ۽ جھالت جي اونداھين ۾ ڀٽڪندو رھجي ويندو. اڄ جيڪڏھن اسان پنھنجي اُوسي پاسي ۾ برائين جي وجوھات جو جائزو وٺون تہ اسان کي ان جي ھڪڙي وڏي وجھ جھالت بہ نظر ايندي جو ماڻھو لاعلمي ۽ جھالت جي سبب انھن برائن ۽ گناھن ۾ مبتلا آھن ۽ ھي تہ ظاھر آھي تہ جيڪو جھالت جي نشي ۾ بدمست ھجي اھو ڇا ڄاڻي تہ برائي ڇا آھي ۽ ڀلائي ڇا ؟

جيئن تہ حضرت سيدنا معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آھي تہ نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آھي: بيشڪ توھان پنھنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي طرفان دليل (يعني ھدايت) تي آھيو جيستائين توھان ۾ بہ نشا ظاھر نہ ٿين، ھڪ جھالت جو نشو، ٻيو دنياوي زندگي سان محبت جو نشو. توھان ماڻھو(ھاڻي تہ):نيڪي جو حڪم ڏيندا آھيو ۽ برائين کان منع ڪندا آھيو ۽ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي واٽ ۾ جھاد ڪندا آھيو (پر) جڏھن توھان ۾ دنيا جي محبت پيدا ٿي ويندي تہ توھان نہ ئي نيڪي جو حڪم ڏيندؤ ۽ نہ برائين کان منع

ڪندؤ ۽ نہ ئي الله عَزَّوَجَلَّ جي واٽ ۾ جهاد ڪندؤ، پوءِ ان وقت قرآن ۽ سنت جي ڳالهہ ڪرڻ وارو مهاجرين ۽ انصار مان سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ وارن وانگر هوندو. (مجمع الزوائد، كتاب الفتن ،باب النهي عن المنكر.....الخ ج 7 ص 533 حديث 12159)

افسوس!هن زماني ۾ هي بئي “مذموم نشہ” عام ڏنا پيا وڃن، جهالت جي نشي ۾ اڄ اسان جي وڏي تعداد بدمست آهي، جيڪڏهن ڪو چئي تہ تعليم تہ خوب عام ٿي وئي آهي ۽ جڳهہ جڳهہ تي اسڪول ۽ ڪاليج کلي چڪا آهن هاڻي جهالت ڪٿي رهي آهي؟ تہ معاف ڪجو صرف دنياوي تعليم جهالت جو علاج ناهي، صحيح هي آهي تہ اسلامي احڪامن تي مشتمل فرض علوم حاصل ڪرڻ سان ئي دين جي جهالت ختم ٿي سگهي ٿي. اڄڪلهہ مسلمانن جي وڏي اڪثريت ۾ ضروري ديني معلومات جو بيحد فقدان (يعني ڪمي) آهي، اڄ دنيا جن ماڻهن کي ”تعليم يافتہ“چوي ٿي انهن جي وڏي تعداد درست مَخارِج سان قرآن شريف نٿي پڙهي سگهي! اها جهالت ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ پڙهيل لکيل ماڻهن کان وضو ۽ غسل جو صحيح طريقو يا نماز جا ارڪان پڇي ونو شايد ئي ڪو ٻڌائي سگهي، انهن کان جنازي جي دعا ٻڌائڻ جي فرمائش ڪري ڏسو شايد هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ٿي ويندا! جهالت ۽ بي ديني هن حد تائين پهچي چڪي آهي جو عالم سڳورن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ جي بجاءِ معَاذ الله عزّوجلّ عالمن جي توهين ڪئي ويندي آهي، ڪِلَ پوڳ ۽ غمي، خوشي جي موقعن تي ڪفريّہ ڪلمات بڪيا ويندا آهن، بداخلاقي، بدسلوڪي، عورتن تي ظلم، ڌوڪو ڏيڻ، وعدي خلافي، شراب پيئڻ ۽ ٻين خرافات برائين جو بازار گرم ڪري رکيو آهي. انهن سيني برائين جو سبب علمِ دين کان دوري آهي، فڪرِ آخرت کان غفلت ۽ ايمان جي حفاظت جو ذهن نہ هجڻ آهي، افسوس صد

ڪروڙ افسوس! اڄڪلھ اڪثر مسلمانن جو ڌيان صرف ۽ صرف دنياوي تعليم تي آهي، ان جي هر طرف پذيرائي (يعني مقبوليت آهي، سڄي دولت ۽ قوت ان تي خرچ ڪئي پئي وڃي جڏهن تہ ايمان جي حفاظت جو ذهن رکڻ وارا ۽ علمِ دين جا پڙهڻ وارا سعادت مند نسبتًا گهٽ آهن. يقينًا هي سڀ دنياوي زندگيءَ جي نشي جا ڪرشما آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايمان جي حفاظت ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ تمام بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ بہ آهي، اجتماع ۾ شرڪت ڪي معمول بڻائي وٺو اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ايمان جي حفاظت جو سامان ٿيندو ۽ علم دين جا موتي ملندا، جهالت جا انڌيرا دور ٿيندا ۽ زندگي علم ۽ عمل جي برڪت سان روشن ٿي ويندي. اچو هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي مدني بهار ملاحظ فرمايو. جيئن تہ

## پٿر دل بہ روئي پيو

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي، ايرنڊڙ جواني ۽ سٺي صحّت مون کي مغرور بڻائي ڇڏيو هو، نوان نوان فيشني لباس سبرائڻ، ڪاليج ايندي ويندي بس جو ٽڪٽ وسارڻ، ڪنڊيڪٽر گهري تہ بد معاشي ڪرڻ، رات دير تائين آواره گردي ۾ وقت وڃائڻ، جُوا ۾ پيسا برباد ڪرڻ وغيره هر طرح جي گناه ۾ مبتلا هئس، والِدَين سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا، منهنجي اصلاح جي لاءِ دُعا ڪندي امڙسائڻ جا ڳوڙها نڪري ايندا هئا. پر مان هئس جو پنهنجي ئي حال ۾ مست هئس ۽ مون تي ڪو اثر ئي نہ ٿيندو هو. اهڙي طرح ڏينهن رات گذرندا رهيا اتفاق سان اسان جي علائقي ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ ڪڏهن سرسري طور مون کي

هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع جي دعوت پيش ڪندا هئا ۽ مان ٻه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هيس پر هڪ ڀيري اجتماع واري شام اهي ئي اسلامي ڀاءُ محبت ڀري انداز ۾ اوچتو اصرار ڪرڻ لڳا ته اڄ ته اوهان ڪي هلڻو ئي پوندو، مان ٽاريندو رهيس، پر انهن نه مڃيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي رڪشو جهلي ورتائين ۽ وڏي منٿن سان ڪجھ اهڙي انداز سان ويهڻ جي درخواست ڪئي جو مون کان انڪار نه ٿي سگهيو، مان ويهي رهيس ۽ اسان دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز جامع مسجد گلذارِ حبيب اچي پهتا سين، جڏهن دعا جي لاءِ بتيون وسايون ويون ته مان هي سمجهو ته اجتماع ختم ٿي ويو آهي، مان اٿي بيٺس، مونکي ڪهڙي خبر ته هاڻي ايندڙ گهڙين ۾ منهنجي تقدير ۾ مدني انقلاب برپا ٿيڻ وارو آهي. خير منهنجي ان محسن اسلامي ڀاءُ محبّت ڀري انداز ۾ سمجهائي ڪري مونکي وڃڻ کان روڪيو ۽ مان ويهي رهيس. هاڻي الله الله جي صدائن سان فضا گونجي پئي...... الله الله جون اهي صدائون نه صرف منهنجي ڪنن ۾ سڪون پهچائي رهيون هون بلڪ منهنجي قلب تي چڙهيل گناهن جي گندگي ڌوئي رهيون هيون. پوءِ جڏهن رِقّت انگيز دُعا شُروع ٿي ته اجتِماع ۾ شريڪ ٿيندڙن جي سُڏڪڻ جو آواز بُلند ٿيڻ لڳو ايستائين جو مون جهڙو پٿر دل ماڻهو به سڏڪا ڀري روئڻ لڳو، مون پنهنجي گُناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جو ئي ٿي ويس.

تمہیں لُطف آ جائےگا زندگی کا
قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
تَنزُّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی
ترقّی کا باعِث بنا مَدَنی ماحول
یقینا مقدّر کا وہ ہے سکندر
جِسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ملاحظ فرمايوته عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سُنّتن ڀري اجتماع جي برڪت سان معاشري جوهڪ بگڙيل نوجوان پنهنجي پاڻ کي سڌارڻ ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ ڪمر بسته ٿي ويو تنهنڪري توهان به دنيا ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي نيّت ڪري ڇڏيو. مزيد پنهنجي مرحوم جي ايصال ثواب جي لاءِ هن ئي مهيني دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر فرمايو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ نيڪ ماڻهن جي صحبت جي برڪت سان ايمان جي حفاظت، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ سنتن ڀري زندگي گذارڻ جو جذبو بيدار ٿيندو. الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا آهي ته اسان جو خاتمو بالخير فرمائي ۽ مني مني محبوب جي قدمن ۾ جڳهه عنايت فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بيان نمبر2

## صحبت جو اثر

## درود شريف جي فضيلت

شاهه بحروبر مالڪ خلد وڪوثر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان بخشش نشان آهي توهان پنهنجي مجلسن (محفلن) کي مون تي درود پاڪ پڙهي سينگاريو ڇوته توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن نور هوندو. (جامع الصغير للسيوطي، ص.28، حديث 4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت سيّدنا حاتم اصم جي دعا جي برڪت

مشهور بزرگ حضرتِ سيّدنا حاتمِ اَصَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڀيري بَلَخْ شهر ۾ بيان فرمائي رهيا هئا، بيان دوران گناهگارن جي خير خواهي جي جذبي تحت دعا گهريائون: اي پروردگار عزّوجل هن اجتماع ۾ جيڪو سڀ کان وڏو گناهگار آهي، پنهنجي رحمت سان ان جي مغفرت فرماءِ. هڪ ڪفن چور بہ اتي موجود هو، جڏهن رات ٿي تہ ڪفن چورائڻ جي ارادي سان قبرستان ويو پر جيئن ئي قبر کوٽيائين تہ هڪ غيبي آواز آيو :اي ڪفن چور!تون اڄ حاتم اصم جي اجتماع ۾ بخشجي چڪو آهين پوءِ اڄ رات هي گناه چو ڪرڻ لڳو آهين؟ هي ٻڌي ڪري اهو روئي پيو ۽ سچي دل سان توبهہ ڪري ورتي. (تذکرۃ الاولیاء،ذکر حارتم اصم،ص222ملخصاً)

منا منا اسلامي ڀائرو!ڏٺو اوهان!واقعي نيڪ ٻانهن جي صحبت ۽ عاشقان رسول جي اجتماعات ۾ شرڪت ٻنهي جهانن جي لاءِ باعث سعادت آهي ڇوتہ نيڪ ماڻهو ٻين جي لاءِ بہ منفعت جا باعث هوندا آهن ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ جيتري قدر پنهنجن اسلامي ڀائرن جي لاءِ نفعو بخش هوندو ايتري قدر ان جا مرتبا ۽ درجات بلند ٿيندا ويندا. حديثِ پاڪ ۾ وارد آهي: ماڻهن ۾ بهترين اهو آهي جيڪو ماڻهن کي فائدو ڏي ۽ ماڻهن ۾ بدتر اهو آهي جيڪو ماڻهن کي تڪليف ڏي.

(کشف الخفاء،1/348،حدیث 1252)

تنهنڪري اسان کي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ مسلمانن کي تڪليف ۽ ايذاءُ ڏيڻ کان بچون ۽ انهن کي فائدو پهچائي خيرالنّاس يعني بهتر ۽ ڀلائي ماڻڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ذڪر ڪرڻ وارن جي مجلس اختيار ڪريو

حضرت سيّدنا ابورَزِين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن کي فرمايو تہ ڇا مان تنهنجي ان شيءِ جي اصل تي رهنمائي نہ ڪريان جنهن سان تون دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ڪري وٺين (اها اصل شيءِ هي آهي تہ) توهان ذڪر ڪرڻ وارن جي مجلس کي اختيار ڪريو. (شعب الايمان، باب في مقاربة...الخ،فصل في المصافحة ...الخ،492/6،حديث 9024)

مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: مجلس مان مراد علماءِ دين ۽ اولياءِ ڪاملين، صالحين ۽ واصلين جون مجلسون آهن ڇو جو هي مجلسون جنت جا باغ آهن. جيئن تہ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي هي مجلسون چاهي مدرسہ هجن يا درسِ قرآن ۽ حديث جون مجلسون يا حضراتِ صوفياءِ ڪرام جي ذڪر جون محفلون، هي فرمان گهڻو جامع آهي. جنهن مجلس ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف، حضور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو عشق ۽ اطاعتِ رسول جو شوق پيدا ٿئي اها مجلس اثرائتي آهي. (مرآة المناجيح ، الله کے ليے محبت کا بيان ۶۰۳/۶)

## ذِڪْرُالله جي مجلسِ ۾ شرڪت

الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪجهہ فِرشتا گهمي ڦري ذِڪر جون مَجلِسون ڳوليندا آهن. جڏهن اهي اهڙي ڪا مجلس ڏسندا آهن جنهن ۾ الله جو ذِڪر ٿي رهيو هجي تہ انهن ماڻهن سان گڏ ويهندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجي پَرن سان لڪائيندا آهن، ايتري تائين جو آسمان تائين خالي جاءِ پرجي ويندي آهي، جڏهن اها مجلس مُنْتَشِر (يعني ختم) ٿي ويندي آهي تہ فِرشتَا آسمان ڏانهن اڏامي ويندا آهن. پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان پُڇَندو آهي حالانڪ هو وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهي، تہ توهان ڪٿان پيا

اچو؟ تہ اهي عرض ڪندا آهن: اسان زمين کان تنهنجي ٻانهن وٽان پيا اچون اُهي تنهنجي پاڪائي ۽ وَڏائي بيان ڪري رهيا هئا، تنهنجو ڪلمو پڙهي ۽ تنهنجي تَعرِيف ڪري رهيا هئا، ۽ توکان سُوال ڪري رهيا هئا. ربّ تعاليٰ فرمائيندو آهي: اهي ڇا پيا گُهرن؟ فِرِشتَا عرض ڪندا آهن: توکان تنهنجي جنّت پيا گُهرن، الله فرمائيندو آهي: ڇا انهن منهنجي جنّت ڪي ڏٺو آهي؟ فِرشتا عرض ڪندا آهن: نہ. ربّ فرمائيندو آهي: جيڪڏهن اهي ان کي ڏسي وٺن ها تہ ڇا ڪن ها؟ پوءِ فِرشتا عرض ڪندا آهن: ۽ اهي تنهنجي پناه گهري رهيا هئا " الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: ڪهڙي شيءِ کان پناهہ گُهري رهيا هئا؟ عرض ڪندا آهن: اي الله عَزَّوَجَلَّ! جهنم کان. ربّ تعاليٰ فرمائيندو آهي: ڇا انهن جهنم کي ڏٺو آهي؟ فِرشتَا عرض ڪندا آهن: نہ. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: جيڪڏهن اهي ان کي ڏسي وٺن ها تہ ڇا ڪن ها؟ وري فِرِشتَا عرض ڪندا آهن: اُهي تو کان مَغفِرَت گهري رهيا هئا؟ رب فرمائيندو آهي: مان انهن جي مَغفِرَت ڪري ڇڏي ۽ انهن جي مراد انهن کي عطا ڪئي ۽ جنهن کان اهي پناهہ پيا گهرن انهن کي ان کان پناهہ عطا فرمائي ڇڏي. اهي عرض ڪندا آهن: "يا ربّ عَزَّوَجَلَّ! انهن ۾ فُلاڻو شخص بہ آهي جيڪو وڏو گنهگار آهي ۽ اهو اتان گذري رهيو هو ۽ اهو انهن سان گڏ ويهي رهيو. الله عَزَّوَجَلَّ! فرمائيندو آهي تہ مان انکي بہ بَخشي ڇڏيو. چو تہ اها اهڙي قوم آهي جنهن جو هَم نَشِين (گڏ ويهندڙ) بہ مَحرُوم ناهي رهندو". (مسلم،ڪتاب الذڪر...الخ، باب فضل مجالس الذڪر،ص1444،حديث2689)

منا منا اسلامي ڀائرو! هتي هي معلوم ٿيو تہ رحمت خداوندي لامحدود آهي ۽ ان جي رحمت کان ڪو فرد خارج ناهي بلڪ هر هڪ ڪي ان جي رحمت گهريل آهي ۽ اهوئي عقيدو اسلام مسلمانن کي

ڏنو آهي تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هر حال ۾ رحمت خداونديءَ جا طلبگار رهون ۽ نيڪ ٻانهن جي صحبت اختيار ڪريون تہ جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي نازل ٿيڻ وارا رحمتن جا ڦڙا اسان تي بہ پون ۽ اسان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سٺي ۽ بري ساٿي جو مثال

حضرتِ سيّدنا ابو موسيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: چڱي ٻُري ساٿي جو مثال مُشڪ کڻڻ ۽ ٻني دکائڻ واري جيان آهي، مشڪ (هڪ بهترين خوشبوءِ جو نالو) کڻڻ وارو يا توکي ايئن ئي ڏيندو يا وري تون ان کان ڪجهہ خريد ڪندي، يا تون ان مان چڱي خوشبو حاصل ڪندي، ۽ جڏهن تہ ٻني دکائڻ وارو يا تہ تنهنجا ڪپڙا ساڙيندو يا توکي ان مان بدبو ايندي.

(مسلم،كتاب البروالصلة،باب استحباب مجالسة.....الخ،ص 1414،حديث2628)

## الله جي لاءِ دوستي جي فضيلت

تاجدارِ مدينہ قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو آهي: بلا شبہ جنّت ۾ ياقوت جا ٿنڀا آهن جن تي زمرد جا ڪمرا آهن اهي ائين چمڪندا آهن جيئن تمام گهڻو چمڪندڙ ستارو. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! انهن مٿاهين منزلن ۾ ڪير (خوش نصيب) رهندا؟ فرمايائون: اهي ماڻهو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکندا آهن ۽ جيڪي الله تعاليٰ جي ئي واسطي پاڻ ۾ ملي ڪري ويهندا آهن ۽ جيڪي الله تعاليٰ جي ئي واسطي پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن.

(شعب الايمان باب في مقاربة...الخ،فصل في المصافحة ... الخ، ص 487 حديث 9002)

## الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد جي لاءِ گڏ ٿيڻ وارا

رحمت عالم نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي ساڄي طرف (هن ۾ فضيلت جو ذڪر آهي ڇوته الله تعاليٰ جهت ۽ سمت کان پاڪ آهي) ڪجهه اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي نه نبي هوندا ۽ نه شهيد، انهن جي چهرن جو نور ڏسڻ وارن جي نگاهن کي حيران ڪري رهيو هوندو. نبي سڳورا ۽ شهيد انهن جي مقام ۽ قُرب الاهي کي ڏسي اظهارِ مسرت فرمائيندا. صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم منجهان ڪنهن صحابيءَ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ڪير(خوشنصيب) هوندا؟ ارشاد فرمايائون: اهي مختلف قبيلن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو هوندا (جيڪي دنيا ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي ياد جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا ۽ پاڪيزه ڳالهيون اهڙي طرح چونڊيندا هئا جهڙيءَ طرح ڳجور کائڻ وارو بهترين کجورن کي چونڊيندو آهي.
(الترهيبوالترغيب،ڪتاب الذڪر والدعاء،الترغيب في حضور مجالس الذڪر...الخ، 202/2،حديث2334)

## ڪاٿي آهن اُهي ماڻهو

حضرتِ سيّدنا ابوهُرِيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ارشاد فرمايو ته الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن فرمائيندو ڪٿي آهن اهي ماڻهو جيڪي منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾ محبت رکندا هئا اڄ مان انهن کي پنهنجي سائي (يعني رحمت جي ڇانوَ) ۾ جاءِ ڏيندس جڏهن ته منهنجي ڇانوَ کانسواءِ اڄ ڪا ڇانوَ ناهي. (مسلم،ڪتاب البر...الخ، باب في فضل الحب في الله،ص1388،حديث2566)

عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي ڇپيل 56 صفحن تي مشتمل رسالي ”اچھے ماحول کی برکتیں“ صفحي نمبر 21 تي آهي :

هڪ سنو ۽ پاڪيزه ماحول جتي ذڪرِ الٰهي ۽ ذڪرِ مصطفائي جو موقعو فراهم ڪري ٿو، اتي الله عَزَّوَجَلَّ جا فرمان ۽ رحمة للعالمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !جا فرمان ٻڌڻ لکڻ ۽ پڙهڻ جو ذريعو بڻجندو آهي ۽ ماحول جي برڪتن سبب انهن تي عمل پيرا ٿيڻ جو جذبو بيدار ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ڪو بہ شخص هن حقيقت جو انڪار نہ ٿو ڪري سگهي تہ عمل ڪرڻ جو اهو اعليٰ جذبو جيڪو هڪ پاڪيزه ماحول جي صحبت جي برڪت سان ملندو آهي اهو ٻئي طرح ناممڪن نہ تہ مشڪل ضرور آهي. جيڪڏهن احياءالعلوم ۾ شرح ۽ تفصيل سان بيان ڪيل فن تصوّف جو خلاصو ڪجهہ لفظن ۾ بيان ڪرڻو هجي تہ اسان چئي سگهون ٿا تہ ان فن جي انتها محبّت الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ ابتدا سٺي صحبت آهي چو تہ سٺي صحبت سان نيڪ خيال پيدا ٿيندا آهن ۽ انسان کي پنهنجي پيدائش جو مقصد، دنياوي زندگي جي هلاڪت، اُخروي زندگي جي هميشگي، جزا ۽ سزا تي غور ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي جيڪي انسان جي اندر عمل شروع ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪري ڇڏيندا آهن تہ آخرت جي طرف توجهہ ٿي ويندي آهي ۽ نفساني خواهشون گهٽ ٿينديون وينديون آهن، دل ۾ عشق رسول ۽ معرفت الٰهي کي حاصل ڪرڻ جو جذبو سجاڳ ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ نيڪ عملن تي استقامت اختيار ڪري دل کي غِيرُالله جي ياد کان خالي ڪيو ويندو آهي جنهن جي نتيجي ۾ دل ذڪرُالله سان مانوس ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي هي انسيت مَعرفت ۽ مَعرِفت مُحبّت ۾ بدلجي ويندي آهي جيڪو عين مقصد آهي البت ان جي لاءِ توفيق الٰهي جو متوجهہ ٿيڻ بنيادي امر آهي.

خبي پئي تہ نيڪ صحبت اُخروي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پهرين ڏاڪڻ آهي ۽ جڏهن ڪو مني مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جي منين منين سنّتن ۽ تعليمات کي پنهنجي ذات ۾ عملي طور اختيار ڪري وٺي ۽ انهن جو سچو عامل بڻجي وڃي تہ ان جي اندر ۽ ٻاهر جو باطن معطّر ۽ خوشبودار ٿي وڃڻ ڪا حيراني جهڙي ڳالهہ ڪانهي بلڪ ان جو عظمت ۽ شان تہ ايترو بلند ٿي ويندو آهي جو وصال کان پوءِ ان جي قبر جي مٽي بہ مُعَطر ۽ خوشبو دار ٿي ويندي آهي جيئن تہ

## قبر جي مٽي خوشبودار ٿي وئي

حضرتِ ابو عبد الله محمد بن اسماعيل بخاري (سن ولادت 194هہ، سن وفات 256هہ) رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کي جڏهن قبر ۾ رکيو ويو تہ فوراً قبر مان مُشڪ جي خوشبو اچڻ لڳي، قبر جو ذرّو ذرّو مشڪ بڻجي ويو، ماڻهو زيارت جي لاءِ ايندا هئا ۽ قبر جي مٽي تبرڪ طور کڻي ويندا هئا، ايتري تائين جو قبر ۾ ڪڏو پئجي ويو. (ان خوف سبب تہ جيڪڏهن ائين ئي ماڻهو مٽي کڻندا رهيا تہ قبر جو نشان ئي نہ رهندو) جنهن سبب قبر جي چئني طرفن کان ڪانين جو جهنگلو لڳايو ويو پر زائرين جهنگلي کان ٻاهر واري مٽي کڻي وڃڻ لڳا تہ ان مان بہ خوشبو ايندي هئي. وڏي وقت تائين هيءَ خوشبو ايندي رهي.

(سيراعلام النبلاءِ،الطبقة الرّابعة عشر،2136.ابوعبدالله البخاري،319/10)

اهڙيءَ طرح دلائل الخيرات شريف جي مصنّف حضرتِ علّامہ محمد بن سليمان جُزُولي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه (المتوفيٰ 870هہ) جن کي 77 سال بعد جڏهن سرزمين (سُوس) مان ڪڍي ڪري ”مراڪش“ جي سرزمين ۾ دفن ڪيو ويو تہ ماڻهن پنهنجن اکين سان ڏٺو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو

ڪفن صحيح سلامت ۽ بدن تازو هئو ۽ جڏهن سندن کي پهرين قبر مان ڪڍيو ويو تہ فضاء معطر ۽ خوشبو دار ٿي وئي ۽ اڄ بہ سندن قبر مبارڪ منجهان مُشڪ جي خوشبوءِ ايندي آهي. (مطالع المسرات،ص4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سٺي دوست جي صحبت

حضرتِ سيّدنا مجاهد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن ڪو شخص وفات ڪري ويندو آهي تہ ان جا هم نشين (يعني هو جن جي صحبت ۾ ويهندو هو) ان تي پيش ڪيا ويندا آهن، جيڪر اهو مرڻ وارو ذڪر وارن منجهان هوندو آهي تہ ذڪر وارا آندا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن راند، روند وارن مان هوندو آهي تہ راند روند وارا پيش ڪيا ويندا آهن. (حلية الاولياء،مجاهد بن جبر،324/3،حديث4115)

سٺي هم نشين جي حوالي سان ٿي فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سماعت فرمايو

## ٽي فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) سٺو همنشين (يعني سٺو ساٿي) اهو آهي جو ان کي ڏسڻ سان توکي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ياد اچي وڃي اُن جي گفتگو سان تنهنجي عمل ۾ زيادتي ٿي وڃي ۽ ان جو عمل توکي آخرت جي ياد ڏياري. (جامع صغير ،باب حرف الخاء،ص247،حديث4063)

(2) وڏن جي صحبت ۾ ويهندا ڪيو ۽ عالمن کان ڳالهيون پڇندا ڪيو ۽ داناهن سان ملڻ جلڻ رکو. (معجم ڪبير،120/22،حديث324)

(3) سٺو ساٿي اهو آهي جو جڏهن تون خدا عَزَّوَجَلَّ کي ياد ڪرين تہ اهو تنهنجي مدد ڪري ۽ جڏهن تون وسارين تہ اهو ياد ڏياري. (جامع صغير،باب حرف الخاء،ص244،حديث3999)

منا منا اسلامي ڀائرو !نيڪ صحبت جي برڪتن جي متعلق اوهان ٻڌو ۽ هاڻي ڪجهه بري صحبت جي نحوستن جي باري ۾ به ڪجهه ٻڌو:

عاشقانِ رسول جي مدني مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڇپيل 56 صفحن تي مشتمل رسالي "اچھے ماحول کی برکتیں" صفحي نمبر 27 تي آهي:

صحبت جو اثر مجيل حقيقت آهي، انسان پنهنجن ساٿين جي عادتن ۽ اخلاق ۽ عقائد سان ضرور متاثر ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري الله تعالي مسلمانن کي انهن ماڻهن وٽ ويهڻ کان سختيءَ سان منع فرمايو آهي جن جو مشغلو ڏينهن رات اسلام ۽ پيغمبرِ اسلام ۽ قرآنِ حڪيم تي طعن ۽ تشنيع ڪرڻ آهي لھٰذا اهڙي خطرناڪ ۽ ڀيانڪ قسم جي قبيح ۽ شنيع (تمام بدتر) ناسُور کان آلودهه مريضن جي صحبت کان بچو متان ائين نہ ٿئي جو توهان به ان ناپاڪ مرض ۾ مبتلا ٿي وڃو.

## بري دوست جي صحبت

حضرتِ سيّدنا انس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جا سرور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ: بُري ساٿيءَ کان بچو ڇو جو توهان ان سان گڏ سڃاتا ويندؤ يعني جهڙن ماڻهن وٽ انسان جي اٿ ويهہ هوندي آهي، ماڻهو ان کي اُهڙوئي سمجهندا آهن.

(ڪنز العمال،ڪتاب الصحبة،قسم الاقوال،الباب الثالث في الترهيب عن صحبة السوء،19/9،حديث24839)

## انهن سان ياري چارون رکو

اميرالمومنين حضرت سَيِدُنا مولا علي مشڪل ڪشا ڪَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰي وَجْھَہ الْكَرِيم فرمائن ٿا تہ: فاجرسان ياري نہ رکو ڇوتہ هو پنهنجي فعل کي

توهان لاءِ مُزَين ڪندو ۽ هي چاهيندو ته توهان بہ اُن جهڙا ٿي وڃو ۽ پنهنجي بدترين خصلت کي چڱو ڪري ڏيکاريندو، توهان وٽ ان جو اچڻ وڃڻ عيب آهي ۽ ياڳل سان بہ يائي چارو نہ ڪريو ڇوتہ هو پنهنجو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهندو ۽ توهان کي بہ ڪجھ نفعو نہ پهچائيندو ۽ ڪڏهن هي ٿي سگهي ٿو تہ توهان کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر هي نقصان پهچائي ڇڏيندو، ان جي خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي، ان جو پري هئڻ ويجهو هئڻ کان بهتر آهي ۽ ڪذّاب (ڪوڙي شخص) کان بہ يائپي نہ ڪيو ڇوتہ ان سان اٿڻ ويهڻ توهان کي نفعو نہ ڏيندو، توهان جي ڳالھ ٻين تائين پهچائيندو ۽ ٻين جي توهان وٽ آڻيندو ۽ جيڪڏهن توهان سچ ڳالهائيندو تڏهن بہ هو سچ نہ ڳالهائيندو. (ڪنز العمال،ڪتاب الصحبة،قسم الاقوال،الباب الثالث في الترهيب عن صحبة السوء،75/9،حديث 25571)

## ان جي صحبت کان بچو

حضرتِ سيّدنا مالڪ بن دينار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي نياڻي حضرتِ سيّدنا مُغِيرَه بن حبيب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي فرمايو: اي مُغِيرَه! جنهن ياءُ يا ساٿيءَ جي صحبت توکي ديني فائدو نہ پهچائي تون ان جي صحبت کان بچ تہ جيئن تون محفوظ ۽ سلامت رهين. (ڪشف المحجوب،باب الصحبة وما يتعلق بها،ص374وحلية الاولياء،المغيرة بن حبيب،267/6،حديث8555)

منا منا اسلامي يائرو! بري صحبت سان دين ۽ دنيا بئي تباھ ۽ برباد ٿي ويندا آهن ۽ خراب ماحول ۾ انسان جون عادتون ۽ طور طريقا بگڙجي ويندا آهن ۽ اهو الله جلّ جلاله جي نافرماني ڪندي فسق ۽ فُجُور جو مجسّمو بڻجي ويندو آهي. الله نہ ڪري جيڪڏهن توهان خراب دوستن يا خراب ماحول ۾ اٿو ويهو ٿا تہ فورًا الڳ ٿي وڃو ۽ سٺي ماحول کي اپنائي وٺو ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪيو

اچو الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ، دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻ، ايمان جي حفاظت جي تڙپ وڌائڻ، موت جو تصور جمائڻ، پاڻ کي قبر ۽ جهنّم جي عذاب کان ڊيڄارڻ، گناهن جي عادت مِٽائڻ، پنهنجي پاڻ کي سنّتن جو پابند بڻائڻ، دل ۾ عشق رسول جي شمع روشن ڪرڻ ۽ جنّت الفردوس ۾ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو حاصل ڪرڻ جو شوق وڌائڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ “ سنّتن ڀريو سفر ڪندا رهو، فڪر مدينه جي ذريعي روزانو مدني انعامات جو رسالو پُري ڪري هر عيسوي مهيني جي پهرين تاريخ جمع ڪرائيندا رهو. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي آڏو پيش ڪئي وڃي ٿي. جيئن ته

## اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان بدلجي ويس

شاليمار ٽاؤن (مرڪز الاولياءُ،لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هيئن بيان آهي: مان بيحد بگڙيل انسان هيس، فلمن ۽ ڊرامن جو شوقين هجڻ سان گڏوگڏ جوان ڇوڪرين سان ڇيڙ ڇاڙ، بدمعاش نوجوانن سان دوستيون، رات جي آخري حصي تائين انهن سان مستيون وغيره منهنجا معمولات هئا. منهنجي بري عادتن جي ڪري خاندان وارا به مون کان لهرائيندا هئا ۽ پنهنجي گهرن ۾منهنجي اچڻ کان گهبرائيندا هئا، گڏوگڏ پنهنجي اولاد کي به منهنجي صحبت کان روڪيندا هئا. منهنجي گناهن ڀري ۽ بي رونق شام جي صبح بهاران بڻجڻ جي راهه هيئن ٿي، جو هڪ دعوتِ اسلامي واري عاشقِ رسول جي مون تي مني نظر پئجي وئي، ان نهايت ئي شفقت سان انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري.

ڳالهه منهنجي دل کي سني لڳي ۽ مون مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبتن مون پاپيءَ ۽ بدڪار جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. گناهن کان توبهه جو تحفو ۽ سنّتن ڀريئي مدني لباس جو جذبو مليو، متي تي سبز سبز عمامو سينگارجي ويو ۽ مون جهڙو گناهگار سنّتن جا مدني گل لُٽائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. جيڪي عزيز ۽ قريب ڏسي لهرائي ويندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي اهي ڳلي لڳائيندا آهن. پهريان مان خاندان جي اندر برو سمجهو ويندو هيس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي جي برڪت سان هاڻي مون کي سٺو سمجهووينڊو آهي.

جب تک بکا نہ تھا کوئی پوچھتا نہ تھا  تم نے خرید کر مجھے انمول کردیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب  صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ستاويهه اَنْمولُ مُوتِي

پيارا اسلامي ڀائرو! صحبت ۽ مجلس جي متعلق هتي وڏيڪ ڪجهه روايتون جمع ڪيون ويون آهن، غور سان پڙهو:

(1) بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ صالح (نيڪ) مسلمان جي برڪت سان ان جي پاڙي جي سو گهر وارن جي مصيبت دور فرمائيندوآهي. (معجم اوسط، 129/3،حديث4080)

(2) رضاءِ الٰهي جي لاءِ ملاقات ڪريو چوته جنهن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ملاقات ڪئي ته ستّر هزار فرشتا ان کي منزل تائين پهچائڻ جي لاءِ گڏ ويندا آهن. (ڪشف الخفاء،حرف الزاي،387/1، حديث1411)

(3) جڏهن توهان پنهنجي ياءُ ۾ ٽي خصلتون ڏسو تہ ان کان اميد رکو (اهي ٽي شيون هي آهن) حياء امانت، سچائي ۽ جڏهن توهان اهي (ٽي شيون) نہ ڏسو تہ ان کان اميد نہ رکو. (الكامل في ضعفاءِ الرّجال،رشدين بن كريب،65/4،كنز العمال،كتاب الصحبة،قسم الاقوال،الباب الثاني في آداب الصحبة...الخ،13/9،حديث2450)

(4) توهان جو ساٿي مومن ئي هجي ۽ توهان جو کاڌو متّقي پرهيزگار ئي کائي. (سنن ابي داود،كتاب الادب،باب من يومر ان يجالس،341/4،حديث4832)

(5) اڪيلائي بهتر آهي بري ساٿي کان ۽ سنو ساٿي بهتر آهي اڪيلائيءَ کان ۽ سني ڳالھ چوڻ بهتر آهي خاموشي سان ۽ خاموشي بهتر آهي خراب ڳالھ ڪرڻ کان. (شعب الايمان،باب في حفظ اللسان،فصل في السكوت عما لايعنيه،257/4،256،حديث 4993)

(6) توهان بُري ساٿي کان بچو چوتہ توهان ان سان ڳڌ سڃاتا ويندؤ. (كنز العمال،كتاب الصحبة،قسم الاقوال،الباب الثالث في الترهيب عن صحبة السوءِ ، 19/9،حديث 24839)

(7) توهان بُري ساٿي کان بچو چوتہ هو جهنّم جو هڪ ٽڪڙو آهي، ان جي مَحَبَّت توهان کي فائدو نہ پهچائيندي ۽ هو توهان کان پنهنجو واعدو پورو نہ ڪندو. (فردوس الاخبار،224/1،حديث1573)

(8) سيّدي عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان عالمن وٽ ويهڻ ۽ دانا ماڻهن جي ڪلام کي ڌيان سان ٻڌڻ لازم پڪڙيو چو تہ الله عَزَّوَجَلَّ دانائي ۽ حڪمت جي نور سان مڙده دل کي زنده ڪندو آهي، جيئن تہ مڙده ۽ ويران زمين کي برسات جي پاڻي سان زنده ڪندو آهي. (منبهات ابن حجر عسقلاني،باب الثنائي،ص3)

(9) ڪنهن دانا شخص کان مروي آهي تہ ٽي شيون غم ۽ مصيبتن کي پري ڪن ٿيون: (1) الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر(2) الله عَزَّوَجَلَّ جي دوستن جي ملاقات (3) دانائن جي گفتگو

(10) حضرتِ سيدنا عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو :چار شيون دل جي اونداهيءَ مان آهن (1) خوب پيٽ ڀريل هجڻ لاپرواهي جي وجهه کان (2) ظلم ڪرڻ وارن جي صحبت اختيار ڪرڻ (3) پُوين گناهن کي وساري ڇڏڻ (4) ڊگهيون ڊگهيون اميدون.

۽ چار شيون دل جي روشنيءَ مان آهن:

(1) بکيو پيٽ هجڻ پرهيزگاري ۽ خوف جي سبب (2) نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ (3) پُوين گناهن کي ياد رکڻ (3) نندڙيون اميدون. (منبهات ابن عمر عسقلاني،باب الرباعي،ص39)

(11) ابو نُعَيم حضرتِ سيدنا عطاء خراساني رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کان روايت آندي آهي تہ جيڪو ٻانهو زمين جي ٽُڪَرن مان ڪنهن ٽڪري تي سجدو ڪندو آهي تہ اهو ٽڪرو (حصو) ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن گواهي ڏيندو ۽ اهو ان تي روئندو آهي جڏهن اهو (مومن ٻانهو) مرندو آهي. (حلية الاولياء،عطا بن ميسرة،224/5،حديث6909)

(12) چڱي ساٿي جي مثال مُشڪ واري جيان آهي، جيڪڏهن توکي ان مان ڪجهہ نہ ملي تڏهن بہ توکي ان مان چڱي خوشبو ئي ايندي، ۽ بُري ساٿي جي مثال ڀٽي دکائڻ واري جيان آهي، جيڪڏهن توکي (ان جي ڀٽي) جي ڪارنهن نہ بہ پهچي پوءِ بہ ان جو دونهون تہ توکي پهچندو. (ابو داود،کتاب الادب،باب من يومر ان يجالس،340/4،حديث4829)

(13) حضرتِ سيّدنا ابوهُرِيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان پنهنجن مڙدن کي نيڪ ماڻهن جي درميان دفن ڪيو ڇوتہ مڙدو بري پاڙيسري کان تڪليف ڪٽندو آهي

جهڙيءَ طرح زنده خراب پاڙيسريءَ کان تڪليف ڪٽندو آهي. (حلية الاولياء،مالک بن انس،390/6،حديث9046)

(14) ٽي شيون توهان جي لاءِ توهان جي ڀاءُ سان خالص محبت ڪرڻ جو ذريعو آهن

1 جڏهن توهان ان سان ملو تہ ان کي سلام ڪيو

2 توهان ان جي لاءِ مجلس ۾ جاءِ ڪشادو ڪيو

3 توهان ان کي ان نالي سان سڏيو جيڪو ان کي پيارو هجي. (مستدرک حاکم،کتاب معرفة الصحافة،باب ثلاث...الخ،533/4،حديث، 5870)

(15) جيڪي ماڻهو مجلس کان اٿي وڃن ۽ ان ۾ الله تعالىٰ جو ذڪر نہ ڪن، تہ اهي ائين اٿيا جيئن گڏھ جو لاش ۽ اها (مجلس) انهن تي (بروز قيامت) حسرت (جو باعث) بڻجندي. (ابو داود، کتاب الادب، باب کراهية ان يقوم الرجل من مجلسه ولا يذکر الله ،347/4،حديث4855)

(16) ڪو شخص ڪنهن قوم وٽ اچي ۽ ان جي خوشيءَ خاطر اهي ماڻهو جڳهہ ۾ وسعت ڪن تہ الله تعالىٰ تي حق آهي تہ انهن کي راضي ڪري. (کنز العمال،کتاب الصحبة،قسم الاقوال،حق المجالس والجلوس،58/9،حديث 25370)

(17) ڪو شخص ٻن ماڻهن جي وچ ۾ نہ ويهي پر انهن جي اجازت سان ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ حلال ناهي تہ اهو ٻن ماڻهن جي وچ ۾ بغير انهن جي اجازت جي جدائي ڪري يعني انهن جي درميان ويهي رهي (ابوداود،کتاب الادب،،باب في الرجل يجلس بين الرجلين بغير اذنهما،3444/4،حديث4844_ 48845)

(18) جڏهن توهان ويهو تہ چپل لاهي ڇڏيو توهان جا پير آرام حاصل ڪندا. (کنز العمال،کتاب الصحبة،قسم الاقوال،حق الجالس والجلوس ،59/9،حديث2539)

(19) جڏهن ڪو شخص پنهنجي جڳهه تان اٿي وڃي ۽ پوءِ اهو واپس موٽي اچي (يعني جڏهن ته جلد موٽي اچي) ته پنهنجي جاءِ جو اهوئي وڌيڪ مستحق ۽ حقدار آهي. (ابي داود كتاب الادب،باب اذا قام الرجل من مجلس ثم رجع،346/4،حديث4853)

(20) گهٽي شرف واري بيٺڪ اها آهي جيڪا قبلي رخ آهي. (مستدرک،كتاب الادب،باب اشرف المجالس ...الخ،383/5،حديث 7778 )

(21) بهترين نيڪي ساٿين جي تعظيم ڪرڻ آهي. (فردوس الاخبار،ذكر فصول آخر في عبارات شتي،207/1،حديث1438)

(22) بدترين مجلسون رستي جا بازار آهن ۽ بهترين مجلسون مسجدون آهن بس جيڪڏهن توهان مسجد ۾ نه ويهو ته پنهنجي گهر کي لازم پڪڙيو. (كنز العمال،كتاب الصحبة،قسم الاقوال،حق المجالس والجلوس،60/9،حديث25411)

(23) ماٺهو اهڙي مجلس ۾ ويهندا آهن جنهن ۾ رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود نٿا پڙهن ته اها انهن تي حسرت جو باعث ٿيندي توڙي جو جنّت ۾ داخل ٿي وڃن (درود نه پڙهڻ تي حسرت ٿيندي جنهن وقت اهي (درود پڙهڻ جي) جزا ڏسندا. (شعب الايمان ،باب في تعظيم النبي واجلاله وتوقيره،215/2،حديث1571)

(24) پنهنجي ٽين ساٿي کي ڇڏي ڪري ٻه شخص پاڻ ۾ ڪن ۾ نه ڳالهائين ڇوته اها ڳالهه ان کي رنج پهچائيندي. (ابو داود ، كتاب الادب،باب في التناجي،346/4 ، حديث4851)

(25) حضرتِ سيّدنا جابر بن سمره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو ته جڏهن اسان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ حاضر هوندا هئاسين ته اسان مان جيڪو ايندو هو اهو آخر ۾ ويهي رهندو هو.

(ابو داود ، كتاب الادب،باب في التحلق،339/4،حديث 4825)

(26) مسلمان جو مسلمان تي (هي) حق آهي تہ جڏهن ان کي ڏسي تہ ان جي لاءِ سُري وڃي (يعني مجلس ۾ اچڻ واري اسلامي ڀاءُ جي لاءِ اوسي پاسي ڪجهہ سُري ڪري جڳهہ ڏاهي تہ جيئن اهو اتي ويهي وڃي) (شعب الايمان،باب في مقاربة...الخ..،فصل في قيام المرءِ لصاحبه،468/6،حديث 8933)

(27) حضرتِ سيّدنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان روايت ڪن ٿا تہ سيّدي عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (هن ڳالهہ کان) منع فرمايو تہ ڪنهن شخص کي ان جي جڳهہ تان اٿاريو وڃي ۽ ان جي جڳهہ تي ٻيو ويهي وڃي البت توهان سُري ويندا ڪريو ۽ جڳهہ ڪشاده ڪندا ڪريو (يعني ويهڻ وارن کي گهرجي تہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن جي لاءِ سُري وڃن ۽ ان کي بہ جڳهہ ڏين تہ جيئن اهو بہ ويهي وڃي) ۽ حضرتِ سيّدنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ (هن ڳالهہ کي مڪروهہ ڄاڻندا هئا (ناپسند فرمائيندا هئا) تہ ڪو شخص اٿي وڃي ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ انهن جي جڳهہ تي ويهي وڃن.

(حضرتِ سيّدنا ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هي فعل ڪمال درجي جي پرهيزگاري سبب هو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ان جو دل تہ اٿڻ جو نہ چاهيندو هجي پر محض ان جي خاطر جڳهہ ڇڏي ڏني هجي.)
(بخاري،ڪتاب الاستئذان،باب اذا قيل لڪم...الخ،179/4،حديث.627)

## بيان نمبر:3

# دنيا جي مذمّت

## درود شريف جي فضيلت

شاهِ بحروبر مالڪِ خلد ۽ ڪوثر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان بخشش نشان آهي: الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن ۽ نبي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود موڪلين ته انهن جي الڳ ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا اڳيا پويان گناهه بخشجي ويندا آهن. (ابو يعلي،3/95، حديث6951)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنتي محل جو سودو

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هڪ ڀيري بصره جي هڪ محلي ۾ هڪ زيرِ تعمير عاليشان محل جي اندر داخل ٿيا، ڇا ڏسن ٿا ته هڪ حسين نوجوان مزدورن، مسترين ۽ ڪم ڪرڻ وارن کي مگن ٿي ڪري هر هر ڪم جي هدايت ڏئي رهيو آهي. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن پنهنجي رفيق حضرت سيدنا جعفر بن سليمان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي فرمايو: ملاحظ فرمايو ته نوجوان محل جي تعمير ۽ تزئين (يعني زيب ۽ زينت) جي معاملي ۾ ڪيتري قدر دلچسپي رکي ٿو مون کي ان جي حال تي رحم اچي رهيو آهي مان چاهيان ٿو ته الله تعاليٰ کان دعا گهران ته هن کي هن حال کان نجات ڏئي، ڇا عجب جو هي جنت جي جوانن مان ٿي وڃي. هي فرمائي حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ، حضرت سيدنا جعفر بن

سليمان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سان گڏ ان وقت تشريف کڻي ويا، سلام ڪيائون. ان سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي نہ سڃاتو. جڏهن تعارف ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي تمام گهڻي عزت ۽ تعظيم ڪيائين ۽ تشريف آوري جو مقصد دريافت ڪيائين. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه (ان نوجوان تي انفرادي ڪوشش جو آغاز ڪندي) فرمايائون: توهان هن عاليشان مڪان تي ڪيتري رقم خرچ ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا؟ نوجوان عرض ڪيو: هڪ لک درهم: حضرتِ سيّدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: جيڪڏهن اوهان هي رقم مون کي ڏيو تہ مان اوهان جي لاءِ هڪ اهڙي عاليشان محل جي ضمانت کڻان ٿو، جيڪو هن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ پائيدار آهي. ان جي مٽي مشڪ ۽ زعفران جي هوندي، اهو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو ۽ صرف محل ئي نہ بلڪ ان سان گڏ خادم، خادمياڻيون ۽ سرخ ياقوت جا قبا، نهايت شاندار ۽ حسين خيما وغيره بہ هوندا ۽ اُن محل کي رازن ناهي ٺاهيو بلڪ اهو صرف الله تعالٰي جي(ڪُنۡ) (يعني ٿي وڃ) چوڻ سان ٺهيو آهي. نوجوان جوابًا عرض ڪيو: مون کي هن جي باري ۾ هڪ رات غور ڪرڻ جي مهلت عنايت فرمايو: حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: تمام سٺو.

هن مڪالمي کان پوءِ هي حضرات اتان کان هليا آيا، حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي رات جو هر هر اُن نوجوان جو خيال ايندو رهيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جي حق ۾ دعاءِ خير فرمائيندا رهيا. صبح جي وقت ٻيهر ان جي طرف تشريف کڻي ويا تہ نوجوان کي پنهنجي دروازي تي منتظر ڏٺائون. نوجوان وڏي جوشيلي طريقي سان استقبال ڪندي سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: ڇا اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڪالهہ واري ڳالهہ ياد آهي؟ حضرت سيدنا مالڪ

بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ارشاد فرمايو: چو نہ! پوءِ نوجوان هڪ لک درهمن جون ٿهيليون حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي حوالي ڪندي عرض گذار ٿيو تہ هي رهي منهنجي رقم ۽ هي حاضر آهن قلم، دوات ۽ ڪاغذ.

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪاغذ ۽ قلم هٿ ۾ ڪٽي هن مضمون جو بَيع نامو تحرير فرمايو: ”بِسمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ هي تحرير هن مقصد جي لاءِ آهي تہ مالڪ بن دينار فلان بن فلان جي لاءِ هن جي دنياوي مڪان جي عوض الله تعالٰي کان هڪ اهڙي ئي شاندار محل ڏيارڻ جو ضامن آهي ۽ جيڪڏهن هن محل ۾ وڌيڪ ڪجھ پيو بہ هجي تہ الله تعالٰي جو فضل آهي. هن هڪ لک درهم جي بدلي، مون هڪ جنتي محل جو سودو فلان بن فلان جي لاءِ ڪيو آهي، جيڪو هن دنياوي مڪان کان وڌيڪ وسيع ۽ شاندار آهي ۽ اهو جنتي محل قربِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي سائي ۾ آهي.“

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هي تحرير لکي بَيع نامو نوجوان جي حوالي ڪري هڪ لک درهم شام کان پهريان پهريان فقيرن ۽ مسڪينن ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيا. هن عظيم عهد نامي کي لکندي اجان 40 ڏينهن بہ نہ گذريا تہ نمازِ فجر کان پوءِ مسجد کان نڪرندي حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نگاھ محرابِ مسجد تي پئي، ڇا ڏسن ٿا تہ ان نوجوان جي لاءِ لکيل اهو ئي ڪاغذ اتي رکيل آهي ۽ ان جي پٺيءَ تي بغير مَس (ink) جي هي تحرير چمڪي رهي هئي: ”الله عزيز حڪيم جي طرفان مالڪ بن دينار جي لاءِ پروانہ براءت آهي تہ تو جنهن محل جي لاءِ اسان جي نالي سان ضمانت ورتي هئي اهو اسان ان نوجوان کي عطا ڪري ڇڏيو بلڪ ان کان 70 گنا وڌيڪ نوازيو.“

حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن تحرير کي ڪٽي جلدي سان نوجوان جي مڪان تي تشريف کڻي ويا، اتان ڪان روئڻ جو آواز بلند ٿي رهيو هو. پڇڻ تي ٻڌايو ويو تہ اهو نوجوان ڪالهہ فوت ٿي ويو آهي. غسل ڏيڻ واري بيان ڏنو تہ اُن نوجوان مون کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ وصيت ڪئي تہ منهنجي ميت کي تون غسل ڏجان ۽ هڪ ڪاغذ مون کي ڪفن جي اندر رکڻ جي وصيت ڪئي. جيئن تہ حسبِ وصيت ان جي تدفين ڪئي وئي. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه محرابِ مسجد تان مليل ڪاغذ غسال کي ڏيکاريو تہ بي اختيار پڪارڻ لڳو: وَاللّٰهِ الْعَظِيْم هي تہ اهو ئي ڪاغذ آهي جيڪو مون ڪفن ۾ رکيو هو. هي ماجرو ڏسي هڪ شخص حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ 2 لک درهم جي عوض ضمانت نامو لکڻ جي التجاء ڪئي تہ فرمايائون: ”جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي ويو“ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن سان جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي“. حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اُن مرحوم نوجوان کي ياد ڪري ڳوڙها وهائيندا رهيا.“ (روض الرياحين،ص57.)

جس کو خدائے پاک نے دی خوش نصیب ہے
کتنی عظیم چیز ہے دولت یقین کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شانِ اولياء

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زماني جا آهن. اوهان ملاحظ فرمايو تہ پروردگار عَزَّوَجَلَّ سندس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڪيترو

اختيار عطا فرمايو جو پاڻ دنياوي مڪان جي عوض جنتي محل جو سودو فرمائي ڇڏيو. واقعي الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي ولين جي تمام وڏي شان هوندي آهي. شانِ اولياء سمجهڻ جي لاءِ هي حديث پاڪ ملاحظ فرمايو جيئن تہ سيد الانبياء و المرسلين، جناب صادق ۽ امين صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: ”توري ريا(ڏيکاءُ) بہ شرڪ آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي سان دشمني ڪري اهو الله عَزَّوَجَلَّ سان لڙائي ڪندو آهي، الله تعالي نيڪن، پرهيزگارن، لڪيلن کي دوست رکندو آهي جو غائب ٿين تہ ڳوليا نہ وڃن، حاضر هجن تہ سڏيا نہ وڃن ۽ انهن کي ويجهو نہ ڪيو وڃي، انهن جا دل هدايت جا چراغ هجن، هر رات مٿي ڪان نڪرن.“ (مشڪاة المصابيح، ج. 2، ص. 269، حديث 5328)

## هر نيڪ ٻانهي جو احترام ڪريو

مذڪوره حديث مان معلوم ٿيو تہ بارگاهہ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ مقبوليت جو معيار شهرت ۽ ناموري هرگز ناهي بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ تہ مخلص ٻانها ئي مقبول ٿيندا آهن ۽ هي بہ ضروري ناهي تہ هر ولي جي ولايت جي شهرت ۽ ڌوم ڌام هجي. هي حضرات معاشري جي هر طبقي ۾ هوندا آهن. ڪڏهن مزدور جي صورت ۾، ڪڏهن سبزي ۽ فروٽ ڪپائڻ واري جي صورت ۾ ڪڏهن تاجر يا ملازم جي شڪل ۾. ڪڏهن چوڪيدار ۽ رازي جي روپ ۾ وڏاوڏا اوليا هوندا آهن، هر هڪ انهن جي سڃاڻپ نٿو ڪري سگهي، تنهنڪري اسان کي بہ ڪنهن مسلمان کي حقير نہ سمجهڻ گهرجي. بلڪ ڪجهہ اولياءِ ڪرام باقاعده الله وارا روحاني حاڪم هوندا آهن جيڪي ”روحاني نظام“ سان مربوط (جڙيل) هوندا آهن. انهن الله وارن جي نظرن ۾ اهي دنيا جون رنگينيون ڪجهہ حيثيت ناهن رکنديون، اهي نفوس قدسيہ دنيا جي مقابلي ۾ آخرت کي ترجيح ڏيندا آهن. ايتري تائين جو

انهن وٽ دنيا جي ڪا اهميت ئي ناهي، ڇوتہ انهن کي دنيا جي باري ۾ ڄاڻ هوندي آهي، دنيا جي مذمّت جون حديث سڳوريون انهن جي پيش نظر هونديون آهن. هن ضمن ۾ دنيا جي مذمّت تي مشتمل ڪجھ حديث مبارڪ سماعت فرمايو: جيئن تہ

## (1) آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي حيثيت

حضرت سيدنا مُستَورِد بن شدّاد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيوب، منزه عن العيوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! آخرت جي مقابلي ۾ دنيا ايتري آهي جيئن ڪو پنهنجي هن آڱر کي سمنڊ ۾ وجهي تہ اهو ڏسي تہ هن آڱر تي ڪيترو پاڻي آيو“ (مسلم،ڪتاب الجنة وصفة نعيمها واهلها،باب فناء الدنيا وبيان الحشر يوم القيامة، ص. 1529، حديث 2858)

مفسر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هي بہ فقط سمجهائڻ جي لاءِ آهي نہ تہ فاني ۽ متناهي (يعني انتها کي پهچڻ واري) کي باقي غير فاني ۽ غير متناهي سان (ايتري) بہ نِسبَت ناهي جيڪا پسيل آڱر جي آلاڻ کي سمنڊ سان آهي. خيال رهي تہ دنيا اها آهي جيڪا الله پاڪ کان غافل ڪري، عاقل عارف جي دنيا تہ آخرت جي ٻني آهي، ان جي دنيا تمام ئي عظيم آهي، غافل جي نماز بہ دنيا آهي، جيڪا اهو عزت جي لاءِ ادا ڪري ٿو. عاقل جو کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، جاڳڻ بلڪ جيئڻ مرڻ بہ دين آهي جو حضُور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي سنت آهي، مسلمان ان ڪري کائي پيئي سمهي جاڳي تہ هي حضُور (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جون سنتون آهن. حَياةُ الدُنيا ٻي شي آهي، حيوٰة فی الدُّنيا ۽ حياةٌ لِلدُّنيا ڪجھ ٻي، يعني دنيا جي زندگي، دنيا ۾ زندگي، دنيا جي لاءِ زندگي. جيڪا زندگي

دنيا ۾ هجي پر آخرت جي لاءِ هجي دنيا جي لاءِ نہ هجي، اها مبارڪ آهي. مولانا فرمائن ٿا: شعر

آب درکشتی ہلاک کشتی است
آب اندر زیر کشتی پشتی است

يعني ٻيڙي دريا ۾ رهي تہ نجات آهي، ۽ جيڪڏهن دريا ٻيڙي ۾ اچي وڃي تہ هلاڪ آهي (مراۃ، ج. 7، ص. 3)

## (2) رڍ جو مُئل ٻچو

حضرت سيدنا جابر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمت عالم، نور مجسم، شاہ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڍ جي مُئل ٻچي جي ويجهو گذري ارشاد فرمايائون: ”توهان مان ڪو هي پسند ڪندو تہ هي هڪ درهم جي عوض ملي؟ انهن عرض ڪيو: اسان نہ ٿا چاهيون تہ هي اسان کي ڪنهن بہ شي جي عوض (بدلي ۾)ملي. تہ ارشاد فرمايائين: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! دنيا الله عَزَّوَجَلَّ وٽ هن کان بہ وڌيڪ ذليل آهي جيئن هي توهان جي ويجهو.“ (مشكاة المصابيح، ج. 2، ص. 242، حديث 5157)

مفسرشهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني ٻڪري جو مُئل ٻچو ڪير چار آني ۾ بہ ناهي وٺندو، ڇوجو ان جي کل بيڪار ۽ گوشت وغيره حرام آهي، ان کي ڪير خريد ڪندو! صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ دنيادار کي سيني جهانن جا مرشد هدايت نہ ٿا ڪري سگهن، تارڪ الدنيا ديندار کي سيئي شيطان ملي ڪري گمراھ نہ ٿا ڪري سگهن، دنيادار ديني ڪم بہ ڪندو آهي تہ دنيا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ ديندار دنياوي ڪم بہ ڪندو آهي تہ دين جي لاءِ. (مراۃ، ج. 7، ص. 3)

## (3) دنيا مڇر جي پر کان بہ ذليل آهي

حضرت سيدنا سهل بن سعد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ حسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور، محبوبِ ربِ اڪبر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد عبرت بنياد آهي: ”جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو دنيا جي حيثيت مڇر جي پر جي برابر بہ هجي ها تہ هو هن دنيا ۾ ڪنهن بہ ڪافر کي پاڻي جو هڪ ڍُڪ بہ پيئڻ جي لاءِ نہ ڏئي ها.“ (سنن الترمذي،ڪتاب الزهد،باب ما جاءَ في هوان الدنيا علي الله، ج. 4، ص. 143، حديث 2327)

## (4) دنيا ملعون آهي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: ”هوشيار رهو دنيا لعنتي شي آهي ۽ جيڪو دنيا ۾ آهي اهو بہ لعنتي آهي سواءِ الله تعالٰي جي ذڪر جي ۽ ان جي جيڪو رب عَزَّوَجَلَّ جي قريب ڪري ڇڏي ۽ عالِم جي ۽ طالبِ علم جي.“ (مشڪاة المصابيح،ڪتاب الرقاق،الفصل الاول،2/ 245،حديث5176)

## (5) اللّٰه پاڪ پانهي کي دنيا کان پرهيز ڪرائيندو آهي

حضرت سيدنا محمود بن لَبِيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ طيبہ جي شمس الضحٰي، ڪعبي جي بدر الدجٰي، محمد رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عافيت نشان آهي: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهي کي دنيا کان اهڙي طرح پرهيز ڪرائيندو آهي جهڙي طرح توهان پنهنجي مريض کي کائڻ ۽ پيئڻ جي شين کان پرهيز ڪرائيندا آهيو.“ (شعب الايمان، باب في الزهد و قصر الامل، ج. 4، ص. 144، حديث 2329) ج. 7، ص. 321، حديث 10450)

## (6) درهم جو غلام لعنتي آهي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ مصطفٰي جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان

آهي: ”لعنتي آهي درهم ۽ دينار جو غلام.“ (سنن الترمذي، كتاب الزهد ،ج. 4، ص. 166، حديث 2382)

## (7) مال ۽ عزت جي محبت جي تباهه ڪاري

حضرت سيدنا ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ چوِن ٿا تہ سرڪارِ مدينہ منوره، سردار مڪہ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ٻہ بکيا بگھڙ جن کي ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ڇڏيو وڃي اُهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو مال ۽ عزت جي لالچ انسان جي دين کي نقصان پهچائيندي آهي.“ (سنن الترمذي، كتاب الزهد، ج. 4، ص. 166، حديث 2383)

## (8) دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو آهي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو تہ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”دنيا مومن جي لاءِ قيد خانو ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آهي.“ (مسلم، كتاب الزهد والرقاق ، ص. 1582، حديث 2956)

## (9) فضول تعمير ۾ ڀلائي ناهي

حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، شاهہ عرب، محبوبِ رب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”سيئي خرچ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ آهن سواءِ عمارتن جي اڏاوت جي جو تہ ان ۾ ڀلائي ناهي.“ (سنن الترمذي، كتاب صفة القيامة ج. 4، ص. 218، حديث 2490)

## (10) غير ضروري تعميرات جي حوصلہ شڪني

حضرت سيدنا خبّاب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي، مالڪ ڪون و مڪان، رسول ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”مسلمان کي هر خرچ جي عوض اجر ڏنو ويندو آهي سواءِ هن مٽي جي.“ (مشكوٰة المصابيح،كتاب الرقاق الفصل الثاني ج. 2، ص. 246، حديث 5182)

مفسر شهير، حڪيم الامت، حضرت علامہ مولانا الحاج مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”(سني نيت سان شريعت جي مطابق) کائڻ، پيئڻ، لباس وغيره تي خرچ ڪرڻ تي ثواب ملندو آهي جو هي شيون عبادتن جو ذريعو آهن پر بلا ضرورت مڪان ناهڻ ۾ ڪو ثواب ناهي، تنهنڪري عمارتون ناهڻ جو شوق نہ ڪريو جو ان ۾ وقت ۽ مال ٻنهي جي بربادي آهي. خيال رهي! هتي دنياوي عمارتون اهي بہ بغير ڪنهن ضرورت جي ناهڻ مراد آهن. مسجد، مدرسہ، خانقاه، مسافر خانا (سني نيت سان) ناهڻ تہ عبادت آهي ڇو جو هي تہ صدقاتِ جاريہ آهن. ايئن ئي (سني نيت سان) بقدرِ ضرورت مڪان ناهڻ بہ ثواب آهي جو ان ۾ سڪون سان رهي ڪري اللّٰه تعالٰي جي عبادت ڪندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عقل مند کي گهرجي تہ اهو پنهنجي گذريل زندگيءَ جو جائزو وٺي، پنهنجي گناهن تي شرمنده ٿي ڪري انهن کان سچي توبهہ ڪري، گهڻو دير تائين زنده رهڻ جي ڏوڪي ۾ نہ پوي بلڪ قبر ۽ آخرت جي تياري جي لاءِ فورًا نيڪ ڪمن ۾ لڳي وڃي، دولت ۽ مال ۽ اهل ۽ عيال جي محبّت ۾ نہ نيڪيون ڇڏي نہ گناهن ۾ پوي جو انهن سيني جو ساٿ تہ ڪجهہ گهڙين جو آهي ۽ نيڪيون قبر ۽ آخرت بلڪ دنيا ۾ بہ ڪم ايندين.

امير المومنين حضرتِ سيّدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سڀ کان آخري خُطبو جيڪو ارشاد فرمايو ان ۾ هي بہ آهي: اللّٰه تعالٰي توهان کي دنيا محض ان ڪري عطا فرمائي آهي جو توهان ان جي ذريعي آخرت جي تياري ڪيو ۽ ان ڪري عطا ناهي فرمائي تہ توهان ان جا ئي ٿي وڃو، بيشڪ دنيا محض فاني ۽ آخرت باقي آهي. توهان کي فاني

(دنيا) ڪتي پتڪائي ڪر باقي (آخرت) کان غافل نہ ڪري ڇڏي، فنا ٿي ويندڙ دنيا کي باقي رهڻ واري آخرت تي ترجيح نہ ڏيو ڇوتہ دنيا منقطع ٿيڻ واري آهي.

ہے یہ دنیا بے وفا آخر فنا　　　نہ رہا اس میں گدا نہ بادش

## عبرت ناڪ واقعو

”مدينة الاولياء ملتان“ جي هڪ نوجوان کي مال ڪمائڻ جو شوق هو، پنهنجي وطن، شهر، خاندان وغيره کان پري ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي وينو. خوب مال ڪمائي گهر وارن کي موڪليندو هو، ان جي ۽ گهر وارن جي مشوري سان عاليشان مڪان (ڪوٺي) ٺاهڻ جو طئي ٿيو. هي نوجوان سالن تائين رقم موڪليندو رهيو، گهر وارا مڪان ٺاهيندا ۽ ان کي سينگاريندا رهيا ايستائين جو اهو مڪمل ٿي ويو. هي شخص جڏهن وطن واپس آيو تہ ان عاليشان مڪان (ڪوٺي) ۾ رهائش جي لاءِ تياريون عروج تي هيون پر افسوس! مقدر اهو تہ ان مڪان ۾ منتقل ٿيڻ کان تقريبًا هڪ هفتو پهريان ئي ان نوجوان جو انتقال ٿي ويو ۽ اهو پنهنجي عاليشان مڪان جي بجاءِ قبر ۾ منتقل ٿي ويو.

جب اس بزم سے اٹھ گئے دوست اکثر　　　اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر

یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر　　　یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیونکر

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

جہاں میں ہے عبرت کے ہر سو نمونے　　　مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بو نے

کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے　　　جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سُونے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے

یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪيستائين هن دنيا ۾ غفلت سان زندگي گذاريندا رهنداسين. ياد رکو! هن دنيا کي اچانڪ ڇڏي ڪري رخصت ٿيڻو پوندو. سرسبز باغ، عمده عمده مڪان، وڏا وڏا محل، مال ۽ دولت، هيرا ۽ موتي، سون ۽ چاندي جا زيور ۽ منصب، شهرت ۽ دنياوي تعلقات هرگز ڪم نه ايندا. ان ڪري سمجهدار اهو ئي آهي جيڪو ضرورت جي مطابق حلال ڪمائي ۽ دنياوي ضروريات کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پيچ ڊڪ ڪرڻ سان گڏوگڏ قبر ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ به غور و فڪر ڪندو آهي.

## 60 سال جي عبادت کان بهتر

سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي. آخرت جي معاملي ۾ هڪ گهڙي جي لاءِ غوروفڪر ڪرڻ 60 سالن جي عبادت کان بهتر آهي. (جامع صغير للسيوطي، ص. 365، حديث 5897)

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان کي به غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي ته اسان هن دنيا ۾ ڇو موڪليا وياسين؟ اسان جو مقصد حيات ڪهڙو آهي؟ اڄ تائين اسان پنهنجي زندگي ڪيئن گذاري؟ افسوس! نزع ۽ قبر ۽ حشر ۽ ميزان ۽ پلصراط تي اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان جا اهي عزيز ۽ قريب جيڪي اسان کان پهريان هن دنيا مان رخصت ٿي ويا قبر ۾ معلوم ناهي انهن سان ڇا ٿي رهيو هوندو؟ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اهڙي طرح غوروفڪر ڪرڻ سان دنيا جي لذت کان ڇوٽڪارو، ڊگهي اميد کان نجات موت جي ياد جي برڪت سان نيڪين جي رغبت سان گڏوگڏ گهڻو اجر به حاصل ٿيندو. اهڙي مدني سوچ حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي انتهائي سنو قدم ثابت ٿيندو. ڇو ته دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ ڪثرت سان سنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن. قبر ۽ حشر جي تياري جو

ذهن ڏنو ويندو آهي، پڻ دنياوي ۽ اخروي معاملات کي سني طريقي سان نيائڻ جي سمجهه پيدا ٿيندي آهي. مدني ماحول جي انهن برڪتن سان هزارن بلڪ لکين ماڻهن جون زندگيون سنورجي ويون آهن. ۽ ان خوشبخت مومنن جي سني انجام جو ڪڏهن ڪڏهن اظهار بہ ٿيو آهي. جنهن کي ڏسي ڪري هر سليم الفطرت شخص هن ڳالهہ جو خواهشمند ٿي ويو تہ ڪاش اهڙو ئي ايمان افروز واقعو مون سان بہ ٿي وڃي.

## 70 ڏيهن پراڻي لاش

5 رمضان المبارڪ 1426هـ بمطابق 08_10_2005 بروز ڇنڇر پاڪستان جي مشرقي حصي ۾ خوفناڪ زلزلو آيو جنهن ۾ لکين ماڻهو فوت ٿيا. انهن ۾ مظفرآباد (ڪشمير) جي علائقي ميراتسوليان جي مقيم 19 سالا نسرين عطاريہ بنت غلام مرسلين جيڪا دعوت اسلامي جي هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت فرمائيندي هئي، فوت ٿي وئي. مرحومہ جي والد ۽ ڀين گهر وارن ذوالقعده الحرام 1426 هـ بمطابق 2005_12_10 سومر جي رات تقريبن 10 بجي ڪنهن وجہ کان قبر کي کولي ڇڏيو، يڪدم اچڻ واري خوشبوئن سان دماغ معطر ٿي ويو شهادت کي 70 ڏينهن گذرڻ جي باوجود نصرين عطاريہ جو ڪفن سلامت ۽ جسم بلڪل تر ۽ تازو هئو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جي مدني ماحول جون بہ ڪهڙيون نہ مدني بهارون آهن اچو دنيا جي محبت کان جان ڇڏائڻ، آخرت بهتر بڻائڻ، سنّتن تي عمل ڪرڻ، نيڪين جو ثواب ڪمائڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي

جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو ۽ استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 12 هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي نيّت ڪري ڇڏيو. وڏيڪ پنهنجي مرحوم جي ايصال ثواب جي لاءِ هن مهيني دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي 3 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سفر اختيار فرمايو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪ ماڻهن جي صحبت جي برڪت سان ايمان جي حفاظت، نيڪ نمازي بڻجڻ، سنتن ڀري زندگي گذارڻ جو جذبو پيدا ٿيندو. اللّٰہ عزوجل کان دعا آهي ته اسان جي ايمان جي حفاظت فرمائي، خاتمو بالخير عطا فرمائي، ۽ مني مني محبوب جي قدمن ۾ جڳهه عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ايصال ثواب جي ترغيب جا بيان

### بيان نمبر: 1

## تقسيم رسائل جي ترغيب

### درود شريف جي فضيلت

شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه رسالي ”ڪربلا جو خوني منظر“ ۾ درود شريف جي فضيلت بيان ڪندي ”القول البديع“ مان نقل فرمائن ٿا.

### خوفناڪ بلا

هڪ شخص خواب ۾ خوفناڪ بلا ڏٺي، گهبرائجي پڇيائين: تون ڪير آهين؟ ان جواب ڏنو: مان تنهنجا برا عمل آهيان، پڇيائين تو

ڪان نجات جي ڪهڙي صورت آهي؟ جواب مليو درود شريف جي ڪثرت. (القول البديع، ص. 255)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت سيدنا سعد بن عباده رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جيڪي قبيلي خزرج جا سردار هئا، سرور عالم نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائين. يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي امڙ انتقال ڪري وئي آهي (ان ڪري مان انهن جي طرف کان صدقو ڪرڻ چاهيان ٿو) ڪهڙو صدقو افضل رهندو؟ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”پاڻي“ ته حضرت سعد بن عباده هڪ کوهه کوٽايو ۽ چيو هٰذِهٖ لِاُمِّ سَعْدٍ هي امّ سعد جي لاء آهي. (ابو داؤد، ج. 2، ص. 180، حديث 1681)

منا منا اسلامي ڀائرو! زنده جو مُڙدن جي ايصال ثواب جي لاءِ اعمال صالحه ۽ راه خدا ۾ خرچ ڪرڻ مستحب ۽ مسنون آهي. اسان کي گهرجي ته اسان به پنهنجي مرحومن جي ايصال ثواب جي لاءِ وقت کان وقت ڀلائيءَ جي ڪم ۾ حصو وٺون، ڇو جو ايصال ثواب جو مرحوم کي شدت سان انتظار رهندو آهي.جيئن ته

## ايصال ثواب جو انتظار

سرور عالم نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد خوشبودار آهي. قبر ۾ مڙدي جو حال ٻڏڻ واري انسان وانگر آهي جو اهو شدت سان انتظار ڪندو آهي ته پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي ته ان جي نزديڪ اها دنياومافيها (دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي) کان بهتر هوندي آهي. الله عزوجل قبر وارن کي انهن جي زنده متعلقين جي طرفان

پيش ڪيل ثواب جبلن جي مثل عطا فرمائيندو آهي زندن جو تحفو مڙدن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي. (شعب الايمان، ج. 6، ص. 203، حديث 7905)

منا منا اسلامي ڀائرو! ايصال ثواب جا تمام گهڻا طريقا آهن. مثلاً: ماني کارائڻ، قرآن خواني ڪرائڻ، نعت خواني ڪرائڻ، اجتماعِ ذڪر ۽ نعت جو اهتمام ڪرڻ، مسجدن ۽ مدرسن جي تعميرات ۾ حصو وٺڻ ۽ مڪتبة المدينہ جا مدني رسالا تقسيم ڪرڻ، وغيره. لھٰذا جنهن ۾ اوهان سهولت ۽ آساني سمجهو ايصال ثواب جي لاءِ اُن صورت کي اختيار ڪيو. پر گڏوگڏ مدني رسالا بہ ضرور تقسيم ڪيو جو اهي علم دين ۽ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جو آسان ۽ موثر ذريعو آهن. انهن رسالن کي پڙهي يا ٻڌي ڪري معلوم ناهي ڪيترن جون تقديرون بدلجي ويون ۽ اهي پنهنجن گناهن واري زندگي کان تائب ٿي ڪري صلوات ۽ سنّت جي رستي تي اچي ويا. اچو هن ضمن ۾ هڪ مدني بهار ٻڌو. جيئن تہ:

## مدني رسالي جي برڪت

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گناهن جي اونداهيءَ ۾ گم هئس. غفلت جي اونداهين مون کي دين کان عملاً اهڙي طرح پري رکيو هئو جو نماز، روزي جي ڪجهہ پرواهہ نہ هئي. هڪ ڏينهن جڏهن معمول جي مطابق منهنجا قاري صاحب گهر ۾ مونکي قرآن پاڪ پڙهائڻ آيا تہ ان وقت مان ٽي وي تي ڊرامو ڏسڻ ۾ مصروف هئس، مون چيو: قاري صاحب! توهان تشريف رکو مان ڊرامو ڏسي ڪري اچان ٿو بس ٿورڙو ئي رهجي ويو آهي. قاري صاحب جو حوصلو بہ ڪمال جو هو، ڇِهڪ ۽ ڇڙٻ ڏيڻ جي بجاءِ نهايت ئي شفقت سان انفرادي

ڪوشش ڪندي ان مون کي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جو شايع ٿيل رسالو ٿي وي جون تباه ڪاريون پڙهي ڪري ٻڌايو. رسالو ٻڌي ڪري بي اختيار ندامت ۽ شرمندگي مون تي غالب آئي ۽ مان خوف خدا سان متي ڪان پيرن تائين ڏڪي ويس! قاري صاحب جي نصيحت تي عمل ڪندي مان جڏهن پنهنجي گذريل زندگي جو احتساب ڪيو تہ منهنجو دل روئڻ لڳو تہ افسوس! صد هزار افسوس! مون زندگي جو ايترو وڏو حصو فضوليات ۽ لغويات ۾ضايع ڪري ڇڏيو ۽ مون کي ان جو احساس بہ ڪو نہ ٿيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ پڪو ارادو ڪري ڇڏيو تہ آئنده اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گناهن ڪان بچندو رهندس، نماز جي پابندي ڪندي سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني، ڪوڙ غيبت چغلي ۽ واعدي خلافي وغيره وغيره ڪان بچندو رهندس اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي خوشبودار مدني ماحول منهنجي زندگي ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو ۽ مون جهڙو بگهڙيل انسان بہ سڌرڻ جي لاء تيار ٿي ويو. الله عَزَّوَجَلَّ ڪان دعا آهي تہ اسان کي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرمائي. (فيضان سنت، باب نيڪي جي دعوت، ج. 2، ص. 460)

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار ۾ انفرادي ڪوشش ۽ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبۃ المدينہ جو شايع ڪيل رسالو ”ٽي وي جون تباڪاريون“ پڙهي ڪري ٻڌائڻ جي برڪت جو بيان آهي تہ جڏهن قاري صاحب پنهنجي شاگرد کي ذڪر ڪيل رسالو پڙهي ڪري ٻڌايو تہ ان کي توبہ جي سعادت نصيب ٿي، هو نمازي بڻيو ۽ دعوت

اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيو. ان مان معلوم ٿيو ته مڪتبة المدينہ جا جاري ڪيل مدني رسالا ٻڌڻ، ٻڌائڻ انتهائي فائدي مند آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي خوش نصيب اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينريون هر روز ڪم از ڪم هڪ مدني رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۽ جيڪي صاحب حيثيت هوندا آهن اهي تقسيم به ڪندا آهن توهان به انهن مدني رسالن ڪي پڙهڻ، ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي ترڪيب ڪيو پڻ پنهنجي مرحوم عزيزن جي ايصال ثواب جي لاءِ مختلف وقتن ۾ حسب توفيق انهن ڪي ورهايو به.

بانٹ کر مدنی رسائل دین کو پھیلایئے　　کر کے راضی حق کو حقدارِ جناں بن جایئے

## اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ترغيب

منا منا اسلامي ڀائرو! رسالا تقسيم ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪجهه هن ريت فرمائن ٿا: جنهن جنهن اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ کان ٿي سگهي هڪ مدني بيگ وٺي ۽ ان ۾ حسب توفيق مڪتبة المدينہ جا شايع ڪيل رسالا ۽ بيان جون سي ڊيز وغيره رکو. بيشڪ سڀو ڏينهن نه سهي صرف حسب موقع اهو بيگ پاڻ سان گڏ هجي ۽ رسالا وغيره ٻين کي تحفي جي طور پيش ڪيا وڃن. موقعي جي مناسبت سان اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه کي صرف پڙهڻ جي لاءِ ڏيو، جڏهن هو پڙهي ڪري موٽائي ڏي ته ٻيو رسالو پيش ڪريو. اهڙي طرح سي ڊيز ۽ وڏن ڪتابن جي به ترڪيب ڪري سگهجي ٿي. ايئن ڪرڻ سان توهان بيحد ثواب ڪمائي سگهو ٿا. ۽ ان عمل تي ملڻ واري بي حساب نيڪين کي پنهنجي مرحوم عزيزن کي ايصال ثواب به ڪري سگهو ٿا. پر هي سب ڪجهه خاص پنهنجي کيسي مان هجي ان جي لاءِ چندو نه ڪيو وڃي.

بانٹئے مدنی رسائل مدنی بیگ اپنائے اور حق دار ثوابِ آخرت بن جایئے

# تقسيم رسائل جي لاءِ رسيد

مون ------- پٽ ------ کي مکتبة المدينه جي ڪتابن ۽ رسالن کي تقسيم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو بااختيار نائب ۽ وڪيلِ مطلق ڪيو ته اهو ڪتاب ۽ رسالا پاڻ تقسيم ڪري يا مونکي يا ڪنهن ٻي کي تقسيم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو بااختيار نائب ۽ وڪيلِ مطلق ٺاهي ڇڏي. جيڪڏهن منهنجي آرڊر جون ڪتابون ڪنهن حادثي جي سبب نه ملي سگهن يا ڪنهن وجهه کان خريداري جي لاءِ وڃڻ وقت رقم ڪسجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪتاب ۽ رسالا ورتا ئي نه ويا ته مون کي اطلاع ڏني وڃي ۽ آئنده جا معاملات منهنجي اجازت سان طئي ڪيا وڃن. اوهان جي هٿ ۾ منهنجي رقم ۽ ڪتاب ۽ رسالا امانت آهي. جيڪڏهن هي ڪنهن سبب جي ضايع ٿي ويا ان ۾ توهان جي ڪوتاهي، غفلت يا لاپرواهي نه هئي ته ان جو تاوان توهان جي ذمي نه هوندو ۽ نه ئي مان مطالبو ڪندس.

آرڊر بڪ ڪرائڻ واري جو نالو ولديت سان گڏ:---------------------------

اهڙي ايڊريس جنهن تي رابطو آسان هجي: --------------------------------

---------------------------------------------------------------------------------

فون نمبر:------------------------ دستخط: -------------------

# بيان نمبر 2

# مسجد، مدرسة المدينه ۽ جامعة المدينه جي تعمير

## درود شريف جي فضيلت

اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة پنهنجي رسالي ”احترام مسلم“ ۾ درود پاڪ جي فضيلت بيان ڪندي لکن ٿا تہ مديني جي سردار صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمت نشان آهي: ”قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ منهنجي وڌيڪ ويجهو اهو هوندو جنهن مون تي وڌيڪ درود پاڪ پڙهيا هوندا.“ حوالو

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيت المقدس جي تعمير

ملڪ شام ۾ جنهن جڳهہ حضرت موسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو خيمو لڳايو ويو هئو نيڪ ان جڳهہ حضرت داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام بيت المقدس (مسجد اقصي) جو بنياد رکيو پر عِمارت پوري ٿيڻ کان اڳ ئي حضرت داؤد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي وفات جو وقت اچي پهتو ۽ سندن پنهنجي فرزند حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کي هن عِمارت کي مڪمل ڪرڻ جي وصيت ڪئي، پوءِ حضرت سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جِنَن جي هڪ جماعت کي هن ڪم تي لڳايو ۽ عمارت جي تعمير ٿيندي رهي، ايستائين جو سندن جي وفات جو وقت بہ ويجهو اچي ويو ۽ عمارت مڪمل نہ ٿي سگهي تہ پاڻ هي دعا گهري تہ الٰهي! منهنجي موت جِنَن جي جماعت تي ظاهر نہ ٿئي تہ جيئن اهي برابر عمارت جي تعمير ۾ لڳا رهن، ۽ انهن کي جيڪا غيب جي علم جي دعوي آهي اها بہ باطل ٿي وڃي، اها دعا گهري پاڻ محراب ۾ داخل ٿيا ۽ پنهنجي عادت جي مطابق پنهنجي لٺ تي ٽيڪ لڳائي

عبادت ۾ بيهي رهيا ۽ انهيءَ حالت ۾ سندن وفات ٿي وئي پر مزدور جِنَن اهو سمجهيو تہ سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زنده بيٺا آهن، اهي برابر ڪم ۾ مصروف رهيا ۽ عرصي تائين سندن جو هن حالت ۾ رهڻ جنن جي لاءِ ڪجھ حيرت جو سبب انهيءَ ڪري نہ هو جو انهن ڪيئي ڀيرا ڏٺو هو تہ پاڻ هڪ هڪ مهيني بلڪ ڪڏهن ٻہ ٻہ مهينا برابر عبادت ۾ بيٺل رهندا هئا، غرض هڪ سال تائين وفات ڪان پوءِ پنهنجي لٺ جي سهاري بيٺل رهيا ايستائين جو الله جي حڪم سان اُڏوهي اوهان جي لٺ کي کائي وئي ۽ لٺ جي ڪِرڻ سان پاڻ جو جسم زمين تي تشريف وٺي آيو، ان وقت جِنَن جي جماعت ۽ سڀني انسانن کي خبر پئي تہ سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي وفات ٿي وئي آهي. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص. 190)

حضرت علامہ عبدالمصطفي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هي واقعو نقل ڪرڻ ڪان پوءِ فرمائن ٿا: ”هن قرآني واقعي مان اها هدايت ملي ٿي تہ حضرات نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جا مقدس بدن وفات ڪان پوءِ بہ سڙي ختم ناهن ٿيندا.“ اها بہ خبر پئي تہ جِنَن کي علم غيب ناهي هوندو. وڌيڪ اهو بہ معلوم ٿيو تہ مسجد نهرائڻ انبياء عَلَيۡهِ السَّلَام جو طريقو آهي ڇو جو بيت المقدس جي بنياد حضرت سيدنا داؤد عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام رکي ۽ ان جي تڪميل حضرت سيدنا سليمان عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جِنَن کان ڪرائي. اهڙي طرح مسجد الحرام جي تعمير حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪئي ۽ مسجد نبوي شريف جي تعمير اسان جي پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقينًا مسجد نهرائڻ انهن کي آباد ڪرڻ ۽ انهن سان محبت رکڻ تمام وڏي سعادت آهي ۽ اهو نصيب وارن جو ئي حصو آهي الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ انهن خوش نصيبن ۾ شامل

فرمائي. اچو مسجد جي فضائلن تي مبني 8 فرامين مصطفي ملاحظ فرمايو:

## مسجدون الله عَزَّوَجَلَّ جا گهر آهن

❖ بيشڪ مسجدون زمين ۾ الله تعالي جا گهر آهن ۽ الله تعالي تي حق آهي تہ هو (پنهنجي گهر جي) زيارت ڪرڻ واري جو اڪرام (عزت) ڪري. (معجم ڪبير طبراني، ج. 10، ص. 161، حديث 10324)

## الله پاڪ جي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا

❖ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا ئي الله وارا آهن. (معجم اوسط طبراني، ج. 2، ص. 58، حديث 2502)

## جنّت ۾ گهر

❖ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي چاهيندي مسجد ناهيندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ گهر ناهيندو. (بخاري، ج. 1، ص. 171، حديث 450)

❖ جيڪو رياڪاريءَ ۽ ماڻهن کي ٻڌائڻ جو ارادو ڪرڻ کان بغير مسجد ناهيندو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ گهر ناهيندو. (طبراني اوسط، ج. 5، ص. 184، حديث 7005)

## موتي ۽ ياقوت جو جنّتي محل

❖ جيڪو حلال مال مان مسجد ناهيندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ موتي ۽ ياقوت جو جنّتي محل ناهيندو. (طبراني اوسط، ج. 4، ص. 17، حديث 5059)

❖ جيڪو مسجد ناهي پلي ننڍي هجي يا وڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ محل ناهيندو. (ترمذي، ج. 1، ص. 343، حديث 319)

## نظرِ رحمت

❖ جڏهن ڪو ماڻهو ذڪر يا نماز جي لاءِ مسجد کي ٺڪاڻو بڻائيندو آهي تہ الله پاڪ ان جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي جهڙي طرح جڏهن ڪو گم شده شخص ايندو آهي تہ ان جا گهر وارا ان کان خوش ٿيندا آهن. (ابن ماجه، ج. 1، ص. 438، حديث 800)

## الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب ٻانها

جيڪو مسجد سان الفت رکندو آهي الله تعالي ان سان محبت رکندو آهي. (معجم اوسط طبراني، ج. 4، ص. 400، حديث 6383)

حضرت علامہ عبدالروف مَناوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان جي شرح ۾ لکن ٿا: مسجد سان الفت هن طرح آهي تہ رضاءِ الهي جي لاءِ ان ۾ اعتڪاف، نماز، ذڪرالله ۽ شرعي مسائل سکڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ ويهڻ جي عادت بڻائڻ آهي ۽ الله پاڪ جو انهن ٻانهن سان محبت ڪرڻ اهڙي طرح آهي جو الله تعالي انهن کي پنهنجي رحمت سائي ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو ۽ انهن کي پنهنجي حفاظت ۾ داخل فرمائيندو آهي. (فيض القدير، ج. 6، ص. 112، تحت الحديث 8524)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ثواب جاريہ جا ڪم

حضرت سيّدنا ابُو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ بيشڪ مومن جي مرڻ کان پوءِ بہ ان جي عملن ۽ نيڪين مان جيڪو ڪجهہ ان تائين پهچندو رهندو آهي، انهن مان هڪ تہ اهو علم آهي جيڪو ان ماڻهن کي سيکاريو ۽ پکيڙيو، اها نيڪ اولاد آهي جنهن کي ان ڇڏيو

يا اهو مُصحَف جنهن کي تَرڪي ۾ ڇڏيو يا مسجد ٺهرائي يا نهر جاري ڪرائي يا پنهنجي صحت ۽ زندگي ۾ پنهنجي مال مان اهڙو صدقو ڏنو جنهن جو ثواب ان کي مرڻ کان پوءِ ملندو رهي. (ابن ماجه، ج. 1، ص. 157، حديث 242)

ذڪر ڪيل حديث پاڪ جي مطابق مسجد ٺهرائڻ به ثواب جاريه جي ڪمن مان آهي يعني اهڙا نيڪ ڪم جنهن جو ثواب مرڻ کان پوءِ به ملندو رهندو آهي ان ڪري جيڪڏهن ڪو مسجد ٺهرائي يا ان جي تعمير ۾ حصو ملائي ته اهو اعلي درجي جو نيڪ ڪم آهي جنهن جو ثواب هميشه ملندو رهندو اهڙي طرح تعليمِ علم دين جي لاءِ مدرسةالمدينه، جامعةالمدينه وغيره ٺهرائڻ يا ان جي تعمير ۾ حصو وٺڻ يا مسجد وغيره جي لاءِ زمين يا جائيداد وقف ڪرڻ به تمام وڏي ثواب جاريه جا ڪم آهن جن کي استطاعت هجي اهي پنهنجي ۽ پنهنجي مرحوم عزيزن جي لاءِ ضرور مسجد ۽ مدرسي جي تعمير ڪرائن يا تعمير ۾ حصو ملائن، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مرڻ کان پوءِ انهن جي لاءِ اهي راحت جو سامان ٿيندا.

سڄي دنيا ۾ سنّتون عام ڪرڻ جو درد رکڻ واري مدني تحريڪ يعني عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت جتي متعدد شعبا ۽ مجلسون قائم آهن اتي مجلس جامعةالمدينه ۽ مجلس مدرسةالمدينه به قائم آهن جيڪا جامعات المدينه ۽ مدارس المدينه جا معاملات ڏسندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ تادم تحرير(1437ھ) 422 جامعات بنام" جامعة المدينه" قائم آهن انهن جي ذريعي 25000 کان وڌيڪ طالب ۽ طالبات کي "درس نظامي" (عالم ڪورس) جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي. اهڙي طرح گهٽ ۾ گهٽ2291 مدرسه بنام "مدرسةالمدينه" قائم آهن جن ۾ 113425 (هڪ

لک تيرهن هزارچارسو پنجويهه) طالب ۽ طالبات مفت حفظ ۽ ناظرا جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن.

۽ تادم تحرير (2015 ع)، 64615 (چوهٺ هزارڇهه سو پندرهن) طالب ۽ طالبات حفظ ۽ 179050(هڪ لک اٺاسي هزار پنجاهه) طالب ۽ طالبات ناظرا قرآنِ پاڪ ختم ڪري چڪا آهن. اهڙي طرح مسجدن جي تعمير جي لاءِ مجلس خدام المساجد جي نالي سان هڪ مجلس قائم آهي جيڪا درميانہ هر روز هڪ مسجد جي تعمير ڪري رهي آهي ۽ هاڻي تائين هزارين مسجدون ٺائي چڪي آهي اوهان بہ اُن مجلس کان رابطو ڪري پنهنجي والدين ۽ ٻين عزيزن ۽ قريبن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ مسجد، جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ جي تعمير جي ڪم ۾ معاونت فرمايو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي نہ فقط مدرسہ ۽ جامعات ۽ مسجدون ٺائيندي آهي بلڪ انهن کي آباد بہ ڪندي آهي.

اوهان بہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو، خوب خوب مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي روزانو مدني انعامات جو رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي 10 تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذمي دار کي جمع ڪرايو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو:

## انفرادي ڪوشش جي برڪت

باب المدينہ (ڪراچي) ۾ مقيم هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان گناهن جي سمنڊ ۾ غرق هئس پنهنجي زندگي جا ”انمول هيرا“ غفلت جي نذر ڪري رهيو هئس، رات دير تائين دوستن سان ڪِل ڀوگ ۾ مصروف رهڻ منهنجو معمول هو. 18 رَمَضانُ المُبَارک

1429ھ بمطابق 19 سيپٽمبر 2008ء جو حسب معمول اسان ملي ڪري مذاق مسخري ۾ مشغول هئاسين ۽ ان جي ڪري مجلس ۾ ٽهڪن جو آواز زور سان پئي آيو، ان دوران دعوت اسلامي سان وابستہ هڪ عاشق رسول اسان وٽ تشريف وٺي آيا انهن سلام ڪيو ۽ ويهي رهيا، ان جي اچڻ جي ڪري اسان جي محفل ۾ ڪجھ سنجيدگي اچي وئي، انهن اسان کي نهايت سٺن مدني گلن سان نوازيو، ان جي سهڻي آواز ۽ مدني انداز سان اسان کي ايترو سُرور مليو جو اسان ان جي مِٺَن بُولَن ۾ گم ٿي وياسين، ڪجھ دير بعد اهي وڃڻ لڳا تہ اسان عرض ڪيو: ياءُ! وڌيڪ ڪجھ دير تشريف رکو! ۽ اسان کي سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌايو، نيڪي جي دعوت جو جذبو رکڻ واري اسلامي ڀاء اسان جي درخواست قبول فرمائي، گفتگو جي دوران فڪرِ آخرت ۽ اصلاح امت جو موضوع زير بحث رهيو، ان عاشق رسول جي پُر اثر انفرادي ڪوشش اسان جي دلين تي گهڻو اثر ڪيو، ٻي رات اسان ٻيهر ان جڳھ محفل سجائي ان اسلامي ڀاءَ جي انتظار ۾ هئاسين تہ اميد مطابق اهي تشريف فرما ٿيا ۽ اسان کي دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ هلڻ جي دعوت پيش ڪئي، ان جو ڪردار ۽ گفتار ڏسي ڪري گهٽ ۾ گهٽ مان تہ انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ ان سان گڏ فيضان مدينہ جي پاڪيزه فضائن ۾ پهچي ويس، خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ جو جذبو دل ۾ جاڳائڻ واري روح پَرَوَر مدني ماحول منهنجي دل ۾ مدني انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو ۽ ائين ان عاشق رسول جي ”انفرادي ڪوشش“ جي برڪت سان مون کي دعوت اسلامي جو مدني ماحول نصيب ٿي ويو. (فيضان سنت، باب نيڪي جي دعوت، جلد2،ص542)

ہیں اسلامی بھائی سب ہی بھائی بھائی　　بے حد ہے محبت بھرا مدنی ماحول
تنزل کے گہرے گڑھے میں تھے ان کی　　ترقی کا باعث بنا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني عطيات جا مدني گل

ميّت جي ايصال ثواب جي لاءِ مدني عطيات (چندو) ونڻ وقت جنهن مسجد يا مدرسي وغيره جي تعمير ڪرڻي آهي ان جي مڪمل وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ان ڪري هنن لفظن سان عطيات وصول فرمايو.

## مسجد جي لاءِ مدني عطيات (چندو)

دعوت اسلامي جي شعبي خدام المساجد جي تحت سڄي دنيا ۾ مسجدن جي تعمير ٿيندي رهندي آهي اوهان پنهنجي مرحوم يا مرحومه جي ايصال ثواب جي لاءِ مسجد جي تعمير ۽ ٻين اخراجات جي لاءِ رقم عطا فرمايو. (جنهن ڪان هي رقم ونئي رهيا آهيو ان کي هي سمجهائڻو پوندو)

## مدرسة المدينه ۽ جامعة المدينه جي لاءِ مدني عطيات (چندو)

دعوت اسلامي جي مجلس جامعة المدينه ۽ مدرسة المدينه يا خدام المساجد جي تحت سموري دنيا ۾ جامعة المدينه جي لاءِ جڳهه جي خريداري، جامعة المدينه جي تعمير ٿيندي رهندي آهي ان ڪري اوهان پنهنجي مرحوم يا مرحومه جي ايصال ثواب جي لاء جامعة المدينه يا مدرسة المدينه جي جڳهه جي خريداري، ڪنهن به جامعة المدينه جي تعمير ۽ ان جي ٻين اخراجات جي لاءِ رقم عطا فرمايو.

## مدني مرڪز فيضان مدينه جي لاءِ مدني عطيات (چندو)

دعوت اسلامي جي تحت سموري دنيا ۾ مدني مرڪز فيضان مدينه جي لاءِ جڳهه جي خريداري ۽ ان جي تعميرات ٿيندي رهندي آهي جنهن ۾ مسجد، ديني ڪمن جي لاءِ مڪتب، ۽ مدرسا وغيره تعمير

ڪيا ويندا آهن. اوهان اسان ڪي مدني مرڪز فيضان مدينہ جي جڳھ وٺڻ ۾ ان جي تعميرات ۾ ان جي ٻين خرچن جي لاءِ پنهنجي مرحوم يا مرحومہ جي ايصال ثواب جي لاءِ رقم عطا فرمايو. جنهن ڪان چندو وٺي رهيا آهيو ان کي واضح ڪري ٻڌايو تہ فيضان مدينہ ڇا آهي ان ۾ مسجد، ديني ڪمن جا ڪمرا، مدرسو وغيره تعمير ڪيو ويندو آهي.

## مجلس ايصال ثواب مدرسة المدينہ جا مدني گل

1. جنهن ذميدار کي ڪنهن مرحوم جي لاءِ ايصال ثواب ڪرائڻو هجي تہ متعلق ناظم کي ايس ايم ايس وغيره جي ذريعي نالو لکرائي ڇڏي.
2. هر سومر تي دعاءِ مدينہ ۾ ايصال ثواب ڏيندو.
3. ايصال ثواب جو طريقو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## اعلان

تمام مدني منّا توجهہ فرمائن! اسان هن هفتي جيڪو پڙهيو، يا پڙهايو ان جو ايصال ثواب ڪيون ٿا. پوءِ هنن لفظن سان دعا ڪيو.

## دعا

هن هفتي ۾ جيڪو اسان پڙهيو يا پڙهايو ان تي الله پاڪ جي رحمت سان ملڻ وارو ثواب رحمة للعالمين جي وسيلي، جناب رسالت

مآب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، انبياء ومرسلين، خلفاءِ راشدين، امهات المومنين، شهيدان ۽ اسيران ڪربلا، تمام صحابہ ۽ تابعين ۽ تبع تابعين، ائمہ مجتهدين، خصوصًا چئني امامن ۽ انهن جي مقلدين، چئني سلسلن جي مشائخن ۽ مريدين خصوصًا سرڪار اعلي حضرت ۽ امير اهلسنت، مدني قافلن جي مسافرن، مدني انعامات تي عمل ڪرڻ وارن ۽ وارين ۽ تمام مومنات ۽ مومنين مسلمات ۽ مسلمين، مرحومين دعوت اسلامي ۽ جن مرحومين جا نالا مليا انهن کي ايصال ثواب ڪريون ٿا. يا الله پاڪ!مرحومن جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب      صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

4. ايصال ثواب ڪري جنهن ايس ايم ايس وغيره ڪيو انهن کي ريپلائي ڪيو تہ اسان جي مدرسة المدينہ ۾ هڪ اندازي جي مطابق هفتي ۾ تقريبًا ..... سيپاره پڙهڻ پڙهائڻ جو سلسلو ٿيندو هوندو، اسان اوهان جي موڪليل نالن کي ايصال ثواب ڪري ڇڏيو آهي.

## تجهيز و تڪفين جي متعلق سوال جواب

## (دارالافتاء اهلسنت)

سوال: جيڪڏهن ميّت جي جسم ۾ ڪنهن حادثي جي ڪري سوراخ هجي تہ ان تي ٽاڪا لڳرائڻ ڪيئن؟

جواب: فوتگي کان پوءِ ٽاڪا لڳرائڻ جي اجازت ناهي جو ان ۾ ميّت کي بلاوجہ تڪليف پهچائڻ آهي، ها سوراخن جي مٿان ڪپهہ(روئي) رکي وجي جهڙي طرح ڪن ۽ نڪ وغيره سوراخن ۾ رکڻ جو حڪم آهي.

سوال: جيڪڏهن اسپتال مان ميّت ان حال ۾ آئي جو پٽيون بڌل هجن ته پٽيون کولي ڪري پاڻي وهائڻو پوندو؟

جواب: ڪجهه پٽيون جسم سان ائين چمبڙيل هونديون آهن جو ان کي لاهڻ سان جسم يا وار ڇڪجڻ سان ميّت کي تڪليف ٿيندي، ان ڪري اهڙي پٽي جيڪڏهن هلڪو گرم پاڻي وجهي آساني سان لاهڻ ممڪن هجي ته لاهيو نه ته ڇڏي ڏيو ۽ ڪجهه پٽيون جسم تي چمبڙيل ناهن هونديون. اهڙيون پٽيون ميّت کي تڪليف پهچائڻ کان بغير لاهيون وڃن.

سوال: پوسٽ مارٽم واري ميّت جي سيني کان ڌُنَّ تائين سِلائي تي پلاسٽڪ شيٽ لڳل هوندي آهي ان کي هٽائڻ لازمي آهي؟

جواب: هيءَ پلاسٽڪ شيٽ عام طور تي جسم سان چمبڙيل هوندي آهي جنهن کي لاهڻ ميّت جي لاءِ باعث تڪليف آهي ان ڪري اهڙي شيٽ به جيڪڏهن هلڪي گرم پاڻي وجهڻ سان آساني سان لهي سگهي ته لاهيو نه ته رهڻ ڏيو.

سوال: ميّت جو جيڪڏهن رت وهي رهيو آهي ته وڏيڪ پٽيون ڪري سگهون ٿا يا پلاسٽڪ پيڪنگ جي اجازت آهي؟

جواب: پلاسٽڪ پيڪنگ جي بجاءِ پٽيون ڪيون وڃن.

سوال: ميّت کي استنجاء ڪرائڻ جي لاءِ پلاسٽڪ وغيره جا هٿ استعمال ڪري سگهون ٿا؟

جواب: ڪري سگهو ٿا.

سوال: جيڪڏهن غسل کان پوءِ بہ ميّت جو منهن کليل رهندو هجي تہ ڇا مٿي کان نوڙي تائين پٽي ٻڌي سگهون ٿا؟

جواب: ٻڌي سگهو ٿا.

سوال: جيڪڏهن سڙڻ يا ٻڏڻ وغيره سان ميّت جو جسم ايترو ڳري چڪو هجي جو هٿ لڳائڻ سان کلَ لهڻ يا گوشت جدا ٿيڻ جو يقين هجي تہ ڇا ان صورت ۾ بہ ان کي غسل ڏنو ويندو؟

جواب: جيڪڏهن ميّت جو جسم ڳري چڪو هجي جو هٿ لڳائڻ سان کل لهندي يا گوشت جدا ٿيندو تڏهن بہ غسل ڏينداسين ۽ غسل ڏيڻ جو طريقو اهو آهي تہ ان جي جسم تي هٿ لائڻ کان بغير پاڻي وهايو وڃي.

سوال: شوگر جي مريض جي زخم تي جيت جيڪي اندر تائين وڃي رهيا هوندا آهن ڇا انهن کي صاف ڪرڻ ضروري آهي؟
جواب: ميّت کي تڪليف پهچائڻ کان بچندي جيترو ممڪن هجي صاف ڪيو وڃي.

سول: جيڪڏهن جنازو دير سان ٿيندو هجي تہ غسل ڪڏهن ڏنو وڃي انتقال جي فوراً بعد يا نماز جنازه کان ڪجهہ دير پهريان؟

جواب: انتقال جي فوراً بعد
سوال: قبر جي پٿن تي آگر جي اشاري سان لکڻ ڪيئن آهي؟

جواب: لکي سگهون ٿا.

سوال: اگر تدفين جي دوران اذان مغرب ٿي وڃي يا ٻين نمازن جي جماعت جو وقت ٿي وڃي تہ تدفين ڪئي وڃي يا جماعت سان نماز پڙهي وڃي؟

جواب: جيترن ماڻهن جي تدفين ۾ حاجت آهي اوترا بيهي ڪري تدفين ڪن ۽ ٻيا جماعت سان نماز ادا ڪن.

سوال: ميّت جي پيرن تي گهڻي ميل ڪچيل هجي تي صاف ڪرڻ ضروري آهي يا پاڻي وهائڻ ڪافي آهي؟

جواب: غسل جو فرض ادا ٿيڻ جي لاءِ پاڻي وهائڻ ڪافي آهي البت ميل ڪچيل لاهڻ جي لاءِ صابڻ جو استعمال ڪرڻ جائز آهي.

سوال: مسجد مان جنازي جو اعلان ڪرڻ ڪيئن آهي؟
جواب: جائز آهي.

سوال: اسان وٽ جيڪڏهن ڪو فوت ٿي ويندو آهي تہ نمازي جنازه کان پوءِ حيلو ڪيو ويندو آهي. جنهن جو طريقو هي آهي تہ امام صاحب نماز جنازه کان پوءِ مقتدين سان گڏ دائرو ناهي ڪري بيهندا آهن ۽ قرآن ڪريم کڻي ان جي هيٺان ڪجهہ پيسا رکي ڪري هڪ ٻي جي ملڪ ڪندا آهن ۽ جڏهن امام صاحب وٽ ٻيهر پهچندا آهن تہ امام صاحب دعا ڪندا آهن هڪ ٻي کي ملڪ ڪرڻ جو عمل ڪجهہ ڀيرا ڪندا آهن ۽ هر ڀيري امام صاحب دعا ڪندا آهن. ڇا هي حيلو ڪرڻ درست آهي يا نہ؟ ۽ هن طرح جي حيلي جي ڪري ميّت کي ڪجهہ فائدو بہ ٿيندو يا نہ؟ جڏهن تہ ميّت جي نمازن ۽ روزن جو ڪو حساب ناهي ڪيو ويندو. وضاحت فرمايو..

جواب: ”حيلہ اسقاط“ جو هي طريقو مڪمل درست ناهي. پر ان ۾ جيڪا رقم فقيرن کي ڏني ٿي وڃي ان جي مطابق ميّت جي روزن ۽ نمازن جو فديو ٿي ويندو. ”حيلہ اسقاط“ جو درست طريقو هي آهي تہ ميّت جي سڄي زندگي جي فوت شده نمازن ۽ روزن جو حساب ڪيو وڃي پوءِ جيڪڏهن ميّت وصيت ڪئي آهي تہ ان جي پوري مال جي ٽين حصي مان ۽ جيڪڏهن وصيت نہ ڪئي آهي تہ پنهنجي طرفان ڪجهہ مال ڏئي ڪري يا قرض ڪٽي ڪري فديو ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن مال گهٽ هجي ۽ فديو وڌيڪ هجي تہ ڏي وٺ جو طريقو اختيار ڪيو وڃي اهو بہ جائز آهي. فقهاء ڪرام ان جي جواز جي تصريح فرمائي آهي پر ها ان ۾ هن ڳالهہ جو خيال رکيو وڃي تہ دائري ۾ ويٺل ماڻهو شرعي فقير ئي هجن ڪو بہ غني نہ هجي. جيڪڏهن ڪو غني ويٺل هوندو تہ ان وٽ پهچڻ واري رقم جي مقدار ۾ فديو ادا نہ ٿيندو. هر شرعي فقير ان رقم تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي طرفان ميّت جي نماز روزن جي فديي جي نيّت سان ٻين کي ڏيندو وڃي. ايئن ڦيريندا رهن ايتري قدر جو ميت جي تمام فوت شده نمازن ۽ روزن جو فديو ٿي وڃي. رقم سان گڏ جيڪڏهن قرآن پاڪ بہ آهي تہ قرآن پاڪ جي بدلي ۾ صرف اوترو ئي فديو ادا ٿيندو جيتري قرآن پاڪ جي قيمت آهي اهو سمجهڻ تہ قرآن پاڪ سان سڄو فديو ادا ٿي ويندو، هن جي ڪا اصل ناهي. (فديي جي متعلق تفصيل جي لاءِ 199صفحي جو مطالعو ڪريو)

سوال: بم وغيره ڦاٽڻ جي ڪري ڪڏهن لاشون ڦهيلجي وينديون آهن ۽ انهن جي جسم جا ٽڪڙا ٿي ويندا آهن انهن جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آهي؟

جواب: ڪنهن مسلمان جو اڌ کان وڌيڪ ڌڙ مليو تہ غسل ۽ ڪفن ڏينداسين ۽ جنازي جي نماز پڙهنداسين ۽ نماز کان پوءِ اهو باقي حصو بہ مليو تہ ان تي ٻيهر نماز نہ پڙهنداسين ۽ اڌ ڌڙ مليو تہ جيڪڏهن ان ۾ مٿو بہ آهي تڏهن بہ اهو ئي حڪم آهي ۽ جيڪڏهن مٿو نہ هجي يا لمبائي ۾ مٿي کان پيرن تائين ساڄي يا کاٻي مان فقط هڪ پاسي جو حصو مليو تہ ان ٻني صورتن ۾ نہ غسل آهي نہ ڪفن ۽ نہ نماز بلڪ هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪري ڇڏيو. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 107)

سوال: ميّت کي بلڪل اگهاڙو ڪري غسل ڏيڻ جائز آهي يا نہ؟

جواب: ناجائز آهي ڇو جو مسلمان جي تعظيم زنده ۽ مڙده ٻنهي حالتن ۾ برابر آهي.

سوال: ميّت جا مائٽ ٻين ملڪن ۾ هجن تہ ڇا انهن جي انتظار ۾ دفن ڪرڻ ۾ دير ڪري سگهجي ٿي؟

جواب: حديث ۾ آهي تہ جڏهن توهان مان ڪو مري وڃي تہ ان کي روڪي نہ رکو ۽ ان کي قبر ڏانهن جلدي وٺي وڃو. (مشڪاة، ج. 2، ص. 325، حديث 1717)

جن مائٽن جي اچڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳي تہ اتي انهن جي انتظار ۾ ميّت کي دفن ڪرڻ ۾ دير جي هرگز اجازت ناهي.
سوال: قبر کي پڪو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قبر مٿان کان پڪي ڪرڻ جائز آهي پر بهتر هي آهي تہ مٿان بہ پڪي نہ ڪئي وڃي جڏهن تہ اندران پڪي ڪرڻ بغير ضرورت جي ممنوع ۽ مڪروه آهي. ياد رهي حقيقت ۾ قبر زمين جو اهو حصو

آهي جنهن سان ميّت مليل هوندي آهي تہ ان جي آس پاس ڪو پاسو پڪو ڪرڻ بغير ضرورت جي ممنوع ۽ مڪروه آهي البت ضرورت جي صورت ۾ اندر جو حصو بہ پڪو ڪرڻ جي اجازت آهي.

سوال: ڪجھ علائقا اهڙا آهن جو جڏهن اتي قبر کوٽي ويندي آهي تہ پاڻي جي سطح مٿي هجڻ جي ڪري ٿورو گهڻو پاڻي اچي ويندو آهي، ايترو پاڻي هوندو آهي جو ميّت جي پني آلي ٿي سگهي ٿي. ڇا انهن علائقن ۾ زمين جي مٿان ئي چارديواري ناهي ڪري ميّت کي دفن ڪري سگهون ٿا؟

جواب: ميّت کي زمين تي رکي ڪري ان جي آس پاس ۾ چارديواري ناهڻ شرعاً جائز ناهي. جيترو ٿي سگهي ميّت کي زمين جي اندر دفن ڪرڻ فرض ڪفايہ آهي. ان ڪري باقاعدي زمين کوٽي وڃي ۽ ميّت کي ڪاٺي يا لوھ وغيره جي تابوت ۾ بند ڪري اندر رکيو وڃي.

سوال: عام قبرن تي نالي واري تختي لڳائڻ جو ڇا حڪم آهي؟

جواب: قبر جي سڃاڻپ لاءِ نالي جي تختي لڳائڻ جائز آهي پر انهن تي قرآن پاڪ جون آيتون ۽ اسماءِ مبارڪ نہ لکيا وڃن جو عام طور تي قبرستانن ۾ انهن جي بي ادبي ٿيندي آهي.

سوال: اسان جي علائقي ۾ هي رواج آهي تہ جڏهن ڪو فوت ٿي وڃي تہ دفن ڪرڻ کان پوءِ ڪجھ ڏينهن تائين گل رکيا ويندا آهن اهڙي طرح شب براءت ۽ عيد جي موقعي تي بہ قبرن تي گل ۽ ان جون پتيون رکيون وينديون آهن ڇا قبر تي گل رکڻ جائز آهي ۽ ان جو ڪو فائدو آهي يا نہ؟

جواب: قبر تي گل رکڻ جائز ۽ مستحب آهي جيستائين گل تازه رهندا آهن ميّت کي راحت ملندي آهي، اها ڳالهه حديث پاڪ مان ثابت آهي.

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُما فرمائن ٿا: نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مڪي يا مديني جي باغن مان ڪنهن باغ مان گذريا ته ٻن ماڻهن جي آواز ٻڌي ته انهن تي قبر ۾ عذاب ٿي رهيو آهي نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ته انهن ٻنهي تي عذاب ٿي رهيو آهي ۽ ڪنهن وڏي ڳالهه تي عذاب ناهي ٿي رهيو جنهن کان بچڻ مشڪل هجي پوءِ فرمايائون انهن مان هڪ ماڻهو پنهنجي پيشاب کان نه بچندو هئو ۽ ٻيو چغلي ڪندو هئو پوءِ کجيءَ جي هڪ آلي شاخ گهرائي ان جا ٻه ٽڪرا ڪيا ۽ هر قبر تي هڪ هڪ ٽڪرو رکيو صحابه ڪرام عرض ڪيو. يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ايئن ڇو ڪيو؟ فرمايائون ان ڪري جو جيستائين هي ٻئي شاخون سڪي نه وڃن انهن ٻنهي جي عذاب ۾ گهٽتائي ٿيندي رهندي. (بخاري، ج. 1، ص. 95، حديث 216)

مرقاة ۾ آهي ته ماڻهن ۾ رائج آهي ته خوشبودار گل ۽ کجيءَ جي شاخ قبر تي رکندا آهن اها هن حديث جي ڪري سنّت آهي. (مرقاة المفاتيح، جلد2، ص 53)

سوال: جيڪڏهن عورت جي ميّت هجي ته ان کي ڪفن ۾ شلوار پارائڻ درست آهي يا نه؟

جواب: عورت جي سنّت ڪفن ۾ پنج ڪپڙا آهن. ❖ لفافو ❖ ازار ❖ قميص ❖ پوتي ❖ سينو بند، عورت کي ڪفن ۾ شلوار پارائڻ سنت ناهي ۽ ان جي ڪا حاجت به نه آهي.

سوال: ميّت جي گهر فوتگي واري ڏينهن پري کان جيڪي رشتيدار آيل هوندا آهن انهن جي کائڻ ۽ رات رهڻ جو انتظام ڪرڻ شرعاً ڪيئن آهي؟ جيڪڏهن ڪاڏي جو اهتمام نہ ڪيو وڃي تہ گهڻن ڳوٺن ۾ هوٽل بہ ناهن هوندا جتان مهمان پاڻ وٺي کائن ۽ نہ وري پاڻ کو اهتمام ڪري سگهندا هجن تہ اهڙي صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: مائٽن يا پاڙي وارن جو ميّت جي گهر وارن لاءِ پهرين ڏينهن ايترو کاڌو موڪلڻ جو اهي ان ڪي بہ وقت کائي سگهن سنّت آهي بلڪ اصرار ڪري انهن کي کارائڻ گهرجي. اهڙي طرح پري کان آيلن مان جيڪو اهل ميّت آهي اهو بہ هن کاڌي کي کائي سگهي ٿو. انهن کان علاوه جيڪي ميڙ لڳائي ماڻهو پيل هوندا آهن انهن جي لاءِ ميّت وارن جي کاڌي جي انتظام ۾ مشغول ٿيڻ دعوت ميّت جي زمري ۾ داخل بري رسم آهي. جيڪڏهن ميّت وارن مان ڪو پنهنجي خاص کيسي مان ڪري تڏهن بہ منع آهي ۽ مالِ متروڪ مان ڪري تڏهن بہ، بلڪ ترڪي ۾ جيڪڏهن نابالغ بہ هجن انهن جي حصن مان ڪئي تہ سخت حرام آهي. (فتاويٰ رضويه9/ ص 666)

سوال: جيڪڏهن بہ ماڻهو دنياوي جهڳڙي جي ڪري ناراض هجن انهي دوران انهن مان هڪ مري وڃي تہ دنياوي جهڳڙي جي ڪري زنده ماڻهو جي لاءِ مرڻ واري جي نماز جنازه نہ پڙهڻ تي ڇا حڪم آهي؟

جواب: جيڪو بغير شرعي عذر جي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ مسلمان ڀاءُ کان ناراض رهندو آهي اهو فاسق آهي. حديث پاڪ ۾ هڪ مسلمان جا ٻي مسلمان تي جيڪي حق بيان ڪيا ويا آهن انهن مان هڪ نماز جنازه پڙهڻ بہ آهي ان ڪري جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي نماز

جنازه ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو ان کي بغير عذر جي نہ ڇڏي ۽ دنياوي جهيڙي جي ڪري مسلمان ڀاءُ جي نماز جنازه کي ڇڏڻ تہ هرگز نہ گهرجي.

سوال: غسل ڏيڻ جي دوران ميّت جي منهن ۾ نقلي ٻتيهي، سون جو ڏند، نقلي اک يا لينس وغيره جيڪي نظر جا هوندا آهن انهن جو ڇا حڪم آهي؟

جواب: ان ۾ قاعدو هي آهي تہ اهڙي طرح جون هٿرادو شيون جيڪڏهن باآساني الگ ڪري سگهون ٿا جو ميّت کي تڪليف نہ پهچي تہ الگ ڪرڻ جي اجازت آهي ۽ جيڪڏهن ميّت کي تڪليف ٿيندي تہ نہ.

سوال:ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو جڏهن نئي قبر کوٽي ويندي آهي تہ هڏيون نڪري ايندين آهن اهڙي صورت ۾ ڇا ڪيو وڃي؟

جواب: ڪنهن جڳهہ تي ميّت جي دفن هجڻ جي خبر هجي جيتوڻيڪ سال گذري وڃن ان جڳهہ کي کوٽي ڪري ٻين مردن کي دفن ڪرڻ ناجائز ۽ حرام آهي. ۽ خبر نہ هئي ۽ کوٽائي جي دوران هڏيون نڪتيون تہ انهن کي ٻيهر دفن ڪري ۽ ڪنهن ٻي جڳهہ نئي قبر کوٽي وڃي.

سوال: ڪڏهن هيئن بہ ٿيندو آهي تہ مينهن جي ڪري قبر ۾ ڏار پئجي ويندو آهي تہ ماڻهو جهاتي پائي ڏسندا آهن ائين ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: اتي غور ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن مڙدي کي قبر ۾ بند ڪري الله تبارڪ و تعالي جي حوالي ڪيو ويندو آهي تہ هاڻي عالم برزخ جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي تہ هاڻي هي الله تعالي ۽ مڙدي جي

وچ جا راز هوندا آهن ان ڪري ڪنهن ڪي بہ ان تي مطلع( باخبر) ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ يا قبر ۾ جهاتي پائڻ جي اجازت ناهي.

سوال: جيڪو ننڍو ٻار زنده پيدا ٿي ڪري مري وڃي ۽ ان جو نالو نہ رکيو ويو تہ ڇا بعد ۾ نالو رکڻ ضروري آهي يا نہ ؟ ان جي باري ۾ ارشاد فرمائي ڇڏيو؟

جواب: جيڪو ٻار زنده پيدا ٿي ڪري مري ويو ان جو جنازو بہ ٿيندو ڪفن دفن بہ ٿيندو ۽ ان جو نالو بہ رکيو ويندو، اهڙي طرح جيڪو ٻار زنده پيدا ناهي ٿيو تہ ان جو نالو بہ رکيو ويندو جيڪڏهن اُن وقت جلدي يا صدمي جي ڪري نالو رکڻ وسري ويو ۽ دفن ڪري ڇڏيو تہ پوءِ بہ نالو رکي سگهوٿا.

سوال: ڇا غسل ميّت ۾ استنجاء جي لاءِ ٽيلهي استعمال ڪري سگهجي ٿي؟
جواب: عام طور تي غسل ميّت ۾ استنجاء جي لاءِ استعمال ڪيو ويندڙ ڪپڙو ٽيلهي وانگر هوندو آهي جنهن کي هٿ تي چاڙهي ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿو.

سوال: ڪجهہ علائقن ۾ اڄ ڪلهہ اڪثر طور تي قبرن جي اندر سيمنٽ جا نهيل بلاڪ لڳايا ويندا آهن ۽ مٿان بند ڪرڻ لاءِ بہ سيمنٽ جون نهيل سرون لڳايون ويندايون آهن، تہ ڇا اهڙي طرح دفن ڪرڻ جائز آهي؟

جواب: سيمنٽ چو تہ باهہ مان نهندو آهي ان ڪري سيمنٽ جا بلاڪ يا باهہ جون نهيل سرون قبر جي اندر نہ لڳايون وڃن ۽ جيڪڏهن قبر جي مٽي ڪرڻ جو خدشو آهي تہ اهي سرون يا بلاڪ لڳائڻ کان پوءِ

انهن تي مٽي جو ليپو لڳايو وڃي اهڙي طرح سيمنٽ جي سرن جي اندر واري حصي تي به مٽي جو ليپو ڏنو وڃي ته جيئن ميّت جي هر طرف مٽي ئي مٽي هجي، جيڪڏهن ڪنهن ايئن نه به ڪيو ته هو گنهگار ناهي.

سوال: ڇا مڪروه وقت ۾ نماز جنازه پڙهي سگهون ٿا؟

جواب: جيڪڏهن مڪروه وقت ۾ ئي جنازو آندو ويو ته ان صورت ۾ نماز جنازه جي ادائيگي مڪروه وقت ۾ به ٿي سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن جنازو پهريان کان تيار آهي ۽ مڪروه وقت داخل ٿي ويو ته هاڻي مڪروه وقت ۾ جنازو پڙهڻ جي اجازت ناهي.

سوال: جڏهن ميّت کي غسل ڏنو ويو هجي ۽ ڪفن اڃان نه پارايو ويو هجي، هاڻي رشتيدارن مان ڪو خواهش ڪري ته مان به غسل ۾ شامل ٿيان ته ڇا هو غسل ۾ شامل ٿي سگهي ٿو ان جي باري ۾ ارشاد فرمايو؟

جواب: ميّت جي غسل جي وقت نيڪ ماڻهو شامل ٿين ۽ جيترن ماڻهن جي حاجت آهي صرف اهي ئي ميّت وٽ ويهن ۽ جڏهن غسل ڏنو ويو ته هاڻي ڪنهن کي شريڪ ٿيڻ جي (يا پاڻي وهائڻ جي) اجازت ناهي.

سوال: جيڪڏهن ڪنهن ميّت جي پردي جي جڳهه تي زخم هجي ته ڇا ان زخم جي جاءِ کي ڏسڻ جي اجازت آهي ته جيئن احتياط سان غسل ڏئي سگهون؟

جواب: غسل ڏيڻ جي لاءِ اهڙي زخم کي ڏسڻ جي اجازت ناهي، ها پاڻي وجهڻ ۾ احتياط ڪيو ۽ هٿ وغيره نه ڦيريو.

سوال: جڏهن قبر تي اذان ڏني ويندي آهي تہ ماڻهن کي چيو ويندو آهي تہ توهان هليا وڃو. هاڻي هتي بيهڻ جي ڪنهن کي اجازت ناهي ان حوالي سان رهنمائي ڪيو تہ شرعي اعتبار سان ايئن ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قبر تي اذان ڏيڻ مان مقصود شيطان کي پري ڪرڻ هوندو آهي ۽ روايتن ۾ آهي تہ جڏهن دفن ڪري ماڻهو چاليهہ قدم پري هليا ويندا آهن تہ هاڻي منڪرنڪير جو اچڻ ٿيندو آهي. ان ڪري باقي ماڻهن کي وڃڻ جو چيو ويندو آهي جو اهي هليا وڃن تہ اذان ڏني وڃي پر جيڪڏهن ڪو اتي بيٺو هجي ۽ ان وقت اذان ڏني وڃي تہ ان ۾ شرعًا ڪو حرج ناهي.

سوال: ڪجهہ اسلامي ڀائر دفن ڪان پهريان قبر ۾ لهي ڪري سورة ملڪ جي تلاوت ڪندا آهن اهو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: قبر ۾ لهي ڪري مردي جي آساني جي لاءِ قرآن پاڪ جي جيڪڏهن تلاوت ڪندا آهن تہ اهو جائز آهي ان ۾ حرج ناهي، البت ان ڳالهہ جو خيال رکو تہ جيڪڏهن تدفين جي لاءِ ميّت اچي وئي تہ ان وقت ميّت کي جهلي پوءِ لهي ڪري تلاوت ڪرڻ جي بجاءِ ميّت جي اچڻ کان پهريان ئي تلاوت ڪري ونجي.

سوال: ڪڏهن ڪڏهن گهڻي بارش ۽ پاڻي جمع هئڻ ڪري ڪجهہ قبرون هڪ طرف جهڪي وينديون آهن بلڪ ڪيئي قبرن جي ڪِرَڻ جو بہ خدشو هوندو آهي انهن کي ٻيهر درست ڪرڻ جي باري ۾ مدني گل ارشاد فرمايو؟

جواب: ان صورت ۾ قبر کولڻ جي اجازت ناهي بلڪ ٻاهران ئي قبر کي کهڙي بہ طرح درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. اهڙي طرح جيڪڏهن سليب(تختو) ڪري پيو آهي تہ ان صورت ۾ هڪ ڪپڙو وغيره مٿان وجهي ڪنهن نيڪ صالح متقي ماڻهو کي چئو تہ اهو قبر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ بغير صرف هٿ وجهي سرون درست ڪري پوءِ ٻيون سرون فوري طور تي ڏڪيون وڃن. هن دوران قبر ۾ جهاتي پائڻ جائز ناهي.

سوال: عورت جو قبرستان ۾ فاتحہ جي لاءِ وڃڻ ڪيئن آهي؟

جواب: عورتن کي قبرستان وڃڻ منع آهي، بلڪ مزارات جي حاضري بہ منع آهي، صرف ۽ صرف نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي عورتن کي حاضري جي اجازت آهي، (بلڪ سنّت موڪّده واجب جي قريب آهي) ان کان علاوه ڪنهن بہ مزار يا قبرستان ۾ فاتحہ جي لاءِ عورتن کي وڃڻ منع آهي، اجازت ناهي، گهران ئي فاتحہ پڙهي ان جو ايصال ثواب ڪري.

سوال: ڪڏهن ڪڏهن ميّت کي بطور مجبوري امانت جي طور دفن ڪيو ويندو آهي تہ ان جو ڇا حڪم آهي؟

جواب: امانت طور دفن ڪرڻ تہ بعد ۾ ڪنهن ٻي جڳهہ دفن ڪنداسين، اسلام ۾ ان جي اجازت ناهي، جتي دفن ڪري ڇڏيو اتي ئي رهڻ ڏيو اتان ڪڍي ڪري ڪنهن ٻي جڳهہ منتقل ڪرڻ حرام آهي.

## ”مستعمل پاڻي سان وضوءِ غسل ناهي ٿيندو“ جي 27 حرفن جي نسبت سان مستعمل پاڻي جي متعلق 27 مدني گل

❖ جيڪو پاڻي وضو يا غسل ڪرڻ ۾ جسم کان ڪريو اهو پاڪ آهي پر جيئن تہ هاڻي مستعمل (يعني استعمال شده) ٿي چڪو آهي ان ڪري ان سان وضو ۽ غسل جائز ناهي.

❖ ايئن ئي جيڪڏهن بي وضو شخص جو هٿ يا آڱر جو پورو يا ننهن يا جسم جو ڪو حصو جيڪو وضو ۾ ڌوتو ويندو آهي، اهو ڄاڻي واڻي يا بي خيالي ۾ ڏهہ ڏر ڏهہ (10x10 square feet) کان گهٽ پاڻي ۾ بغير ڌوتل پئجي وڃي تہ اهو پاڻي وضو ۽ غسل جي لائق نہ رهيو.

❖ اهڙيءَ طرح جنهن تي غسل فرض هجي ان جي جسم جو ڪو اڻ ڌوتل حصو پاڻيءَ سان لڳي وڃي تہ اهو پاڻي وضوءَ ۽ غسل جي ڪم جو نہ رهيو.

❖ جيڪڏهن ڌوتل هٿ يا ڌوتل جسم جو ڪو حصو پئجي وڃي تہ حرج ناهي.

❖ حائضہ(حيض واري) حيض سان يا نفاس واري نفاس سان پاڪ ٿي چڪي هجي پر اجان غسل نہ ڪيو هجي تہ اُن جي جسم جو ڪو عضو يا حصو ڌوئڻ کان پهرين جيڪڏهن ده درده (10x10 square feet) کان گهٽ پاڻيءَ ۾ پيو تہ اهو پاڻي مستعمل ( يعني استعمال شده) ٿي ويندو.

❖ جيڪو پاڻي گهٽ ۾ گهٽ ده در ده هجي اهو وهندڙ پاڻي ۽ جيڪو ده در ده کان گهٽ هجي اهو بيٺل پاڻي جي حڪم ۾ هوندو آهي.

❖ عمومًا غسل خاني جا ٽب، گھريلو استعمال جا ڏول، بالٽي، پتيلا، لوٽا وغيره ده در ده کان گھٽ هوندا آهن انهن ۾ پريل پاڻي بينل پاڻي جي حڪم ۾ هوندو آهي.

❖ اعضاء وضو مان جيڪڏهن ڪو عضو ڌوئي ڇڏيو هئو ۽ ان کان پوءِ وضو ٽوڙڻ وارو ڪو عمل نہ ٿيو هيو تہ اهو ڌوتل حصو بينل پاڻي ۾ وجهڻ سان پاڻي مستعمل نہ ٿيندو.

❖ جنهن شخص تي غسل فرض ناهي ان جيڪڏهن ٺونٺ سميت هٿ ڌوئي ڇڏيو هجي تہ پورو هٿ ايستائين جو ٺونٺ جي بعد وارو حصو بہ بينل پاڻي ۾ وجهڻ سان پاڻي مستعمل نہ ٿيندو.

❖ باوضو يا جنهن جو هٿ ڌوتل آهي ان جيڪڏهن ٻيهر ڌوئڻ جي نيّت سان وڌو ۽ اهو ڌوئڻ ثواب جو ڪم هجي مثلاً ڪاڌو کائڻ يا وضو جي نيّت سان بينل پاڻي ۾ وڌو تہ مستعمل ٿي ويندو.

❖ حيض يا نفاس واري جو جيستائين حيض يا نفاس باقي آهي بينل پاڻي ۾ بغير ڌوتل هٿ يا جسم جو ڪو حصو وجهندي پاڻي مستعمل نہ ٿيندو ها جيڪڏهن اهو بہ ثواب جي نيّت سان وجهندي تہ مستعمل ٿي ويندو. مثلاً ان جي لاءِ مستحب آهي تہ پنجن ئي نماز جي وقت ۾ ۽ جيڪڏهن اشراق ۽ چاشت ۽ تهجد جي عادت رکندي هجي تہ ان وقت ۾ باوضو ڪجھ دير ذڪر ۽ درود ڪري وٺي تہ جيئن عبادت جي عادت باقي رهي تہ هاڻي انهن جي لاءِ وضو جي نيّت سان ڌوتل هٿ بينل پاڻي ۾ وجهندي تہ پاڻي مستعمل ٿي ويندو.

❖ پاڻي جو گلاس لوٽو يا بالٽي وغيره ڪڍندي وقت احتياط ضروري آهي تہ جيئن اڻ ڌوتل آڱر پاڻي ۾ نہ پوي.

❖ وضو جي دوران جيڪڏهن حدث ٿيو يعني وضو ٽٽڻ وارو ڪو عمل ٿيو تہ جيڪي اعضا پهريان ڌوئي چڪا هئا اهي اڻ ڌوتل ٿي ويا ايستائين جو جيڪڏهن بہ ڪ ۾ پاڻي هئو تہ اهو بہ مستعمل ٿي ويو.

❖ جيڪڏهن وضو ۽ غسل جي دوران ٽٽڻ وارو عمل ٿيو تہ صرف اعضاءِوضو اڻ ڌوتل ٿيا جيڪي جيڪي اعضاءِ غسل ڌوپي چڪا آهن اهي اڻ ڌوتل نہ ٿيا.

❖ نابالغ يا نابالغہ جو پاڪ جسم چو نہ بينل پاڻي مثلاً پاڻي جي بالٽي يا ٽب وغيره ۾ مڪمّل ٻڏي وجي تڏهن بہ پاڻي مستعمل نہ ٿيندو.

❖ سمجهدار ڇوڪرو يا سمجهدار ڇوڪري جيڪڏهن ثواب جي نيّت سان مثلاً وضو جي نيّت سان بينل پاڻي ۾ هٿ جي آڱر يا ان جو ننهن بہ جيڪڏهن وجهندو تہ پاڻي مستعمل ٿي ويندو.

❖ غسل ميّت جو پاڻي مستعمل آهي جڏهن تہ ان ۾ ڪا نجاست نہ هجي.

❖ جيڪڏهن ضرورت سبب بينل پاڻي ۾ هٿ وڌو تہ پاڻي مستعمل نہ ٿيو مثلاً ديگ يا وڏي مٽڪي يا درم ۾ پاڻي آهي ان کي جهڪائي ڪري نہ ٿا ڪڍي سگهون ۽ نہ ئي ننديو ڪو ٿانءُ آهي جو ان سان ڪڍي ونون تہ اهڙي مجبوري جي صورت ۾ بقدر ضرورت بغير ڌوتل هٿ پاڻي ۾ وجهي ان مان پاڻي ڪڍي سگهون ٿا.

❖ سني پاڻي ۾ جيڪڏهن مستعمل پاڻي ملي وجي ۽ جيڪڏهن سنو پاڻي وڌيڪ آهي تہ سڀ سنو ٿي ويو مثال طور وضو يا غسل جي

دوران لوٽي يا مٽڪي ۾ قطرا ڪريا تہ جيڪڏهن سنو پاڻي وڌيڪ آهي تہ اهو وضو ۽ غسل جي ڪم جو آهي نہ تہ سڄو ئي بيڪار ٿي ويو.

❖ پاڻي ۾ اڻ ڌوتل هٿ پئجي ويو يا ڪنهن طرح مستعمل ٿي ويو ۽ چاهيو تہ هي ڪم جو ٿي وڃي تہ جيترو مستعمل پاڻي آهي ان کان وڌيڪ مقدار ۾ سنو پاڻي ان ۾ ملائي وٺو، سڀ ڪم جو ٿي ويندو.

❖ هڪ طريقو هي بہ آهي تہ ان ۾ هڪ پاسي کان پاڻي وجهو جو ٻي پاسي کان وهي وڃي سڀ ڪم جو ٿي ويندو.

❖ مستعمل پاڻي پاڪ هوندو آهي ان سان جيڪڏهن ناپاڪ بدن يا ڪپڙا وغيره ڌوئينداسين تہ پاڪ ٿي ويندا.

❖ مستعمل پاڻي پاڪ آهي ان جو پيئڻ يا ان سان ماني ڪائڻ جي لاءِ اٽو ڳوهڻ مڪروهہ تنزيهي آهي.

❖ چپن جو اهو حصو جيڪو عادتن چپ بند ڪرڻ کان پوءِ ظاهر رهندو آهي وضو ۾ ان جو ڌوئڻ مستحب آهي ان ڪري لوٽي يا گلاس سان پاڻي پيئڻ ۾ احتياط ڪئي وڃي جو چپ جو ذڪر ڪيل حصو ٿورو بہ پاڻي ۾ پوندو تہ پاڻي مستعمل ٿي ويندو.

❖ جيڪڏهن باوضو آهي يا گرڙي ڪري چڪو آهي يا چپن جو اهو حصو ڌوئي چڪو آهي ۽ ان کان پوءِ وضو ٽوڙڻ وارو ڪو عمل واقع نہ ٿيو تہ هاڻي پوڻ سان پاڻي مستعمل نہ ٿيندو.

❖ کير، ڪافي، چانهہ، ميون جي رس وغيره مشروبن ۾ بغير ڌوتل هٿ وغيره پوڻ سان مستعمل ناهن ٿيندا ۽ انهن سان تہ هونءَ بہ وضو يا غسل ناهي ٿيندو.

❖ پاڻي پيئندي مُڇن جا بغير ڌوتل وار گلاس جي پاڻي ۾ لڳا تہ پاڻي مستعمل ٿي ويو ان جو پيئڻ مڪروه آهي جيڪڏهن باوضو هئو يا مڇون ڌوتل هيون تہ شرعاً حرج ناهي. (مستعمل پاڻي جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاوي رضويه مخرج، ج. 2، ص. 37 - 248 بهارِ شريعت، ج. 2، ص. 333 - 334 ۽ فتاوي امجديه، ج. 1، ص. 14-15 ملاحظه فرمايو) (اسلامي ڀينرن جي نماز، ص. 26)

## اسراف کان بچڻ جي لاءِ مدني گل

شيخ طريقت اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "وضو جو طريقو" ۾ ڏنل مدني گلن جي روشني ۾اسراف کان بچڻ جي لاءِ ڪجهہ مدني گل ملاحظ فرمايو ۽ پاڻ کي اسراف کان بچايو.

❖ اسراف شيطاني ڪم آهي، حضرتِ سيّدُنا اَنس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي: وضو ۾ تمام گهڻو پاڻي وهائڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي ۽ اهو ڪم شيطان جي طرفان آهي. (ڪنزالعمال ج 9 ص 144 رقم الحديث 26255)

❖ اڄ تائين جيترو بہ ناجائز اسراف ڪيو آهي ان کان توبهہ ڪري اڳتي ان کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش شروع ڪريو.

❖ جامع قول اهو آهي تہ سليقي کان ڪم ونو، اِمَام شَافِعِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڇا خوب فرمايو آهي: "سليقي سان ڪٺو تہ ٿورو بہ ڪافي ٿي ويندو آهي ۽ بد سليقي سان تہ تمام گهڻو بہ ڪفايت ناهي ڪندو." (فتاوي رضويه، ج. 1، ص. 1042)

## وضو ۾ اسراف کان بچڻ جي لاءِ مدني گل

بهارشريعت ۾ آهي: وهنجارڻ وارو طهارت وارو هجي. ان ڪري ميّت کي غسل ڏيڻ واري کي گهرجي تہ پهريان اهو پاڻ وضو ڪري وٺي.

وضو ۾ اسراف کان بچڻ جي لاءِ هنن مدني گلن جي مطابق عمل جي ڪوشش ڪيو.

❖ وضو ڪرڻ وقت ٽونٽي احتياط سان کوليو، وضوءَ جي دوران ڪوشش ڪريو تہ هڪ هٿ ٽونٽيءَ جي مٿان هجي ۽ ضرورت پوري ٿيڻ ڪانپوءِ هرهر ٽونٽي بند ڪندا رهو.

❖ مسواڪ، ڳرڙي، ڳرڙا، نڪ جي صفائي، ڏاڙهي ۽ هٿن پيرن جي آڱرين جو خِلال ۽ مَسح ڪرڻ وقت هڪ بہ ڦڙو نہ ڪري ۽ ائين چڱيءَ طرح ٽونٽي بند ڪرڻ جي عادت بڻايو.

❖ ڪجھ ماڻھو بُڪ ۾ پاڻي اهڙيءَ طرح وجھندا آهن جو پاڻي وهڻ لڳندو آهي حالانڪ جيڪو پاڻي هارجي ويو سو بيڪار ٿي ويو ان معاملي ۾ احتياط ڪرڻ گھرجي .

❖ اهو ضروري ناهي تہ هر بُڪ پريل هجي پر جنهن ڪم جي لاءِ بُڪ پريو ان جو اندازو ڪيو مثال طور نڪ ۾ نرم هڏيءَ تائين پاڻي چاڙهڻ جي لاءِ سڄي بُڪ جي ڪهڙي ضرورت، اڌ بہ ڪافي آهي بلڪ پريل بُڪ ڳرڙيءَ جي لاءِ بہ نہ ڪٽو.

❖ ٽونٽيءَ جي مقابلي ۾ ڪؤنري سان وضو ڪرڻ ۾ پاڻي گھٽ خرچ ٿيندو آهي جنهن ڪي آساني ٿي سگھي تہ اهو ڪؤنري سان وضو ڪري ۽ جيڪڏهن ٽونٽيءَ کان سواءِ گذارو نہ ٿئي تہ ممڪن صورت ۾ اهو بہ ڪري سگھجي ٿو تہ جن جن عضون ۾ آساني محسوس ڪري اهي ڪؤنري سان ڌوئي. ٽونٽيءَ سان وضو ڪرڻ جائز آهي بس ڪهڙي بہ طرح اسراف کان بچڻ جي ڪا صورت ڪڍڻ گھرجي.

## غسل ميّت ۾ اسراف کان بچڻ ۽
## گهٽ پاڻي استعمال ڪرڻ جي لاءِ مدني گل

❖ ميّت کي غسل ڏيندي وقت به پاڻي استعمال ڪرڻ ۾ انتهائي محتاط طريقو اختيار ڪيو ۽ اسراف کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪيو نه ته بي ڌياني ۾ تمام گهڻو پاڻي ضايع ٿي ويندو.

❖ غسل ميّت جي لاءِ لوٽو استعمال ڪيو، ڦوهاري (shower) يا پائپ سان غسل ڏيڻو پئجي وڃي ته پاڻي جو وهڪرو مناسب رکو ۽ هاڻي ٽي دفعا ڌوئڻ جي به حاجت ناهي جو وهندڙ پاڻي ۾ عضو ڌوئڻ وقت ٿوري دير پاڻي وهائڻ سان ٽن ڀيرن جي سنّت ادا ٿي ويندي آهي.

❖ غسل ميّت ۾ ڪارائين تائين هٿ ڌورائڻ، گرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ ناهي تنهنڪري ان کان بچو.

❖ ميّت جي ڏندن، مهار ۽ نڪ جي ناسن وغيره کي ڪپهه سان صاف ڪرڻ جي لاءِ لوٽي ۾ ٿورو پاڻي ڪٽي ضرورت جي مطابق ڪپهه پچايو ۽ ڪم ۾ آڻيو(هٿ ۾ ڪپهه رکي مٿان وهائڻ ۾ پاڻي وڌيڪ خرچ ٿيندو).

❖ ڪنهن ٿانو(بالٽي، ٽپ وغيره) ۾ محتاط اندازي سان اوترو پاڻي ڪڍو جنهن سان سنّت جي مطابق غسل ٿي وڃي.

❖ استنجاء ڪرائڻ وقت نجاست نه هجڻ جي صورت ۾ ٿورو پاڻي ڪفايت ڪندو آهي.

❖ اهڙي طرح آخر ۾ ڪافور ملائي ڪري پاڻي وهائڻ جي لاءِ به هڪ اڌ لوٽو ڪافي آهي.

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

❖ غوروفڪر ڪيو تہ اهڙي صورت متّعين (يعني مقرّر) تي وجي جو وضو ۽ غسل بہ سنّت جي مطابق ٿئي ۽ پاڻي بہ گهٽ کان گهٽ استعمال ٿئي. پنهنجو پاڻ کي ڊيڄاريو تہ قيامت ۾ هڪ هڪ ذري ۽ قطري قطري جو حساب ٿيڻو آهي.

وڌيڪ معلومات جي لاءِ شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي رسالي ”وضو جو طريقو“ جو مطالعو فرمايو:

## مخنّث (کدڙي) جي غسل ۽ ڪفن جي تفصيل

سوال: ڇا کدڙي (مخنّث، خُنثيٰ) کي بہ غسل ڏنو ويندو؟

جواب: مسلمان کدڙي (مخنّث، خُنثي) کي بہ غسل ۽ ڪفن ڏنو ويندو.

سوال: اهي مرد هوندا آهن يا عورت؟

جواب: انهن مان ڪجهہ ۾ مرد ۽ ڪجهہ ۾ عورت جون علامتون هونديون آهن انهي سبب انهن تي مرد يا عورت جو حڪم لڳايو ويندو. ڪجهہ اهڙا بہ هوندا آهن جن ۾ يا تہ مرد ۽ عورت ٻنهي جون علامتون هونديون آهن يا انهن مان ڪا بہ علامت ناهي هوندي انهن کي خنثيٰ مشڪل چوندا آهن.

سوال: خنثيٰ جيڪڏهن مرد جي حڪم ۾ هجي تہ ان جي غسل ۽ ڪفن جي ڪهڙي تفصيل آهي؟

جواب: ان جون بہ صورتون آهن يا اهو بالغ هوندو يا نابالغ، ٻنهي صورتن ۾ اهو ئي حڪم آهي جيڪو ڇوڪري ۽ مرد جو آهي يعني نابالغ ڇوڪري ۽ مرد کي جنهن طرح غسل ۽ ڪفن ڏنو ويندو انهن

ڪي بہ اهڙي طرح ڏنو ويندو. ان جي سڃاڻپ هي آهي تہ ٻار ۾ جيڪڏهن مرد ۽ عورت ٻنهي جون شرمگاهون هجن ۽ اهو مرد واري شرمگاہ مان پيشاب ڪندو هجي يا ٻنهي جڳهن مان ڪندو هجي پر پهريان مرد واري شرمگاہ مان تہ ان تي ڇوڪري جو حڪم هوندو ۽ بالغ ٿيڻ کان پوءِ مردن واريون علامتون مثال طور ڏاڙهي وغيره ظاهر ٿي تہ مرد جي حڪم ۾ آهي.

سوال:خنثي جيڪڏهن عورت جي حڪم ۾ هجي تہ ان جي غسل ۽ ڪفن جي ڪهڙي تفصيل آهي؟

جواب: ان جون ٻہ ٻہ صورتون آهن يا تہ اها بالغہ هوندي يا نابالغہ ٻنهي صورتن ۾ اهو ئي حڪم آهي جيڪو ڇوڪريءَ ۽ عورت جو آهي يعني نابالغہ ڇوڪرِيءَ ۽ عورت ڪي جهڙي طرح غسل ۽ ڪفن ڏنو ويندو اهڙي طرح انهن ڪي بہ ڏنو ويندو.. ان جي سڃاڻپ هي آهي تہ ٻار ۾ جيڪڏهن مرد ۽ عورت ٻنهي جون شرم گاهون هجن ۽ اهو عورت واري شرمگاہ مان پيشاب ڪري يا ٻنهي جڳهن مان ڪري پر پهريان عورت واري شرمگاہ مان تہ ان تي ڇوڪريءَ جو حڪم لڳايو ويندو ۽ بالغ ٿيڻ کان پوءِ عورتن واريون علامتون مثلا سينو عورتن وانگر اُڀري اچڻ، حيض اچڻ وغيره ظاهر ٿين تہ عورت جي حڪم ۾ آهي.

سوال: ۽ خُنثٰي مشڪل جي ڪفن ۽ دفن جي ڪهڙي تفصيل آهي؟

جواب: ان جون ٻہ ٻہ صورتون آهن جيڪڏهن ننڍو آهي ۽ شهوت جي حد تائين نہ پهتو آهي تہ مرد ۽ عورت ٻئي ان ڪي غسل ڏئي سگهن ٿا ۽ ڪفن ڇوڪرين وانگر ڏنو ويندو پر ريشم وغيره جي ڪپڙي جيڪي مردن ڪي منع آهن انهن ۾ ڪفن نہ ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن حد

شهوت تائين پهچي چڪو يا بالغ آهي ته ان کي غسل نه ڏنو ويندو بلڪ ان کي تيمم ڪرايو ويندو ۽ تيمّم ڪرائڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو لپيٽي ڪري تيمّم ڪرائي. جيڪڏهن ذي رحم محرم هجن جيئن ماءُ پيءُ، ڀيڻ، ڀاءُ وغيره ته اهي بغير ڪپڙو ويڙهي تيمّم ڪرائي سگهن ٿا. ان جي سڃاڻپ هي آهي ته ٻار ۾ جيڪڏهن مرد ۽ عورت ٻنهي جون شرمگاهون هجن ۽ اهو ٻنهي جڳهن کان هڪ ئي وقت پيشاب ڪندو هجي يا ٻنهي شرمگاهن جي بجاءِ پيشاب ۽ پاخاني جي لاءِ هڪ سوراخ هجي ۽ بالغ ٿيڻ کان پوءِ مرد ۽ عورت واريون علامتون مثال طور ڏاڙهي، عورت جي ڇاتيءَ وانگر ڇاتي اُڀرڻ وغيره ظاهر ٿين ته ان صورت ۾ خُنثٰي مشڪل جو حڪم آهي.

سوال: انهن جي نماز جنازه جي باري ۾ ٻڌايو؟

جواب: خُنثٰي مشڪل نابالغ جي نماز جنازه ۾ نابالغ ڇوڪري جي دعا پڙهو ۽ باقي تمام ۾ جنهن تي جيڪو حڪم هجي ان جي مطابق پڙهو.

## ڪتاب جو خلاصو

## موت جون علامتون ڏسو ته هي 4 ڪم ڪيو

❖ جڏهن موت جو وقت ويجهو اچي ۽ علامتون ڏسو ته مرڻ واري کي سڌي پاسي تي ليٽائي ڪري منهن قبلي جي طرف ڪري ڇڏيو يا ❖ سڌو لٽائي ڪري قبلي جي طرف پير ڪيو ۽ مٿي کان وهاڻو وغيره رکي ڪري مٿي ڪيو ته جيئن منهن قبلي ڏانهن ٿي وڃي. ۽ ❖ جيڪڏهن قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ مشڪل هجي ۽ تڪليف ٿيندي هجي ته جهڙي حالت ۾ آهي انهيءَ حالت ۾ رهڻ ڏيو. ❖ خوشبو جي لاءِ لوبان يا اگربتيون ٻاري ڇڏيو. ❖ يٰسين شريف جي تلاوت ڪيو

(جيڪي اتي موجود هجن انهن کي گهرجي تہ مٿو جهڪائي خاموشي سان تلاوت ٻڌن). ❖ تلقين ڪيو يعني ان جي پرسان بلند آواز سان پڑهو اَشْهَدُ اَنْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰه تہ جيئن مرڻ واري کي ڪلمو ياد اچي ۽ ان جو آخري ڪلام ڪلمو شريف هجي.

## ”غسل ۽ ڪفن جي لاءِ رابطو ڪرڻ واري کي هي مدني گل پيش ڪيو“

اهل ميّت سان تعزيت ڪيو مثلاً هيئن چئو: اللّٰه پاڪ اوهان کي صبرِجميل عطا فرمائي، هن مصيبت تي اجر عظيم ڏي ۽ مرحوم جي مغفرت فرمائي. (پوءِ هي مدني گل پيش ڪيو) ❖ ميّت جون اکيون جيڪڏهن کليل آهن تہ بند ڪري ڇڏيو. ❖ هڪ ويڪري پٽي ڄاڙيءَ جي هيٺان کان مٿي تي کڻي وجي ڳنڍ ڏئي ڇڏيو تہ جيئن منهن کليل نہ رهي. ❖ منهن قبلي جي طرف ڪري ڇڏيو ❖ ميّت جون آڱريون، هٿ ۽ پير سڌا ڪري ڇڏيو. ❖ ٻنهي پيرن جا آڱوٺا ملائي ڪري نرمي سان ٻڌي ڇڏيو. ❖ ميّت جي پيٽ تي مناسب وزن جي ڪا شيءِ (چادر يا ڪمبل وغيره ضرورت جي مطابق ويڙهي ڪري) رکو تہ جيئن پيٽ سُڄِي نہ وڃي. ❖ پاڻي گرم ڪرڻ جو انتظام ڪيو ۽ وڏيڪ هن شين جو انتظام ڪيو! ❖ غسل جو تختو ❖ اگربتي ❖ ماچس ❖ ٻہ ٽلهيون چادرون(ناسي هجن تہ بهتر آهي). ❖ ڪپهہ ❖ وڏي رومال وانگر ڪپڙن جا ٻہ ٽڪر(استنجاء وغيره جي لاءِ) ❖ٻہ بالٽيون ❖ ٻہ ڪپا ❖ صابڻ ❖ بير جا پن ❖ ٻہ ٽوال ❖ ڪفن جو بغير سِبيل وڏي ويڪر وارو ڪپڙو. ❖ قينچي ❖ سوئي ڌاڳو ❖ ڪافور ❖ خوشبو ❖ ( پنهنجي پهچڻ جو اندازو لڳائي وقت ٻہ ٻڌائي ڇڏيو)

## غسل ميّت کان پهريان جا 4 ڪم

❖ تختي کي دهوني ڏيو يعني اگربتيون يا لوبان ٻاري ڪري ٽي، پنج يا ست ڀيرا غسل جي تختي جي چوڌاري گهمايو. ❖ ميّت کي تختي

تي ليٽايو. ❖ نرمي سان ڪپڙا لاهيو يا ضرورتاً ڪٽيو پر بي پردگي نہ ٿئي. ❖ ڌنّ کان گوڏن جي هيٺ تائين گهاٽي رنگ جي ٿلهي ڪپڙي سان جسم کي ڍڪيو.

## غسل ميّت جا 7 مرحلا

❖ استنجاء ڪرائڻ (استنجاء ڪرائڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي)

❖وضو ڪرائڻ (هن ۾ گرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ ناهي ان ڪري ڪپهہ پڄائي ڪري ڏندن، مهارن، چپن، ناسن تي ڦيريو پوءِ تي پيرا منهن ۽ تي پيرا نونئين سميت ٻئي هٿ ڌورائيو، هڪ پيرو سڄي مٿي جو مسح، پوءِ تي پيرا ٻئي پير ڌورائيو). ❖ ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار ڌوئڻ ❖ ميّت کي کاٻي پاسي تي ليٽائي ڪري ساڄو پاسو ڌوئڻ

❖ ميّت کي ساڄي پاسي تي ليٽائي ڪري کاٻو پاسو ڌوئڻ ❖ پٺيءَ کي سهارو ڏيندي ويهاري ڪري نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيرڻ (پردي جي مقام تي نہ نظر ڪري سگهون ٿا ۽ نہ بغير ڪپڙي جي هٿ لڳائي سگهون ٿا). ❖ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهائڻ(ڪافور مليل پاڻي جو هڪ ڪپو ڪافي آهي).

## ڪفن ڪٽڻ جا 7 مرحلا

❖ ڪفن جي لاءِ تقريبًا پوڻا ٻہ گز ويڪر وارو 7 ميٽر ڪپڙو ڪٽو. ❖ هڪ ڪپڙو ميّت جي قد کان ايترو وڏو ڪٽيو جو ويڙهڻ کان پوءِ مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌجي سگهجي.(ان کي لفافو چئبو آهي)

❖ ٻيو ڪپڙو ميّت جي قد برابر ڪٽيو (ان کي اِزار يا گوڏ چئبو آهي) ❖ قميص جي لاءِ ڪپڙي کي ميّت جي ڳچيءَ کان گوڏن جي هيٺ تائين ماپيو ۽ هاڻي ان کي ڊبل ڪري ڪٽيو تہ جيئن اڳيان ۽ پويان جي جانب ڊيگهہ هڪ هجي ۽ ويڪر ٻنهي ڪلهن جي برابر رکو، ان ۾ ڳلو ۽ ٻانهون ناهن هونديون. ❖ مرد جي قميص(ڪفني) ۾ ڳلو ناهڻ

جي لاءِ وچ ۾، ڪلهن جي جانب ۽ عورت جي قميص جي لاءِ سيني جي جانب ايترو چير لڳايو جو قميص پارائڻ وقت ڳچي مان باآساني گذري وڃي. (مرد جي لاءِ ڪفن سنّت ۾ اهي ٽي ڪپڙا آهن جڏهن تہ عورت جي لاءِ بہ ڪپڙا بيا بہ آهن سينو بند ۽ پوتي). ❖ سيني بند جي لاءِ ڪپڙي جي ڊيگهہ سيني کان ران تائين رکو. ❖ پوتي جي لاءِ ڪپڙو ڊيگهہ ۾ ايترو ڪٽيو جو اڌ پنيءَ(يعني چيلهہ) جي هيٺان کان وچائي مٿي کان آٽيندي منهن ڍڪي ڪري سيني تائين اچي وڃي ۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙي کان ٻي ڪن جي پاپڙي تائين هجي(اها تقريبًا ڏيڍه گز (1.50yard) هوندي آهي. ان کي قميص جي ويڪر مان بچڻ واري ڪپڙي مان ناهي سگهجي ٿو).

## ڪفن پارائڻ جا 9 مرحلا

❖ ڪفن کي دونهين ڏيڻ ❖ ڪفن ٻڌڻ جي لاءِ ڏوريون رکڻ❖ ڪفن وڇائڻ (سڀ کان پهريان لفافو(وڏي چادر) پوءِ اِزار(ننڍي چادر) پوءِ قميص وڇائڻ، عورت جي ڪفن ۾ سڀ کان پهريان سينو بند پوءِ لفافو پوءِ اِزار پوءِ پوتي ۽ پوءِ قميص وڇائڻ).❖ ميّت کي ڪفن تي رکڻ. (نرمي سان رکو، هاٿي بہ بي پردگي نہ ٿيڻ گهرجي). ❖ شهادت جي آڱر سان سيني تي پهريو ڪلمو، دل تي يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکڻ، ياد رهي تہ هي لکڻ مس سان نہ هجي.❖ قميص پارائڻ ۽ پيشاني تي شهادت جي آڱر سان بسم الله لکڻ ❖ دُنّ ۽ سيني جي وچ واري ڪفن جي حصي تي مشائخن جا نالا لکڻ (عورت کي قميص پارائي ڪري ان جي وارن جا بہ حصا ڪري سيني تي رکڻ پوءِ پوتي پارائڻ). ❖ اعضاءِ سجود (يعني جن عضون تي سجدو ڪيو ويندو آهي انهن تي) ڪافور لڳائڻ. ❖ پهريان اِزار پوءِ لفافو يعني وڏي چادر پهريان التي پاسي کان پوءِ سڄي طرف کان ويڙهڻ (عورت جي ڪفن

۾ وڏي چادر ڪان پوءِ سينو بند پهريان الٽي پاسي ڪان پوءِ سڌي پاسي ڪان ويڙهڻ).

## نماز جنازه جا 6 مدني گل

❖ نيّت ڪرڻ (هن طرح تہ ”مان نيّت ڪيان ٿو هن جنازي جي نماز جي، واسطي الله پاڪ جي، دعا هن ميّت جي لاءِ، پنيان هن امام جي). ❖ هاڻي الله اڪبر چوندي فورًا معمول جي مطابق ڏُن هينان هٿ ٻڌي ڇڏيو ۽ ثناء (يعني سُبۡحَانَكَ اللّٰهُمَّ.... آخرتائين) پڙهو (نماز جنازه جي ثناء ۾ ”وَتَعَالٰى جَدُّكَ“ ڪان پوءِ وَجَلَّ ثَنَاءُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيۡرُكَ پڙهڻو آهي). ❖ پوءِ بغير هٿ کڻي الله اڪبر چئي ڪري درود ابراهيم پڙهو. ❖ پو ۽ بغير هٿ کڻي الله اڪبر چئي ڪري نماز جنازه جي دعا پڙهو (بالغن جي لاءِ هڪ ئي دعا آهي ۽ نابالغ ۽ نابالغ جي الڳ الڳ. دعائون آهن ياد نہ هجن تہ ڪا بہ قرآني دعا پڙهو). ❖ پوءِ بغير هٿ کڻي الله اڪبر چئي ڪري ٻئي هٿ لٽڪائي ڇڏيو. ❖ پوءِ ٻنهي طرف سلام ڦيري ڇڏيو.

## جنازي کي ڪلهو ڏيڻ جا 6 مدني گل

❖ جنازو کڻي هلڻ ۾ سيراندي اڳيان هجڻ گهرجي ۽ هڪ ڪان پوءِ هڪ، چئني پاون کي هن طرح ڪلهو ڏين جو ❖ پهريان ساڄي پاسي واري سيراندي کي ڪلهو ڏيندي (اهڙي طرح جو ميّت جو ساڄو ڪلهو اوهان جي ساڄي ڪلهي تي هجي) ڏهہ قدم هلو ❖ پوءِ ساڄي پيراندي جي طرف ڪان ڪلهو ڏيندي ڏهہ قدم هلو، اهڙي طرح ❖ ڪاٻي پاسي واري سيراندي کي ڪلهو ڏيندي ڏهہ قدم ۽ ❖ پوءِ ڪاٻي پيراندي جي طرف ڪلهو ڏيندي ڏهہ قدم هلو ❖ چاهيو تہ هيئن اعلان ڪيو:”هر پائي کي ڪلهو ڏيندي ڏهہ ڏهہ قدم هلو“

## تدفين جا 17 مرحلا

(1) قبرستان ۾ دفن جي لاءِ اهڙي جڳهه ونڻ جتي پهريان قبر نہ هجي. (2) قبر جي ڊيگهه ميّت جي قد کان ڪجهه وڌيڪ، ويڪر اڌ قد ۽ گهرائي گهٽ ۾ گهٽ اڌ قد جي هجي ۽ بهتر هي آهي تہ گهرائي بہ قد برابر رکي وڃي. (3) قبر ۾ سرن جي پٽ نهيل هجي تہ ميّت آڻڻ کان پهريان قبر ۽ سرن جو اندروني حصو مٽي جي گاري سان سٺي طرح ليپڻ (4) اندروني تختي تي ياسين شريف، سورة الملڪ ۽ درود تاج پڙهي ڪري دم ڪرڻ (5) منهن جي سامهون قبلي واري پٽ ۾ ڪڏڻو ناهي ڪري عهدنامو، شجرو شريف، وغيره تبرڪات رکڻ (6) ميّت کي قبلي جي جانب کان قبر ۾ لاهڻ (7) عورت جي ميّت کي قبر ۾ لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪي رکڻ (8) قبر ۾ لاهڻ وقت هي دعا پڙهڻ بِسۡمِ اللّٰهِ وَبِاللّٰهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ اللّٰهِ (9) ميّت کي ساڄي پاسي تي ليٽائڻ يا منهن قبلي جي طرف ڪرڻ، ۽ ڪفن جي ڳنڍ کولڻ.(ميّت آڻڻ کان پهريان ئي قبر ۾ نرم مٽي يا واري جو وهاڻو ناهي وٺو ۽ ان تي ٽيڪ لڳائي ڪري ميّت کي ساڄي پاسي تي ليٽايو اهو نہ ٿي سگهي تہ منهن بآساني جيترو ٿي سگهي قبلي رخ ڪيو). (10) دفن ڪرڻ کان پوءِ سيراندي جي طرف کان ٽي پيرا مٽي وجهڻ. پهريون پيرو مِنۡهَا خَلَقۡنٰكُمۡ، ٻيو پيرو وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ ۽ ٽيون پيرو وَمِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى چوڻ. (11) قبر اُٺ جي ڪوهان (ٺُهي) وانگر لهواري ناهڻ ۽ بلندي (اُچائي) هڪ گرانٽ يا ڪجهه وڌيڪ رکڻ (12) دفن کان پوءِ قبر تي پاڻي ڇڙڪڻ (13) قبر تي گل وجهڻ جو جيستائين تازه رهندا تسبيح ڪندا ۽ ميّت جي دل وندرجندي. (14) دفنائڻ کان پوءِ سيراندي کان سورة بقره جي شروع جون آيتون مُفۡلِحُوۡن تائين ۽ قدمن جي طرف آخري رڪوع جون آيتون اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ کان سورة جي آخر تائين پڙهڻ. (15) تلقين ڪرڻ قبر جي

سيراندي ڪان بيهي ڪري ٽي ڀيرا هيئن چوي: يا فلان بن فلاڻہ! (مثلاً يا فاروق بن آمنہ. جيڪڏهن ماءُ جو نالو خبر نہ هجي تہ ان جي جڳهہ حضرت حوا جو نالو وٺي) پوءِ هي چوي: اُذْكُرْ مَا خَرَجْتَ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا: شَهَادَةَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وَاَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّ بِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّ بِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا۔ (16) دعا ۽ ايصال ثواب ڪرڻ (17) قبر جي سيراندي ڪان قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي اذان ڏيڻ، چو تہ اذان جي برڪت سان ميّت کي شيطان جي شر کان پناه ملندي آهي، اَذان سان رحمت نازل ٿيندي آهي، ميّت جو غم ختم ٿيندو، ان جي گهٻراهٽ پري ٿيندي، باهہ جو عذاب ٽرندو، ۽ عذابِ قبر کان نجات ملندي آهي ۽ منڪرنڪير جي سوالن جا جواب ياد اچي ويندا آهن.

## غسل ميّت، تجهيزءِ تڪفين جا شرعي مدني گل

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي دين متين جي خدمت جي لاءِ ڪم و بيش 103 شعبن ۾ ”نيڪي جي دعوت“ جون ڌومون مچائي رهي آهي، انهن ئي شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس تجهيز ۽ تڪفين“ بہ آهي ان شعبي جي مدني ڪم جي حوالي سان چند ”شرعي مدني گل“ ملاحظہ فرمايو:❖ جڏهن ميّت جا گهر وارا رابطو ڪن تہ پهريان انهن کان معلوم ڪيو تہ ميّت جو انتقال ٿيندي گهڻو وقت ٿيو آهي؟ معلومات کان پوءِ انهن کي ميّت جي تعلق سان ضروري ڳالهين جون هدايتون ڏنيون وڃن. جيئن اکين جو بند ڪرڻ، آڱريون، هٿ پير سڌا ڪرڻ ۽ ڄاڙي جي هيٺان کان ۽ مٿان کان هڪ ويڪري پٽي ڪٽي ڳنڍ لڳائي وڃي. ۽ اهي تمام ڪم نهايت نرمي سان ڪيا وڃن. ❖ نماز جنازه ڪڏهن دير سان ٿيندي آهي، جيڪڏهن سمجهائڻ ممڪن هجي تہ اهل خانہ کي نرمي ۽ حڪمت عملي سان سمجهايو تہ نماز جنازه ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن هو دير بہ ڪن تہ

غسل ۽ ڪفن ۾ دير نہ ڪئي وڃي، اهو فوراً ڏنو وڃي، جيڪڏهن اهي سردخاني ۾ رکڻ چاهيندا هجن تہ حڪمت عملي سان سمجهايو ۽ جيڪڏهن اهي نہ ٿا مڃن تہ پاڻ انهن کي هي نہ چئو تہ توهان هن ميّت کي سردخاني ۾ رکو.

عمومًا سردخاني ۾ رکرائڻ بغير ضرورت شرعي جي هوندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي انتظار جي لاءِ رکرائي ڇڏيندا آهن، اولاً تہ بغير حاجتِ شرعي دير ڪرڻ خلاف سنّت، بيو سردخاني ۾ ميّت جي اذيت آهي جو ان جو جسم اڪڙجي ويندو آهي ياد رکو! جنهن شيءِ سان زنده کي تڪليف ٿيندي آهي انهيءَ شيءِ سان ميّت کي بہ تڪليف ٿيندي آهي جيئن تہ حديث مبارڪ ۾ آهي: حضرت سيّده عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت ڪن ٿيون تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اِنَّ كَسْرَ عَظْمِ الْمَيِّتِ كَكَسْرِهٖ حَيًا يعني بيشڪ مرده جي هڏي ڀڃڻ ايئن ئي آهي جيئن زنده جي هڏي ڀڃڻ. (سنن ابي داؤد، ج. 3، ص. 285، حديث 3207)

ان ڪري اولاً تہ اهو ئي سمجهايو وڃي تہ جلد از جلد تدفين جي ترڪيب ڪن، جيڪڏهن نہ ٿا مڃن تہ اهو مشورو ڏيو تہ اي سي يا برف وغيره جو انتظام ڪيو وڃي. بهتر هي ئي آهي تہ دار الافتاء اهلسنت جي مفتي صاحب کان رهنمائي وٺي مشورو ڏنو وڃي.

❖ ميّت جي باري ۾ جڏهن اطلاع ملي ۽ ڪو عذر نہ هجي تہ حتّي الامڪان ڪوشش ڪيو تہ پاڻ انهن وٽ غسل جي لاءِ پهچو. ان ۾ امير ۽ غريب، شخصيت ۽ غير شخصيت جو فرق نہ هجڻ گهرجي.

❖ غسل ميّت فرض ڪفايہ آهي، ان ڪري جيڪي اسلامي ڀائر غسل ڏين انهن جي لاءِ ضروري آهي تہ غسل ميّت جو طريقو مڪمل طور تي سکيل هجي. ميّت سان انتهائي نرمي جو حڪم آهي ان ڪري

غسل ڏيڻ واري کي آداب بہ معلوم هجڻ گهرجن، غسل ڏيڻ وارو قابل اعتماد هئڻ گهرجي، جيڪو ميّت ۾ جيڪڏهن ڪا بري ڳالهہ ڏسي تہ ان کي لڪائي ۽ پاڻ بہ ميّت سان حسن ظن رکي. غسل ڏيندي وقت خوف خدا جو لحاظ هجڻ ضروري آهي، غسل ميّت مان عبرت حاصل ڪندا رهو.

❖ غسل ۾ اوترا ئي ماڻهو شامل ٿين جن جي حاجت آهي، وڌيڪ ماڻهو نہ هجن، غسل ۾ مدد ڪرڻ جي لاءِ گهر جي ماڻهن مان اهو ماڻهو داخل ٿي جيڪو مدد ڪري سگهي ٿو تہ سنو آهي، نہ تہ اهو بہ اُتي موجود نہ رهي، ڪجهہ جڳهن تي گهر وارن کان هڪ لوٽو پاڻي وجهرايو ويندو آهي يا ڪافور جو پاڻي وجهڻ لاءِ چيو ويندو آهي، جيڪڏهن اهو پاڻي غسل مڪمل ٿيڻ کان پوءِ بغير ضرورت جي وجهرايو ويندو آهي تہ اسراف آهي ان جي اجازت ناهي ۽ جيڪڏهن غسل جو حصو هوندو آهي ۽ بي پردگي ناهي ٿيندي تہ وجهرائي سگهون ٿا. بغير حاجت ميت جي غسل جي دوران خاندان وارن کي شريڪ نہ ڪيو وڃي جيتوڻيڪ اها نيّت هجي تہ اهڙي طرح اهي عبرت حاصل ڪندا ۽ انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ آسان ٿيندي. ان ۾ شڪ ناهي تہ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوف و نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) هڪ عظيم ڪم آهي پر ان جي آداب جو لحاظ بہ ضروري آهي نيڪي جي دعوت غسل ۽ ڪفن کان فارغ ٿي ڪري ڏني وڃي. ها ڪفن ڪٽڻ وقت نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ حرج ناهي بلڪ سنو آهي.

❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ اسلامي ڀائر فِيْ سَبِيْلِ الله غسلِ ميّت ڏيندا آهن، هي مدني ڳل بہ ذهن ۾ هجي

تہ غسل ميّت جي اجرت وٺڻ جيتوڻيڪ جائز تہ آهي پر ڪجھ صورتن ۾ وٺڻ ناجائز آهي مثلاً اتي ڪو بيو غسل ڏيڻ وارو ناهي تہ انهيءَ تي غسل ڏيڻ ضروري ٿي ويندو ۽ ان جو ان تي اجرت وٺڻ ناجائز آهي. ڪجھ جڳهين مثلاً بلوچستان پاڪستان ۾ ماڻهو زبردستي ميّت جا ڪپڙا وغيره غسل ڏيڻ واري کي ڏيندا آهن نہ وٺن تہ گهر پهچائي ويندا آهن. اها ظاهر ۾ اجرت جي ئي صورت آهي ان ڪري جيڪڏهن اُن ڪان علاوه ڪو غسل ڏيڻ وارو نہ هئو اُن جي لاءِ هنن شين جو وٺڻ جائز ناهي ٿيندو گهر وارن کي سمجهائي ڪري واپس ڪري، ۽ انهن کي اهو بہ ٻڌايو تہ ميّت جي مال ۾ هاڻي تمام وارثن جو حصو آهي توهان هي ڪنهن کي بہ نہ ٿا ڏئي سگهو، ان جي لاءِ دارالافتاء اهلسنّت (رابطا نمبر03000220112.15) يا ڪنهن بہ سنّي مفتي صاحب سان رابطو ڪرايو.

❖ ميّت جي حالت جيڪڏهن عام حالت کان هٽي ڪري هجي مثلاً جسم جو اهڙي حالت ۾ هجڻ جو پاڻي وهائڻ جنهن تي ممڪن نہ هجي يا ڪجھ اهڙا حصہ آهن جن تي پاڻي نہ ٿو واهي سگهجي يا ميّت جي جسم جو اڪثر حصو ئي ڪَٽِيل آهي وغيره پوءِ انڪري انهن مان ڪجھ تي صرف پاڻي وهايو ويندو آهي ۽ ڪجھ صورتن ۾ تيمّم جي صورت ٿيندي ۽ ڪجھ ۾ اصلاً غسل ٿيندو ئي نہ، ان ڪري جيڪڏهن اهڙا معاملا پيش اچن جن ۾ غسل ڏيڻ جي حوالي سان مشڪلاتون پيش اچڻ تہ پنهنجي طرفا اجتهاد ڪرڻ يا تجربو ڪرڻ جي بجاءِ دارالافتا اهلسنّت يا ڪنهن بہ سنّي مفتي صاحب سان رابطو فرمايو.

صدرشريعہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بهارشريعت، حصو 4، جلد1، صفحو861 تي فرمائن ٿا: ميّت جو جسم جيڪڏهن

اهڙو تي ويو جو هٿ لڳائڻ سان کهل لهندي ته هٿ نه لڳايو صرف پاڻي وهائي ڇڏيو. (عالمگيري، ج. 1، ص. 158)

بهارشريعت، حصو2، جلد1، صفحو352 تي آهي: مردي کي جيڪڏهن غسل نه ڏئي سگهو پلي ان ڪري جو پاڻي ناهي يا ان ڪري جو ان جي جسم کي هٿ لڳائڻ جائز ناهي جيئن اجنبي عورت يا پنهنجي عورت جو مرڻ کان پوءِ ان کي هٿ لائي نٿو سگهي(۽ ٻيو ڪو غسل ڏيڻ وارو واقعي موجود ناهي) ته اُن کي تيمّم ڪرايو وڃي، غير محرم کي جيتوڻيڪ مڙس هجي عورت کي تيمّم ڪرائڻ ۾ ڪپڙو حائل هئڻ گهرجي. (در المختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 105 - 110)

بهارشريعت حصو4، جلد1، صفحو815 تي آهي: ڪنهن مسلمان جو اڌ کان وڌيڪ دهڙ مليو ته غسل ۽ ڪفن ڏينداسين، ۽ اڌ دهڙ مليو ته جيڪڏهن ان ۾ مٿو به آهي تڏهن به ان جو اهو ئي حڪم آهي ۽ جيڪڏهن مٿو ناهي يا لمبائي ۾ مٿي کان پيرن تائين ساڄو يا کاٻو هڪ طرف جو حصو مليو ته ان ٻنهي صورتن ۾ نه غسل آهي نه ڪفن نه نماز بلڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪري ڇڏيو. (در مختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 107 و عالمگيري، ج. 1، ص. 169)

❖ ميّت کي غسل ڏيڻ جي لاءِ جنهن جڳهه تي وجو گهر هجي يا فلاحي سينٽر يا اسپتال جي ڪنهن ڪمري ۾، پردي جي مڪمل احتياط هئڻ گهرجي نه ميّت جي بي پردگي ٿي نه خود غسل ڏيڻ واري جي ڪنهن نامحرم سان بي پردگي جو معاملو هجي.

❖ اها جاءِ جتي غسل ناهي ڏنو ويندو مثلاً مسجد جو وضو خانو يا جامعه يا مدرسي جا وضو خانا وغيره انهن جاين تي غسل نه ڏيو. اهڙي طرح اهڙين جاين تي غسل نه ڏيو جنهن سان ميّت جي بي

حرمتي ٿيندي هجي مثلاً گهوڙا ٻڌڻ جي جڳهه وغيره، اهڙي جڳهه تي غسل نہ ڏيو.

❖ ميّت جو شيون مثلاً هٿ جو ڪڙو يا ڪا بہ شيءِ (مثلاً هٿ جي واچ، مندي وغيره) هجي تہ اها ميّت جي گهر وارن کي ڏئي ڇڏيو، پاڻ وٽ رکڻ يا پاڻ فقير کي صدقو ڪري ڇڏڻ جائز ناهي.

## ڪفن جي باري ۾ مدني گل

❖ ڪفن سنّت جي مطابق ئي ڏيو، جيترا ڪپڙا سنّت آهن اوترا ئي ڪپڙا ڏيو، ڪنهن مائٽ وغيره جي چوڻ تي وڌيڪ ڪپڙا نہ ڏيو، خصوصًا اسلامي ڀينرن جي حوالي ڪان تہ مختلف شيون رکڻ جي ضد ڪئي ويندي آهي اهڙي صورت ۾ انهن کي شرعي مسئلو بيان ڪري ڇڏيو. البت تبرڪ جي طور تي ڪو ڪپڙو رکڻ چاهن ٿا تہ ان کي اهڙي انداز ڪان رکو جو ڪفن جو حصو معلوم نہ ٿئي.

❖ ڪفن جو جيڪو ڪپڙو بچي پوي اهو ان جي مالڪ کي ئي ڏئي ڇڏيو، گهر وارن مان جنهن آندو آهي جيڪڏهن تَرڪِي مان آندو يا گهرايو هو تہ بچيل بہ ترڪي ئي ۾ شمار ٿيندو اهو وارثن کي ڏئي ڇڏيو، پاڻ کڻي وڃڻ يا صدقو ڪرڻ جي اجازت ناهي، نہ ئي سنّت ڪفن مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ ان بچيل حصي کي ڪفن ۾ شامل ڪرڻ جي اجازت آهي.

❖ غسل ۽ ڪفن ۾ ڪنهن طرح جي غير شرعي مطالبي کي پورو نہ ڪيو وڃي. مثلاً ميّت جي دُنّ جي هينان ۽ بغل وغيره جا وار ڪٽڻ. ميّت کي زينت نتا ڏئي سگهون ان ڪري سرمو وغيره نہ پارايو، اهڙي طرح ڪجهه جڳهين تي ڪنواريءَ ڇوڪري کي ڪنوار بڻايو

ويندو آهي ۽ ڪجهه جڳهين تي ڪنواري ڇوڪري کي به گهوٽ ناهيندا آهن. ان جي شرعًا هر گز اجازت ناهي، سمجهائڻ ممڪن هجي ته حڪمت عملي سان سمجهايو، پاڻ ان فعل ۾ هرگز شريڪ نه ٿيو.

ميّت جي ڏاڙهي يا مٿي ۾ ڦڻي ڏيڻ يا ننهن ڪٽڻ يا ڪنهن جاءِ جا وار ڪٽڻ ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي ان ڪري اهڙن ڪمن کان به مڪمل طور تي اجتناب ڪيو وڃي. بهارشريعت حصو4، جلد1، صفحو815 تي آهي: ميّت جي ڏاڙهي يا مٿي جي وارن ۾ ڦڻي ڏيڻ يا ننهن ڪٽڻ يا ڪنهن جڳهه جا وار لاهڻ يا ڪٽڻ يا اُکيڙڻ ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي بلڪ حڪم هي آهي ته جنهن حالت تي آهي انهي حالت ۾ دفن ڪري ڇڏيو، ها جيڪڏهن ننهن ڀڳل هجي ته رکي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن ننهن يا وار لاهي ڇڏيا ته ڪفن ۾ رکي ڇڏيو.

(در مختار معه رد المحتار، ج. 3، ص. 104، عالمگيري، ج. 1، ص. 158)

❖ جيڪڏهن ڪنهن پاڻ وٽ ڪپڙي جو ٿاڪيو ان لاءِ رکيو هجي جو ان مان ڪفن جي لاءِ ميّت جي گهروارن کي پيسن تي وڪڻندو ته ان ۾ ڪجهه ڳالهين جي احتياط انتهائي ضروري آهي، جيڪڏهن ڪفن اهل ميّت کي فروخت ڪري رهيو آهي ته پهريان کان قيمت طئي ڪرڻي پوندي. ۽ واضح ڪرڻو پوندو ته هي ان جو پنهنجو ڪپڙو آهي جيڪو هو وڪڻي رهيو آهي. خريد ۽ فروخت جون ٻيون شرطون به سامهون رکڻيون پونديون، ايئن هرگز نه هجي جو گهروارن جيڪڏهن پهريان کان ڪفن گهرايو آهي ته هي ضد ڪري ته مون کان ئي ڪفن ورتو وڃي، عافيت انهيءَ ۾ آهي ته غسل ڏيڻ وارا اهل ميّت سان ڪفن جي خريد ۽ فروخت نه ئي ڪن بلڪ انهن کي پاڻ بندوبست ڪرڻ جو چئي ڇڏيو.

❖ غسل ۽ ڪفن ڪان پوءِ اهل ميّت سان ويهڻ شرعًا ۽ رواج مطابق ممڪن هجي تہ ضرور ويهو ۽ دل جوئي ڪيو. جيڪڏهن شرعًا درست نہ هجي مثلاً بي پردگي ٿيندي هجي يا حالت اهڙي آهي جو نٿو ويهي سگهجي تہ نہ ويهو.

## نماز جنازه پڙهائڻ جا مدني گل

❖ نماز جنازه پڙهائڻ جي لاءِ اولاً مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي طئي شده طريقي ڪار جي مطابق ٽيسٽ پاس هجڻ ضروري آهي. اهڙي طرح امامت ڪرائڻ جي لاءِ هي بہ ضروري آهي تہ ان جي قراءَت درست هجي، نماز جنازه پڙهائڻ جو طريقو ڄاڻيندو هجي ۽ ضروري بنيادي مسائل بہ ڄاڻيندو هجي.

❖ جيڪڏهن ميّت جي گهر ڪان قبرستان جو فاصلو وڏيڪ هجي تہ ڪڏهن ڪڏهن بس يا ٽرڪ وغيره جي ذريعي ميّت کي ڪٽي وڃڻ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، دوران سفر جيڪڏهن اصلاحي بيان ڪيو وڃي تہ هن ڳالهہ جي احتياط ضروري آهي تہ زباني بيان نہ ڪيو بلڪ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو پڙهي ڪري ٻڌايو ۽ قبرستان ۾ حاضري جا آداب بيان ڪيا وڃن.

❖ قبرستان پهچي ڪري جيڪڏهن قبر تي پير رکڻ بغير قبر تائين پهچڻ ممڪن هجي تہ وڃو ۽ جيڪڏهن ممڪن نہ هجي تہ فقط اوترا ئي ماڻهو وڃن جن جي دفنائڻ ۾ ضرورت آهي باقي ماڻهو ٻاهر ويهن، ٻين کي سمجهائڻ ممڪن هجي تہ پيار ۽ محبت سان سمجهايو جيڪڏهن فتني فساد جو خدشو هجي تہ ان موضوع تہ نہ ڳالهايو پر پاڻ نہ وڃو.

❖ قبر جي پرسان ڪٺ اهڙي احتياط سان رکو جو ٻين قبرن تي ڪٺ جي پاون مان ڪو پائو نہ اچي ۽ قبر جي قبلي طرف ڪان رکو ۽ لاهيو بہ قبلي جي طرف ڪان.

❖ جيڪڏهن جنازو ڪنهن اسلامي ڀيڻ جو آهي تہ محارم ئي سڀ ڪم انجام ڏين، قبر ۾ لاهڻ ۾ ڪو نامحرم هرگز شامل نہ ٿئي، سواءِ ان صورت ۾ جنهن ۾ شريعت اجازت ڏيندي هجي.

❖ قبر ۾ لاهڻ جو طريقو ۽ ان جي متعلق ضروري مسئلا مثلاً ليٽائڻ جو طريقو، قبر ۾ پڪيون سرون هجن تہ آلي مٽي هڻڻ، عهدنامو وغيره رکڻ جو طريقو وغيره لازمي سکي وٺو.

❖ قبر ۾ لاهڻ وقت ۽ ميّت کي ليٽائڻ وقت ماڻهو طرح طرح جا مشوره ڏيندا آهن جيڪو طريقو سنّت آهي ان جي خلاف ڪنهن جي بہ ڳالهہ مڃڻ جي اجازت ناهي.

❖ قبر تي مٽي وجهڻ ۾ بہ حتّي الامڪان سنّت طريقي ئي تي عمل ڪرايو، تدفين ڪان پوءِ معمولاتِ اهلسنّت جي مطابق فاتحہ، اذان، تلقين، وغيره جي ترڪيب ڪيو ميّت جي خيرخواهي جي لاءِ جيترو ممڪن ٿي سگهي قبر تي ذڪر ۽ اذڪار ۽ نعت خواني ڪندي رکيا رهو.

❖ ميّت جي گهر موت واري ڏينهن ڪان ٽين ڏينهن تائين جيڪا ماني بطور دعوتِ ميّت ٺهرائي ويندي آهي، ان جي کائڻ جي شرعًا اجازت ناهي، ان ڪري هرگز ان ماني کي نہ کائو.

❖ اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ جيڪي بہ ميّت جي گهر يا ٽيجي وغيره ۾ بيان ڪندا آهن، اهي تمام بيان مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتابن ۽ رسالن ئي مان ڪن ۽ موجوده ماحول جي مناسبت سان ئي موضوع اختيار ڪيو. (مثلاً ويران محل، مردي جي بي وسي، مردي جا صدما، قبر جي پهرين رات، قبر جو امتحان، قبر وارن جون 25 حڪايتون، وغيره پڻ ڪتاب "تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو" ۾ بہ 3 بيان ڏنا ويا آهن).

❖ جيڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ ميّت جي گهر وارن سان ميّت جي ايصال ثواب جي لاءِ عطيہ ڏيڻ جي ترڪيب ڪندا آهن يا گهر وارا پاڻ پيشڪش ڪندا آهن تہ اهي انهيءَ لفظن ۾ وصول ڪن جيڪي ڪتاب "تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو" ۾ لکيا ويا آهن ۽ جنهن ڪان وٺي رهيا آهيو ان کي بہ سٺي طرح ڳالهہ سمجهائي ڇڏيو.

## اسلامي ڀينرن جي لاءِ ڪجهہ الگ مدني گل

❖ اسلامي ڀينرن سان رابطو صرف اسلامي ڀيڻ ئي ڪندي يا ان جي محارم جي ذريعي ئي ترڪيب ڪئي ويندي. مڪمل معلومات ۽ اطمينان ڪان بعد ئي ڪنهن وٽ غسل ڏيڻ جي لاءِ وڃو.

❖ اسلامي ڀينرون پنهنجو نمبر ڪنهن کي نہ ڏين، جيڪڏهن ميّت جي گهر ۾ بہ ڪو گهري تہ مڙس يا محرم جو ڏيو.

❖ شهر ۾ اهڙي جڳهہ تي غسل ڏيڻ وڃڻو پوي، جيڪو پنهنجي علائقي ڪان پري آهي ۽ رستي ۾ غيرآباد علائقا ايندا آهن تہ محرم سان گڏ وڃو يا بس ۾ اهڙو سفر ممڪن هجي جنهن ۾ جان ۽ عزت جي حفاظت ٿي سگهي تہ وڃو.

❖ جيڪڏهن غسل ڏيڻ واري اسلامي ڀيڻ شادي شده آهي ته مڙس جي اجازت سان ئي وڃي ۽ غير شادي شده هجڻ جي صورت ۾ والدين جي اجازت سان ئي وڃي.

مجلس تجهيز ۽ تڪفين (دعوت اسلامي)

## مرحوم والدين جي حقوق جي متعلق 12 مدني گلن جو رضوي گلدستو

❖ مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهريون حق ان جي غسل ۽ ڪفن ۽ نماز ۽ دفنائڻ جو انتظام ڪرڻ آهي ۽ ان معاملن ۾ سنّتن ۽ مستحبّات جو خيال رکيو وڃي ته جيئن انهن جي لاءِ هر خوبي ۽ برڪت ۽ رحمت ۽ وسعت جي اميد ٿئي.

❖ هميشه انهن جي لاءِ دعا ۽ استغفار ڪندو رهي ۽ ڪڏهن به ان کان غفلت نه ڪري.

❖ صدقو ۽ خيرات ۽ نيڪ اعمال جو ثواب انهن کي پهچائيندو رهي، پنهنجي نمازن سان گڏ ڪجهه نوافل ۽ فرض روزن کان علاوه نفلي روزا رکي ڪري بلڪ جيڪو به نيڪ عمل ڪري سڀ جو ثواب انهن کي ۽ تمام مسلمانن کي ايصال ڪندو رهي جو ان سڀني کي ثواب پهچي ويندو ۽ انهن جي ثواب ۾ گهٽتائي به نه ٿيندي بلڪ وڌيڪ ترقيون ملنديون.

❖ جيڪڏهن انهن تي قرض هجي ته ان کي ادا ڪرڻ ۾ جيترو ٿي سگهي جلدي ڪري ۽ پهنجي مال مان ان جو قرض ادا ٿيڻ کي ٻنهي جهانن جي سعادت سمجهي، جيڪڏهن پاڻ ادا نه ڪري سگهي ته

عزيزن رشتيدارن کان مدد وٺي ۽ اهو به نه هجي ته نيڪ مالدارن کان مدد وٺي.

❖ انهن جو ڪو فرض ادا ٿيڻ کان رهجي ويو هجي ته حسبِ طاقت ان جي ادائيگي ۾ ڪوشش ڪري، مثلاًحج فرض هئو ۽ نه ڪيو ته هاڻي پاڻ انهن جي طرفان حج ڪري يا حج بدل ڪرائي، اهڙي طرح زڪوات يا عشر جي ادائيگي باقي آهي ته ان کي ادا ڪري، يا نماز يا روزو باقي هجي ته ان جو ڪفارو ڏي، اهڙي طرح جيڪو ڪجهه ان جي ذمي باقي هجي ان کان خلاصي جي لاءِ ڪوشش ڪري.

❖ شرعي اصول جي مطابق انهن جيڪا جائز وصيت ڪئي هجي ان کي پورو ڪرڻ ۾ هر ممڪن ڪوشش ڪري پلي شرعًا ان تي لازم نه هجي، اهڙي طرح دل راضي نه هجي تڏهن به ان کي پورو ڪري مثلاً اهو ڪنهن عزيز غير وارث يا اجنبي جي لاءِ اڌ جائيداد جي وصيت ڪري ويو ته شرعًا ٽئين حصي کان وڌيڪ ۾ وارثن جي اجازت کان بغير ان وصيت تي عمل نه ٿيندو (فٽ نوٽ) پر اولاد جي لاءِ بهتر آهي ته انهن جي وصيت مڃي ۽ پنهنجي خواهش جي بجاءِ انهن جون خوشيون پوريون ڪيو.

❖ انهن جي هر جائز قسم انهن جي وفات کان پوءِ به پوري ڪندو رهي مثلاً ماءُ پيءُ قسم ڪنيو هو ته منهنجو پٽ فلان جڳهه نه ويندو يا فلان سان نه ملندو يا فلان ڪم ڪندو ته هاڻي اهو خيال نه ڪري ته اهي ته آهن ئي نه، انهن جي قسم جو ڪهڙو اعتبار، نه! بلڪ ان جو اوهڙو ئي پابند رهي جهڙو انهن جي حيات ۾ رهي ها. ها جيڪڏهن شريعت جي خلاف ورزي هجي ته هاڻي انهن جي قسم پوري نه ڪري، ۽ اهو حڪم قسم سان خاص ناهي بلڪ هر جائز ڪم ۾ انهن جي مرضي جو خيال رکي.

❖ هر جمعة المبارڪ انهن جي قبر جي زيارت لاءِ وڃي، اتي ڪجهه بلند آواز سان يٰسين شريف جي تلاوت ڪري ۽ انهن جي روح کي ان جو ثواب ايصال ڪري ۽ جڏهن به انهن جي قبر وٽان گذر ٿئي سلام ۽ فاتحه پڙهي.

❖ انهن جي مائٽن سان سڄي عمر نيڪ سلوڪ ڪندو رهي.

❖ انهن جي دوستن سان دوستي نڀائي هميشه انهن جي عزت ۽ تعظيم ڪري.

❖ ڪڏهن ڪنهن جي ماءُ پيءُ کي برو چئي ڪري جواب ۾ انهن کي برو نه چورائي.

❖ سڀ کان اهم ترين، افضل ترين ۽ پوري زندگي جي لاءِ اهو حق آهي ته ڪڏهن ڪو گناهه ڪري انهن کي قبر ۾ رنج نه پهچائي ڇو ته ان جي سڀني عملن جي خبر ماءُ پيءُ کي پهچندي آهي، نيڪيون ڏسندا آهن ته خوش ٿيندا آهن ۽ انهن جو چهرو فرحت سان چمڪندو رهندو آهي ۽ گناهه ڏسندا آهن ته غمگين ٿيندا آهن ۽ انهن جي دل تي صدمو ٿيندو آهي، ماءُ پيءُ جو اهو حق ناهي ته قبر ۾ به انهن کي رنج پهچائي. (ماخوذ فتاويٰ رضويه، جلد 24، ص 291)

## نزع جون ڪجهه علامتون

حُجّةُ الاِسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه نزع جي وقت جون علامتون بيان ڪندي فرمائن ٿا: روح نڪرڻ وقت ان جي نڙيءَ ۽ سيني مان غرغره جي آواز ٻڌڻ ۾ ايندي آهي، رنگ بدلجي خاڪي ٿي ويندو آهي ڄڻ ان مان اها ئي مٽي ظاهر ٿي جنهن مان اهو پيدا ٿيو هو ۽ اها ان جي اصل فطرت آهي، ان جون رڳون

چڪجي وينديون، اکين جا دوڏا پنبڻن ڏانهن اچي ويندا آهن، چپ سکي ويندا آهن، زبان پنهنجي پاڙ ڏانهن چڪجي ويندي آهي ۽ آڱريون سايون ٿي ويندون آهن (۽ ٿڌيون ٿي ويندي آهن)

## ميت جي عزيزن جي لاءِ مدني گل

عالمِ انقلاب ہے دنیا، چند لمحوں کا خواب ہے دنیا
فخر کیوں دل لگائیں اس سے نہیں اچھی خراب ہے دنیا

غسل ميّت جي لاءِ وجو ته گهروارن مان ڪنهن سمجهدار فرد کي هي مدني گل پيش ڪيو، ضرورتًا ڪمي پيشي ڪري سگهجي ٿي. چاهيو ته ”فاتحه جو طريقو“ ”قبر وارن جون 25 حڪايتون ۽ چمڪدار ڪفن“ مان مدد حاصل ڪيو

❖ غسل جا ٿانوَ ڌوئي ڪري بعد ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا. (تفصيل صفحه 93 تي)

❖ نوحو هرگز نه ڪرڻ ڏيو. (تفصيل صفحه 159 تي)

❖ ٽي سگهي ته تعزيت جي لاءِ جمع ٿيڻ وارن جي وچ ۾ (موقع جي مناسبت سان) چادر وڇائي ڪري ستر هزار ڀيرا ڪلمه طيّبه جو ختم ڪرايو ۽ ميّت کي ايصال ڪيو. (تفصيل صفحه 169 تي) ممڪن صورت ۾ درس وغيره جي ترڪيب به ڪئي وڃي.

❖ هر جمعي تي قبرستان وڃڻ، مرحوم يا مرحومه جي قبر تي گل وجهڻ ۽ سورة يٰسين پڙهڻ جو معمول بڻايو. (تفصيل صفحه 166 ۽ 195 تي)

❖ ايصال ثواب جي لاءِ نفلن ۽ صدقي ۽ خيرات جو معمول بڻايو. (تفصيل صفحه 170 تي)

❖ ميّت جي مٿان قرض يا ڪنهن جو مالي مطالبو هجي تہ جلد کان جلد ادائيگي جي ترڪيب ڪيو.

حديث پاڪ ۾ آهي تہ ميّت پنهنجي ڏين (قرض) ۾ گرفتار رهندي آهي، هڪ روايت ۾ آهي تہ ان جي روح معلق (لٽڪيل) رهندي آهي جيستائين قرض ادا نہ ڪيو وڃي. (حلية الاولياء لابي نعيم، ج. 3، ص. 201، حديث 3702 و مسند الطيالسي، ص. 315، حديث 2390)

❖ ميّت جي ذمي نماز، روزا قضا هجن تہ انهن جو فديو ادا ڪيو. اهڙي طرح زڪواة جي ادائيگي باقي هجي تہ ان جي ۽ فرض حج نہ ڪرڻ جي صورت ۾ حج بدل جي بہ ترڪيب ڪيو. (فديہ تفصيل صفحہ 199 تي)

❖ ميّت جي ايصال ثواب جي لاءِ وسعت هجي تہ مسجد ٺهرايو نہ تہ مسجد، مدرسةالمدينہ، جامعةالمدينہ جي تعمير ۾ حصو وجهو تہ اهو مرحوم يا مرحومہ جي لاءِ ثواب جاريہ ٿيندو. (تفصيل صفحہ 281 تي)

❖ مڪتبةالمدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ بيانن جون سي ڊيز تقسيم ڪيو، ميّت کي ثواب پهچندو رهندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (تفصيل صفحہ 275 تي)

❖ جيڪڏهن والدين مان ڪنهن جو انتقال ٿيو هجي تہ سچي پاڪ پڪو ارادو ڪري وٺن تہ گناهن کان بچندا رهنداسين ڇو تہ اولاد جا عمل والدين کي پيش ڪيا ويندا آهن سنن تي خوش ۽ برن تي رنجيده ٿيندا آهن. (تفصيل صفحہ 192 تي)

گناهن کان بچڻ ۽ نيڪن تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو، مدني انعامات تي عمل ۽ هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت کي پنهنجو معمول بڻايو.

# تجهيزءِ تكفين جي تربيت جا مدني گل

## (مجلس تجهيزءِ تكفين (اسلامي ڀينرون))

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون(علائقي سطح) هر مهيني (رمضان جي علاوه) علائقي سطح تي تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت جي ترڪيب بڻائن. پڻ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون (ڊويزن ۽ ڪابينہ سطح) عملي جدول جي مطابق تجهيز ۽ تڪفين اجتماع ۾ شرڪت ڪي يقيني بڻائن.

❖ بهتر آهي تہ هر عيسوي مهيني(رمضان مهيني جي علاوه) جي آخري عشري ۾ ڪنهن بہ ڏينهن، هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع، تربيتي حلقو، مدني دوري کان علاوه، مقرر ڪري اجتماع گاهہ ۾ يا اهڙي جڳهہ جيڪا هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع شروع ڪرڻ جي مدني گلن جي مطابق هجي، مهيني وار تربيت جي ترڪيب بڻائي وڃي.

❖ جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ جي موڪلن ۾ يا پڙهائي جي وقتن کان بعد تجهيز ۽ تڪفين تربيت جي ترڪيب بڻائي سگهجي ٿي.

❖تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو پهريان هفتي وار سنّتن ڀري اجتماع ۽ تربيتي حلقي وغيره ۾ تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت جي لاءِ ترغيبي اعلان ضرور ڪيو وڃي.

❖ اهڙيون جايون جتي عورتون ئي دڪاندار هجن تہ اتي انهن جي اجازت سان مهينوار تجهيز ۽ تڪفين تربيت جي تشهير جي لاءِ بينر لڳائي سگهجن ٿا.

❖ وقت 3 ڪلاڪ هجي ۽ شرڪاء گهٽ ۾ گهٽ 26 ۽ وڌ ۾ وڌ 41 هجن.

❖ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪنهن مخصوص جڳهه تي ئي ”غسل ميّت“ ٿيندو هجي ته ان جڳهه تي به ”تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت جي ترڪيب“ بڻائي سگهجي ٿي.(پر ياد رهي ته شرعي ۽ تنظيمي طور تي ڪو حرج واقع نه ٿي)

❖ تجهيز ۽ تڪفين تربيتي اجتماع جي مڪمل ترڪيب”جدول براءِ تجهيز ۽ تڪفين اجتماع“ جي مطابق ئي بڻائي وڃي. (جدول براءِ تجهيز ۽ تڪفين اجتماع، نزع جو بيان، ميت جي غسل جون نيتون، ڪفن پارائڻ جون نيتون، تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو، تجهيز ۽ تڪفين جي متعلق سوال ۽ جواب، ڪتاب تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو ۾ موجود آهي،)

❖ هر حلقي مان گهٽ ۾ گهٽ 2 ۽ وڌ کان وڌ 8 نئين اسلامي ڀينرن (مان مراد اهڙيون اسلامي ڀينرون آهن جن جي مدني ماحول ۾ وابستگي پراڻي هجي پر گهٽي تنظيمي ڪمن جي ذميداري نه هجي) انهن سان گڏ عوامي اسلامي ڀينرون جيڪي غسل ميّت سکڻ ۾ دلچسپي رکنديون هجن انهن کي به تربيت ۾ شرڪت ڪرائي سگهجي ٿي. ڇو ته غسل ميّت جي تربيت جو مقصد اهو ئي آهي ته هر حضور جي ديواني غسل ميّت ڏيڻ سکي وڃي ته جيئن اها پنهنجي گهروارن ۽ رشتيدارن وغيره جي پاڻ ئي تجهيز ۽ تڪفين جي ترڪيب ڪري سگهي.( البت غسل ميت جي اجازت ٽيسٽ پاس ڪرڻ واري کي هوندي)

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀينرون(ڊويزن ۽ ملڪ سطح جامعةالمدينه (للبنات)، مدرسةالمدينه (للبنات)، ۽ دارالمدينه (للبنات)،

جون طالبات ۽ معلّمات ۽ ناظمات کي بہ تجهيز ۽ تکفين جي تربيت ۾ شرڪت جي ترغيب ڏيارين تہ جيئن انهن کي بہ ان مدني ڪم کان آگاهي حاصل ٿئي. (ياد رهي! جامعة المدينہ مدرسة المدينہ دارالمدينہ (للبنات) جي پڙهائي ۾ هرگز حرج نہ اچڻ گهرجي).

❖ جيڪڏهن ڪا پروفيشنل غسالہ جيڪي پاڻ شوق رکنديون هجن ۽ تجهيز ۽ تکفين سکڻ چاهنديون هجن تہ انهن کي بہ تجهيز ۽ تکفين جي تربيت ۾ گهرائي ڪري سيکارڻ جي ترڪيب بڻائي سگهجي ٿي. پر ياد رهي تہ اسان جو مقصد صرف هي هوندو تہ "غسل ميّت" جو درست طريقو سکي وٺن. اسان انهن کي پنهنجي تنظيمي اصولن وغيره جو پابند نہ ڪنداسين.

❖ علائقي سطح تي تجهيز ۽ تکفين جي تربيت جي صرف انهيءَ ئي اسلامي ڀينرن جي ترڪيب بڻائي وڃي جيڪي تجهيز ۽ تکفين تفتيش مجلس للبنات کان ٽيسٽ ۾ممتاز اهل قرار ٿي چڪيون هجن. البت ڪتاب تجهيز ۽ تکفين جو طريقو مان ڏسي ڪري ئي پڙهايو وڃي.

❖ تجهيز ۽ تکفين ذميدار اسلامي ڀينرون(علائقي سطح) تربيت واري ڏينهن ڪتاب تجهيز ۽ تکفين جو طريقو " صفحو 85 کان 105 تي موجود مواد جي مدد سان ئي سيکارڻ جي ترڪيب ڪن.

❖ تجهيز ۽ تکفين جي تربيت واري ڏينهن غسل ۽ ڪفن جو طريقو سيکارڻ وقت مطلوبہ شيون يعني ڪپهہ 2 عدد چادرون، 3 عدد ڪپا، 1 پيڪيٽ اگربتي، 1 عدد ماچس، 1 عدد ٽوال، 1 عدد صابڻ، قينچي ڪفن جو ڪپڙو، چٽائي، سوئي ڌاڳو، گلن جي لڙي ۽ ڪافور جي ترڪيب بڻائي وڃي. ان شين لاءِ چندو نہ ڪيو وڃي بلڪ ذاتي رقم

مان ترڪيب ناهي وجي (ياد رهي غسل ميّت جي تربيت ۾ پاڻِي استعمال نہ ڪيو وجي).

✧ تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت واري ڏينهن تجهيز ۽ تڪفين سکڻ وارين جي لاءِ پيڪيٽ ناهيا وڃن جنهن ڪي خرچ جي مطابق قيمت تي ڏنو وجي. پيڪيٽ ۾ هي هي شيون هجن: 3 عدد نقشِ نعلين پاڪ، 3 عدد شجره شريف (پيڪيٽ سائيز)، 3 عدد عهدنامہ، 3عدد سائي گنبذ جون تصويرون(چاهي تہ اسٽيڪر هجن)، 1 عدد ننڍي بوتل آب زمزم، 1 عدد رسالو مردي جي بي وسي، يا قبر جي پهرين رات، 1 عدد رسالو فاتحہ جو طريقو، 1 ننڍو پاڪيٽ خاڪِ شفاء، 3 پيڪيٽ مديني پاڪ جي قتل جون ڪڪڙيون (هڪ پيڪيٽ ۾ 2 هجن) 1 عدد نيل پالش ريموور، تجهيز ۽ تڪفين جو ڪارڊ.

✧ جيڪڏهن پروفيشنل غسالہ پيڪيٽ وٺڻ چاهي تہ ڏئي سگهجي ٿو.

## تجهيز ۽ تڪفين جو طريقو سڪارڻ وقت سامهون رکڻ وارا مدني گل

تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت واري ڏينهن تجهيز ۽ تڪفين سيکارڻ وقت هيٺ ڏنل مدني گلن جي مطابق ترڪيب بڻائي وجي.

✧ سيکارڻ دوران شروع کان آخر تائين سنجيدگي اختيار ڪئي وجي خاص طورتي جنهن اسلامي ڀيڻ ڪي ڪفن پارايو وجي اها انتهائي سنجيده هجي. بهتر هي آهي تہ هر بار الگ الگ اسلامي ڀيڻ جي ترڪيب ڪجي.

✧ جنهن اسلامي ڀيڻ ڪي ڪفن پارايو وجي اها چاهي تہ ڪفن جو ڪپڙو پنهنجي سائز جيترو ڪٽرائي ڪري خريدي ڪري ۽ پنهنجي لاءِ رکي ڇڏي تہ پوءِ هر ڀيري وٺڻ جي ضرورت نہ پوندي.

❖ مهينوار علائقي سطح تي ٿيڻ واري تجهيز ۽ تڪفين اجتماع ۾، سنت جي مطابق پنج ڪپڙن تي مشتمل ڪفن ۽ پوٽا ٻه گز ويڪرائي ۾ تقريباً 7 ميٽر( بغير ڪٽيل) ڪپڙي جو انتظام ڪيو وڃي ۽ جڏهن ڪفن ڪٽڻ جو طريقو ٻڌايو وڃي ته وڏي ڪپڙي کي نه ڪٽيو وڃي بلڪ ڪفن سنت جي (ڪٽيل) هڪ هڪ ڪپڙي کي ڏيکاري طريقو سمجهايو وڃي ته ازار، قميص وغيره کي هن هن طرح ڪٽيو وڃي

❖ تجهيز ۽ تڪفين ذميدار اسلامي ڀيڻ (علاقي سطح) جيڪڏهن ڪفن جي ڪپڙن جي پاڻ ترڪيب ٺاهي سگهي ٿي ته ٺيڪ، نه ته ٻي صورت ۾ علائقي مشاورت ذميدار اسلامي ڀيڻ جي تعاون سان ترڪيب ٺاهي وڃي.

❖ اسلامي ڀينرن جي هيءَ به تربيت ڪئي وڃي جڏهن اهي ڪنهن تجهيز ۽ تڪفين جي لاءِ وڃن ته '' تجهيز ۽ تڪفين ڪارڊ'' ساڻ رکن ۽ تقسيم فرمائن ته مدينه مدينه(تجهيز ۽ تڪفين ڪارڊ مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو)

❖ ميت جي غسل جي لاءِ وڃڻ واريون اسلامي ڀينرون سنجيدگي سان گڏوگڏ'' قفلِ مدينه'' لڳائي ڪري غسل ۽ ڪفن جي ترڪيب ٺاهن. پاڻ ۾ به حتي الامڪان ڪنهن به موضوع تي ڳالهه ٻولهه نه ڪن.

❖ جيڪڏهن گڏ هلڻ واري اسان جي پنهنجي اسلامي ڀيڻ کان غسل ۽ ڪفن جي ڪنهن معاملي ۾ ڪا غلطي ٿي وڃي ته اُن وقت خاموشي سان ان کي ''درست'' ڪيو وڃي ۽ بعد ۾ اڪيلائي ۾ اُن جي اصلاح ڪئي وڃي. سيني جي سامهون غلطي ٻڌائڻ سان ميت جي وارثن تي به بري تاثر جو انديشو آهي.

❖ جيڪڏهن مرحوم جي مدني ماحول جي وابستگي جي وجهه سان بوقتِ انتقال يا غسل يا ڪفن پارائيندي وقت ڪا مدني بهار سامهون آئي مثلاً زبان تي ڪلمو جاري ٿيڻ، چهرو چمڪي اٿڻ، غسل جي تخت تي ميت جو مسڪرائڻ وغيره ته ان صورت ۾ هتو هٿ" مدني بهار فارم" پري ڪري مجلس مدني بهار جي ذميدار اسلامي ڀيڻ( علائقي سطح) ڪي جمع ڪرائي ڇڏيو.

## تجهيز و تڪفين جي تربيت جي لاءِ ترغيبي اعلان

(مجلس تجهيز ۽ تڪفين (اسلامي ڀينرون)

پياريون اسلامي ڀينرون! الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي هن عارضي دنيا ۾ هڪ معيّن مدت جي لاءِ موڪليو آهي. جڏهن اسان جو وقت پورو ٿي ويندو ته اسان ڪي هن دنيا مان هلڻو پوندو ۽ غسل ۽ ڪفن جو سلسلو شروع ٿي ويندو. پياريون اسلامي ڀينرون! ميّت ڪي غسل ڏيڻ هڪ اهڙو ڪم آهي جيڪو سيني ڪي سکڻ گهرجي جو هر ڪنهن ڪي ان سان واسطو پوندو آهي پر افسوس دين کان پري هئڻ جي ڪري اڪثر اسلامي ڀينرون ميّت کان خوف محسوس ڪنديون آهن، ميّت جي پرسان ناهن اينديون ۽ هٿ ناهن لڳائينديون ان جي ڪري ميّت ڪي اڪثر خلافِ سنّت غسل ڏنو ويندو آهي.

اميراهلسنّت پنهنجي رسالي "مردي جي بي وسي" ۾ شرحُ الصدور جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان روايت آهي ته مرڻ وارو هر شي ڪي ڄاڻيندو آهي ايتري قدر جو غسال ڪي چوندو آهي ته توڪي الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم آهي تون غسل ۾ مون سان نرمي اختيار ڪر. ان ڪري اسان ڪي پاڻ به شريعت جي مطابق ميّت ڪي غسل ڏيڻ جو طريقو ضرور سکڻ گهرجي ۽ پنهنجي اولاد ڪي به سيکارڻ گهرجي.

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ! هر مهيني تجيز ۽ تڪفين جي تربيت ڏني ويندي آهي ۽ هن پيري بروز...... بتاريخ ......... بمقام ........................... بوقت ............... ڪان ................ اسلامي ڀينرن ڪي ”غسل ميّت جو طريقو“ سيڪاريو ويندو. تمام اسلامي ڀينرون وقت جي پابندي سان شرڪت فرمائن.

ان تربيت ۾ اهي تمام اسلامي ڀينرون شرڪت ڪري سگهن ٿيون جيڪي غسل ميّت ڏيڻ لاءِ وجي سگهنديون هجن. پنهنجي سهولت جي مطابق جيڪو وقت اهي ٻڌائينديون، انهن ئي وقتن ۾ انهن ڪي غسل ميّت جي لاءِ موڪلڻ جي ترڪيب ناهي ويندي.

ان ڪري جيڪي اسلامي ڀينرون غسل ميّت جي لاءِ وجي سگهن ٿيون اهي ضرور غسل ميّت جي تربيت ۾ تشريف ڪٽي اچن. جو فتاوي رضويہ جلد 9 صفحو 312 تي ابن ماجہ شريف جي حوالي ڪان منقول آهي

امير المؤمنين مولاءِ ڪائنات سيّدنا علي المرتضي شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ جيڪو ڪنهن ميّت ڪي غسل ڏي، ڪفن پارائي، خوشبو لڳائي، جنازو ڪٽي، نماز پڙهي ۽ جيڪو عيب ڏسي ان ڪي لڪائي اهو گناهن ڪان ايئن ئي پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن پيدائش جي ڏينهن هئو. (ابن ماجه، ج. 2، ص. 201، حديث 1462)

جيڪي غسل ۾ شرڪت ڪن انهن جي لاءِ شيخ طريقت امير اهلسنّت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ هيئن دعا فرمائي آهي:

## دعاءِ عطار

يا ربّ مصطفي! جيڪي به اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون شريعت جي مطابق غسلِ ميّت ۾ حصو وٺن انهن کي ٻنهي جهانن جي ڀلائين سان مالا مال فرماءِ، انهن کي مديني ۾ ايمان ۽ عافيت سان شهادت عنايت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماهنامه فيضانِ مدينه رمضان المبارڪ 1439 هه مئي/ جون 2018ء، ص. 10)

دُعائے ولی میں وہ تاثیر دیکھی    بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

ان ڪري اميراهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دعائن مان حصو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضرور به ضرور تجهيز ۽ تڪفين جي تربيت حاصل ڪيو. جيڪي اسلامي ڀينرون پنهنجي گهرن مان غسل ميّت جي لاءِ وڃڻ جي ترڪيب ناهي سگهنديون هجن صرف اهي ئي اسلامي ڀينرون پنهنجو نالو، رابطو نمبر، ايڊريس، ۽ ڪنهن وقت باآساني غسل ميّت جي لاءِ وڃي سگهن ٿيون اهو ضرور لکرايو.

مدني گل! ڏينهن، وقت ۽ مقام اعلان ۾ ٻڌايو وڃي.

## بارش جي ڦڙن جيترا ٿانڌا

منقول آهي: جنهن پنهنجي والدين کي گار ڏني ان جي قبر ۾ باهه جا ايترا ٿانڌ ڪرندا آهن جيترا (بارش جا) ڦڙا آسمان کان زمين تي ايندا آهن. (الزواجر عن اقتراف الكبائر، ج. 2، ص. 139)

”مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي اسلامي ڀائرن جي ٽيسٽ جا مدني گل“

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مجلسن منجهان هڪ مجلس تجهيز ۽ تڪفين بہ آهي، جنهن جي قيام جو مقصد عاشقانِ رسول مان ڪنهن جي انتقال ڪري وڃڻ تي سنتي انداز سان سنتن مطابق غسل ڏيڻ ، ڪفن پارائڻ، جنازي جي نماز پڙهڻ يا پڙهائڻ، دفنائڻ ۽ ايصال ثواب ڪرڻ وغيره جي معاملن کي بخوبي ادا ڪرڻ آهي.

مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي تحت اسلامي ڀائرن جي ٽيسٽ جو سلسلو بتاريخ ................ کان شروع ٿي رهيو آهي، مجلس تجهيز ۽ تڪفين جي هر ذميدار جي لاءِ تجهيز ۽ تڪفين جو ٽيسٽ ڏيڻ لازم ٿيندو ۽ جيڪي جنازي جي نمازپڙهائڻ يا فاتحہ خواني ڪن تہ انهن جي لاءِ ضروري مسئلن ۽ قرات جو ٽيسٽ ضروري ڏيارين. جنهن سان ٿي سگهي اهي پنهنجي شهر ۾ موجود ”ٽيسٽ مجلس مڪتب“ تشريف ڪڻي اچي باالمشافہ امتحان ڏين، ضرورت جي وقت ٽيسٽ مجلس جي فراهم ڪيل موبائل نمبر ۽ اسڪائپ آئي ڊيز تي رابطو فرمائي ڪري ٽيسٽ ڏيو.

**نوٽ:** باالمشافہ ٽيسٽ ڏيڻ جي لاءِ هر آچر منجهند 11 وڳي کان 1 وڳي تائين ٽيسٽ مڪتب تشريف ڪڻي اچو ۽ جيڪڏهن موبائل تي ٽيسٽ جو سلسلو ٿي تہ هر آچر صبح 9 کان 11 وڳي تائين رابطو فرمايو.

(بيروني ملڪ وارن جو ٽيسٽ انهن وقتن ۾ اسڪائپ تي ٿيندو)

## ٽيسٽ مجلس کي هيٺ ڏنل ڪوائف درڪار آهن

نالو............................................ولديت....................................شعبو...........................

موبائل نمبر:..........................ڪابينہ:........................ ڪابينات..................................

شعبي جا تجربہ: ڪيترا ڀيرا غسلِ ميت...............................ڪيترا ڀيرا نمازِ جنازه ..........................

مجلس تجهيز و تڪفين جا ذميدار پنهنجا ڪوائف ٽيسٽ مجلس جي ميل ايڊريس ijara.majlisetafteeshmasail@dawateislami.net ۽ ijara.majlisetafteeshqiraat@dawateislami.net تي ميل يا ڏنل نمبرن تي S.M.S ڪن.

ٽيسٽ مجلس مسائل ذميدار جو رابطو نمبر ۽ اسڪائپ آئي ڊي: 03152314789
اسڪائپ آءِ ڊي بيرون ملڪ وارن جي لاءِ "majlisetafteeshmasaiel112"
ٽيسٽ مجلس قراءت ذميدار جو رابطو نمبر ۽ اسڪائپ آئي ڊي 031558525326
اسڪائپ آءِ ڊي بيرون ملڪ وارن جي لاءِ "testmajlis1112"
نوٽ: ضروري مسئلن جي مطالعي جي لاءِ نصاب مجلس تجهيز و تڪفين کان حاصل ڪيو.

## امتحان جي باري ۾ معلومات

(1) تجهيزوتڪفين ٽيسٽ (هي ٽيسٽ هر ذميدار ڪي لازمي ڏيڻو آهي.
تجهيز ۽ تڪفين جي هر ذميدار جي لاءِ مڪمل غسلِ ميت جو طريقو، ڪفن ڪٽڻ ۽ پارائڻ جو طريقو، دفنائڻ جو طريقو ۽ ڪجهه مختلف سوال ڪيا ويندا.
(2) نمازِجنازه پڙهائڻ وارن جي لاءِ قراءت ۽ مسائل ٽيسٽ: هن ٽيسٽ ۾ هنن موضوعن مان سوال ڪيا ويندا: طهارت ۽ نجاست (خفيف ۽ غليظ جون مثالون ۽ حڪم ۽ ڪپڙي پاڪ ڪرڻ جو طريقو) امامت جون شرطون ۽ نماز جون شرطون ، نماز جا فرائض ۽ مفسدات، واجب ۽ مڪروهاتِ تحريمه، نمازِ جنازه، آذان ۽ اقامت، تڪبيرِ تحريمه، تڪبيرِانتقالات، تسبيحات، ثناء، تعوذ ۽ تسميه، سوره فاتحه، سورة فيل، سورة قريش، سورة ماعون، سورة ڪوثر، سورة ڪافرون، سورة نصر، سورة لهب، سورة اخلاص، سوره فلق، سورة ناس، دعاءِ ماثوره، تشهد، درودِ ابراهيمي، سلام، نمازِ جنازه جون ٽئي دعائون.
(3) فاتحه ڪرڻ وارن جي لاءِ قراءت ٽيسٽ: انهن اسلامي ڀائرن جي لاءِ جيڪي فاتحه يا تلقين وغيره ڪندا آهن. هن ٽيسٽ ۾ مڪمل فاتحه جو طريقو، آذان، سورة ملڪ، تلقين ڪرڻ جا الفاظ ٻڌا ويندا.
نوٽ: جيڪڏهن فاتحه ۽ تلقين زباني ڪريو ٿا ته زباني ۽ جيڪڏهن ڏسي ڪندا آهيو ته ڪتاب مان ڏسي ڪري ٽيسٽ ٿيندو.
باالمشافہ (سامهون) مسئلن ۽ قراءت ٽيسٽ ڏيڻ جي لاءِ هر آچر تي هن مقامن تي تشريف ڪٺي اچو.
(1) عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ، باب المدينہ ڪراچي. (3) فيضانِ مدينہ گلزارِ طيبہ سرگودا
(2) فيضانِ مدينہ، مدينة الاولياء ملتان.
ٽيسٽ مجلس مسائل و قراءت (مجلس اجاره دعوت اسلامي)

| علاقو |
|---|
| |

| نگران علاقہ مشاورت |
|---|
| |

# ماهوار علاقہ ڪارڪردگي فارم

برائي مدني مهينو ۽ سن:

حقيقي ڪارڪردگي اها آهي جنهن سان اسلامي ڀائرن ۾ عمل جو جذبو پيدا ٿئي ۽ آخرت جون برڪتون ملن.

| نمبر شُمار | هفتہ | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | ---------------- | ڪيترن جڳهن تي بينر لڳايا؟ | اڄ تائين ڪيترا بينر لڳي چڪا آهن | ڪيترن تجهيز ۽ تڪفين جي سعادت ملي؟ | ڪيترا اجتماع مدني مذاڪره براءِ ايصال ثواب جي ترڪيب بڻي ؟ | ڪيترا اجتماع ذڪر و نعت براءِ ايصالِ ثواب جي ترڪيب بڻي؟ |
| 1 | پهريون هفتو | | | | | |
| 2 | ٻيو هفتو | | | | | |
| 3 | ٽيون هفتو | | | | | |
| 4 | چوٿون هفتو | | | | | |
| 5 | پنجون هفتو | | | | | |
| مجموعي ڪارڪردگي | | | | | | |
| گذريل مهيني جي ڪارڪردگي | | | | | | |
| تقابلي جائزو (ترقي/تنزلي) | | | | | | |

| هن مهيني | ڪيترا ٽيسٽ ٿيا؟ | ڪيترن لواحقين کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرايو؟ | |
|---|---|---|---|
| | | 3 ڏينهن | 12 ڏينهن |
| | | | |

براءِ ڪرم! هي ڪارڪردگي فارم هر عيسوي مهيني جي پهرين تاريخ تائين علاقائي مشاورت نگران و ڊويزن ذمہ دار مجلس تجهيز و تڪفين کي جمع ڪرايو.

دستخط علاقائي ذمہ دار مجلِس

مدني مقصد: مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“
(مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي)

| ڪابينہ |
|---|
| |

| نگران ڪابينہ |
|---|
| |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا

## مجلس تجهِيز و تڪفِين جي ٽيسٽ 3 مهينن جي ڪارڪردگي

| براءِ مدني مهينو ۽ سن: | |
|---|---|

حقيقي ڪارڪردگي اها آهي جنهن سان اسلامي ڀائرن ۾ عمل جو جذبو پيدا ٿئي ۽

| نمبر شُمار | ڊويزن جو نالو | تجهيز و تڪفين ذمہ دار بڻجي ويا؟ | تجهيز وڊيو اجتماع ڏسي ڇڏيو؟ | تجهيز ٽيسٽ ٿي ويو؟ | تجهيزو تڪفين ڪتاب پڙهي ڇڏيو؟ |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | | | | | |
| 2 | | | | | |
| 3 | | | | | |
| 4 | | | | | |
| 5 | | | | | |
| 6 | | | | | |
| 7 | | | | | |
| 8 | | | | | |
| 9 | | | | | |
| 10 | | | | | |
| 11 | | | | | |
| 12 | | | | | |
| 13 | | | | | |
| 14 | | | | | |
| **ٽوٽل** | | | | | |
| ڪابينہ سطح ذمہ دار (مختلف شعبہ جات ڪل تعداد) | | | وڊيو ڏسڻ وارا | | |
| ذيلي حلقي تائين (هر شعبي جي) ذمہ داران ۽ نگران (ڪل تعداد) | | | وڊيو ڏسڻ وارا | | |

| ڪابينه تجهيز و تڪفين ذمه دار |
|---|
| |

| ڪابينات تجهيز و تڪفين ذمه دار |
|---|
| |

بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## فارم (ڪابينه سطح) اسلامي ڀائر

| براءِ عيسوي مهينو ۽ سن: | |
|---|---|

د آخرت برڪتونه حاصل ڪړي. (فرمانِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه)

| تجهيز ڪارډ پړهي چڼيو؟ | مفتش جو ٽيسٽ ٽي ويو؟ | علاقائي سطح ذمه دار (تعداد) | وڊيو ڏسڻ وارا | ٽيسٽ يافته |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | ٽيسٽ يافته | |
| | | | ٽيسٽ يافته | |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا

مُلڪ ..........................

## تجهِيز و تڪفِين جي ٽيسٽ 3 مهينن جي ڪارڪردگي

| نمبر شمار | ڊويزن | ڇا ڊويزن تجهيز ذمہ دار اسلامي ڀيڻ جو تقرر آهي؟ | ڇا ٽيسٽ ڏئي ڇڏيو آهي؟ | ڇا ڪتاب تجهيز مان اسلامي ڀينرن جا مسائل پڙهي ڇڏيا آهن؟ | ڪل ڪيترا علائق آهن؟ | ڪيترن علاقن تي مجلس تجهيز و تڪفين ٺهجي وئي آهي؟ | علاقائي مجلس ۾ ڪيترا ٽيسٽ ٿي ويا آهن؟ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | | | | | | | |
| 2 | | | | | | | |
| 3 | | | | | | | |
| 4 | | | | | | | |
| 5 | | | | | | | |
| 6 | | | | | | | |
| 7 | | | | | | | |
| 8 | | | | | | | |
| 9 | | | | | | | |
| 10 | | | | | | | |
| 11 | | | | | | | |
| 12 | | | | | | | |
| 13 | | | | | | | |
| 14 | | | | | | | |
| 15 | | | | | | | |
| 16 | | | | | | | |
| 17 | | | | | | | |
| مجموعي تعداد | | | | | | | |

بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## فارم (ڪابينہ سطح) اسلامي ڀينرن جي لاءِ

مهينو ۽ سِن (مدني)....... (عيسوي)........

تجهيز و تڪفين ذمہ دار (ڪابينہ سطح)............

| ڪيترن تجهيز ڪتاب مان اسلامي ڀينرن جا مسائل پڙهي ٻڌايا آهن؟ | هن 3 مهينن ۾ ڪيترا ٽيسٽ ٿيا؟ | ڪيتريون اسلامي ڀينرون "بهتر" (ڪامياب) آهن؟ | | | | | | ڪهڙي ڊويزن ۾ ڪل ڪيتريون اسلامي ڀينرون "ممتاز" آهن؟ (جو جيڪي تربيت ڏئي سگهن ٿيون) |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | تجهيز و تڪفين ذمہ داران | | | | | | |
| | | عوام | ذيلي حلقہ | حلقہ | علاقہ | ڊويزن | ڪل | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |
| | | | | | | | | |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

هفتہ وار جدول براءِ مجلس تجهيز و تڪفين

| ڏينهن | تجهيز و تڪفين ڪان علاوه مدني ڪم |
|---|---|
| جمعو / آچر | وڊيو اجتماع / مدني مشوراء<br>اجتماع ذِڪر و نعت براءِ ايصالِ ثواب |
| سومر | تقسيمِ رسائل، مساجِد، مدارس المدينہ ۽ جامعات المدينہ جي تعمير وغيره جي لاءِ مدني عطيات جي ترڪيب |
| اڱارو | بينرز، ٽيسٽ، مدني خبرون وغيره جو جائزو |
| اربع | تعزيتي مڪتوب ڏياريل ۽ عزيزن کي مدني قافلي وغيره جي لاءِ تيار ڪرڻ جي ترڪيب |
| جمعرات | عزيزن سان گڏ هفتہ وار اجتماع ۾ شرڪت |
| ڇنڇر | اجتماعي مدني مذاڪرو براءِ ايصال ثواب |

# سُورَةُ البَقَرَه جون ابتدائي آيتون

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط

مان الله کان پناهه گهران ٿو شيطان مردود جي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحم وارو آهي.

الٓمّٓ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛۚ فِيْهِ ۛۚ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ

الم (1) اهو (وڏي رتبي وارو) ڪتاب (قرآن) جنهن ۾ ڪا به شڪ جي جاءِ نه آهي ڊپ وارن لاءِ هدايت آهي (2)

يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾

جيڪي اڻ ڏٺي ايمان آڻين ۽ نماز قائم رکن ٿا ۽ اسان جي ڏني مان (اسان جي واٽ ۾) خرچ ڪن ٿا (3)

وَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَ مَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ ۚ وَ بِالْاٰخِرَةِ

۽ جيڪي ايمان آڻين ٿا ان تي، جيڪو (اي محبوب) تو ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪو تو کان اڳ لاٿو ويو ۽ آخرت

هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿٤﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ ۗ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٥﴾

تي يقين رکن ٿا (4) اهي پنهنجي پالڻهار جي طرفان هدايت تي آهن ۽ اهي ڪامياب آهن (5).

# سُورَةُ البَقَرَه جي آخري رڪوع جون آيتون

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

الله جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم وارو آهي.

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ط

رسول ايمان آندو ان تي جيڪو سندس رب جي طرفان مٿس نازل ٿيو ۽ ايمان وارن،

كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ ۟ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ

سمورن مڃيو الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي هي چوندي ته اسان ڪنهن رسول

مِّنْ رُّسُلِهٖ ۚ وَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ۗ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا

تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نہ ٿا ڪريون ۽ عرض ڪيائون تہ اسان ميو ۽ پٽو تنهنجي معافي گهرجي اي اسان جا رب،

وَ اِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿۲۸۵﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ

۽ تو ڏانهن ئي موٽڻ آهي (285) الله ڪنهن جان تي بار نہ رکندو آهي مگر سندس طاقت آهر،

لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ عَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَاۤ

سندس پلو آهي جي چڱو ڪيائين ۽ سندس نقصان آهي جي برائي ڪيائين اي اسان جا رب اسان کي پڪڙ

اِنْ نَّسِيْنَاۤ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا تَحْمِلْ عَلَيْنَاۤ اِصْرًا كَمَا

نہ فرماء جيڪڏهن اسان وساريون يا غلطي ڪري ويهون اي اسان جا رب اسان تي ڳرو بار نہ رک جهڙو

حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ

تون اسان کان اڳين تي رکيو هو اي اسان جا رب اسان تي اهو بار نہ وجهہ جنهن جي اسان کي طاقت نہ هجي

وَ اعْفُ عَنَّا ٙ وَ اغْفِرْ لَنَا ٙ وَ ارْحَمْنَا ٙ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا

۽ اسان کي معاف فرماء ۽ بخش ۽ اسان تي مهر فرماء تون اسان جو مولا آهين تون اسان کي

عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۸۶﴾

ڪافرن تي فتح عطا فرماء.

## سورة يٰسين جا فضائل

**حضرت سيدنا ابن عباس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: منهنجي خواهش آهي تہ **سورت يٰسين** منهنجي امت جي هر ماڻهوءَ جي دل ۾ هجي. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

**حضرت سيدنا ابن عباس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا فرمائن ٿا: جيڪو شخص صبح جي وقت **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪري ان ڏينهن جي آساني ان کي شام تائين عطا ڪئي ويئي ۽ جنهن شخص رات جي ابتدا ۾ هن جي تلاوت ڪئي ان کي صبح تائين ان رات جي آساني ڏني وئي. ( الدرالمنثور ج 7 ص 38)

**حصرت سيدنا ابو قلابہ** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي اهي فرمائن ٿا: جنهن **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي، ان جي بخشش ٿي ويندي ۽ جنهن کاڌي جي وقت ان جي گهٽ ٿيڻ جي حالت ۾ تلاوت ڪئي تہ اهو کيس ڪافي ٿي ويندو ۽ جنهن بہ ڪنهن مرڻ واري وٽ ان جي تلاوت ڪئي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ (ان تي) موت جي وقت نرمي فرمائيندو ۽ جنهن ڪنهن عورت وٽ ان جي ٻار جي ولادت جي تڪليف تي **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ان تي آساني ٿيندي. ۽ جنهن هن جي تلاوت ڪئي ڄڻ تہ ان يارنهن ڀيرا قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ۽ هر شيءِ جي لاءِ دل آهي ۽ قرآن شريف جي دل **سورت يٰسين** آهي. (الدرالمنثور ج 7 ص 39)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اللہ جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰسٓ ۚ﴿١﴾ وَ الْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ۙ﴿٢﴾ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۙ﴿٣﴾ عَلٰى

حڪمت واري قرآن جو قسم. بيشڪ تون سڌي واٽ تي موڪليل (رسول) آهين.

صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ؕ﴿٤﴾ تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ۙ﴿٥﴾ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّاۤ

عزت واري مهربان جو نازل ڪيل جيئن تون ان قوم کي ڊيڄارين

اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٦﴾ لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰۤى اَكْثَرِهِمْ

جن جي ابن ڏاڏن کي نہ ڊيڄاريو ويو هو. پوءِ اهي بي خبر آهن بيشڪ انهن ۾ گهڻن تي ڳالهہ ثابت ٿي

فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٧﴾ اِنَّا جَعَلْنَا فِيْۤ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ

چڪي آهي پوءِ اهي ايمان نہ آڻيندا. اسان انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهي ڇڏيا آهن جيڪي ڪاڏين تائين آهن

اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ ﴿٨﴾ وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا

پوءِ اهي منهن مٿي ڪنيل رهجي ويا. ۽ اسان انهن جي اڳيان ديوار ٺاهي ڇڏي ۽ انهن جي پٺيان هڪ ٻئي

وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿٩﴾ وَ سَوَآءٌ

ديوار ۽ انهن کي مٿئون ڍڪي ڇڏيوسين پوءِ انهن کي ڪجهه بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ۽ انهن کي برابر آهي

عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠﴾ اِنَّمَا تُنْذِرُ

تون انهن ڊيڄاري يا نہ ڊيڄاري اهي ايمان نہ آڻيندا. تون فقط انهي کي ڊيڄاري ٿو

مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّ اَجْرٍ

جيڪو نصيحت تي هلي ۽ رحمٰن کان اڻ ڏٺي ڊنو پوءِ انهي کي خوشخبري ڪي بخشش ۽ عزت واري ثواب

كَرِيْمٍ ﴿١١﴾ اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَ نَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا وَ اٰثَارَهُمْ ؕ

جي. بيشڪ اسان مئل جيئاريندا سين ۽ اسان لکي رهيا آهيون جو ڪجهه انهن اڳتي موڪليو ۽ جيڪي

وَ كُلَّ شَیْءٍ اَحْصَیْنٰهُ فِیْۤ اِمَامٍ مُّبِیْنٍ ﴿۱۲﴾ وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا
نشانيون پٺيان ڇڏي ويا ۽ هر شي اسان ڳڻي ڇڏي آهي هڪ ٻڌائڻ واري ڪتاب ۾. ۽ انهن سان نشانيون بيان

اَصْحٰبَ الْقَرْیَةِ ۘ اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿۱۳﴾ اِذْ اَرْسَلْنَاۤ اِلَیْهِمُ
ڪري ڇڏ ان شهر وارن جون جڏهن انهن وٽ موڪليل آيا. جڏهن اسان انهن جي طرف ٻہ موڪليا

اثْنَیْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْۤا اِنَّاۤ اِلَیْكُمْ
پوءِ انهن کي ڪوڙو چيائون تہ اسان انهن جي تائيد ڪئي ٽئين سان انهن سمورن اچي چيو اسان توهان جي طرف

مُّرْسَلُوْنَ ﴿۱۴﴾ قَالُوْا مَاۤ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۙ وَ مَاۤ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ
موڪليل آهيون. (جواب ۾) چيائون توهان تہ اسان جهڙا ئي انسان آهيو ۽ رحمٰن ڪجهه بہ نازل ناهي ڪيو

مِنْ شَیْءٍ ۙ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ ﴿۱۵﴾ قَالُوْا رَبُّنَا یَعْلَمُ اِنَّاۤ اِلَیْكُمْ
توهان تہ صفا ڪوڙا آهيو. انهن چيو اسان جو رب ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ ضرور اسان توهان ڏانهن

لَمُرْسَلُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَ مَا عَلَیْنَاۤ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِیْنُ ﴿۱۷﴾ قَالُوْۤا اِنَّا تَطَیَّرْنَا
موڪليا ويا آهيون. ۽ اسان جي ذمي نہ آهي مگر صاف پهچائي ڇڏڻ. چوڻ لڳا اسان توهان کي

بِكُمْ ۚ لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَ لَیَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ
منحوس سمجهيو ٿا بيشڪ جيڪڏهن توهان نہ مڙيئو تہ ضرور اسان توهان کي پٿرن سان چٽينداسين ۽ بيشڪ

اَلِیْمٌ ﴿۱۸﴾ قَالُوْا طَآىِٕرُكُمْ مَّعَكُمْ ؕ اَىِٕنْ ذُكِّرْتُمْ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۱۹﴾
اسان جي هٿان توهان تي تڪليف ڏيندڙ سزا پهچندي. انهن فرمايو توهان جي نحوست تہ توهان سان گڏ آهي ڇا

وَ جَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِیْنَةِ رَجُلٌ یَّسْعٰى قَالَ یٰقَوْمِ اتَّبِعُوا
توهان ان تي ٿهو ٿا جو توهان کي نصيحت ڪئي وئي بلڪ توهان حد کان لنگهندڙ ماڻهو آهيو. ۽ شهر جي پرئين

الْمُرْسَلِیْنَ ﴿۲۰﴾ اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا یَسْــٴَـلُكُمْ اَجْرًا وَّ هُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۲۱﴾
ڇيڙي کان هڪ مرد ڊڪندو آيو چيائين اي منهنجي قوم پيروي ڪيو موڪليلن جي. اهڙن جي پيروي ڪيو جيڪي

وَ مَا لِیَ لَاۤ اَعْبُدُ الَّذِیْ فَطَرَنِیْ وَ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٢﴾ ءَاَتَّخِذُ مِنْ

توهان کان مزدوري نہ ٿا گهرن ۽ اهي سڌي واٽ تي آهن. ۽ مون کي ڇا ٿو آهي جو ان جي بندگي نہ ڪريان جنهن

دُوْنِهٖۤ اٰلِهَةً اِنْ یُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّیْ شَفَاعَتُهُمْ شَیْــٴًـا

مون کي پيدا ڪيو ۽ توهان کي بہ ان جي طرف موٽڻو آهي. ڇا الله کان سواءِ ٻيا خدا ٺاهيان جو جيڪڏهن رحمٰن

وَّ لَا یُنْقِذُوْنِ ﴿٢٣﴾ اِنِّیْۤ اِذًا لَّفِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ ﴿٢٤﴾ اِنِّیْۤ اٰمَنْتُ بِرَبِّكُمْ

مون کي نقصان پهچائڻ گهري تہ انهن جي سفارش مون کي ڪو فائدو نہ ڏي ۽ نہ ئي مون کي بچائي سگهن

فَاسْمَعُوْنِ ﴿٢٥﴾ قِیْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ ؕ قَالَ یٰلَیْتَ قَوْمِیْ یَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾

بيشڪ تڏهن تہ مان کليل گمراهيءَ ۾ آهيان. بيشڪ مان توهان جي رب تي ايمان آندو پوءِ منهنجي ٻڌو. ان کي فرمايو ويو تہ جنت

بِمَا غَفَرَ لِیْ رَبِّیْ وَ جَعَلَنِیْ مِنَ الْمُكْرَمِیْنَ ﴿٢٧﴾ وَ مَاۤ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ

۾ داخل ٿيءُ چيائين ڪنهن طرح منهنجي قوم ڄاڻي ها. جيئن منهنجي رب مون کي بخشيو ۽ مون کي عزت واري مان ڪيائين

بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَ مَا كُنَّا مُنْزِلِیْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْ كَانَتْ

۽ اسان ان کان پوءِ ان جي قوم تي آسمان تان ڪو لشڪر نہ لاٿو. ۽ نہ ئي اتي اسان کي ڪو لشڪر لاهڻو هو.

اِلَّا صَیْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿٢٩﴾ یٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا یَاْتِیْهِمْ

اهو تہ هڪ ڪڙڪي دار آواز هو بس تڏهن اهي وسامي رهجي ويا. ۽ چيو ويو هاءِ افسوس انهن ٻانهن تي

مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ یَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ یَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا

جڏهن انهن وٽ ڪو رسول اچي ٿو تہ انهن سان مسخري ئي ڪندا آهن. ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان انهن کان اڳي

قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَیْهِمْ لَا یَرْجِعُوْنَ ﴿٣١﴾ وَ اِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِیْعٌ

ڪيترين قومون تباهہ فرمائي ڇڏيون جو هاڻي اهي هنن ڏانهن موٽڻ وارا ئي نہ آهن. ۽ جيترا بہ آهن سمورا اسان جي حضور

لَّدَیْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَ اٰیَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَیْتَةُ ۚۖ اَحْیَیْنٰهَا

حاضر ڪيا ويندا ۽ انهن جي واسطي هڪ نشاني مئل زمين آهي اسان اها جيئاري پوءِ ان مان

وَ اَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ یَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَ جَعَلْنَا فِیْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ

اناج پيدا ڪيوسين سو انهيءَ انهن مان کائن ٿا ۽ اسان ان ۾ باغ ٺاهيا کجين ۽ انگورن جا

نَخِيۡلٍ وَّ اَعۡنَابٍ وَّفَجَّرۡنَا فِيۡهَا مِنَ الۡعُيُوۡنِ ۝٣٤ لِيَاۡكُلُوۡا مِنۡ ثَمَرِهٖ

۽ اسان ان ۾ ڪجهہ چشما وهايا جيئن ان جي ميون مان کائن ۽ جن کي انهن جي هٿن نہ ٺاهيو آهي

وَمَا عَمِلَتۡهُ اَيۡدِيۡهِمۡ ؕ اَفَلَا يَشۡكُرُوۡنَ ۝٣٥ سُبۡحٰنَ الَّذِىۡ خَلَقَ الۡاَزۡوَاجَ

ڇا پوءِ حق نہ ٿا مڃين. پاڪائي آهي ان جي جنهن سمورا جوڙا بڻايا

كُلَّهَا مِمَّا تُنۡۢبِتُ الۡاَرۡضُ وَمِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَمِمَّا لَا يَعۡلَمُوۡنَ ۝٣٦ وَاٰيَةٌ لَّهُمُ

انهن شين مان جيڪي زمين ڄمائيندي آهي ۽ خود انهن مان ۽ انهن شين مان جن جي انهن جي خبر ناهي.

الَّيۡلُ ۖۚ نَسۡلَخُ مِنۡهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمۡ مُّظۡلِمُوۡنَ ۝٣٧ وَالشَّمۡسُ تَجۡرِىۡ

۽ انهن جي واسطي هڪ نشاني رات آهي اسان ان مان ڏينهن کي ڪڍي وٺندا آهيون تڏهن اهي اونداهيءَ ۾ آهن.

لِمُسۡتَقَرٍّ لَّهَا ؕ ذٰلِكَ تَقۡدِيۡرُ الۡعَزِيۡزِ الۡعَلِيۡمِ ۝٣٨ وَالۡقَمَرَ قَدَّرۡنٰهُ مَنَازِلَ

۽ سج هلي ٿو پنهنجي هڪ منزل آهي هي حڪم آهي زبردست علم واري جو. ۽ چنڊ جي واسطي اسان منزلون

حَتّٰى عَادَ كَالۡعُرۡجُوۡنِ الۡقَدِيۡمِ ۝٣٩ لَا الشَّمۡسُ يَنۡۢبَغِىۡ لَهَاۤ اَنۡ تُدۡرِكَ

مقرر ڪيون آهن ايسيتائين جو وري ٿي ويو کجي جي پراڻي ڏنگي ٽاري وانگر. سج کي مجال نہ آهي جو چنڊ

الۡقَمَرَ وَلَا الَّيۡلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَكُلٌّ فِىۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ ۝٤٠ وَاٰيَةٌ لَّهُمۡ

کي پڪڙي ۽ نہ رات ڏينهن تي اڳرائي ڪري ۽ هر هڪ، هڪ دائري ۾ تي رهيو آهي. ۽ انهن جي

اَنَّا حَمَلۡنَا ذُرِّيَّتَهُمۡ فِى الۡفُلۡكِ الۡمَشۡحُوۡنِ ۝٤١ وَخَلَقۡنَا لَهُمۡ مِّنۡ

واسطي هڪ نشاني هيءَ آهي جو انهن کي سندن بزرگن جي پٺيءَ ۾ اسان ڀريل ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيو ۽

مِّثۡلِهٖ مَا يَرۡكَبُوۡنَ ۝٤٢ وَاِنۡ نَّشَاۡ نُغۡرِقۡهُمۡ فَلَا صَرِيۡخَ لَهُمۡ وَلَا هُمۡ

انهن جي واسطي اهڙيون ئي ٻيڙيون ٺاهي ڇڏيون جن تي سوار ٿين ٿا. ۽ اسان گهرون تہ انهن کي ٻوڙي ڇڏيون

يُنۡقَذُوۡنَ ۝٤٣ اِلَّا رَحۡمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيۡنٍ ۝٤٤

پوءِ نہ تہ ڪو انهن جي فرياد رسي ڪرڻ وارو هجي ۽ نہ اهي بچايا وڃن. مگر اسان جي طرف کان رحمت ۽ هڪ وقت تائين

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَ مَا خَلْفَكُمْ

نفعو وٺڻ لاءِ چڙهڻ. ۽ جڏهن انهن کي فرمايو وڃي ٿو ته ڊڄو توهان ان کان جيڪو توهان جي اڳيان آهي

لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا

۽ جيڪو توهان جي پٺيان اچڻ وارو آهي. من توهان تي رحم ٿئي ته منهن موڙن ٿا. ۽ جڏهن به انهن وٽ سندن رب جي

عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ

نشانين مان ڪا نشاني اچي ٿي ته انهن کان منهن ئي ڦيري ڇڏين ٿا. ۽ جڏهن انهن کي فرمايو وڃي الله جي ڏني مان

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗۤ ۖۗ اِنْ اَنْتُمْ

ڪجهه سندن راهه ۾ خرچ ڪيو ته ڪافر مسلمانن جي واسطي چون ٿا ته ڇا اسان ان کي کارايون، جنهن کي الله چاهي ها ته

اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٧﴾ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾

کارائي ها توهان ته نه آهيو مگر کلي گمراهي ۾. ۽ چون ٿا ڪڏهن ايندو اهو واعدو جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

واٽ نه ٿا نهارين مگر هڪ خوفناڪ آواز جي جو انهن کي پهچندو جڏهن جو اهي دنيا جي جهڳڙي ۾ فاٿل هوندا.

تَوْصِيَةً وَّلَاۤ اِلٰۤى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٠﴾ وَ نُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَاِذَا هُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ

پوءِ نه وصيحت ڪري سگهندا نه پنهنجي گهر پوٽي ويندا. ۽ صور ڦوڪي ويندي تڏهن اهي قبرن مان

اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ ﴿٥١﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ مَّرْقَدِنَا ٚ مسكتة

پنهنجي رب جي طرف ڊوڙندا هلندا. چوندا هاءِ اسان جي بربادي ڪنهن اسان کي ننڊ مان جاڳائي ڇڏيو

هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَ صَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٢﴾ اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً

هيءَ آهي اهو جنهن جو رحمٰن واعدو ڪيو هو ۽ رسولن حق فرمايو هو. اهو ته نه هوندو مگر

وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ

هڪ ڪڙڪيدار آواز تڏهن اهي سموري جا سمورا اسان جي حضور حاضر ٿي ويندا. پوءِ اڄ ڪنهن ساهه واري تي

شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۵۴﴾ اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ

ڪوبہ ظلم نہ ٿيندو ۽ توهان تي فقط توهان جي عملن جو ئي بدلو ملندو بيشڪ جنت وارا اڄ دل وندرائيندڙ آرام ۾

الْيَوْمَ فِيْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿۵۵﴾ هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ

آهن ۽ اهي ۽ سندن بيبيون ڇانون ۾ (شاهي) تختن تي ٽيڪ لڳائيندڙ آهن. انهن جي واسطي

مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿۵۶﴾ لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ﴿۵۷﴾ سَلٰمٌ قَوْلًا

ان ۾ ميوا آهن ۽ انهن جي واسطي اهو ڪجهه آهي جيڪي گهرندا. انهن تي سلام هوندو مهربان رب جو

مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿۵۸﴾ وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۵۹﴾ اَلَمْ اَعْهَدْ

فرمايل. ۽ اڄ جدا ٿي وڃو اي مجرمو. اي آدم جي اولاد ڇا مان توهان کان واعدو نہ ورتو هو تہ شيطان جي پوڄا

اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۶۰﴾

نہ ڪندئو بيشڪ اهو توهان جو کليو دشمن آهي. ۽ منهنجي بندگي ڪجو

وَّاَنِ اعْبُدُوْنِيْ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿۶۱﴾ وَلَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا

اها سڌي واٽ آهي. ۽ بيشڪ ان توهان مان تمام گهڻي خلق کي ڀٽڪايو ڇا توهان کي

كَثِيْرًا اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۲﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿۶۳﴾

عقل نہ هيو. هيءُ آهي اهو جهنم جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويندو هو.

اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۶۴﴾ اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰۤى اَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ

اڄ ان ۾ داخل ٿيو پنهنجي ڪفر جي بدلي. اڄ اسان انهن جي وات تي مهر هڻي ڇڏينداسين ۽ انهن جا

اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۶۵﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا

هٿ اسان سان ڳالهائيندا ۽ انهن جا پير انهن جي ڪمن جي شاهدي ڏيندا ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ها تہ انهن

عَلٰۤى اَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَاَنّٰى يُبْصِرُوْنَ ﴿۶۶﴾ وَلَوْ نَشَآءُ

جون اکيون مٽائي ڇڏيون ها پوءِ ڀُڪي رستي جي طرف وڃن ها تہ انهن کي ڪجهه نظر نہ اچي ها. ۽ جيڪڏهن

لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مُضِيًّا وَّ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿۶۷﴾ وَ مَنْ

اسان گهرون ها ته انهن جون گهر ويٺي صورتون بدلائي ڇڏيو ها. پوءِ نه اڳتي وڌي سگهن ها نه پٺتي موٽي سگهن ها

نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِي الْخَلْقِ ؕ اَفَلَا يَعْقِلُوْنَ ﴿۶۸﴾ وَ مَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَ مَا

۽ جنهن کي اسان وڏي عمر ڏيون ان کي پيدائش ۾ ابتو ڦيري ڇڏيون پوءِ ڇا نه ٿا سمجهن. ۽ اسان کي شعر

يَنْۢبَغِيْ لَهٗ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ وَّ قُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿۶۹﴾ لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّ يَحِقَّ

چوڻ نه سيکاريو ۽ نه اهو ان جي شان جي لائق آهي اهو نه آهي مگر نصيحت ۽ روشن قرآن. جوان کي ڊيڄاري

الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿۷۰﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ

جيڪو جيرو هجي ۽ ڪافرن تي ڳالهه ثابت ٿي وڃي. ۽ ڇا انهن نه ڏٺو ته اسان پنهنجي هٿ ڪان بڻايل چوپايا انهن جي واسطي

اَيْدِيْنَاۤ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ﴿۷۱﴾ وَ ذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ

پيدا ڪيا پوءِ هي انهن جا مالڪ آهن. ۽ انهن کي انهن جي واسطي تابع ڪري ڇڏيو پوءِ ڪن تي سواري ڪن

وَ مِنْهَا يَاْكُلُوْنَ ﴿۷۲﴾ وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَ مَشَارِبُ ؕ اَفَلَا

ڪن کي کائن ٿا. ۽ انهن جي واسطي انهن ۾ ڪيترائي نفعا ۽ پيئڻ جو شيون آهن ڇا پوءِ

يَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾ وَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿۷۴﴾

شڪر نه ڪندا. ۽ انهن الله کان سواءِ ٻيا خدا ناهي ورتا جو شايد انهن جي مدد نه ٿئي.

لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ ۙ وَ هُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴿۷۵﴾ فَلَا يَحْزُنْكَ

اهي انهن جي مدد نه ٿا ڪري سگهن ۽ اهي سندن لشڪر سمورا گرفتار ٿي حاضر ٿيندا. پوءِ تو کي

قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ﴿۷۶﴾ اَوَ لَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ

انهن جي ڳالهه جو ڏک نه ٿئي بيشڪ اسان ڄاڻيو ٿا جو ڪجهه اهي لڪائن ٿا ۽ ظاهر ڪن ٿا.

اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿۷۷﴾ وَ ضَرَبَ لَنَا مَثَلًا

۽ ڇا انسان نه ڏٺو ته اسان ان کي پاڻي جي قطري مان بڻايو تڏهن اهو کليل جهيڙالو آهي. ۽ اسان جي واسطي

وَّ نَسِیَ خَلْقَهٗ ؕ قَالَ مَنْ یُّحْیِ الْعِظَامَ وَ هِیَ رَمِیْمٌ ﴿۷۸﴾ قُلْ یُحْیِیْهَا

مثال بيان ڪري ٿو ۽ پنهنجي پيدائش کي وساري ويٺو چوڻ لڳو اهڙو ڪير آهي جيڪو هڏيون جيريون ڪري

الَّذِیْۤ اَنْشَاَهَاۤ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ وَ هُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِیْمُ ۙ﴿۷۹﴾ الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ

جڏهن اهي بلڪل ڳري وڃن. تون فرماءِ انهن کي اهو ئي جيئاريندو جنهن پهرين ڀيري انهن جي ٺاهيو ۽ ان جي هر

الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَاۤ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ﴿۸۰﴾ اَوَ لَیْسَ الَّذِیْ

پيدائش جي خبر آهي. جنهن توهان جي واسطي سائي وڻ مان باهه پيدا ڪئي تڏهن توهان ان مان باهه ٻاريندا آهيو

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰۤی اَنْ یَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ؔؕ بَلٰیۗ وَ هُوَ الْخَلّٰقُ

۽ ڇا اهو جنهن آسمان ۽ زمين ٺاهيا انهن جهڙا ٻيا پيدا نه ٿو ڪري سگهي ڇو نه ۽ اهو ئي آهي تمام وڏو پيدا ڪرڻ وارو

الْعَلِیْمُ ﴿۸۱﴾ اِنَّمَاۤ اَمْرُهٗۤ اِذَاۤ اَرَادَ شَیْــٴًـا اَنْ یَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَیَكُوْنُ ﴿۸۲﴾

سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ. ان جو ڪم ته هيءُ آهي جو جڏهن ڪنهن شيءِ کي چاهي ته ان کي فرمائي ٿي وڃ ته اها فورًا ٿي ويندي آهي

فَسُبْحٰنَ الَّذِیْ بِیَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَیْءٍ وَّ اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۳﴾

پوءِ پاڪي آهي ان جي جنهن جي هٿ هر شيءِ جو قبضو آهي ۽ انهيءَ جي طرف موٽايا ويندو.

## سورة الملڪ جا فضائل

**حضرت سيدنا ابن عباس** رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن هڪ ماڻهو کي فرمايو: ڇا مان توکي هڪ حديث تحفي جي طور تي نه ڏيان جنهن سان تون خوش ٿي وڃين، ان عرض ڪيو بيشڪ! ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو، هي سوره پڙهو، تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ ۽ هي سورت پنهنجي اهل و عيال پنهنجي سيني ٻارن، پنهنجي گهرجي ٻارن ۽ پنهنجي پاڙي وارن کي سيکاريو (ان جي انهن کي تعليم ڏيو) ڇاڪاڻ ته هي نجات ڏيارڻ واري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ پنهنجي رب وٽ جهڳڙو ڪرڻ واري آهي. ۽ هيءَ ان کي ڳوليندي ته جيئن

ان کي جهنم جي عذاب کان نجات ڏياري. ۽ ان جي ڪري هن جو قاري (يعني تلاوت ڪندڙ) عذاب کان بہ نجات حاصل ڪندو.
(در منثور، ج. 8، ص. 231)

**حضرت سيدنا عبدالله بن مسعود** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ: جڏهن ٻانهو قبر ۾ ويندو تہ عذاب ان جي پيرن جي پاسي کان ايندو تہ ان جا پير چوندا تنهنجي لاءِ مون واري پاسي کان ڪو رستو نہ آهي ڇوتہ هي رات ۾ **سوره ملڪ** پڙهندو هو پوءِ وري عذاب ان جي سيني يا پيٽ ڏانهن ايندو تہ اهو چوندو تہ تنهنجي لاءِ مون واري پاسي کان ڪو رستو نہ آهي ڇو جو هي رات جو سوره ملڪ پڙهندو هو، پوءِ وري ان جي مٿي جي طرف کان ايندو تہ مٿو چوندو تہ تنهنجي لاءِ منهنجي پاسي کان ڪو رستو نہ آهي ڇو جو هي رات جو سورت ملڪ پڙهندو هو.“ تہ هي سورت روڪڻ واري آهي، عذاب قبر کان روڪيندي آهي تورات ۾ ان جو نالو **سوره ملڪ** آهي جيڪو ان کي رات ۾ پڙهندو آهي ڏاڍو سٺو ۽ ڀلو عمل ڪندو آهي.“ (مستدرڪ حاڪم، ج. 3، ص. 322، حديث 3892)

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ منهنجي خواهش آهي تہ تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ هر مؤمن جي دل ۾ هجي.
(ڪنز العمال، ج. 1، ص. 291، حديث 2645)

چند ڏسي هن کي پڙهيو وڃي تہ مهيني جي 30 ڏينهن تائين هو سختين کان اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ محفوظ رهندو ڇاڪاڻ تہ هي 30 آيتون آهن ۽ 30 ڏينهن لاءِ ڪافي آهن. (روح المعاني، سورة الملڪ، ج. 15، 4)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

اللہ جي نالي سان شروع جيڪو نهايت مهربان رحم ڪرڻ وارو آهي

تَبٰرَكَ الَّذِیۡ بِیَدِہِ الۡمُلۡكُ ۫ وَ هُوَ عَلٰی كُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرُۨ ۙ﴿۱﴾ الَّذِیۡ

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن جي قبضي ۾ سمورو ملڪ آهي ۽ اهو هر شيء تي قادر آهي. اهو

خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَ الۡحَیٰوۃَ لِیَبۡلُوَكُمۡ اَیُّكُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ وَ هُوَ الۡعَزِیۡزُ

جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي جيئن توهان جو امتحان ٿئي توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ چڱا آهن ۽ اهو ئي

الۡغَفُوۡرُ ۙ﴿۲﴾ الَّذِیۡ خَلَقَ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ؕ مَا تَرٰی فِیۡ خَلۡقِ

عزت وارو بخشش وارو آهي. جنهن ست آسمان بڻايا هڪڙي مٿان ٻيون تون رحمٰن جي پيدا ڪرڻ

الرَّحۡمٰنِ مِنۡ تَفٰوُتٍ ؕ فَارۡجِعِ الۡبَصَرَ ۙ هَلۡ تَرٰی مِنۡ فُطُوۡرٍ ﴿۳﴾

(جي عمل) ۾ ڇا فرق ڏسين تو پوءِ نظر کڻي ڏس تون ڪي ڪو ڦاٽ نظر اچي ٿو.

ثُمَّ ارۡجِعِ الۡبَصَرَ كَرَّتَیۡنِ یَنۡقَلِبۡ اِلَیۡكَ الۡبَصَرُ خَاسِئًا وَّ هُوَ حَسِیۡرٌ ﴿۴﴾ وَ لَقَدۡ

پوءِ ٻيهر نظر کڻي ڏس تنهنجي نظر ناڪام موٽندي ٿڪل ۽ حسرت ڪائيندي. ۽

زَیَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنۡیَا بِمَصَابِیۡحَ وَ جَعَلۡنٰهَا رُجُوۡمًا لِّلشَّیٰطِیۡنِ وَ اَعۡتَدۡنَا

بيشڪ اسان هيٺين آسمان کي ڏيئن سان سينگاريو ۽ انهن کي شيطانن جي سزا بڻايو ۽ انهن

لَهُمۡ عَذَابَ السَّعِیۡرِ ﴿۵﴾ وَ لِلَّذِیۡنَ كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ عَذَابُ

جي واسطي پڙڪندڙ باهه جو عذاب تيار فرمايو . ۽ جن پنهنجي رب سان ڪفر ڪيو انهن جي واسطي جهنم

جَهَنَّمَ ؕ وَ بِئۡسَ الۡمَصِیۡرُ ﴿۶﴾ اِذَاۤ اُلۡقُوۡا فِیۡهَا سَمِعُوۡا لَهَا شَهِیۡقًا

جو عذاب آهي ۽ ڪهڙو نه برو انجام آهي. جڏهن ان ۾ سٽيا ويندا ان جي شور ھُلّ کي ٻڌندا

وَّ هِیَ تَفُوۡرُ ۙ﴿۷﴾ تَكَادُ تَمَیَّزُ مِنَ الۡغَیۡظِ ؕ كُلَّمَاۤ اُلۡقِیَ فِیۡهَا فَوۡجٌ

جو جوش هڻندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته سخت ڪاوڙ ۾ ڦاٽي پوندو جڏهن ڪو ٽولو ان ۾ وڌيو ويندو

سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ﴿۸﴾ قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا

ان جا داروغہ انهن کان پڇندا ڇا توهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ ڪو نہ آيو هو. چوندا ڇو نہ بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ تشريف

نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚۖ اِنْ

وٺي آيا پوءِ اسان ڪوڙو سمجهيو ۽ چيو الله ڪجهہ نہ لاٿو توهان تہ نہ آهيو مگر ڪلي گمراهي ۾ ۽ چوندا.

اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ﴿۹﴾ وَ قَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ

جيڪڏهن اسان ٻڌون ها يا سمجهيون ها تہ دوزخ وارن مان نہ هجون ها.

مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿۱۰﴾ فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا

هاڻي انهن پنهنجي گناهہ جو اقرار ڪيو ۽ ڦٽڪار هجي دوزخين تي.

لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿۱۱﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ

بيشڪ جيڪي اڻ ڏٺي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا انهن جي واسطي بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

وَّ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿۱۲﴾ وَ اَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ

۽ توهان پنهنجي ڳالهہ آهستي ڪريو يا وڏي آواز سان اهو تہ دلين جي ڄاڻ رکي ٿو.

الصُّدُوْرِ ﴿۱۳﴾ اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَ هُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۴﴾ ع

ڇا اهو نہ ٿو ڄاڻي جنهن پيدا ڪيو ۽ اهو ئي آهي هر باريڪي ڄاڻڻ وارو خبردار.

هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا

اهو ئي آهي جنهن توهان جي واسطي زمين مسخر فرمائي پوءِ ان جي رستن ۾ هلو ۽ الله جي

وَ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿۱۵﴾ ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ

روزي مان کائو ۽ ان جي طرف اٿڻو آهي. ڇا توهان ان کان بي خوف تي ويئو

فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ﴿۱۶﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ

جنهن جي بادشاهي آسمان ۾ آهي جو توهان کي زمين ۾ دبي ڇڏي تڏهن اها ڏڏندڙ يا توهان بي خوف تي

فِي السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ نَذِيْرِ ﴿۱۷﴾

ويئو ان کان جنهن جي بادشاهي آسمانن ۾ آهي جو توهان تي پٿر وسائي پوءِ عنقريب ڄاڻي وٺندو ڪئين هو

وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿۱۸﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى

منهنجو ڏيچارڻ ۽ بيشڪ انهن کان اڳين تڪذيب ڪئي پوءِ ڪيئن ٿيو منهنجو انڪار. ۽ ڇا انهن پنهنجي

الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ؔۘ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ

مٿان پکي نہ ڏٺا پر پکيڙيندڙ ۽ سکيڙندڙ، انهن کي ڪو بہ نہ ٿو روڪي سواءِ رحمٰن جي، بيشڪ اهو سڀ

شَيْءٍۭ بَصِيْرٌ ﴿۱۹﴾ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ

ڪجھ ڏسي ٿو. يا اهو توهان جو ڪهڙو لشڪر آهي جو رحمٰن جي مقابلي ۾ توهان جي مدد ڪري.

الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِيْ غُرُوْرٍ ﴿۲۰﴾ ۚ اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ

ڪافر نہ آهن مگر ٺوڪي ۾. يا ڪير اهڙو آهي جيڪو توهان کي روزي ڏي

اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِيْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ ﴿۲۱﴾ اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى

جيڪڏهن اهو روزي روڪي ڇڏي بلڪ اهي سرڪش ۽ نفرت ۾ ڍيٽ ٿيل آهي. پوءِ ڇا جيڪو پنهنجي منهن

وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۲﴾ قُلْ هُوَ

ڀر اونڌو هلي وڌيڪ هدايت تي آهي يا ٺيڪ هلي سڌي واٽ تي آهي. (اي حبيب) تون فرماءِ اهو ئي آهي

الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا

جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهان جي واسطي ڪن ۽ اکيون ۽ دل ٺاهيائين، ڪيترو نہ ٿورو شڪر

مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۲۳﴾ قُلْ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ

ڪيو ٿا. (اي حبيب) تون فرماء اهو ئي آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ انهيءَ جي طرف اٿاريا

تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۵﴾

ويندئو. ۽ چون ٿا اهو واعدو ڪڏهن ايندو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. (اي حبيب) تون فرماء

قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۪ وَاِنَّمَاۤ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۶﴾ فَلَمَّا

اهو علم تہ الله وٽ ئي آهي ۽ مان تہ فقط صف ڊيڄاريندڙ آهيان. پوءِ جڏهن ان کي

رَاَوْهُ زُلْفَةً سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

ويجهو ڏسندا تہ ڪافرن جا منهن بگڙجي ويندا ۽ انهن کي فرمايو ويندو هيءُ آهي جيڪو توهان گهرندا هئا.

تَدۡعُوۡنَ ﴿۲۷﴾ قُلۡ اَرَءَیۡتُمۡ اِنۡ اَهۡلَكَنِیَ اللّٰهُ وَمَنۡ مَّعِیَ اَوۡ رَحِمَنَا ۙ

تون فرماءِ ڀلو جيڪڏهن الله مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي هلاڪ ڪري ڇڏي يا اسان تي رحم فرمائي پوءِ اهو ڪير آهي

فَمَنۡ یُّجِیۡرُ الۡكٰفِرِیۡنَ مِنۡ عَذَابٍ اَلِیۡمٍ ﴿۲۸﴾ قُلۡ هُوَ الرَّحۡمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ

جيڪو ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان بچائي وٺندو. تون فرماءِ اهو ئي رحمٰن آهي اسان ان تي ايمان آندو ۽ انهيءَ

وَعَلَیۡهِ تَوَكَّلۡنَا ۚ فَسَتَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ هُوَ فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۲۹﴾ قُلۡ اَرَءَیۡتُمۡ

تي ڀروسو ڪيو پوءِ عنقريب توهان کي خبر پوندي تہ ڪير آهي کليل گمراهي ۾. تون فرماءِ ڀلا ڏسو تہ جي صبح جو

اِنۡ اَصۡبَحَ مَآؤُكُمۡ غَوۡرًا فَمَنۡ یَّاۡتِیۡكُمۡ بِمَآءٍ مَّعِیۡنٍ ﴿۳۰﴾

توهان جو پاڻي زمين ۾ صفا هيٺ لهي وڃي تہ پوءِ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي پاڻي آڻي ڏيندو نگاهہ جي سامهون وهندڙ.

## دعا جي قبوليت جو نسخو

ڪنهن مريض کي شفا نہ ملندي هجي تہ ڀهريان ڪجهہ خيرات ڪريو پوءِ مڪروهہ وقت کان علاوه ۾ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪري ٻاڏائي دعا گهرو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعا قبول ٿيندي. فضائلِ دعا صفحو59 کان 60 تي آهي: (قبوليتِ دعا جي ادبن مان ادب 5: دعا کان ڀهريان ڪو عمل صالح (يعني نيڪ عمل) ڪري تہ خداءِ ڪريم جي رحمت هن (دعا ڪرڻ واري) جي طرف متوجهہ ٿئي، صدقو خاص ڪري لڪائي ڏنل، هن ڪم ۾ تمام گهڻو اثر رکندو آهي (يعني خاص ڪري لڪائي ڪري خيرات ڪرڻ دعا جي قبوليت ۾ گهڻو موثر آهي). ادب 9: مڪروهہ وقت نہ هجي تہ ٻہ رڪعت نماز دل جي خلوص سان پڙهي جو رحمت جو سبب آهي ۽ رحمت موجب نعمت آهي.

(فيضانِ سنت، باب نيڪي جي دعوت، 254/2)

## ميت جو اعلان

فلاڻي پٽ فلاڻي جو انتقال ٿي ويو آهي، اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مرحوم يا مرحومہ جي نمازِ جنازه بعد نماز.......... فلاڻي مقام تي ادا ڪئي ويندي، شرڪت ڪري ثوابِ دارين حاصل ڪريو.

## بالغ جي نمازِ جنازه کان پهريان هي اعلان ڪريو

مرحوم (يا مرحومہ) جا رشتيدار توجهه فرمائن! مرحوم جيڪڏهن زندگي ۾ ڪڏهن توهان جي دل آزاري يا حق تلفي ڪئي هجي، يا توهان جو قرضدار هجي، تہ هن کي الله تعاليٰ جي رضا جي لاءِ معاف ڪري ڇڏيو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مرحوم جو بہ ڀلو ٿيندو ۽ توهان کي بہ ثواب ملندو. نمازِ جنازه جي نيت ۽ ان جو طريقو بہ ٻڌي وٺو. مان نيت ڪريان ٿو هن جنازي جي نماز جي، واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، دعا هن ميت جي لاءِ پنيان هن امام جي. جيڪڏهن هي الفاظ ياد نہ رهن تہ ڪو حرج ناهي، اوهان جي دل ۾ هيءَ نيت هئڻ ضروري آهي تہ” مان هن ميت جي جنازي جي نماز پڙهي رهيو آهيان“ جڏهن امام صاحب ”الله اڪبر“ چون تہ ڪنن تائين هٿ کڻڻ کان پوءِ الله اڪبر چوندي يڪدم حسبِ معمول دن جي هيٺ ٻڌي ڇڏيو ۽ ثناء پڙهو، ثناء ۾ وَتَعَالٰى جَدُّكَ کان پوءِ وَجَلَّ ثَنَاءُكَ جو اضافو ڪيو. ٻيون ڀيرو امام صاحب ”الله اڪبر“ چوي تہ اوهان بغير هٿ کڻندي ”الله اڪبر“ چئو پوءِ نماز وارو درودِ ابراهيم پڙهو. ٽيون ڀيرو امام صاحب ”الله اڪبر“ چوي تہ اوهان بغير هٿ کڻندي ”الله اڪبر“ چئو ۽ بالغ جي جنازي جي دعا پڙهو.[1] جڏهن چوٿين ڀيري امام صاحب ”الله اڪبر“ چوي تہ اوهان ”الله اڪبر) چئي ڪري ٻنهي هٿن کي کولي لٽڪائي ڇڏيو ۽ امام صاحب سان گڏ قاعدي جي سلام ڦيري ڇڏيو. (نمازِ جنازه جو طريقو،ص19)

---

[1] جيڪڏهن نابالغ يا نابالغہ جو جنازو هجي تہ ان جي دعا پڙهڻ جو اعلان ڪريو.

امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: دفنائڻ ڪان پوءِ هن طرح اعلان ڪريو!

## عاشقانِ رسول متوجهه ٿين

اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي قرآنِ ڪريم جون صورتون پڙهيون وينديون انهن کي ڪن لڳائي خوب توجهه سان ٻڌو، پوءِ آذان ڏني ويندي، هن جو جواب ڏيو. پوءِ دعا گهري ويندي. مرحوم (يا مرحومه) جي قبر جي پهرين رات آهي، هي سخت آزمائش جي گهڙي هوندي آهي، مردود شيطان قبر ۾ ڀٽڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جڏهن ميت سان سوال ٿيندو آهي: مَنۡ رَّبُّكَ؟ يعني تنهنجو رب ڪير آهي؟ ته شيطان پنهنجي طرف اشارو ڪري چوندو آهي ته چئي ڇڏ: ”هي منهنجو رب آهي.“ اهڙي موقعي تي آذان ميت جي لاءِ گهڻي نفعي بخش هوندي آهي ڇو ته آذان جي برڪت سان ميت کي شيطان جي شر کان پناهه ملندي آهي، آذان سان رحمت نازل ٿيندي آهي، ميت جو غم ختم ٿيندو آهي، ان جي گهبراهٽ دور ٿيندي آهي، باهه جو عذاب ٽرندو ۽ قبر جي عذاب کان نجات ملندي آهي پڻ منڪر نڪير جي سوالن جا جواب ياد ايندا آهن. (ماهنامه فيضانِ مدينه جمادي الاخريٰ 1439ھ مارچ 2018ء، ص 25 بحواله فتاوي رضويه، 5/672 ماخوذاً )

## غيبت نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آهي

منقول آهي: باهه به سڪل ڪاٺين کي ايترو جلدي ناهي ساڙيندي جيترو جلدي غيبت انسان جي نيڪين کي ساڙي ڇڏيندي آهي. (احياء العلوم، 3/183)

## فضائلِ آفات

❖ ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) مسلمان کي جيڪا به تڪليف، بيماري، ڏک، پريشاني، اَذيت ۽ غم پهچي ايستائين جو جيڪڏهن ان

ڪي ڪندو بہ لڳي، تہ الله تعاليٰ انهن (مصيبتن ۽ تڪليفن) جي ڪري ان جا گناهن متائي ڇڏيندو آهي. (بخاري، ج. 4، ص. 3، حديث 5641) (2) قيامت جي ڏينهن جڏهن مصيبت زده ماڻهن کي ثواب ڏنو ويندو تہ عافيت سان رهڻ وارا تمنا ڪندا تہ ”ڪاش! دنيا ۾ انهن جون کلون ڪينچين سان ڪٽيون وڃن ها. (ترمذي، ج. 4، ص. 180، حديث 241)

جے سوہنا میرے دُکھ وِچ راضی تے میں سُکھ نوں چُلھے پاواں

❖ بي چين دلين جي چين، رحمت دارين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدتنا اُمّ السّائب رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا ڏانهن تشريف وٺي وياء فرمايائون: توکي ڇا ٿيو آهي جو ڏُکي رهي آهين؟ عرض ڪيائين: بخار آهي، الله تعاليٰ هن ۾ برڪت نہ ڪري، فرمايائون: بخار کي برو نہ چئو ڇوجو اهو انسان جي خطائن کي اهڙي طرح دور ڪندو آهي جهڙي طرح ڀٺي لوهہ جي مير کي دور ڪندي آهي. (مسلم، ص. 1392، حديث 2575)

❖ حضرت سيدنا عطا بن ابو رباح رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِىَ اللهُ عَنۡهُمَا مونکي فرمايؤن تہ ڇا مان توکي جنتين مان ڪا عورت نہ ڏيکاريان؟ مون عرض ڪئي: ضرور ڏيکاريو. فرمايؤن: اها حبشي عورت، جڏهن حضور ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ آئي تہ اُن عرض ڪئي: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مونکي مرگيءَ جو مرض آهي جنهن جي ڪري منهنجو ستر يعني پردو کلي ويندو آهي تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ کان منهنجي لاءِ دعا ڪيو. ارشاد فرمايؤن: جيڪڏهن تون چاهين تہ صبر ڪر ۽ تنهنجي لاءِ جنت آهي ۽ جيڪڏهن چاهين تہ مان الله تعاليٰ کان تنهنجي لاءِ دعا ڪيان تہ اهو توکي عافيت عطا فرمائي ڇڏي. پوءِ ان عرض ڪئي: مان صبر ڪندس. پوءِ وري عرض ڪيائين: منهنجو پردو کلي ويندو

آهي، الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا ڪيو تہ منهنجو پردو نہ کلي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي. (بخاري، ج. 4، ص. 6، حديث 5652)

❖ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمت نشان آهي: جيڪو هڪ رات بيمار رهيو، صبر ڪيائين ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهيو تہ اهو گناهن کان ائين نڪري ويو جڻ ان جي ماءُ ان کي اڄ ئي ڄڻيو هو. (نوادر الاصول حڪيم الترمذي، ج. 3، 147)

حضرت سيدنا ضحاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو قول آهي: جيڪو هر چاليهہ راتين ۾ هڪ ڀيرو بہ آفت يا فڪر ۽ پريشاني ۾ مبتلا نہ ٿيو ان جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ ڪا ڀلائي ناهي. (مڪاشفة القلوب مترجم، ص. 43)

منهنجا بيمار بخت بيدار! ڏٺو اوهان؟ بيماري ۽ آفت ڪيڏي وڏي نعمت آهي جو ان جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ پانهي جا گناهہ مٽائيندو ۽ درجا وڌائيندو آهي، بيشڪ مرض هجي يا زخم، ذهني ٽينشن هجي يا گهبراهٽ، ننڊ گهٽ ايندي هجي يا نفساني مرض، اولاد جي ڪري غم هجي يا بي اولادي جو صدمو، تنگدستي هجي يا قرض جو تمام وڏو بار مطلب تہ مسلمان کي مصيبتن تي ثواب ملندو آهي، چاهي ڪهڙي بہ صورتحال هجي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺو ڇوجو بي صبري ۽ شڪوو ۽ شڪايت ڪرڻ سان تڪليف تہ ختم ناهي ٿيندي ابتو نقصان ئي ٿيندو آهي ۽ اهو بہ تمام وڏو نقصان يعني صبر جي ذريعي هٿ اچڻ وارو ثواب ئي ضايع ٿي ويندو آهي. ياد رکو سڀ کان خطرناڪ بيماري ڪفر جي بيماري آهي ۽ گناهن جي بيماري بہ سخت تشويشناڪ آهي. آفت ۽ مصيبت ۽ بيماري ۽ پريشاني ماڻهن کان لڪائڻ ڪارثواب آهي. فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ اُن شخص ان مصيبت کي

لڪائي رکيو ۽ ماڻهن ڪي شڪايت نہ ڪيائين تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي. (معجم اوسط طبراني، ج. 1، ص. 214، حديث 737)

❖ حضرت سيدنا شيخ سعدي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ پيري دريا جي ڪناري تي هڪ بزرگ تشريف فرما هئا ان جي مبارڪ پير کي چيتي چڪ هڻي ورتو هو ۽ زخم بيحد خطرناڪ صورت اختيار ڪري چڪو هو. ماڻهو جمع هئا ۽ ان تي افسوس ڪري رهيا هئا پر اهي فرمائي رهيا هئا، ڪابہ پريشاني جي ڳالھ ناهي هي تہ شڪر جو مقام آهي جو مونکي جسماني مرض مليو، جيڪڏهن مان گناهن جي مرض ۾ مبتلا ٿي وڃان ها تہ پوءِ ڇا ڪيان ها! (گلستان سعدي، ص 60)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي جسماني بيماري تي علاج سان گڏوگڏ صبر جي ۽ گناهن جي بيماري جي علاج جي مدني سوچ عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اصل بربادکن اَمراض گناہوں کے ہیں
بھائی! کیوں اس کو فراموش کیا جاتا ہے

ڏکيارؤ! مريضؤ! مصيبت وارؤ! خبردار! ڪٿي شيطان ڪا سازش ڪري توهان کي مليل بيماري ۽ مصيبت جهڙي عظيم نعمت تي بي صبري يا شڪوي وغيره ۾ مبتلا نہ ڪري ڇڏي. ياد رکو! نماز ڪهنن بہ صورت ۾ معاف ناهي.

والسلام مع الاڪرام

www.dawateislami.net

## (تعزيت نامو)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط مجلس مڪتوبات ۽ تعويذات عطاريہ (دعوت اسلامي) جي طرفان.......... جي خدمت ۾ مدني مناڙ سان پريل مھڪندڙ سلام.

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ ورحمةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ عَلٰى كُلِّ حَال

الله عَزَّوَجَلَّ مرحوم جي مٿان رحمت جو نزول فرمائي، ان جي قبر تي رحمت ۽ رضوان جا گل وسائي، ان جي قبر ۽ مديني جي تاجدار جي روضي پاڪ جي درميان جيترا پرده آڙ آھن سمورا ڪٽِي مرحوم کي رحمة العالمين، شفيع المذنبين، صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلون ۾ گم ڪري ڇڏي، مرحوم جي بي حساب مغفرت فرمائي ان کي جنت الفردوس ۾ مڪي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي ۽ مرحوم جي تمام لواحقين کي صبرجميل ۽ صبر جميل تي اجر جزيل عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

عجب سرا ہے یہ دنیا یہاں پہ شام و سحر کسی کا کوچ کسی کا قیام ہوتا ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دنيا جي عجيب جادوگري آھي جو ھڪ طرف ڪنھن جو جنازو ڪنيو ويندو آھي تہ ٻئي طرف ڪنھن کي گھوٽ بڻايو ويندو آھي..... ھڪ طرف خوشيءَ جو شرنايون وڄي رھيون ھونديون آھن تہ ٻئي طرف ڪنھن جي ميت تي روڄ راڙي جو شور ھوندوآھي.... ڪو گھوٽ نھايت شان ۽ شوڪت سان خوشبوئن ۾ گھٽو خوش ٿيندي پنھنجي ڪمري ڏانھن آھستہ آھستہ وڃندو آھي....تہ ڪنھن کي انتھائي حسرت ۽ مايوسي جي عالم ۾ ايمبولنس ۾ ليٽائي اسپتال

جي ڪمري ڏانهن ڪنيو ويندو آهي. هيڏانهن گهوٽ جو هڪ هڪ لمحو خوشي ۾ گذري رهيو هوندو آهي ۽ هوڏانهن مريض جي موت جي سختي وڌني رهي هوندي آهي. اي ڏسو! صبح ٿي ويو. هاڻي گهوٽ شادي جي رات گذاري مسرت جي سيج تي مٺي ننڊ جا مزا وٺي رهيو آهي.. ۽ آه! ويچارو مريض اسپتال جي مايوس ڪندڙ وحشياڻي ماحول ۾ دم ڏئي رهيو آهي.

نسیم صبح گلشن میں گلوں سے کھیلتی ہوگی  کسی کی آخری ہچکی کسی کی دل لگی ہوگی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

خبردار! خبردار! خبردار! ڪنهن جي موت تي وار ڪولڻ، منهن پٽڻ ، سينو ڪٽڻ، گوڏن تي هٿ هڻي هاءِ گهوڙا ڪرڻ، هي سڀ جاهليت ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن. نوحي جي هولناڪ سزا جو احوال پڙهو ۽ خوف خداوندي کان ڏڪو.

## نوحو ڪرڻ جي متعلق ٻه فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) نوحو ڪرڻ واريءَ جيڪڏهن مرڻ کان پهريان توبه نه ڪئي ته قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح بيهاري ويندي جو ان تي هڪ ڪرتو قطران (يعني رال) جو هوندو ۽ هڪ ڪرتو جرب (يعني خارش) جو هوندو. (مسلم، ص. 465، حديث 934)

(2) جيڪو مرندو آهي ۽ روئڻ وارو ان جون خوبيون بيان ڪري روئندو آهي، ته الله عَزَّوَجَلَّ ان ميت تي ٻه ملائڪ مقرر فرمائيندو آهي جيڪي ميت جي سيني تي مڪا هڻندا آهن ۽ چوندا آهن ڇا تون اهڙو هئين؟ (ترمذي، ج. 2، ص. 305، حديث 1005)

- نوحو يعني ميت جا وصف (خوبيون) مبالغي سان (خوب وڌائي سڌائي) بيان ڪري وڏي آواز ڪان روئڻ جنهن کي بين(بہ) چوندا آهن بالاجماع حرام آهي. ائين ئي واويلا، هاءِ گهوڙا (يعني هاءِ مصيبت) چئي دانهون ڪري روئڻ. (بهارِ شريعت، ج. 1، ص. 854)
- جيڪڏهن ڪنهن کان پل تي وئي هجي تہ ان کي گهرجي تہ هينئر ئي توبہ ڪري وٺي.

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی      ورنہ دوزخ میں سزا ہو گی کڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!      صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پنج ڪفريات:

ميت تي بغير آواز جي ڳوڙها ڳاڙڻ منع ناهي، بلڪ مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي شهزادي حضرت سيدنا ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وفات تي پٺاڻي اولاد جي نشاني جي ڪري حسرت مان ڳوڙها ڳاڙيا هئائين. بهرحال نوحو ۽ واويلو ڪرڻ کان بچڻ نهايت ضروري آهي، افسوس صد افسوس عموماً عورتون وڏيڪ واويلا ڪنديون آهن، شايد هاڻي تہ رسم بڻجي وئي آهي تہ جيڪو بہ مرڻ واري جي تعزيت ڪرڻ ايندو آهي تہ ميت جي لواحقين اڳيان زبردستي روج راڙو ڪري طرح طرح جون آوازو ڪڍڻ جي ترڪيب بڻائي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ غم جي شدت کان معاذالله عَزَّوَجَلَّ ڪفريات تائين بڪيا ويندا آهن، ان جو پنج مثالون هتي بيان ڪيون وڃن ٿيون. (1) ياالله عَزَّوَجَلَّ توکي هنن ننڍڙن ننڍڙن ٻارن تي رحم نہ آيو؟ (2) اي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي جواني تي ئي رحم ڪرين ها. (3) ياالله عَزَّوَجَلَّ مصيبتون نازل ڪرڻ جي لاءِ اسان جو ئي گهر رهجي ويو

هو. (4) يا الله عَزَّوَجَلَّ آخر توکي هن جي اهڙي ڪهڙي ضرورت پئجي وئي جو ان کي واپس گهرائي سڄو گهر ويران ڪري ڇڏيو!(5) يا الله عَزَّوَجَلَّ هي تو انصاف ناهي ڪيو جو ان کي جواني ۾ موت ڏئي ڇڏيو، موت ڏيڻو ئي هو تہ فلاڻي پوڙهيءَ يا پوڙهي کي ئي ڏئي ڇڏين ها! انهن ڪلمن کان علاوه بہ ڪيئي ڪفريا ڪلما بڪيا ويندا آهن. (معاذالله عَزَّوَجَلَّ) ڏنل مثالن مان جيڪڏهن ڪنهن هڪ بہ ڪفر بڪيو آهي تہ ان تي لازم آهي تہ اڄ ئي توبہ، تجديد ايمان ۽ تجديد نڪاح ڪري وٺي.

امير اهلسنت جي تاليف ڪتاب ”ڪفريا ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، ۾ ايمان ۽ توحيد ۽ ڪفر ۽ شرڪ جون تعريفون، ڪافر ۽ مرتد جي تعريف ۽ احڪام، ڪفرِ التزامي ۽ ڪفر لزومي جي تعريف ۽ احڪام وغيره ۽ ڪيترن ئي اهم مسئلن جي بيان سان گڏو گڏ ڪيئي سؤ کان وڌيڪ ڪفريا قولن ۽ ڪجهہ ڪفريہ فعلن جو سوال ۽ جواب جي شڪل ۾ بيان آهي اوهان بہ ان جو مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو.

## تجديد ايمان جو طريقو

جنهن ڪفر کان توبہ ڪرڻ مقصود آهي اهو ان ئي وقت مقبول ٿيندو جڏهن تہ اهو ان ڪفر کي ڪفر تسليم ڪندو هجي ۽ دل ۾ ان ڪفر کان نفرت ۽ بيزاري بہ هجي. جيڪو ڪفر ٿيو توبہ ۾ ان جو ذڪر بہ ڪري. مثال طور ياالله! مون جيڪو هي ڪفر بڪيو آهي تہ ياالله! ان جي جواني تي ئي رحم ڪرين ها، هن ڪفر کان توبہ ڪيان ٿو. لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (الله ڪانسواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جا

رسول آهن) اهڙي طرح مخصوص ڪفر کان توبہ بہ ٿي وئي ۽ تجديد ايمان بہ ٿي ويو.

## تجديد نڪاح جو طريقو

تجديد نڪاح جو معنٰي آهي: نئي مهر ذريعي نئون نڪاح ڪرڻ. ان جي لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ضروري ناهي. نڪاح نالو آهي ايجاب ۽ قبول جو. ها نڪاح جي وقت بطور گواهہ گهٽ ۾ گهٽ بہ مسلمان مرد يا هڪ مسلمان مرد ۽ بہ مسلمان عورتن جو حاضر هئڻ ضروري آهي. نڪاح جو خطبو شرط ناهي بلڪ مستحب آهي. خطبو ياد نہ هجي تہ اَعُوْذُ بِاللّٰہ ۽ بِسْمِ الله شريف کانپوءِ سورة فاتحہ بہ پڙهي سگهو ٿا. گهٽ ۾گهٽ ڏھ درهم يعني بہ تولا ساڍا ست ماشہ چاندي(موجوده وزن جي حساب سان 30 گرام 618 گرام چاندي) يا ان جي رقم مهر واجب آهي. مثال طور اوهان پاڪستاني 786 روپيہ اوڌر مهر جي نيت ڪري ورتي آهي(پر هي ڏسي وٺو تہ مهر مقرر ڪندي وقت ذڪر ڪيل چاندي جي قيمت 786 پاڪستاني روپين کان وڌيڪ تہ ناهي) پوءِ هاڻي ذڪر ڪيل گواهن جي موجودگي ۾ اوهان ”ايجاب“ ڪيو يعني عورت کي چئو: ”مون 786 پاڪستاني روپين مهر جي بدلي اوهان سان نڪاح ڪيو“ عورت چوي: ” مون قبول ڪيو“ نڪاح منعقد ٿي ويو. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ عورت ئي خطبو يا سورة فاتحہ پڙهي ڪري ”ايجاب“ ڪري ۽ مرد چوي: ” مون قبول ڪيو“ نڪاح منعقد ٿي ويو. نڪاح کانپوءِ جيڪڏهن عورت چاهي تہ مهر معاف بہ ڪري سگهي ٿي. پر مرد بغير حاجت شرعي عورت کان مهر معاف ڪرڻ جو سوال نہ ڪري.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بي پردگي گناهہ ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ماروٽ، ماسات، سؤٽ، ۽ ڀڦات جو هڪٻئي سان پردو آهي. اهڙي طرح چاچيءَ ۽ ماميءَ کان بہ پردو آهي، ماسڙ، ڀڦڙ، وات سان چيل ياءُ کان بہ پردو آهي، سالي، ڀيٽوئي، ڀاڄائي ۽ ڏير ۽ مڙس جي وڏي ياءُ کان بہ پردو آهي بلڪ پير ۽ مريدياڻي، استاد ۽ شاگردياڻي انهن سيني جو بہ هڪٻئي کان پردو لازمي آهي. ياد رکو! بي پردگي جهنم ۾ وٺي وڃن وارو ڪم آهي. جيڪو ڪجهہ عرض ڪيو ويو اهي شريعت جا احڪام آهن. خبردار! پنهنجي حيلو ڪندڙ نفس جي ڄار ۾ نہ اچو نہ تہ مرڻ کانپوءِ تي سگهي ٿو سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي. ڳالهہ ڳالهہ تي غصي ۾ اچڻ واري عادت بيحد تباهہ ڪندڙ آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ان جي ڪري گهر جا گهر تباهہ ۽ ويران ٿي ويندا آهن. فضول گفتگو جي عادت ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيو. ياد رکو! ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ بہ هڪ ”عمل“ آهي ۽ هڪ هڪ لفظ جو قيامت جي ڏينهن حساب آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

گهر جا مرد پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي هفتي وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ۽ اسلامي ڀينرون بہ علائقي ۾ اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀري اجتماع ۾ ضرور ضرور پابندي سان اول کان آخر تائين شرڪت ڪن. روزانو فڪر مدينہ جي ذريعي نيڪ بڻجڻ جو نسخو بنام مدني انعامات جو رسالو ڀريو ۽ هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي جمع ڪرايو. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان ذريعي دين ۽ دنيا جون ڪوڙ ڀلايون هٿ ايندون. مڪتبةالمدينہ جا رسالا ۽ سنتن ڀري بيانن ۽ مدني مذاڪرن جا ميموري ڪارڊ (memory card) حاصل ڪري ان

مان فائدو حاصل ڪيو (هي سيئي دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net ۽ www.ilyasqadri.com تان بہ download ڪري سگهجي ٿو) هفتيوار اجتماع مدني مذاڪري ۾ اسلامي ڀائر اجتماعي طور تي ۽ اسلامي ڀينرون گهر ۾ ويهي ڪري شرڪت ڪن بلڪ هر مدني مذاڪري کي ڏسو ۽ 100 فيصد شريعت جي مطابق هلڻ واري دعوت اسلامي جي مدني چينل کي پاڻ بہ ڏسندا ڪيو ۽ ٻين کي بہ ڏسڻ جي ترغيب ڏياريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جي گهر ۾ سنتن جي بهار اچي ويندي. فيضان سنت جيڪو بيشمار سنتن جو روح کي راحت پهچائيندڙ گلدستو آهي ان جو درس پنهنجي گهر ۾ جاري ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهر ۾ مدني ماحول قائم ٿيندو. مرحوم جي ايصالِ ثواب جي خاطر گهر جو هر فرد (جنهن جي عمر گهٽ ۾ گهٽ 22 سال هجي) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي سان ضرور سفر ڪري (جن جي عمر22 سال کان گهٽ هجي اهي پنهنجي والد ۽ حقيقي ڀاءُ سان سفر ڪري سگهن ٿا) بلڪ هر مهيني ان جو اهتمام ڪيو.”فضائل آفات“ پمفليٽ مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي يا ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري ضرور پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي پريشانيون گلن وانگر لڳنديون. ٿي سگهي تہ پنهنجي مرحوم جي ايصالِ ثواب جي لاءِ 125 اهي پمفليٽ هديي طور وٺي تقسيم فرمائي ڇڏيو. هي ”تعزيت نامو“ ايصالِ ثواب جي مجلس ۾ پڙهي ٻڌايو وڃي ۽ ڪوڙ ثواب حاصل ڪري ان ثواب کي بہ ايصال ڪري ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غسل ۽ ڪفن ڏيڻ تي نذرانو قبول نہ ڪيو

(جڏهن ڪو نذرانو ڏي تہ هي پڙهي ٻڌايو)

غسل ۽ ڪفن جو حڪم هي آهي تہ جيڪڏهن ڪو ٻيو وهنجارڻ وارو نہ هجي تہ اجرت وٺڻ جائز نہ آهي ۽ ان جي علاوه ٻيا بہ وهنجارڻ وارا هجن تہ وهنجارڻ تي اجرت وٺي سگهي ٿو پر افضل اهو آهي تہ نہ وٺي. (بهارشريعت،812/1 مکتبة المدينه) دعوت اسلامي سان وابستہ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي في سبيل الله تجهيز ۽ تڪفين جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۽ مدني مرڪز جي طرف کان هدايت آهي تہ اسان غسل ۽ ڪفن ڏيڻ تي ڪنهن بہ قسم جو نذرانو يا تحفو نہ وٺون صرف الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا جي لاءِ اهو ڪم ڪيون، بهرحال اسان نذرانو ۽ فيس ناهيون وٺندا.

## موت ڪي ياد رکڻ جي فضيلت

حضرت سيدنا سهل بن سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان منقول آهي ۽ ڪجهہ بزرگن فرمايو: جيڪو موت کي ڪثرت سان ياد ڪندو آهي اهو ٽن ڳالهين جي ذريعي عزت ماڻيندو آهي: (1) توبهہ جي جلد توفيق (2) دل جي قناعت (3) عبادت ۾ چستي ۽ جنهن موت کي وساري ڇڏيو اهو ٽن ڳالهين ۾ گرفتار ڪيو ويندو: (1) توبهہ ۾ تاخير (2) بقدرِ ضرورت رزق تي راضي نہ هئڻ ۽ (3) عبادت ۾ سستي. (التذكرة للقرطبي، باب ذكر الموت وفضله، ص 14 ، داالسلام قاهره)

## مدني مشورو

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هلندڙ دؤر جي اها اڪيلي هستي آهي جو جنهن جي بيعت جي شرف جي برڪت سان لکين مسلمان گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري الله پاڪ جي احڪامن ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جي

مطابق پر سڪون زندگي گزاري رهيا آهن. مسلمانن جي خيرخواهي جي مقدس جذبي جي تحت اسان جو مدني مشورو آهي تہ جيڪڏهن اوهان هاڻي تائين ڪنهن جامع شرائط پير صاحب سان بيعت ناهيو ٿيا تہ شيخ طريقت، اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪان فيض ۽ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن جي بيعت ڪري وٺو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ٿيندي.

## مريد بڻجڻ جو طريقو

جيڪڏهن اوهان مريد بڻجڻ چاهيو ٿا، تہ پنهنجو ۽ جنهن ڪي مريد يا طالب بڻائڻ چاهيو ٿا انهن جو نالو هيٺ ترتيب وار پيءُ جو نالو ۽ عمر لکي ڪري ”مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذات عطاريہ“ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ (ڪراچي) جي پتي تي موڪلي ڇڏيو، تہ اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن ڪي بہ سلسلي قادريہ عطاريہ ۾ داخل ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي ڪيپيٽل (وڏن) حرفن ۾ لکو)

(1) نالو ۽ پتو بال پين سان ۽ بلڪل صاف لکو، غير مشهور نالي يا لفظن تي لازمي طور اعراب لڳايو. جيڪڏهن سيني نالن جي لاءِ هڪڙو ئي پتو ڪافي هجي تہ ٻئي پتي لکڻ جي حاجت ناهي. (2) ايڊرس ۾ محرم يا سرپرست جو نالو ضرور لکو. (3) الگ الگ مڪتوبات گهرائڻ جي لاءِ جوابي لفافہ ضرور موڪليو.

نمبر شمار.......... نالو.......... مرد يا عورت ............. ٻن يا بنت ..........
پيءُ جو نالو .......... عمر .......... مڪمل ايڊريس...............

